
Sindhica
سنڌيڪا
ڪتاب
پڙهڻ
کانپوءِ
بخشل باغي

# ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ

## (اپياس)

بخشل باغي

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌيڪا 495

پهريون ڇاپو: 2020ع
ڪتاب جو نالو: ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ (اپياس)
ليکڪ: بخشل باغي
ٽائيٽل: عبدالرسول عباسي
ڪيليگرافي: جاويد نواز
ڇپيندڙ: ذڪي سنز پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

**"KITAAB PARHAN KHAAN POE"**
By: Bakhshal Baghi
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400
Phone: 021-32737290, Website: www.sindhica.org

قيمت : 500/= رپيا

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com

لکپڙهه لاءِ: سنڌيڪا اڪيڊمي24-B، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي-74400 فون: 021-32737290،
ويب سائيٽ:www.sindhica.org اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

ارپنا

## نِدا ءِ عَون
## جي
## نالي

_ بخشل باغي

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران نامياري شاعر ۽ نثرنگار **بخشل باغيءَ** جو لکيل ڪتاب ”**ڪتاب پڙھڻ کانپوءِ**“ اوھان اڳيان آڻي رھيا آھيون، جيڪو مختلف ڪتابن تي لکيل اپياس آھي.

بخشل باغي لکي ٿو:

”سچ اِھو بہ آھي تہ شاعريءَ مون کي نثر جي جھان جو ڏس ڏنو ۽ نثر وري شاعريءَ جي شعور جي شمع تي منھنجن خيالن، احساسن ۽ ڪيفيتن جي پروانن کي لَھسائي، جَلائي ڀَسم ڪري ھڪ لافاني جلا بخشي ڇڏي آھي. ”ڪتاب پڙھڻ کانپوءِ“ اصل ۾ ڪتابن جون نہ پر محبوبن جون ڳالھيون، پَچارون آھن. فن، فڪر، آرٽ، علم ۽ ادب جون ڳالھيون آھن. چاڪاڻ تہ ڪتابن سان عشق مون کي ھِن دنيا جي بي رحم حالتن ۾ آسيس ڏئي زندگي کي جيئڻ جا نوان نوان زاويا، ذائقا توڙي ڍنگ سيکاريا آھن.“

ھي ڪتاب **سنڌيڪا اڪيڊميءَ** پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آھي. ٿورائتا آھيون سنڌيڪا اڪيڊمي جي سرواڻ نور احمد ميمڻ جا جنھن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني. مھربانيون بخشل باغيءَ جون جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي) ، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

ڪتابَ همسفر منهنجا (ليکڪ پاران) 8

اِدراڪُ جي آڏاڻي تي اُڏيل ريشمي نَڙُ 13

هوا جِي ديوار جي هُن پار 20

موت جهڙي مايوسيءَ مان ڦُٽندڙ اُميد جو شاهي رستو 32

درد جي سگريٽ جي دُکندڙ سُرمئي لاٽ 39

ڏرتيءَجي اُونداهيءَ ۾ دفن ٿي ويل روشن ڏيئو! 45

تِر جي جُستجوءَ ۾ پِڙڪندڙ نِگاهون 58

شڪُ جي پُنيءَ مان ڦُٽي نِڪتل سچُ 66

سنڌ جي شعُور جي مَشعل جو رَکوالو 73

وهي ڪاتي جو خالق 82

شيلف جي ڪُنڊ ۾ 87

چوٽين ڳليءَ واري ڇوڪري 93

گُم ٿي ويل ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي 101

جديد ڪهاڻين جو ڪاڪ ٿيل 108

| | |
|---|---|
| مينتوخ، عشق ۽ تياڳ | 112 |
| صديءَ جو سفرڪندڙ ڪهاڻيڪار | 115 |
| ڪهاڻين جو ديوتا | 118 |
| مڪيءَ جي سَمفني | 124 |
| ڏور ڏَئي ويا ڏُک جي | 127 |
| ادَا نہ ڪري سگهيل لفظن جو اعتراف | 131 |
| ذهن کي جهنجهوڙي ڇڏيندڙ ناول | 143 |
| ناول جي ڪُلندڙ دريءَ مان | 148 |
| مَصلوب ٽيل ڪهاڻيءَ جي مَسيحائي | 155 |
| چار ناول، چار ڳالهيون | 167 |
| گُلابن جي فصل ۾ مُحبت جي خوشبو | 173 |
| ڪاري ڏاڳي ۾ ٻڌل ڳاڙهو پٽر! | 182 |
| اڪيلائن جي سوڳ جو ڪارو غلاف | 189 |
| آخري جُملو | 198 |
| خودڪشيءَ جي نوٽ تي دستخط | 205 |
| ڪجلا سَر جي ڪنڌيءَ ڪان اورتي | 223 |
| وجود جي ويران وادين ۾ پڙڪندڙ المين جون صدائون | 227 |
| روسي زار شاهي ۽ انقلابيت جو هيبتناڪ آئينو | 243 |

# ڪتابَ همسفر منهنجا

(مهاڳ)

شاعري ڪندي ڪڏهن ۽ ڪيئن نثر ڏانهن به لَڙي پيس, اِهو سڀ ڪجهه ڪنهن خواب جيان محسوس ٿئي ٿو. جيئن خواب ۾ جڻ ڪو خواب هُجي. يا اُهو ايئن هُجي ته اُڏامندي اُڏامندي آئون هيٺ لَهي ڌرتيءَ تي هلڻ لڳس. ۽ ادب ۾ شاعري ۽ نثر جي گڏيل سنگم ۾ هڪ نئين دنيا جا نظارا ڪرڻ لڳس.

گارشيامارڪيز ڪٿي لکيو آهي ته, "لِکڻ هڪ لَذت به آهي ته اَذيت به. وقت گُذرڻ سان گڏ لِکڻ جو عمل تڪليف ڏيندڙ ٿي پوندو آهي. اصل ۾ ٿئي ايئن ٿو ته, اوهان کي جڏهن ذميواريءَ جو احساس ٿيندو ته پوءِ توهان محسوس ڪندو ته, توهان جي هر لفظ ۾ اڳ کان وڌيڪ وزن آهي. "يا ٻئي هنڌ لکي ٿو: "مان سمجهان ٿو ته, ٻين اديبن لاءِ ڪتاب جو جنم ڪنهن خيال يا تصور سان ٿيندو هوندو, پر منهنجي هر تحرير ڪنهن نظر يا ڏيک مان جنم وٺندي آهي."

سچ اِهو به آهي ته آئون بُنيادي طور تي شاعر آهيان. نه ئي ڪو تنقيد نگار. ناول, ڪهاڻي يا ٻين موضوعن تي نثر ۾ لکڻ منهنجي بي ساخته هڪ ڪيفيت رهي آهي. جنهن منهنجو شعوري طور تي لکڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ مون مَن جي اُڇل کي لفظن جو روپ ڏئي پنهنجي ذهني سطع مُطابق پيش لکيو آهي. پر سچ اِهو به آهي ته ان ۾ پنهنجي شعور جي مُنصفي کي ڪٿي به زخمي نه ڪرڻ ڏنو اٿم. ڪهاڻي, ناول يا ٻئي ڪنهن موضوع تي لکندي مون شعوري ڪوشش ڪري پنهنجن اصل ۽ حقيقي خيالن کي لفظن ۾ ڍاليو ته

اُهي شاعراڻي نثر ۾ مُختلف ڪيفيتن ۽ احساسن سان اپياسن جي صورت ۾ نِروار ٿي پيا.

ماريو ورگاس يوسا، ڪٿي لکيو آهي تہ، ”ادب، زندگيءَ جي اُها خيالي تصوير آهي جيڪا حقيقي زندگي کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي-“

دراصل هڪ شاعر هُئڻ جي ناتي مون ڏيهي توڙي پرڏيهي، پاڙيسري، لوڪ ادب، اَساسي، ڪلاسيڪل شاعريءَ توڙي نثر جو مُطالعو تہ ڪيو پر اُهو سڀ ڪجهہ نثر جي پيٽ ۾ گهٽ ئي رهيو. الائي ڇو ناول، ناوليٽ، ڪهاڻيون، آتم ڪٿائون، ادبي، تاريخي توڙي سياسي ۽ فلاسافيڪل مضمون نثر جي صورت ۾ مون ڪجهہ سَوايا ئي پڙهيا. ايئن شاعريءَ جي خُمارن سان گڏ نثر جي نرالين راهن جو بہ سفر ڪندو رهيس.

نثر ۾ فڪشن مون کي وڌيڪ ڇِڪَ ڪندو رهيو آهي. ۽ آئون مُطالعي جي عجيب ۽ پُرڪيف ڪيفيتن جي ڪائناتن جا سير ڪندو رهيس. ۽ پوءِ اُنهن تي لکڻ جي ڪوشش ڪندي ڪندي ڪُجهہ نہ ڪُجهہ لِکت ۾ ڪا راءِ بہ لِکڻ لڳس.

هيمنگوي ڪٿي لکيو آهي تہ، ”ڪنهن بہ موضوع تي لکڻ لاءِ نہ گهڻي تَڪڙ ڪرڻ کپي نہ گهڻي دير.“

سو پنهنجي ذهني سَطع مُطابق جيڪو ڪُجهہ سمجهندو يا محسوس ڪندو هُئس اُن کي ڪنهن مضمون جي صورت ۾ تحرير بہ ڪندو رهيس. پر پَڙهڻ ۽ ڪَڙهڻ جو عمل زنده رهڻ لاءِ ضروري محسوس پئي ٿيندو رهيو آهي. ائين شاعريءَ جي اُڏار سان گڏ نثر جو پنڌ پڻ منهنجي خيالن جو حصو بڻجي مون کي مُطالعي، مُشاهدي ۽ مَشق جي مئڪشي جي ڪيپن ۾ جُهومائيندو رهيو. نثر ۾ لفظن جو استعمال، اُنهن جو پنهنجي معنائن سميت تقدس بحال رکڻ ۽ ٻوليءَ جي نفاست جو خيال رکندي مون نيٺ هي ”ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ“ ڪجهہ نہ ڪجهہ پئي تحرير ڪيو.

ڇو تہ سارتر چواڻي تہ، ”مان بنا ڪنهن طرف داريءَ جي چوان ٿو تہ هڪ طويل ۽ باقاعده اهم لکڻي-سُٺي صحت جي پيٽ ۾ وڌيڪ بهتر آهي.“

۽ مون کي مُختلف ڪتابن جي پيچرن تي مُطالعي جو سفر ڪندي پاسجڻ لڳو تہ منهنجي مَن ۾ جيڪا ڳولا پُختي ٿيندي ۽ وَڌندي پئي وڃي اُها

تہ دراصل ڪو ناول يا ڪهاڻي آهي. جنهن جي ڪردارن ۾ مان پاڻ کي بار بار ڏسي هڪ نئين پيڙا جا پهاڙ جهاڳڻ لڳو آهيان.

شايد گاشيا مارڪيز اِها ڳالهہ منهنجي لاءِ ئي لکي آهي تہ "منهنجي خيال ۾ تہ ناول حقيقيت جي هڪ شاعراڻي ڦير گهير آهي. اُن مان مُراد هي آهي تہ ناول خُفيہ ڪوڊ ۾ بيان ڪيل حقيقت آهي. ناول ۾ توهان حقيقت سان مُنهان مُنهن هوندا آهيو. اُها اصل زندگيءَ جي حقيقت کان مُختلف هوندي آهي. جيتوڻيڪ اُن جون پاڙون اُن ۾ ئي هونديون آهن. اِهائي ڳالهہ خوابن بابت بہ چئي سگهجي ٿو."

سچ اِهو بہ آهي تہ شاعريءَ مون کي نثر جي جهان جو ڏس ڏنو ۽ نثر وري شاعريءَ جي شعور جي شمع تي منهنجن خيالن، احساسن ۽ ڪيفيتن جي پروانن کي لَهسائي، جَلائي ڀَسم ڪري هڪ لافاني جلا بخشي ڇڏي آهي.

"ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ" اصل ۾ ڪتابن جون نہ پر محبوبن جون ڳالهيون، ڀَچارون آهن. فن، فڪر، آرٽ، علم ۽ ادب جون ڳالهيون آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪتابن سان عشق مون کي هِن دنيا جي بي رحم حالتن ۾ آسيس ڏئي زندگي کي جيئڻ جا نوان نوان زاويا، ذائقا توڙي ڍنگ سيکاريا آهن. پيار، مُحبت، دوستي، رشتن ناتن جو احترام، پنهنجائپ ۽ رت جي رشتن جي وچ ۾ موجود فرق، پئسي جي اَنڌي هَبڇ کان پَري رهڻ جو اِدراڪ، احساس جي روشنين سان سَرشاري، سچڻ، ساڻيہ ۽ فطرت جي گوناگون رنگينين کي ڏسڻ جي ٽين اک دريافت ڪري ڏني آهي. جيڪا ظاهري ٻن اکين کان ڏاڍي گهري ۽ تيز ٿئي ٿي. ڪتابن سان ڪچهريون ڪندي ڪندي مون پنهنجي شعوري زندگيءَ جو وقت وڏي سُجاڳيءَ سان گُذاريو آهي. ڪتابن مون کي دنيا جي حقيقي ڪردارن، ڏُکن، وڇوڙن، لُڙڪن، اَلمين، حادثن، خودڪشين وغيره جا اهڙا اهڙا تہ سبق سيکاريا آهن جو هُوند آئون ڪتابن کان سواءِ ڪئي جنم وٺي بہ اُنهن کي نہ ماڻي سگهان هان.

ڪتابَ، پنن تي لکيل لفظن جا خالي مجموعا ناهن پر اُنهن ۾ ذهنن جي اعليٰ شعور جا عرق اوتيل هوندا آهن. لفظن ۾ ڪائناتن جا راز لِڪل هوندا آهن. ڏاهپ جا ڏيئا جهرمر ڪندي لفظن مان فڪر ۽ فهم جي سُهائي، دلين ۽ دماغن جي اُونداهين ۾ ڏياتيون ٻاري روشني پکيڙي ڇڏيندي آهي. لفظن جي مورتين ۾ ساه وَجهڻ جو فن وڏين تپسيائن کان پوءِ ئي وڃي راس ٿيندو آهي.

لفظ، پاڻ ۾ ايتري تہ سگهہ رکن ٿا جو اُنهن سان پٿر بہ پاڻي ٿيو وڃن. اُن ڪري ڪتابَ، علم ۽ شعور جون اُهي مَشعلون آهن جن سان جهالت جي گُهپ اونداهين ۾ ڏار وجهي شناسائيءَ جا شُعلا ڀڙڪائي سگهجن ٿا.

”سارتر پنهنجي آتم ڪٿا ”لفظ“ ۾ ڪٿي لکيو آهي تہ، ”دنيا جي هڏائين پڃري مٿان لفظ ماس جو ڪارج سَڌ ڪن ٿا“

يا وري سارتر ٻئي هنڌ ڪٿ لکيو آهي تہ، ”ڪو بہ شخص جيڪڏهن ٻوليءَ کي گهڻين معنائن ڏيڻ جو اَهل ناهي تہ پوءِ سندس لکڻ ئي اَجايو آهي. ٻوليءَ کي فنڪار جنهن طرح لفظن جي ترتيب ڏيندو آهي اُهو آهي ڪنهن لفظ تي زور ڏيڻ. يا ڪنهن لفظ کي وزني بنائڻ. اُن ريت مختلف سطحن تي مختلف معنائون ظاهر ٿينديون. اُن ڪري اسلوبي ادب جو معاملو هڪ جُملي جي گهڙاوت ناهي پر اُن پوري ڏيک کي ذهن ۾ رکندي مجموعي معنيٰ ڏيڻ جو مسئلو آهي. ادب جي تخليق رازداريءَ ۾ ٿيندي آهي. فڪشن جو مسئلو خارجي توڙي داخلي سچ کي مجموعي حيثيت سان پيش ڪرڻ جو هڪ اثرائتو طريقو آهي.“

ڪتابن، مون کي بهترين دوستن جيئن هر حالت ۾ سدائين سنڀاليو ۽ منهنجو تحفظ ڪيو آهي. جڏهن بہ چوطرف مايوسين جي گُهگهہ اُونده وڪوڙي ويندي اٿم تہ اُن ويل ڪتابن يا قلم مان سِرجيل لفظَ، پنهنجي سُهائيءَ سان مون کي اُتساهہ ۽ همت جون نِڪور واٽون دريافت ڪري ڏيندا آهن. ۽ آئون اُداسين ۽ اڪيلائين مان پيدا ٿيندڙ ڪيفيتن کي لفظن جي ڏئين جي حوالي ڪري نئين سِر، جِي پَوندو آهيان. مون کي محسوس ٿيندو آهي تہ شاعري، نثر جي مياڻ ۾ پيل اُها تلوار آهي جنهن کي ڪڏهن بہ وقت جو زنگ نہ ٿو لڳي سگهي. نثر جي مياڻ ازل کان شاعريءَ جي تلوار کي پاڻ ۾ سانڍيندي سندس تکين ڌارن جو تحفظ ڪيو آهي. نثر، لفظ لفظ، جُملا جُملا، سِٽون سِٽون سِرجي شعور جي سگهاري سفر کي نوان نوان پيچرا توڙي رستا ڏئي مقصدن ۽ معنائن جا ماڳ تخليق ڪري ڏيندو آهي.

ٽي. ايس. ايليٽ چواڻي تہ، ”شاعري، نثر سان مُشابهت بہ رکندڙ هُجي تہ اُن ۾ هلندڙ وقت جي ٻوليءَ جو عڪس بہ سدا جَرڪندو رهي. “

نثر جڏهن روايتي، وَرجهاءُ ۽ محدودپڻي مان نِڪرندو آهي تہ اُن نثر جي نفيس چال نديءَ جي ور وڪڙ وهڪرن نُما روح جي رواني‌ءَ جيان اظهار جون

انوکيون لهرون پيدا ڪري دلين جي اُجايل ڪنڊين کي پنهنجن پاڪرن ۾ پَري ڇڏينديون آهي. تہ دل ۽ دماغ جي ڌرتي تي شعور جا تازا ۽ اُجرا سِلا ڦُٽي پوندا آهن. ۽ خيالن توڙي ڪيفيتن تي ساوڪ جي سونهن جو احساس ڇانئجي ويندو آهي.

**بخشل باغي**
**نواب شاهہ سنڌ**

# اِدراڪُ جي آڌاٽي تي اُڏيل ريشمي نثُر

ڪنھن بہ شيءِ جي يڪسانيت يا ورجاءُ جو احساس ماڻھوءَ جي طبيعت کي ٿڪائي ، مُنجھائي ڪيس بي دِليو ڪري وجھندو آھي. اھڙي صورتحال ۾ باشعورذھن، نئين جي ڳولا جو مُتلاشي بڻجي، جُستجوءَ جا نوان، نوان دڳ ووڙيندو رھندو آھي. ۽ پوءِ ڳولا جي اُھا ڳڻ ڳوت ڪيس سُڪون سان ويھڻ نہ ڏيندي آھي، جنھن مان پيدائي جو اُھو ڪاھوڙي، تخيل جي ڪائنات مان نِڪري نروار ٿي پَوندو آھي. جيڪو ڪڏھن بہ پير پساري سُک سان نہ ويٺو آھي ۽ سدائين پنڌ جي اوسيئڙي ۾ آس جا ڏيئا روشن رکندي پئي جيئندو آھي ياوري ايازجي جِھرٽي جھڙي سدائين نئين رھندڙ نثرمان"ڪٿي نہ پيجبو ٿڪ مُسافر"جھڙو پُر عزم جاڪوڙي، پانڌيئڙو، پنڌ جا اوکا پيچرا جھاڳڻ نڪري پوندو آھي. جنھن جي ڪنيل ھر قدم ۾ جيئڻ جو نئون ساھس، نئين رنگ ۽ ڍنگ سان نِڪري پوندو آھي. اھو پنڌ، شعور، اِدراڪ، فڪر، فھم، سوچ ۽ ويچار جو اھڙو تہ ڳانڍاپو جنمي، جوڙي ٿو، جو ماڻھو تبديليءَ جي تناظر مان گُذري، شعور جي ھڪ اھڙي سفر تي روانو ٿي پوي ٿو جيڪو پنڌ، پنھنجي جوھر ۾ پھاڙن جھڙيون سختيون ۽ مُشڪلاتون رکي ٿو. ظاھر آ تہ اھڙي سوچ جي سفر ۾ ذھنن جا زنگ مِٽجي، اُجارجي پوندا آھن ۽ شعور ۽ اِدراڪ جا دڳَ، ڏوپجي اُجرا ٿي پوندا آھن، ۽ اوسيئڙن جا اُجھاٽيل ديپ روشن ٿي نئين اُتساھ جي سُھائي ڦھلائي ڇڏيندا آھن. جنھن سان ادب سميت زندگيءَ سان لاڳاپيل سيئي شعبا پنھنجي اصل معنويت ماڻي، مُڪملتا جي پنڌ جو آغاز ڪندا آھن. ادب ۾ نثر ۽ نظم، انساني اِظھار جا بہ اھڙا تہ ڀرپور ذريعا رھيا آھن جن جي آڌار تي اِنسان پنھنجا خواب توڙي خواھشون، خيال توڙي احساس، آھون توڙي اُمنگون سمائي، اندر جي آنڌ مانڌ کي ٻوليءَ جي لطيف لفظن سان ڪرافٽ جون نيون

نيون ڪائناتون تخليق ڪري ڇڏيندو آهي. جن کي پڙهي توڙي ٻُڌي روحاني آسيس جو حسين احساس جنم وٺندو آهي. تہ ماڻهون جي اُداس من جي دُنيا تي اُتساھ جي آنند جون گهنگهور گهٽائون جُهومي برسي پونديون آهن. زندگيءَ سان ڀرپور اهڙو صحتمند ادب قومن جي اُلجهيل تقديرن کي سُلجهائي ڪين زندگيءَ جي ڪڏن ۾ ڪوبہ واري ڪچن پيچرن تان گُذاري شعور جي شاهي رستي تي آڻي بيهاريندو آهي. جتان ڪان ئي "نئون ادب نيون ڳالهيون" جنم وٺنديون آهن. جن جي مهنداري چندر ڪيسواڻيءَ جهڙا باشعور، سُجاڳ، پڙهيل، لکيل ۽ ڪڙهيل اديب ئي ڪري سگهن ٿا. جيڪي زندگيءَ جي تجربن، لاهن توڙي چاڙهن ۾ڪٺن حالتن ۾ پچي ڪُندن ٿيل هوندا آهن. چندر ڪيسواڻي جوناءُ منهنجي شروعاتي ادبي سانيڙ ۾ اُنهن چند نوجوان اديبن جي نالن سان شناسائي رکندو هو جيڪي فني توڙي فڪري، نظرياتي توڙي تنقيدي فڪر سان سلهاڙيل هُئا. جن معاشري جي ڀيانڪ روپ کي ادب ۾ پنهنجي تحريرن ذريعي ۽ سياست ۾ عمل جي رستي تي هلندي تبديليءَ جي خوبصورت ساڀيان لاءِ پاڻ پتوڙيو. جن پنهنجي علمي شعور سان سنڌي ادب تي مڙهيل انارڪي ۽ قنوطيت کي ميسارڻ پنهنجو مقصد پئي ڄاتو آهي. چندر ڪيسواڻي ادب ۾ زندگيءَ جي مُثبت سوچ ۾ روين جو اهو سگهارو ليکڪ آهي، جنهن جي تحريرن ۾ ترقي پسند ٻُوڙهي فڪر سان گڏ سچڻ ۾ ساڃيھ جو شعور ۾ اِدراڪ پنهنجي عروجي سطح تي نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سندس آيل نئون نثري ڪتاب "نئون ادب نيون ڳالهيون"اڄ واري سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ وِلاري ٿو. چندر ڪيسواڻيءَ جي هن نثر جي شاندار ڪتاب کي پڙهي ڪري مون کوڙ ساري وقت کان پوءِ سنڌي ادب جو مُطالعو ڪندي روحاني راحت ۾ مُطالعي جو لُطف ماڻيو آهي. ۾ نثر جي اهڙي حُسناڪي، گهرائي، سُجاڳي، ذميواري منهنجي ذهن کي نين راهن ۾ رستن جا ڏس ڏئي ڇڏيا آهن. ۾ مون کي پنهنجي ڪيل محدود مُطالعي ۾ سائين جي ايم سيد جي اهم ڪتاب"ديارِدل داستانِ مُحبت"، علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جو"ساهڙ جا سينگار" (سائين جي ايم سيد ڏانهن خط) محمد ابراهيم جويو جو"مُٺ مُٺ موتين ڪاڻ"، ، اياز جو"ڪٿي نہ پيجبو ٽڪ مُسافر"۾ سندس ٻيا نثر جا ڪتاب، عبدالواحد آريسرجو "ڇا تہ شخص هو"، لڇمڻ ڪومل جو"وهي ڪاتي جا پنا"موهن ڪلپنا جو"ٻُڪ، عشقۓ ادب"، رئيس ڪريم بخش نِظاماڻي جو

ڪتاب"ڪيئي ڪتاب"(ٻه جُلد)، عبدالقادر جوڻيجي جو ڪتاب"وڻ وڻ جي ڪاتي"، اجيت ڪور جو"خانه بدوش" اعجاز منگيءَ جا خوبصورت مضمون، مولانا عبدالڪلام آزاد جو"غُبارِ خاطر"، رسول حمزه توف جو جڳ مشهور ڪتاب"ميرا داغستان"، انعام شيخ جو"سوچ جو سفر"، نصير مرزا جو"خيمي ۾ شام"، سردار شاهه جو"مي رقصم"، "اڪبرلغاريءَ جو"فلسفي جي مُختصر تاريخ"، ضراب حيدر جو"زندگيءَ جو سفر تون ۽ مان"، فياض لطيف جو"خط، خوشبو، خواب" واري نثري مي ڪشي ياداچي وئي آهي. چندر ڪيسواڻيءَ جو "نئون ادب نيون ڳالهيون" ڏيهي توڙي پرڏيهي شعور سان سنواريل هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن جو اُجراءُ هن وقت سنڌي ادب ۾ اِنتهائي لازمي هو. جيڪو سنڌي ادب جي جمود واري هِن دور ۾ هڪ تحرڪ جو احساس ڏياري ٿو. "نئون ادب نيون ڳالهيون" چندر ڪيسواڻيءَ جي ادبي ۽فڪري، مضمونن، مهاڳن ۽ مقالن جي خوبصورت ويچار ڌارئن جو ڪارائتو ڪارنامو آهي جنهن تي اڄ جي ادب کي فخر ٿي رهيو آهي. چندر ڪيسواڻي گهڻ رُخي ادبي شخصيت جومالڪ آهي. سندس تنقيد ۽ تحقيق جي ميدان ۾ هِڪ گهڻ پڙهئي جي ادب سان شناسائي رکندڙ ليکڪ جي حيثيت ۾ هُن جيڪو به تنقيدي، تحقيقي ۽ اپياسي ڪم ڪيو آهي اُهو سنڌي ادب جو اهم ۽ مانائتو حصو آهي. "نئون ادب نيون ڳالهيون"ڪتاب ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. جنهن جي پهرين حصي ۾ "نئين سوچ "جي سِري هيٺ مُختلف موقعن تي لکيل مضمون ڏنا ويا آهن. ٻيو حصو"ڏيهي ادب" جي اپياس جو آهي، جنهن ۾ مُختلف ڪتابن تي اپياس آهي. جڏهن ته ٽيون حصو"عالمي ادب" جي اپياس مُتعلق آهي. جنهن جي مُطالعي مان چندر ڪيسوڻيءَ جي عالمي ادب، فڪر، فلسفي جي مُطالعي جي پليءَ پُٽ جاڻ پوي ٿي. "نئون ادب نيون ڳالهيون" جي پهرين حصي "نئين سوچ"جو پهريون تحقيقي مضمون "سنڌي عورت جو سماجي اپياس" انتهائي شاندار نثر جو نمونو آهي. جنهن ۾ عورت جو سماجي ۽ تاريخي اپياس، سائنسي انداز ۾ نئين فڪر ۽ فهم سان ڪري عورت جي فطري اهميت ۽ افاديت کي اُجاگر ڪري چندر ڪيسواڻيءَ پنهنجي روشن خياليءَ جو اعليٰ جائزو پيش ڪيو آهي. ۽ انگن اکرن سان سنڌي عورت سان درپيش مسئلن کي واڪو ڪيو آهي. "سنڌي ادب جواٻوجهاٽپ ڪلچر" ۾ چندر ڪيسواڻيءَ اديب جي مُثبت ۽ منفي ڪردار جي اوک ڊوک ڪندي سندس اجوڪي جمود

واري صورتحال ۾ غير مُطمئن نظر اچي ٿو. جنهن ۾ هُن بنا رک رڪاءُ جي اديب، سياستدان، صحافي ۽ مُثبت تنقيد جي کوٽ واري حال تي سخت تنقيد ڪري، اُنهن کي پنهنجو روپ پسايو آهي. "شيخ اياز_پڇاڙڪو عڪس" ۾ ته چندر وڏي ڪمال فن ۽ مهارت سان اياز سان مُلاقات واري عڪس کي چٽيو آهي. جنهن کي پڙهندي چندر نثر جي حسين ڪرافٽ کي تخليق ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کي پڙهي ڪري منهنجي من کي هڪ عجيب سحر پاڻ ۾ سوگهو ڪري ڇڏيو. ۽ آءُ اڄ پيتيءُ جي خُمارن جا سرور محسوس ڪندو رهيس. هن مضمون ۾ چندر خود ڪلاميءَ جي فڪري تخيل جي تازگيءُ جو انوکو ڏانءُ تخليق ڪري نثر جي نئين منظر نگاريءُ جي تصوير ڪشي ڪئي آهي. مثلن "پرنس ڪمپليڪس جي "اي ٽاور" ۾ چوٿين ماڙ تي ساڄي ڪُنڊ ۾ ڪوڙيل در جي بيل وڄڻ سان ڪا اَڪَ "آئي هول" ۾ اٽڪي ٽڪڻ لڳي. در کُليو، ڪو چوڪر اسان جا نالا پُڇي، وڃي وري موٽي آيو. اسان کي وٺي وڃي هُن اياز جي اپياسي روم ۾ ويهاريو. روم جي چِٽِ تائين سٽيل ڪتابن جا شيلف، بُخارا واري شاهي قالين جي مُهڙ ۾ رکيل اڪيلي صوفا مٿان ڇپر جيڏي گلوب جون هيٺيون بتيون سنهڙي سوجهري جو دائرو ٺاهي ٻرڻ لڳيون. در جي کُليل اڌ تاڪ تي اَڙيل منهنجي اَکَ پئي ڦٿڪي. اياز اڌ وِک جي فاصلي سان لٽ جي ٽيڪ تي ميرانجهڙي روشنيءَ جا ليڪا لتاڙي ڏيري ڏيري اندر اچڻ لڳو. سندس پَر ۾ ابراهيم جويو پئي آيو. اسان جي اُٿي بيهڻ تي اياز مُرڪندي ساڄي هٿ جي ڇَپر ناهي، ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو. آڱرين وِچ ۾ اڌ دُکيل سگريٽ، سانوري پيشانيءَ تي پکڙيل اَڇا، ڪارا وار، گهاٽي ڀرئون جي ڇانوءَ ۾ ٻرندڙ اکيون، عمر جا ٽئي ڪيل هڙيئي فاصلا، هٿ ۾ ورتل هڪ عدد ڇڙي. . . . " ۽ پوءِ "هر اُها رات، جنهن رات مون کي سنڌ جو خواب ايندو آهي، تڏهن مان هڪ ماءُ کان وڇڙيل ننڍڙي ٻار جيان ڇرڪي پوندو آهيان. " جهڙين مُقدس خيالن جي خالق ۽ هند ۽ سنڌ جي بهادر ليکڪ ۽ اديب موهن ڪلپنا تي لکيل "موهن ڪلپنا فن ۽ شخصيت" ۾ چندر ڪيسواڻيءَ سنڌي ڪهاڻي ، ناول، تنقيد ۽ سندس شخصيت تي ڏاڍي باريڪ بينيءَ سان، فڪر انگيز انداز ۽ سليس سليقي سان لکيو آهي. جنهن جي مُطالعي ڪرڻ سان موهن ڪلپنا مُڪمل طور پنهنجي فن، فڪر ۽ شخصيت سميت اُڀري اچي ٿو. "پوئٽڪ ويئرنس" ۾ چندر ڪيسواڻيءَ نثري نظم جي اهميت ۽ ضرورت بيان ڪندي عالمي ادبي تناظر ۾

اُن کي پابند شاعري کان وڌيڪ اهم ڄاڻايو آهي. ۽ نثري نظم کي پابند شاعري تي وڌيڪ فوقيت ڏيندي لکي ٿو ته, "موضوع ۽ عروض جي حوالي سان شاعريءَ ۾ پابندي, ظابطوءِ چونڊ هاڻي پاڻياٺ بڻجي چُڪا آهن. اج جي سنڌي شاعري سختيءَ کي ته چکي ئي نٿي. "يا"اوڪائپ ۽ ساهه مُٽ ۾ پيڪوڙيندڙ هِن دور ۾ انفرادي توڙي اجتماعي حوالي سان انسان جو بُنيادي جذبو رڳو عشق نٿو ڳڻجي, تنهن ڪري محض غزل ئي جديد شاعريءَ جو ڪو نمائنده صنف به نٿو ليکجي. هن دور جي جماليات ته بي ڊولائپ کي به قبوليو آهي. تنهن ڪري نثري نظم ۾ جيڪو انسان اُڀري ٿو اُهو هِن دور جو بي چين اِنسان يا وري اُنهيءَ بي چينيءَ جي ڪا مخصوص شِڪل آهي. اُهو اِنسان غزل ۾ جزوي, نظم ۾ ڪُجهه وڌيڪ ۽ نثري نظم ۾ مُڪمل شِڪل ۾ وائکو ٿئي ٿو." مٿين راءِ چندر پنهنجي نثري شاعريءَ جي ٻئي شعري مجموعي "روپوش مُحبتون" تي به اکر لکندي, لکي آهي. ۽ هاڻ جڏهن مان چندرجي اڄوڪي پابند شاعري (غزل) پڙهان ٿو ته آءٌ سوچيان ٿو ته اُها آخر ڪهڙي من جي اُڻ ٽُڻ آهي جيڪا چندر, نثري نظم جهڙي آزاد صِنف ۾ به ڪونه پلتي سگهيو آهي. پوءِ اُها غزل جهڙي پابند ۽ بندش زده صنف, چندر کي ڪهڙي خيال تحت پاڻ ڏانهن ڇِڪي آندو آهي جو هُو ڪالهوڪي ڪيل نثري نظم جي حق ۾ عالمي ادب جا وڏا حوالا ڏئي هُن پابند شاعري(غزل) کي "پاڻياٺ" سان پيٽيو هو. ۽ اڄ اُنهيءَ پنهنجي راءِ کي هُن غزل لکي رد ڏنو آهي. "اياز روح عصر جو پرچارڪ" ۾ چندر ڪيسواڻيءَ دل آويز انداز سان اياز جي دُعائيہ شاعري تي ٿيل غير علمي تنقيدن واري طوفاني وايو منڊل ۾ اِنتهائي چابڪدستيءَ سان اياز جي اُن معصوم شاعريءَ جي پَر, جهلي بيٺو آهي. ۽ جرمن فيلسوف ايمانوعيل ڪانٽ, سارتر, افلاطون, روسي ڪوي بورس پاستر ناڪ, جان ڪيٽس, ڪلاسيڪي فيلسوف فريڊرڪ ولهم نيطشي, ارنيسٽ هيمنگوي, سولزي نِٽسن وغيره جي فڪر, فهم ۽ فلسفي جا حوالا ڏئي اياز جي شاعريءَ جي ٻنهي دورن کي هڪ ٻئي جو سگهارو تسلسل ثابت ڪيو آهي. جنهن کي پڙهي ڪري اياز جي سموري شاعريءَ سان اڃا به وڌيڪ مُحبت جو احساس جيءُ ۾ جاڳي پوي ٿو. "جنگ, انقلاب ۽ شاعري" ۾ چندر ڏاڍي سيباڻي نموني سان پنهنجي عالماڻي ۽ فڪري سوچ ذريعي جنگ جهڙي غير انساني عمل ۽ روش کان نفرت جو اِظهارءِ شاعريءَ وسيلي ڪائناتي سونهن ۽ سوپيا کي پرکڻ واري خيال کي

اهميت جوڳو قرار ڏئي ٿو. پر اڳتي هلي اِن فڪر انگيز لکڻيءَ ۾ اليڪٽرڪ ميڊيا واري ڳالهه الئي ڇو هن مضمون جي سُهڻي ۽ تخليقي سِٽاءُ جي تسلسل کي ٽوڙيندي محسوس ٿئي ٿي. جنهن ڪري چندر جي هِن مضمون جي ٻولي توڙي معنوي رواني مُتاثر ٿئي ٿي. ۽ اُن مضمون ۾ تڙ تڪڙ واري تڪڙي غير ذميواري جو. آڻ وٽندڙ احساس ڳر موڙي جاڳي پوي ٿو. هِن ڪتاب جي ٻئي حصي "ڏيهي ادب" ۾ "سارتر، سنڌ ۽اندر جي گهُٽ" جي عنوان سان هن مضمون ۾ چندر سارتر جي ناول، "ٻُڇان"، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر بدر اُجڻ "اندر جي اُڇل" جي نالي سان ڪيو آهي، تي وڏي مُفصل نموني، انتهائي باريڪ بينيءَ سان جائزو ورتو آهي. جنهن ۾ تفصيلي انداز سان چندر پنهنجي علمي ڏاهپ جي روشني پکيڙي اڄ جي نوجوان کي علم ۽ ادب سان مُڪمل سنجيدگيءَ جو ڏَسُ ڏئي ٿو. سارتر جي ناول جي مِڙني رُخن تي اهڙي چابڪدستيءَ سان نئين ٿهيءَ ۾ تمام، تمام گهٽ لکيو ويو آهي. چندر جو سارتر جي ناول تي ايڏو پُر اثر تجزيو ڪرڻ، سنڌي ادب جي لاءِ خوش بختي ئي چئي سگهجي ٿي. چندر ڪيسواڻيءَ جي تحرير جي سُڃاڻپ اها آهي ته اُها پنهنجي فڪري، فني، فلاسافيڪل، تسلسل ۾ يڪسر ۽ ريشم جي رنگين تاڪين وانگر پنهنجي حُسناڪين جا جلوه پسائيندي رهندي آهي ۽ لفظ لفظ پنهنجي معنويت جي پس منظر سان اُجاگر ٿيندو رهندو آهي. ٻوليءَ جي ريشمي ۽ نفيس تند، تخيل جي سنهي سُئيءَ سان"اِدراڪُ جي آڏاڻي تي اُٽيل ريشمِي نَثُر" کي دل ۾ پيهي ويندڙ احساس سان تخليق ڪندي ويندي آهي. جنهن جا ڪيپ ۽ خُمار دل توڙي دماغ کي نئين سگهه ۽ تازگي فرهام ڪندا آهن. اُن ڪان اعلاوه هن ڪتاب جي ٻئين حصي ۾ مُختلف موضوعن تي لکيل ڪتابن، جهڙوڪ شاعري، ڪهاڻيءِ مضمون نويسيءَ تي چندرڏاڍي خوش اصلوبيءَ سان نياپو آهي جن ۾ "جي گهاريا مون بند ۾"، "تون ۽ مان جا گندڙيل ميڙاڪا"، "اڪيون ڏيئا ياد جا"، "منهنجي پياري ڏيءَ هڪ اپياس"، "منظر منظر دل جي اندر"، "ثقافتي لهجي ۽ شهري سَياءُ جو شاعر"، "ڪٿي نه پَجبو ٿَڪُ مُسافر"، ڪانئر جو موت، داخلي خود ڪلامي جا رويا"، "وستي وستي وحشتون"، "گُم ٿيل ماڻهو جو سفر نامو"، "پڳل دلين جو سيلاني"، "سچ لهڻ ڪان پوءِ بہ. . . . ڪلچرل ڪهاڻيءَ جو جائزو"، "تبسم، عشق، سونهن ۽ آدرش جو شاعر"، "خودڪشيءَ جو رومانس" ۽ "ڏور بہ اوڏا سُپرين"اڇي وڃن ٿا. جيڪي

چندر ڪيسواڻيءَ جي ادبي تپسيا جا بهترين نتيجا پاسن ٿا. جن ڪي پڙهي ڪري بقول اياز تہ، "شاعري رقص ڪندي آهي ۽ نثر ڊوڙندو آهي." جي ساک بحال ٿيندي محسوس ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ جو چندر جو نثر صحرا ۾ پاڻيءَ جي جُستجوءَ ۾ اُڃايل هرڻيءَ جي اُن ڊوڙ جيان پنهنجي تيزي ۽ تِکَ ۾ غزلاڻي چال چلت ۽ نئين ڳولا جي ڳُڻتيءَ رکي ٿو. جنهن جي توئنس چندر جي، جيءُ کي هڪ نئين جلا ۽ جوت بخشي ٿي. پر ٻئين حصي ۾ موجود خاص طور تي شاعري تي لکيل مضمون گهڻي قدرپيش ڪيل شاعريءَ جي سطح کان تمام مٿاهان آهن. جن ۾ چندرپنهنجي شعور جي گهري نگاهه سان شاعريءَ جي منظر ۽ پس منظر جي حالتن تي تمام غير جابندارنموني سان لکيو آهي. آخري ۽ ٽئين حصي "پرڏيهي ادب"۾ چندر ڪيسواڻيءَ عالمي ادب مان پنهنجي عاليشان چونڊ جي ونڊ پڻ ڪرائي آهي. جنهن ۾ "جديد پارسي ناول"، "چونڊ برطانوي ناول نگار"، "مارگريٽ ايٽ وُوڊ. صديءَ جي پڇاڙڪي بُوڪر ليکڪا"، بُوڪر پرائز. هم عصر ادبي چِٽا پيٽي"۽ نڪاراگُوا ۾ اقتدار ۽ شاعري" تي تمام گهرائيءَ سان علمي، فني توڙي فڪري۽فلسفيانہ اسلوب ذريعي شاندار تخليقي تحريرون ڏنيون آهن، جن جي جوهر ۾ معلوماتن جا ڪيئي انمول موتي ملن ٿا. آخر ۾نيو يارڪ جي برفباريءَ مان خوبصورت شاعر ۽ نثر نويس، حسن مُجتبيٰ لکي ٿو تہ، "نندي ڪنڌ جي ترقي پسند شاعر ڪيفي اَعظمي چيو هو، "سنڌي شاعري ٻُڌي مون کي لڳي ٿو جڻ منهنجي فالج زده ٻانهن ۾ زندگي موٽي آئي آهي." چندر جي لکڻين جو بہ ڪُجهہ اهڙو ڪارج آهي. فالج زده سنڌي سماج ۽ سوچ ۾ زندگي موٽائڻ. الائجي ڇو مون کي چندر جون لکڻيون پڙهي ڪراچيءَ جي ڳاڙهي ڊاڪا ۽ راجسٿان واري پٿرواري گاٿڪ عمارتن مٿان آچر واري شام سَوَن ۾ پاريهر لهندي محسوس ٿيندا آهن.

(چنچر28 سيپٽمبر2013ع تي سنڌ رائيٽرس ڪلب مورو پاران چندر ڪيسواڻيءَ جي ڪتاب"نئون ادب نيون ڳالهيون"جي مهورتي تقريب ۾ پڙهيو ويو)
25/9/2013

# ھوا جي ديوار جي ھُن پار

زندگي ھڪ اھڙو سفر آھي جنھن جي ھر پيچري مان اَنيڪ سفرن جون راھون ۽ رستا نڪري نِروار ٿين ٿا. سفر داخلي ھُجي يا خارجي، وجود جو ھجي يا روح جو، ننڊ جو ھجي يا جاڳ جو، اُن جا ڪيپ ۽ خُمار، سھولتون توڙي مُشڪلاتون نوان نوان تجربا، مُشاھدا، احساس، خيالن ۽ خوابن جا ڪيترائي رنگ ڪٽي نمودار ٿين ٿا، تہ سفر جي ھڪ نئين ڪائنات دريافت ٿي پوي ٿي. جنھن جا جلوه، جيءَ مان جَرڪي لفظن جي صورت ۾ سوچ جو سفر تخليق ڪري وِجھندا آھن. سفر خلائي ھجي، ھوائي ھجي، زميني ھجي يا وري سامونڊي اُنھن تي ھميشہ اندلٺ جھڙي ست رنگي ڪيفيت ڇانيل رھندي آھي. جنھن جي محسوسيات جي موسم ، پيار جي پنجين موسم وانگر ھر رنگ ۾ دل لُپائيندڙ ٿيندي آھي. ادب ۾ جتي شاعري، ڪھاڻي، ناول، ڊرامو، ڊائري ۽ مضمون نويسي اھميت رکن ٿا اُتي سفرنامو بہ ھڪ خاص جاءِ والاري ٿو. ۽ اُن جي مُطالعي جو سفر بہ دل ۽ دماغ کي تازگيءَ جو ڀرپور احساس ڏياري ٿو. سنڌي ادب ۾ سفرنامي جي ضرورت ۽ اھميت اوتري ئي اھم آھي جيتري ڪنھن ٻي صنف جي. ڇاڪاڻ جو سفر نامو بظاھر تہ مُشاھدي جي آڌار تي بيٺل ھوندو آھي پر اُن جي سُونھن ۽ سوڀيا کي پُرڪشش صورت ۾ ڍالڻ لاءِ ڀرپور مُطالعي جو ھُجڻ بہ بنھہ ضروري آھي. جنھن سان منظر نگاريءَ ۽ معلومات جا نوان نوان جَھروڪا کُلندا ويندا آھن. جنھن سان پڙھندڙ جي پَرُوڙ، پَڪِي، پُختيءَ جاڻ پَري ٿي ڪري سفر نامي ۾ دلچسپي وڌائي ڇڏيندي آھي. ھي دنيا، فطرت جو ھڪ عاليشان سفر نامو آھي. جنھن کي قدرت جي قانون تخليق ڪري حيرتن جون ڪروڙين ڪائناتون جوڙي ڇڏيون آھن. اڄ اسان ھِت جنھن سفر نامي جي اُجري احساسن ۽ جذبن کي روح سان ڇُھي رھيا آھيون اُھو سفرنامو سنڌ جي باصلاحيت، پڙھيي لکيي، سياري جي سرد موسم ۾ سمنڊ جيان خاموش پر پنھنجي اندر ۾ اوتري ئي گھري، طبيعت ۾ صاف

سُٺري، نفيس، “خيال، خوشبوءِ،سِتارا”ءِ“آئيندو” ڪهاڻين جي ٻن ڪتابن جي خالق، ڪالم نويس ۽ “هوا جي ديوار”، سفر نامي جي مَهارتي اُتڪار منظور جوکيوجو آهي. جنهن خوبصورت سفر نامي جي خصوصيت اِها بہ آهي تہ هي سفر نامو تن روپن يا حصن ۾ سفر ڪري پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ گڏ وٺي سير ڪرائي ٿو. تحريري تخليقپڻي سان گڏ تصويري عڪسن جي رنگن سان سنواريل ۽ تاريخي جاڻ ڏيندڙ هي سفر نامو سنڌي ادب جي اهم سفر نامن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. اهو آرٽسٽڪ امتزاج ليکڪ جي ذوق، شوق، ۽ مزاج جي سونهن کي اُجاڳر ڪري بيهاري ٿو. “هوا جِي دِيوار” جي هڪ تحريري ڪشش اِها بہ آهي تہ هي سفر نامو سنڌ جي نالي واري ڪهاڻيڪار جي، احساس ، جذبن، اکين، دل، دماغ ۽ روح مان سفر ڪندو، پَڃي ڳُندن ٿيندو لفظن جي نِڪور صورت ڪٺي ظاهر ٿيو آهي. “هوا جي ديوار” سفر ناموخوبصورت ٽائيٽل، ڊسٽ ڪور، پڪي بائينڊنگ، معياري ڪير جهڙي اڇي پني تي صاف سُٺري ڇپائي سان239 تحريري صفحن ۽114ڪوڙ سارين رنگين تصويرن جي صفحن تي مُشتمل هڪ سهڻي ڪتابي صورت ۾ اسان جي سامهون آيو آهي. جنهن کي هٿ ۾ ڪٺي سَرسَري نظر وجهڻ کان وٺندي مُطالعي ڪرڻ تائين هڪ نئون آسيس جو احساس ڳرَ موڙي جاڳي پوي ٿو. ڪتاب جي وٽندڙ ٽائيٽل تي “ آمريڪا جوهڪ بُلند بالا “آزاديءَ جو مُجسمو” هڪ هٿ ۾ ڪتاب ۽ٻئي هٿ ۾مشعل بُلند ڪيو بيٺو آهي. جنهن جي پَرِ ۾ لنڊن جي ڪلاڪ ٽاور(بگ بين) جي آسمان سان ڳُلهو ملائيندڙ تصوير، جنهن جي پَرِ ۾ پئرس جي ايفل ٽاور جي ۽ سندس پر سان آمريڪا جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي اُونچي پر خوبصورت بلڊنگ جي تصوير، ٽائيٽل کي وڌيڪ دلڪش بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن تي اڇن اکرن سان لکيل هن سفر نامي جو نالو“هوا جي ديوار” پڙهڻ سان ئي منهنجو نَنڍڙو ذهن تجسس آميزنالي تي حيران ۽ پريشان ٿي ڪري سوچ جي سفر تي نڪري پوي ٿو تہ، ٻہ مُتضاد شيون مِلِي ڪري ڪيئن ٿيون نامُمڪن ٿين شيءِ کي جوڙين. مطلب تہ هوا، جنهن کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو اُن مان ڪيئن نہ ڏسي سگهندڙ شيءِ، ديوار تخليق ٿئي ٿي؟ اِن تَجسُس مون کي هِن سفر نامي جي مُطالعي ۾ گُم ڪري ڇڏيو. پر دُبئي جي سفر نامي جي شُروعات ۾ ئي مون کي سائنسي ترقيءَ جي تيزيءَ سان وڌندڙ سفر اِن ريت جواب ڏنو تہ“اِهو ايئن آهي، جيئن ڪنهن سينٽر ايئر ڪنڊيشنڊ عُمارت

جي اندر ٿڌي ماحول ڪي، عُمارت جي ٻاهر شديد گرم هوا ڪان بچڻ لاءِ مُکيہ دروازي وٽ هڪ مشين لڳائي، اُنهيءَ مان وڏي پريشر سان هوا ڪي دروازي وٽ يڪسانيت سان پيدا ڪيو ويندو آهي ۽ ايئر ڪٽر نالي اُنهيءَ مشين ذريعي پيدا ڪيل هوا جي هڪ نظر نہ ايندڙ ديوار ٺاهي، ٻاهرين گرم هوا ڪي عمارت جي اندر گهڙڻ ڪان روڪيو ويندو آهي. جڏهن اهڙي عمارت ۾ گهڙبو آهي تہ اُنهيءَ ايئر ڪٽر مان نڪتل ٿڌي هوا جو جهونڪو پليڪار ڪندو آهي. ” “هوا جي ديوار” جي سفر جو سونهن سِٽاءُ سنڌي سفر نامن جي بادشاه ۽ لڳ ڀڳ سڄي دنيا ڪي اکين سان گُهمي ڏسندڙ الطاف شيخ جي مهاڳ “ڏات ۽ ڏانءُ واري ليکڪ جو هڪ خوبصورت سفر نامو” جي عنوان سان ٿئي ٿو. جنهن جي شروعات ڪُجهہ هِن طرح ٿئي ٿي تہ. “هڪ خوبصورت سفر نامومنهنجي هٿن ۾ آهي، توهان بہ هِن سفر نامي کي پڙهي مون وانگر ضرور لُطف اندوز ٿيندئو. اها ڳالهہ آءُ پنهنجي سفرنامي بابت ايڏي خاطريءَ سان نہ ٿو چئي سگهان جيتري هن سفر نامي بابت. ” هي سفر نامو، دُبئي “جِتي هوا ۾ خلا جو بہ مُلهہ آهي”، آمريڪا “حسين خوابن جهڙو مُلڪ”، لنڊن“ادب، فن، ثقافت ۽ سامراجيت جو مرڪز” ۽ يورپ“ڌرتيءَ تي هڪ جنت” جي حصن ۾ عنوانن سان سنواريل آهي. هن سفر نامي جي شروعات دُبئي جي سفر سان ٿئي ٿي. جنهن ۾ دُبئي جي مُختلف ۽ اهم جاين جو سُهڻي نموني ۽ وڻندڙ انداز سان هن سفر جي ڪاهوڙي منظور جوکيي لفظن ۾ تصور جي طاقت سان اُهي سڀ منظر، ماحول توڙي دُبئي جي انتظامي بيهڪ جو پنهنجي نثري سگهہ ذريعي جيڪو خاڪو جوڙيو آهي اُهو پڙهندڙ جي اندر جي اِدراڪ جي ڳڙکي کولي ڪيس اُتان جي ڀرپور معلومات فراهم ڪري ٿو. اهڙي طرح منظور جوکيي دُبئي جي انٽر نيشنل ايئر پورٽ ايمريٽس ٽرمينل ٿري، سوق مدينتہ الجميرا ۾ پراڻي طرزجو ڏيک ڏيڻ لاءِ هٽرادو ماحول واري جاءِ، المنظر بيچ پارڪ، سون جي بازار، پراڻي طرز جو واچ ٽاور، برج العرب، ابنِ بطوطہ شاپنگ مال، سوق مدينتہ الجميرا ۾ ٺاهيل پراڻي طرز جي بازار، وائيلڊ وادي دوبئي، دُبئي شاپنگ مال، بر دُبئي ۾ پراڻي طرز جي اصل بازار، اِسڪي دُبئي، دُبئي جي هڪ اسٽاپ تي ٺاهيل مُسافر خانو، دُبئي ۾ هلندڙ ڊبل ڊيڪر بس، دُبئي مال وٽ ڊانسنگ واٽر فائونٽين، مال آف ايمريٽس ۾ هٽرادو ٺاهيل اسڪيئنگ رنڪ، بُرج خليفہ، بيلي ڊانس، ابوظهبيءَ ۾ فيراري ورلڊ، بُرج خليفہ جي اڳيان فائونٽين، صحرا سفاريءَ لاءَ هلندڙ گاڏيون، ڊيزرٽ

سفاريءَ جو ڏيک، دُبئي اسڪئنگ رنک ۾چيئر لفٽ ۾ ٻيون دوبئي جون خوبصورتيون هن سفر نامي جي ڀرپور جان آهن. هن سفر نامي ۾ ليکڪ پرڏيهه ۾ ٿيل تجربن کي ٻه پڙهندڙ سان شيئر ڪندو هلي ٿو. جيئن هوُهڪ تجربو بيان ڪندي لکي ٿو تہ“اسان جنهن هوٽل ۾ ترسيل آهيون اُنهيءَ ۾ اسان کي پنهنجي ڪمري ۾ هڪ خوبصورت لفافو اچي ملي ٿو جنهن ۾ هڪ ليٽر هو. جنهن ۾ لکيل هو تہ“هوٽل ۾ رهندڙ سوين مهمانن جي لسٽ مان قرعہ اندازيءَ ذريعي اوهان جو نالو اُنهن چند خوش قسمتن ۾ نڪتو آهي جن کي هڪ بهترين واچ تحفي طور ملڻي آهي. تنهن ڪري توهان کي گُذارش آهي تہ هن نمبر تي ڪال ڪريو۽ اسان کي پنهنجي آمد جو اطلاع ڏيو تہ جيئن اسان جي گاڏي توهان کي هوٽل تان کڻي اسان جي واچن جي گيلري تائين پُهچائي ۽ اسان توهان کي واچ جو تحفو پيش ڪري سگهون” سراج کي چوان ٿو“يار هل تہ واچ کڻي اچون” هُن چيو“چڏ يار!ڏيندا ڪا سَستي واچ انهيءَ لاءِ وري ڪير خواري ڪري. هُنن وٽ هَلون ۽ جيڪڏهن اُنهيءَ تُحفي واري واچ سان گڏ ٻي بہ واچ خريد ڪرڻ لاءِ چون تہ پوءِ واچ وٺڻي پوندي” ڪيس چوان ٿو تہ “صرف اسان تحفي واري واچ کڻنداسين باقي ٻي واچ ڪونہ وٺنداسين. اهو تون مون تي ڇڏ. اُنهن همراهن ڏانهن هلڻ جو ٻيو فائدو هي آهي تہ مُفت ۾ اُنهن جي گاڏي تي هلي دُبئي جو ڪُجھ سير بہ ڪري ايندا سين.” اهڙيءَ طرح ليکڪ جيِ اِن تجربي کيِ اِتي ئي تجسس جي واٽ تي ڇڏيندي اڳتي وڌندي سفر نامي جو هڪ ٻيو ٽُڪرو پيش ڪيان ٿوتہ“ڊيزرٽ سفاريءَ ڪانپوءِ سياحن کي هڪ نُخلستان جهڙي ماحول ۾ گڏ ڪيو ويجي ٿو. جتي اسان جو آڌر ڀاءُ عربي قهوي سان ڪيو ويجي ٿو. ٿورڙي ٿَڪ ڀَڃڻ کان پوءِهڪ گول دائري ۾ چوڌاري رکيل ديوانن تي ويهاريو ويجي ٿو۽ گول دائري جون ٻَتيون ٻاري هڪ بيلي ڊانسر کي گُهرايو ويجي ٿو. جيڪا رَشين يا تُرڪش لڳي رهي آهي. آڌ اُگهاڙي اُها ڊانسر جڏهن پنهنجو پيٽ لوڏي عربي گانن ۽ ڌُنن تي ڊانس ڪري ٿي تہ اَڻ پياڪ ماڻهو بہ پرسان کُليل بار تان هڪ حسين دوشيزه کان پيگ وٺي پيئڻ چاهي ٿو. بس پوءِ تہ مدهوشي ۽ حُسن جي جَلون جي سنگم سان رِڻ ۾ نَريل اُها رات ماڻهوءَ جي ذهن ۽ دماغ تي سڄي عمر لاءِ پنهنجا نقش نگار، خوشبوءِ ۽ مَستي ڇڏي ويجي ٿي. ”سفر نامي پڙهڻ سان اِن لُطف کي ڪِرڪِرو ڪندڙهِن سفر جي تڙ تڪڙ واري صورتحال ۽ دبئي جي رنگن کي جلدي سهيڙي پُڄاڻي تي پُهچائڻ واري جلد

بازي دُبئي جي سفر نامي جي سُونهن کي ڏَڪي ٿي. چاڪاڻ جو منظور جوکيي جيئن ٻين مُلڪن جي سفر جي ڪتا پيرائتي نموني بيان ڪئي آهي اُهڙي ليکڪ جي لکڻ واري دلچسپي هن سفر نامي ۾ ڪون ٿي ملي. جنهن ڪري دوبئي جي تخيلاتي سير واري اُڃ اَڌُوري رهجي وڃي ٿي. ڏٺو وڃي تہ سفر نامو لکندڙ پنهنجي وقت جي تاريخ تحرير ڪندو آهي ۽ گُهمندي ڦرندي پنهنجي تجربن، ويچارن ۽ تاريخ کي بنان ڪنهن تعصب ۽ رک رکاءُ جي، هڪ خوبصورت تناظر ۾ پنهنجي نقط نظر سميت پيش ڪندو آهي. سادي سودي ٻوليءَ ۾ پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ وارو فن ۽ ڏانءُ ڪنهن ڪنهن سفرنام نگار کي نصيب ٿيندو آهي. ڇو تہ اُتان جي علم، ادب، تاريخ جي ترقي، ادارن جي مضبُوطي، وقت سان گڏ آيل اُٿل پُٿل، مُلڪي تاريخن کي پنهنجي ديس سان ڀيٽڻ ۽ اُهو احساس ڏيارڻ تہ اسان جي پرپاسي ۾ ڇا پيو ٿئي، ۽ اسين ڇا پيا ڪيون. اِهو هر ليکڪ جي وَس جي ڳالهہ نہ آهي. ڇو تہ سفر ۾ پيش ايندڙ مُشڪلاتن، واقعن کي دلچسپ انداز سان پيش ڪرڻ ۽ سفر ۾ گڏ ساٿين ۽ اُتان جي ماڻهن جي روَين ۽ روايتن کي دلڪش ٻڻائي پيش ڪرڻ ۾ جيڪڏهن لکندڙ ڪامياب وڃي ٿو تہ اُن سفر نامي کي ئي مُڪمل سفر نامو سڏي سگهجي ٿو. اهڙيون خوبيون ”هوا جي ديوار“ ۾ جابجا ملن ٿيون. جنهن ڪري هي سفر نامو مُطالعي جي ميز تي رکيي رکيي دز ۾ لتجڻ کان اڳ ئي پڙهندڙ کي تسلسل سان پاڻ پڙهائيندي پاڻ ۾ گُم ڪري ڇڏي ٿو. ”هوا جي ديوار“ ۾ آمريڪا (حَسين خواب جهڙو مُلڪ) واري سفر نامي ۾ جتي اکين سان ڏِٺل مَنظرن توڙي خوبصورتيءَ کي اکرن جي آرسيءَ ۾ عڪسن جي روپ ۾ چِٽيو ويو آهي، اُتي هِن سفرکي ڪهاڻيءَ واري اعليٰ ڪرافٽ ذريعي ڏاڍو رومانٽيڪ پڻ ٻڻايو ويو آهي. ۽ ميڪسيڪن ڇوڪري ايبرل نوارو هِن سفر جي هيروئن طور پڙهندڙ جي تصور ۾، ماڪ ۾ پنل موتيي جي مُڪڙيءَ جيان ٽِڙي پوي ٿي. ۽ ليکڪ جي سحر انگيز بياني هڪ عجيب قسم جي جادوءَ ۾ مَندي ڇڏي ٿي. آمريڪا جي هِن سفر جي شروعات ئي ڏاڍي جمالياتي انداز سان ٿئي ٿي. ”الاتحادجي ڪُشادي، روشن ۽ خوشبودار جهاز ۾ هڪ پَري چهري واري اَپسرا، ايئر هوسٽس جي روپ ۾ اچي پُڇي ٿي تہ ”اوهان ڇا پيئندا؟“ دل چاهي ٿي تہ هُن کي چوان، ”تنهنجي هٿن سان مليل “هيملاڪ” بہ پي ويندُس، پر جيڪو توکي وڻي سو پيار“ سوچيان ٿو. ”هُن جي نازڪ ۽ خوبصورت هٿن سان

صرف پاڻي يا ڪولڊ ڊرنڪ پيئڻ. هُن جي حُسن سان زيادتي ليکبي. تنهن ڪري ڪا سُٺي شيءِ پيئڻ کپي. "چوانس ٿو. "ڳاڙهي انگور جو رَسُ پيار. "ڳاڙهي انگور جو رَسُ پيئندي، ڪَنن ۾ هيڊ فون لڳائي راحت فتح علي خان جو گيت"سُرمئي اکيون والي "چار پيرا ٻڌان ٿو. "يا اڳتي هلي ليڪ آمريڪا پُهچي لکي ٿو تہ"هي نيويارڪ آهي، منهنجي خوابن جو شهر. جيڪو اُنهيءَ وقت کان منهنجي خيالن ۾ آهي، جڏهن هاليوڊ جي اڪثر فلمن ۾ بہ نيويارڪ شهر ڏسندو هُئس تہ اها خواهش پيدا ٿيندي هُئي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن مان بہ نيويارڪ ضرور ويندس. اڄ اهي تمام خيال ڪٽي جڏهن نيويارڪ شهر ۾ داخل ٿيان ٿو تہ دل ايئن ئي ڌڙڪي، جيئن نوجوانيءَ واري دور ۾ پنهنجي محبوبہ سان پهريون ڀيرو ملڻ وقت دل ڌڙڪندي هُئي. "۽ پوءِ ليڪ جي اِها خواهش پوري ٿيندي ڏسي منهنجي ذهن تي انگليند جي سدا بهار ليڪ، مُفڪر ۽ دانشور جارج برنارڊ شا جو هڪ جُملو ڪنهن پکيءَ جيئن پڙڪو ڏئي اچي لهي ٿو تہ"زندگيءَ جا ٻہ الميا آهن. هڪ تہ دل جي خواهش پوري نہ ٿي سگهي، ۽ ٻيو وري اُها پوري ٿي پوي. "۽ وري ساڳي ئي وقت غالب جو هي شعر پڻ خيالن ۾ نمودار ٿي پوي ٿو تہ:

ہزاروں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پے دم نکلے۔
بہت نکلے میرے ارمان، لیکن پھر بھی کم نکلے۔

اِن ريت هي سفرناموسُهاني سوُنهن سان سَلهاڙجي دنيا جي وڏي ۾وڏي ۽ مصروف ترين ايئرپورٽ جان ايف ڪينيڊي جي سخت ايميگريشن کان ٿيندو ايمهرسٽ شهر ڏانهن پنهنجي ڊيلائتي چال چلندو هلي ٿو. ۽ ليڪ ڪنهن قصا گو جيان هن شهر جي حُسناڪين جا ڏُکَ پريندي لکي ٿو تہ"جيئن تہ هتي تعليمي ادارا گهڻا آهن. اُنهيءَ ڪري هِن شهر کي پروفيسرن جو شهر بہ سڏيو ويندو آهي. ماڻهن جي مالي حالت تمام گهڻي سُٺي آهي. شهر ڏاڍو پُر سُڪون، خوبصورت، صاف سُٿرو ۽ حَسين آهي. هِتان جي رهواسين جي فضيلت ۽ اخلاق شايد ئي دنيا ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ اهڙو بهتر هُجي. هي شهر آمريڪا جي شايد اُنهن چند شهرن مان آهي، جتي رستي تي پيدل هلندڙ ماڻهوءَ کي گاڏي بيهاري رستو ڪِراس ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي. "۽ پوءِ هي آمريڪا جو

سفر نامو هِن سفر جي هيروئن ايبرل جي ساٺ سان نارٿيمپٽن شهر جي هڪ ميڪسيڪن سالسا بار ڊانس ڪلب  ڪان ٿيندو، انڊلٽ جي ٿَڌن رنگن جيان اکين رستي روح ۾ لهندو بوسٽن، نيو بيڊ فورڊ، نيو يارڪ، سمرول شهرن ۾ وِسرام ڪندو، واشنگٽن شهر ۾ هڪ درد ناڪ پُڄاڻي کٽي پُهچي ٿو. سَچي حسين ۽ نفيس ماحول تي گهٽائن جهڙيون ڪيفيتون ڇانئجي وڃن ٿيون. "اڄ واشنگٽن ۽ آمريڪا ۾ اسان جو آخري ڏينهن آهي. صبح جو سوير ئي ننڊ مان جاڳي پيو آهيان. هوٽل هلٽن واشنگٽن ۾ پنهنجي ڪمري مان روڊ طرف کُلندڙ وڏي دريءَ جا پردا کولي ڇڏيان ٿو. ٻاهر موسم جُهڙالي آهي. طبيعت ۾ بي چيني ۽ غمگيني آهي. پنهنجي آءِ فون جي آءِ پاد ۾ محفوظ لتا جا گانا ٻُڌڻ لڳان ٿو. پنهنجو آمريڪا جو دورو هڪ ٽُٽندڙ خواب جيان محسوس ٿي رهيو آهي. ايئن لڳي ٿو چاڻ هوا جي ديوار پار ڪري اُنهيءَ جي ٻي پار هڪ ٻي دنيا ۾ هليو ويندس، جتان وري خبر ناهي ڪڏهن موٽان. ايئر پورٽ وڃڻ لاءِ ايبرل سان گڏ گاڏيءَ ۾ ويهان ٿو. مان بہ اُداس آهيان، هوءَ بہ اُداس لڳي رهي آهي. ايئر پورٽ پهچون ٿا، ايبرل گاڏي ڪاهي يڪدم هلي وڃي ٿي. "۽ سفر نامي جو ليڪڪ منظورجوکيو اُداسين سان ڀريل دل کٽي لنڊن_ "ادب، فن، ثقافت ۽ سامراجيت جو مرڪز" يعني ليڪڪ جي ننڊ پڻ جي هڪ خواب، جنهن جي اَڌ تعبير ڪيس نيويارڪ جي جان ايف ڪينڊي ايئرپورٽ تي گذريل سال2011ع تي لهندي ٿي هئي ۽ باقي اَڌ خواب جي مُڪملتا لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي لهندي ٿئيس ٿي. لنڊن جو هي سفر بہ ليڪڪ ڏاڍي دلچسپ انداز سان، سمورو منظر ۽ پس منظر کٽي تحرير ڪيو آهي. ۽ پوري ڏيان ۽ گيان سان اُن سفر جا رنگ ۽ خوشبو کٽي پڙهندڙ جي حواسن کي واسي ڇڏي ٿو. "صبح جو تيار ٿي، ناشتو ڪري جڏهن هوٽل "ڪيونڊش" مان ٻاهر نڪران ٿو تہ لنڊن شهر مون کي خوبصورت لڳي ٿو. رات جي اُونداهہ هُجڻ سبب اُنهيءَ علائقي جو چڱيءَ طرح جائزو نہ وٺي سگهيو هوس. صبح جو ٽيڪسيءَ لاءِ روڊ تي اچي بيٺو آهيان تہ هر طرف شاگرد ۽ استادنظر اچي رهيا آهن. جيڪي ٽڪڙا ٽڪڙا پنهنجي ڪلاس لاءِ پنڌ ئي پنڌ وڃي رهيا آهن. سامهون هڪ عُمارت تي لکيل آهي، "لنڊن ڪاليج يونيورسٽي"اُنهيءَ جي سامهون هڪ پُراڻي چَرچ آهي، جنهن جي آرڪيٽيڪچر کي ڏسي ماٺهومُتاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. ٽيڪسي صاف سُٿرن روڊن تان، پُراڻين پر حسين عمارتن جي وچ تان ٿيندي

اچي ٻاڙهين سِرن سان ٺهيل هڪ قديم عمارت جي اڳيان بيهي ٿي. ٽيڪسيءَ تان لهي عمارت ۾ گهڙان ٿو. عمارت ۾ گهڙڻ سان ئي محسوس ٿئي ٿو تہ اُها ٻاهران قديم ترين لڳي رهي آهي پر اندر ڪان اُنهيءَ ۾ دنيا جون جديد ترين آسائشون ۽ سهولتون موجود آهن. "ايئن لنڊن جو هي سفر ناموءِ پڙهندڙ کي پنهنجي سحر ۾ جڪڙي ڇڏي ٿو. ۽ سفر درسفر ڄاڻ جي ڪاڻ ڀاڻ سان گڏ ڪنيو اچي ٿو. پر الائي ڇو اها تاريخي ڀرپور معلومات، سفر نامي واري رَس ۽ چَس کي مُتاثر ڪندي محسوس ٿئي ٿي. ايئن، جيئن ڪو سُريلو آواز موسيقيءَ جي تيز سُرن ۾ دَٻجي، ٻُڌندڙ جي سماعتن تائين ڪن رَس نہ پيدا ڪري سگهندو آهي. ۽ اُن کي انتهائي غور سان ٻُڌڻ جي ڪري ذهن تي هڪ اڻ وڻندڙ بار محسوس ٿي پوندو آهي. اهڙي حالت ۾ سفر نامي بابت شيخ اياز جا خيال منهنجي لاشعور مان شعور جي سر زمين تي نِسري پون ٿا جيڪي شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا "ڪتي تہ پيجبوتڪ مُسافر" ياڳو پهريون ۾ تر جي سفر دوران ڪُجھ هِن ريت لکيا آهن تہ "سفر تہ اُهو آهي جو اندر ۾ ٽُبي ڏئي ڪڏهن هِن پار پُهچجي، ڪڏهن هُن پار."، مون کي اُهي سفر ناما، نہ وڻندا آهن جي ٽوئرسٽ بيورو (مُحڪمہ سياحت) جي پوسٽر يا ڪتابچي وانگر لڳندا آهن. "يا اڳتي هلي اياز تر جي سفر ۾ لکي ٿو تہ" هي سفر نامو آهي، جعغرافيا، تي ڪتاب نہ آهي تہ مان ڏيپلي جي حدن، ويڪر ۽ آدمشماريءَ تي لکان. "اُن ڪري "هوا جي ديوار" جي سفر نامي ۽ اُن ۾ ڏنل ڄاڻ هڪ الڳ، الڳ ڪتاب بڻجي پون ٿا. اگر اِها سموري تاريخي معلومات جيڪا منظور جوکيي انتهائي تفصيل سان ۽ ڀرپور نموني پيش ڪئي آهي اُن کي اگر هڪ الڳ ڪتاب ۾ آڻجي تہ دُبئي، آمريڪا، لنڊن ۽ يورپ جي اِتهاس تي هڪ سُٺو ڪتاب بہ ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ جو ليکڪ ڏاڍي گهرائيءَ ۽ وڏي سوچ ويچار سان هن سفر نامي کي سگهارو ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو مُطالعي لاءِ اهم ثابت ٿئي ٿو. سنڌ جي نالي واري ڪهاڻيڪاره مَهتاب محبوب جي سفر نامي "راهون چنڊ سِتارا" جي بيئڪ ٽائيٽل تي شيخ اياز لکيو آهي تہ، "سفرنامو تيسيتائين سفر نامو ناهي، جيسيتائين اِبن خلدون وانگر مُصنف جون ٻئي اکيون کُليل ۽ پير پنڌ ۾ نہ آهن. ۽ هر شيءِ نہ رُڳو ڏسي وائسي ٿو پر ڇٽ ۾ چيتاري بہ ٿو. "اياز جي اِن راءِ جي تناظر ۾ منظور جوکيو "هوا جي ديوار" ۾ مُڪمل طور تي اُنهن خوبين تي پورو لهندي نظر اچي ٿو. ۽ هُن، هِن سفر ۾ جيڪو ڪُجھ بہ ڏٺو، ٻُڌو، پڙهيو ۽

لکيو آهي اُهو هُن شعور جي شمع جي روشنيءَ ۾ بين ڪي بہ ڏيڪاريو ۽ محسوس پڻ ڪرايو آهي. جنهن ڪري هي سفر نامو ڪيترن ئي رنگن ۽ روشنين سان ڇهر مِر, ڪندونظر اچي ٿو. اُن ڪري هي سفر نامو ريپا انٽر نيشنل لنڊن, ڪينگسٽن بورو, لنڊن جي مشهور ڳاڙهي فون بوٿ, ميڊم تساد ميوزم, لنڊن پارليامينٽ هائوس, ٿيمز ندي, بِگ بين, ٽاور برج, لنڊن ٽاور, ڪرائون جوئيلس, بڪنگهم محل, وڪٽوريا ميموريل, رائل البرٽ هال, سَر البرٽ ميموريل, نيشنل آرٽ گيلري, ٽرئفلگر اسڪوائر, “لا مزرب” ٿيئٽر, لنڊن آءِ, ونسٽن چرچل, ورجينيا وولف جو گهر, لارنس آف عربيا, بِي بِي سِي لنڊن, بُش هائوس, شيڪسپيئرس گلوب ٿيئٽر, روز ٿيئٽر, يونيورسل ٿيئٽر, برٽش لائبريري, برٽش ميوزم, ماربل آرچ, سيلفر جز, هيرا ڊس, ڪارل مارڪس جي قبر, هائيڊ پارڪ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ماڳ ۽ مڪان ليکڪ اکين سان ڏٺا ۽ پيرن سان پنڌ ڪندي گهُمياءِ بين کي گهُمرايا پڻ آهن. هن سفر نامي ۾ حُر تحريڪ جي خلاف لکيل هڪ خُفيہ رپورٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ليکڪ جيڪا جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪري ٿو, اُها محنت جي تپسيا صرف اُهي ئي فرد ڪري سگهندا آهن جيڪي پنهنجي تاريخي ورثن, ماڳن توڙي مڪانن, قومي توڙي بين الاقوامي شعور سان مالا مال هوندا آهن. جيئن ليکڪ هڪ هنڌ اُن رپورٽ جي جاڻ ڏيندي لکي ٿو تہ“اُها رپورٽ انگريز فوج جي ڪنهن ڪميشن وغيره جي لکيل هئي, جنهن ۾ اِهو تذڪرو ٿيل هو تہ 1843ع دوران حُر تحريڪ کي چيپاٽڻ لاءِ هَنيل مارشل لا دور ۾ حُرن جي خلاف جيڪو مِلٽري آپريشن ڪيو ويو هو, اُنهيءَ جو مُکيہ راز ڪهڙو هو. ڪهڙيءَ ريت تياري ڪئي وئي, ڪهڙي ريجمينٽ اُنهيءَ ۾ حصو ورتو هو, ڪهڙا هٿيار, بارود ۽ جهاز استعمال ٿيا ۽ ڪيترا حُر شهيد ڪيا ويا ۽ انگريزن جو ڪهڙو نقصان ٿيو. اُنهيءَ رپورٽ کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ مارشل لا دور ۾ سنڌ جي اُنهيءَ هلچل کي چيپاٽڻ لاءِ اُهو رُڳو آپريشن ڪونہ هو, پر اُها هڪ مُڪمل جنگ هُئي, جنهن ۾ هر جنگي سازوسامان استعمال ڪيو ويو هوءِ جنگي حڪمت عمليِ اِختيار ڪئي وئي هُئي. ”ليکڪ اِها رپورٽ پائڻ واري ڪهاڻي پُر تجسس طريقي سان ۽ ڏاڍي خوبصورت ڍنگ سان تحرير ڪئي آهي. اُن ڪا اعلاوه هائيڊ پارڪ جي اسپيڪرس ڪارنرتي ڪيل هڪ نوڙهي انگريزجي ڪيل تقرير مون کي ڏاڍو مُتاثر ڪري ٿي. جنهن لاءِ ليکڪ خود هِن ريت لکي ٿو تہ“هي نوڙهو

انگريزسيني مذھبن ۽ سرمائيداريءَ خلاف وڏي دونھيندار ۽ مُدلل تقرير ڪري رھيو آھي. ھُو باقاعدي وڏي تياري سان آيو آھي. ڪيترن ئي ڪتابن مان حوالا ڏئي رھيو آھي. ھُن جو خاص ٽارگيٽ يھودي، اُنھن جا ڪتاب(پُراڻو عھد نامو)عيسائيت، اسلام ۽ آمريڪا جي رِي پبلڪن پارٽي آھن. جن خلاف ھو وڏي جامع تقرير ڪري رھيو آھي. مذھب جي خلاف جيڪو ھو ڪُجھ ڳالھائي ٿو مان اُن کي بڪواس سمجھان ٿو ۽ اُنھيءَ سان مان ڪنھن بہ طريقي سان مُتفق ناھيان، پر ھو جيڪو ڪُجھ چوي ٿو وڏي مُدلل انداز سان چوي ٿو. ” ھُن انگريز جي وڏيڪ تقرير لکندي ليکڪ وچ وچ ۾ (توبھ نعوذ باالله) جو وِرد بہ ڪندو ھلي ٿو تہ مون کي ”ھوا جي ديوار“ جو مُطالعو ڪندي بي ساختہ کِل اچي وڃي ٿي. بحر حال منظور جوکيي انگريز جي ڪيل تقرير جو تَتُ مُڪمل طور تي پوءِ بہ پيش ضرور ڪيو آھي. اِھا ھِن ليکڪ جي روشن خيالي آھي جو ھِن اُھي ڳالھيون بہ ايمانداريءَ سان بيان ڪيون آھن جن سان ليکڪ مُتفق بہ ڪونھي. ايئن ھي لنڊن جو سفر نامو پنھنجين سِپني حُسناڪين، ڪيفيتن ۽ حواسن کي ڇُھندو ”يورپ، ڌرتيءَ تي ھِڪ جنت“ ۾ پُھچي ٿو تہ واقعي روح سَتون ڪائڻ شروع ٿو ڪري تہ، مان بہ اُڏامي اُن جنت کي اکين سان ڏسي احساسن کي آسيس ڏيان. يورپ جي فِطرت جي حُسناڪين جون سُرڪيون پريان. پر ليکڪ سفر جي سُھائي سان پکين جيئن اُڏامندو پنھنجي پسنديده شھرن نيويارڪ ۽ لنڊن ڏسڻ کان پوءِ پنھنجي دل ۾ رھيل ھڪ حسرت تہ يورپ جا ڪُجھ مُلڪ يعني فرانس، سوئٽزر لينڊ، جرمني ۽ ھالينڊ ڏسان. ۽ پوءِ ليکڪ لنڊن جي ڊوور پورٽ تي پُھچي ٿو. ”ڊوور پورٽ ھڪ ڇھچ سائو علائقو آھي، جنھن کي پر سان ئي موجود سفيد مِٽيءَ جي سر سبز جبلن وڏيڪ خوبصورت بنائي ڇڏيو آھي. اُنھيءَ جي خوبصورتيءَ جو اندازو ھِن خيالي پر حقيقت تي ٻَڌل منظر مان لڳائي سگھجي ٿو، جنھن ۾ نيري گھري سمنڊ جي پر سان، سفيد مِٽيءَ جا سرسبز جبل آھن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي وڏا ٻيڙا لنگر انداز ٿيل آھن ۽ آسمان ۾ خوبصورت اَڇا سيگل اُڏامي رھيا ھُجن. ”، ”ھوا جي ديوار پار ڪري ٻيڙي ۾ اندر داخل ٿيان ٿو تہ اُتي ھڪ مُڪمل دنيا آباد ڏسان ٿو. ٻيڙي ۾ اندر مُسافرن جي ويھڻ لاءِ ڪيترين ئي آرامده ڪُرسيو ۽ صوفا رکيل آھن. سڄي ٻيڙي جو چڪر ھڻندي جڏھن مان اوپن ڊيڪ تي پُھچان ٿو تہ اُتي حسين منظر نظر اچي ٿو. مٿان نيرو آسمان، ڪُجھ بادلن سان موجود آھي،

هيٺ نيري رنگ جو سانتيڪو سمنڊ آهي جنهن جي نيري سيني ڪي پي ايندا او فليگ وارو بيڙو چيريندو اڳتي وڌي رهيو آهي. آسمان ۾ اَڇا پکي اُڏامي، ماحول کي اڃان بہ وڌيڪ خوبصورت بڻائي رهيا آهن. ” اهڙي تخيل جي سگهہ سان ليکڪ، پڙهندڙ کي اَڻ ڏٺل ۽ دور دراز مُلڪن جا لفظن جي جادوگريءَ سان چڻ تہ سچ ۾ سفر ڪرائيندو هُجي. هُونءَ بہ سفر نامي جي اِها ئي معنيٰ آهي تہ سفرڪار سحر بيانيءَ سان تصور ذريعي اُهي سڀ ڏٺل وائٺل ڏيک لفظن مان بلڪل اصل وانگر ظاهر ڪري وجهي ۽ بي تحرُڪ عڪس، اکرن ۾ ساهہ کڻڻ لڳن. تڏهن اُهو سفر نامو پنهنجي تخليقي تناظر ۾، تخليقي ادب جو حصو بڻجي سگهي ٿو. بقول نامياري اديب قاضي خادم جي تہ، “ سفر نامہ دُنيا جي اوائلي آهي. ” “هوا جي ديوار” جو سفر هوائن ۾ اُڏامندو نيدر ليند پُهچي ٿو تہ سفر جي سموري ڪيفيت ۽ احساسَ، آفاقي رنگ جهڙي شراب جي خُمارن ۾ تحليل ٿيڻ شروع ٿي وڃن ٿا تہ ليکڪ “اٽڪل سوا ڪلاڪ جي سفر کان پوءِ پي ايندا و جي فيري اُتر فرانس جي ننڍڙي بندر گاهہ ڪئلس تي اچي بيهي ٿو. ڪئلس مان نڪري فرانس ۾ ڪُجهہ دير سفر ڪرڻ بعد بيلجيئم ۾ داخل ٿئي ٿو. برسلز جي ويجهو هڪ ريسٽورنٽ تي لنچ ڪرڻ بعد نيدر ليند ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ شام جو ايمسٽرڊم پهچي ٿو. “اٽريڪٽ کان اڳتي وڌي ٿو تہ هيگ جو شهر اچي ٿو. هِن شهر سان سندس اُنسيت تڏهن کان آهي جڏهن2008ع ۾ سندس داخلا هيگ يونيورسٽيءَ ۾ ايم. بي. اي جي ڊِگريءَ لاءِ ٿي هئي پر بد قسمتيءَ سان ادب ۾ شُمار ڪيا ويندا آهن. جن جو مثال900 ق_م ۾ هومر(يونان جو انڌو شاعر)جي سُرندي تي ڳايل “اوڊيسي ۽ ايليڊ” جا قصا آهن. ٻئي طرف ڏهين صديءَ عيسويءَ ۾ اِبنِ بطوطہ ۽ تيرهين صديءَ ۾ مارڪو پولو جا سفر نامہ آهن، جيڪي حقيقي انداز ۾ لکيل هُجڻ ڪري، ادب جو حصو بڻجي سگهيا آهن. ليڪن تاريخي ادب ۾ بہ اُنهن جو اهم مَقام هوُ وجي نہ سگهيو هو. رستي سان هيگ يونيورسٽي جو بورڊ ڏسي ٿو تہ سندس دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وڃي ٿي. ” جيئن تہ هي سفر نامو، ايمسٽرڊم جي وان خوخ ميوزم کان ٿيندو، ريڊلائيٽ ڊسٽرڪٽ جي سوڙهين گهٽين ۾ جسم فروش عورتن جا حسين چهرا، بي وسي ۽ ساڻن ٻين سطحي سوچ رکندڙ ماڻهن جون ڪيل مشڪريون ڏسندو جرمني، سوئٽزرليند، خوشبوئن جي شهر فرانس مان ڪيٽريون ئي خوشبوئون کڻندو، رنگ وکيريندو محسوس ڪندو ۽ محسوس

كرائينڊونيٽ هِن فكر انگيز پُڇاڻي تي پُهچي ٿو ته” انسان پاڻ كي لازوال سمجهي ٿو. پنهنجي محل ماڙين كي پنهنجي لاءِ لازم سمجهي ٿو. پر خُدا وٽ كُجھ ٻيو نظام آهي. محل ماڙيون هِتي رهجي وڃن ٿا ۽ انسان فنا ٿي وڃي ٿو. هر شيءِ هتي رهجي وڃڻي آهي ۽ انسان كي هتين خالي اهڙي دنيا ۾ وڃڻو آهي، جتان انسان هِن دنيا ۽ هُن دنيا جي وچ ۾ لڳل “هوا جي ديوار” كي ٽپي واپس موٽي نٿو اچي. ”

18/10/2013

مددي كتاب

هوا جي ديوار(سفر نامو) منظور جوكيو

كِٿي ته پيچبو ٿك مُسافر(پاڱو پهريون) شيخ اياز

كِٿي نه پيچبو ٿك مُسافر(پاڱو ٻيون) شيخ اياز

اِتهاس جا آواز... انعام شيخ

راهون چنڊ سِتار(سفر نامو) مهتاب محبوب

سارنگا18، 19. اپريل_ سيپٽمبر2012ع

# موت جھڙي مايوسيءَ مان ڦُٽندڙ اُميد جو شاهي رستو

*سنڌي ادب ۾ ناول جي اڻاٺ شدت سان محسوس ڪئي وڃي پئي، پر تخليقي ناول ته اڃا به ناياب پيو ٿيندو وڃي. شايد ناول جي وسيع ڪئنواس ۾ ڪردارن جي چونڊ، چرپر انهن جو فنڪاراڻو پچاءُ، ٽُز مڪالما، موضوعاتي چونڊ ۽ ان جي تسلسل کي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچائڻ وارو هنر، گڏوگڏ ناول جي نفيس اڻت ۾ مطالعي، مشاهدي ۽ مشق جي ڪيل تپسيا جي گهري نچوڙ کي ناول جي تخليقي عمل ۾ سمائڻ ۾ ناول جي گهڻ رخي محنت جو مستقل مزاجيءَ سان نڀاءُ ڪرڻ وارو عمل اڄ جي گهٽن سهل پسند ليکڪن لاءِ ڪشش جو سبب گهٽ بڻجي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو تخليقي ۽ شاهڪار ناول جي کوٽ نمايان پئي ٿيندي وڃي. سنڌي تخليقي ناول جي ان اڻاٺ جي سبب کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جن تخليقڪارن قلم تي مس کي سُڪڻ نه ڏنو آهي تن ۾ اڄ جي نئين پيڙهيءَ جو نمائندو ڪهاڻيڪار منور سراج به آهي، جنهن تخليقي تناظر ۾ تمام سٺيون ڪهاڻيون لکي پنهنجي الڳ سڃاڻپ جوڙي ورتي آهي. هو جڏهن هانوَ ۾ ٻاٻري ڪندي جيئڻ چپندڙ احساساتي ڪيفيت کي ناول جي وسيع تر واديءَ ۾ آندو ته هن جي روح جو ديوانو ۽ فطري ڪهاڻيڪار ڳتين جيئڻ ڪر موڙي وان گوگ جي آرٽسٽڪ ديوانگيءَ جيان جنم وٺندڙ ڪنهن لازوال شاهڪار وانگر نروار ٿي اچي ٿو، جنهن ۾ ڳيا ڳيا زندگيءَ جون انيڪ آسون ۽ اميدون، خواب ۽ خيال، لڙڪ ۽ اوجاڳا ناول جي ڪئنواس تي اداس رنگن ۽ خوشبوئن جو نڪور عالم تخليق ڪن ٿا.

منور سراج موهيندڙ هنرمنديءَ سان هڪ اهڙي خواب جي تخليق ڪئي آهي، جيڪو ڪابي اڪ جي اداس ۽ مرجهايل اڱيءَ مان ڇڻي؛ زندگيءَ

جي زرد شام جي انڌيري وستيءَ ۾ جنم جنم کان ڀٽڪندو رهيو هو.

"ڪاپي اک جو خواب" در اصل منور سراج جي زندگيءَ جو هڪ اهڙو دروازو آهي، جنهن مان توهان داخل ٿي ان جي ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪيفيتن جي ٽوڙ ڦوڙ کي محسوس ڪري سگهو ٿا. هڪ اهڙي پيچ ڍاهه جنهن سان هڪ ڏک، پنهنجي سرمائي سانوراٿپ سان نروار ٿي هڪ اهڙي خوشيءَ جي ڪُٻ ۾ تبديل ٿي ويجي ٿو، جيڪو ان ئي ڏک جي گهٽائيءَ جي ڪمي مان جنم وٺي ٿو. شايد تڏهن ته گوتم ٻڌ به سروم دڪم دڪم جي دريافت سان زندگيءَ جي اصل حقيقتن کي ڄاڻي ورتو هو. ڇاڪاڻ ته خوشيءَ نالي ڪنهن به شيءِ جو ڪو به وجود هن ڪائنات ۾ ڪونه ٿو ملي. جڏهن ته ڏک ئي مقدار جي سطح ۾ گهٽتائي ئي خوشيءَ جي عارضي احساس مان محسوس ٿيندي آهي. جيئن گهگهه برساتي رات ۾ گوڙ جي گجگوڙ سان ڪنوڻ جو لمحاتي تجلو ۽ پوءِ وري ساڳي ئي گهاٽي اوندهه...

'ڪاپي اک جو خواب' هڪ اهڙي ڪيفيت آهي، جيڪا مسلسل هڪ زنجير وانگر ڪڙي به ڪڙي جڙندي رهي ٿي، يا ائين ڪٿي چئجي ته هڪ جنم قيد آهي، جيڪو پنهنجي سمورين پيڙائن سان به وڌي ٿو، جيڪو پاڻ ۾ ڪو نجات جو رستو نٿو رکي. زندگيءَ کي ڪا به دري، در ڪونهي، ڪا به ڇت ٽوڙي پٽ نه آهي، پوءِ به اها هڪ بند ڪولي آهي، جنهن ۾ موت جي ڪُک مان جنم وٺندڙ 'ڪاپي اک جو خواب' هڪ اهڙو قيدي آهي، جنهن کي وقت ۽ حالتن بنا ڪنهن ڏوهه ۽ ثبوت جي عمر قيد جي سزا ڏئي ڇڏي آهي.

'ڪاپي اک جو خواب' ڪنهن جي تقليد آهي يا نه، اهو هڪ الڳ بحث آهي، پر ان جو درد، ان جي پيڙا، ان ۾ هڪ حساس دل جي ڪيفيت ۽ حساسيت ۾ گهيرجي هڪ اجنبي شڪ جي پيٽ مان جنم وٺندڙ سڙيل ڪاري منهن وارو خوف، مون لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اجنبي نه آهي. اهو خوف ماٺڪ ڪان منور تائين ۽ اتان کان سڄي سنڌ جي وجود ۾ لهي چڪو آهي. هر روز چيلاٽن جي انگ ۾ واڌارو ٿيندو پيو وڃي. انهن جا کُهرا پَر سنڌ جي نفيس احساسن ۾ سُري رهيا آهن. هڪ بي يقينيءَ جو الجهيل عالم ڀٽڪندڙ ذهنن ۾ پنهنجا بنياد پختا ڪري چڪو آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ منور سراج جو ناول 'ڪاپي اک جو خواب' بي زبان احساسن ۽ گونگي ڪيفيتن جي زبان بڻجي هڪ اهڙو آواز تخليق ڪري ٿو جيڪو هر پڙهندڙ جي وجود جي ويران ۽ پراڻي حويليءَ ۾

پڙاڏو ٻڌجي گونجي ٿو. اهڙو پڙاڏو جيڪو هڪ ئي وقت ڇئن رنگن ۾ روپن ۾ جيئڻ جو ساهس رکي ٿو. هڪ زندگي چار حصا. هڪ ڪهاڻي چار ڪردار. پر در اصل چار ئي ڪردار هڪ ئي ڪردار جو پرتوَ. ڪنهن پسمنظر جي ڪنڌ ۾ پٽ طرف منهن ڪري، منهن تي ٻانهن ڏئي روئيندڙ سڏڪا ڀريندڙ ڪردار جو. . . هڪ حصي مان ٻين حصن جو جنم. جيئن صحرا ۾ تتل سج هيٺ ٿوهر ۾ ڪنڊا: سنها ٿلها. هر وقت احساس جي جسم ۾ چڀندڙ ڪنڊا.

’ڪاٻي اک جو خواب‘ هجي يا ساڄي اک جو سپنو. مون ڪي الائي ڇو ازل کان وٺي خوابن سان اُنسيت رهي آهي. رنگ برنگي ڦوڪڻن جهڙا خواب. ٻانهن ۾ ڇڻڪندڙ رنگين ڪانچ جي چوڙين جهڙا نفيس خواب. نيڻن مان ٻي ساخت، ٽمي پوندڙ لڙڪن جهڙا اجرا خواب. خاموشيءَ جي خلا ۾ پٽڪندڙ خواب. خواب مون ڪي منهنجي زندگي ۾ شاعريءَ ۾ ڀرپور جيئڻ جو ساهس ڏيندا آيا آهن ۽ ’ڪاٻي اک جو خواب‘ ته وري مون ڪي انتهائي پنهنجو ٿو لڳي، جنهن ڪي شايد ڪنهن جنم ۾ ڏسڻ جي لاءِ منهنجي نيڻن ٻه ڪو جوڳ ورتو هو. انڪري ٻه ان جي سچي بناوت روح ڪي رتورت ڪري ڇڏيندڙ رهڻ، ان جي هجڻ ۽ نه هجڻ جي وچ واري منجهيل، ريشمي پر پُر ڪشش ڪيفيت ڪي منور سراج وڏي فني مهارت سان سورن جي سڳي ۾ لفظ ٻه لفظ موتي ڪري، زندگي ۽ موت جي وچ واري پُل تي، اڪيلائين جي آسمان هيٺ يا پوڻ تي پٽڪندي اُٽي، ناول جي هڪ نڪور مالا سهيڙي آهي، جنهن جي هر موتيءَ جي جوتيءَ سان جيون جي اونداهي ۾ روشني ڦهلبي وڃي ٿي. نه روئي سگهندڙ ۽ نه بيان ڪري سگهندڙن لاءِ هي ناول هڪ اهڙو اڇوتو اظهار آهي جنهن جي پنل پنل خوشبوءِ ۾ ’ڪاٻي اک جو خواب‘ ڪڏهن ڪنهن خانه بدوشڻ جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته ڪڏهن ڪنهن جوڳيءَ جي جوڳ مان جاڳي پوي ٿو. ڪڏهن ريل جي بوگيءَ ۾ دريءَ وٽ ويٺل اڇي وڳي ۾ ڪنهن سندريءَ جي اکين مان، ته ڪڏهن مِينهن ۾ ڪنهن پراڻي قبرستان جي آلي ڪنڌ ۾ ڪوٽيل ننڍڙي قبر ٿو ٻڌجي پوي. ڪڏهن ۽ ڪٿي ٻه ڪجهه تي پوڻ جو امڪان تي پوي ٿو ڪڏهن ڪنهن معصوم ننڍڙي هٿ ۾ لِو جهڙي لِساڻ. ڪڏهن جهنگ ۾ ٻڪريون چاريندڙ ٻار جي وات تي پاري هٿ. ڪڏهن ماستر جي چماٽ جو پڙاڏو. ته ڪڏهن راڻو، سارنگ، ساگر، مومل، سومل جي چهرن ۾ تبديل ٿيندو رهي ٿو.

’ڪاڻي اک جو خواب‘ وڏي ادراڪ سان تخليق ڪيل هڪ شاندار ناول آهي، جنهن جي جهرڻن جهڙي صاف شفاف ٻولي، انوکيون تشبيهون، جماليات سان تار جملا ۽ ڪردارن جي موضوعي دنيا جي ڪيفيت ۽ خيالن سان ڀرپور هڪ جهڙائي هن ناول جي خصوصيت آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙي خوبصورت ناول جي آمد بر وقت ۽ تخليقي ناول جي ڪوٺ واري بيٺل ڍنڍ ۾ خوشگوار لهرن جو جنم آهي.

’ڪاڻي اک جو خواب‘ زندگيءَ جي مايوسين جي ڪُنن ۾ گهوماٽيون کائيندي، ٻڏندي، ترندي نيٺ اميدن جي شاهي دروازي تي پهچي ٿو، جنهن جي کلڻ سان هڪ نئين سفر جي سرمئي سُهائي ’ڪاڻي اک جو خواب‘ کي تازو توانو ڪري ڇڏي ٿي.

هي ناول ڪوڙ سارين ننڍڙين اڌپورين خواهشن مان جنم وٺندڙ ڪهاڻين کي پاڻ ۾ سانڍي گڏ ڪٽي هلي ٿو، جيئن نيري ۽ وشال ساگر ۾ پانت پانت جي مسافرن کي ڪٽي ويندڙ ٽائيٽينڪ يا وري ڪنهن فِش باڪس ۾ رنگبرنگي ننڍڙيون ۽ سهڻيون مڇيون.

هي ناول زندگيءَ جي رنگ ـ منچ تي هلندڙ اهڙو ڊرامو آهي جنهن جا ڏسندڙ خود ان جا ڪردار آهن. اهڙا ڪردار جيڪي سچ ٻڌڻ جو حوصلو رکن ٿا ۽ نه ٻه. ان ها ۽ نه واري ڪشمڪش ئي ليکڪ کي ’ڪاڻي اک جو خواب‘ ڏيکاريو آهي. جاڳ ۾ توڙي ننڊ ۾، ذهني دٻاءُ جي ڏٻڻ ۾ لهندي. ايئن لڳي ٿو ته ليکڪ جو سڄو وجود ڏٻڻ ۾ لهي چڪو آهي سواءِ ڪاڻي اک جي. ڪاڻي اک جيڪا ڏٻڻ کان ٻاهر رهجي وئي آهي؛ ڏٻڻ جي ڪناري تي، اهڙي ڪناري تي جتي ڪو ٻه ننڊ جو يا سڪون جو پکي نه رهيو آهي، رڳو چيرڦاڙ ڪندڙ چيتا ۽ بگهڙ آهن. اهڙا بگهڙ جن جا منهن سڙيل ۽ ڪارا آهن ۽ اهڙا چيلاٽا جيڪي چيتن جيئن چنگهاڙي رهيا آهن. ’ڪاڻي اک جو خواب‘ اصل ۾ ليکڪ جي ذاتي ۽ سندس نفسياتي دنيا جو اهڙو اولڙو آهي جنهن جا عڪس ڏارجي پوڻ جي ڏوهه ۾ ننڊپڻ کان وٺي جوانيءَ تائين اڪيلائين جي بن ۾ ڀٽڪندا رهيا آهن. ’ڪاڻي اک جو خواب‘ هڪ اهڙو ڪڙو سچ به آهي جيڪو شايد ٻين جي لاءِ تخليق ٿيو آهي. اهو سچ ڪڏهن به پنهنجي ذات جي ديوار ڇين نه ٿو اورانگهي سگهي، ڇاڪاڻ جو ان جي اڏار جي سطح مخصوص وسعتن ۾ پنهنجا پر پکيڙي سگهي ٿي. ’ڪاڻي اک جي خواب‘ جي حقيقت کي آرٽ جي نگاهه سان

ڏسندي اهو انڪشاف بہ ٿئي ٿو تہ، ”ڊرامي بازي ۽ نعريبازي هڪ ٺي سڪي جا بہ پاسا آهن. . . ۽ اهو سڪو ڪوٽو آهي ۽ ڪوٽو سڪو ٻار بہ نہ وٺندا آهن ها البتہ ڪوٽو سڪو انڌي فقير جي ڪشتي ۾ آسانيءَ سان اڇلائي سگھبو آهي.“

’ڪاٻي اک جي خواب‘ ۾ اهو احساس بہ شدت سان ڪرموڙي جاڳي ٿو پوي تہ، ”ڪالھہ ٺي انهن هن ديس جي اداس اکين ۾ رهندڙ خوابن جھڙي دراز قد شهزاديءَ کي مقتولن جي لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ماڻهو درد جي طويل ڪوما ۾ هليا ويا آهن. سندن اکين ۾ هڪ دفعو وري شام غريبان لهي آئي آهي. سج رت جي فرات ۾ ٻڏي ويو آهي.“

’ڪاٻي اک جو خواب‘ کي اهو سڀ ڪجھہ ايئن محسوس ٿو ٿئي جيئن پڳل پاسيريءَ وانگر هر وقت ڏڪندو ۽ ڏڪوئيندو رهڻ جو احساس. . . ڇا ڪو احساس جانبدار بہ ٿيندو آهي. جي ها تہ پوءِ اهو احساس نہ، بلڪ اهو ذهني هڪجھڙائيءَ جو رد عمل ٿي سگھي ٿو. پوءِ تہ ’ڪاٻي اک جو خواب‘ جي خيال ۾ اڪيلي سر آجپي جي بانسري وڄائيندڙ ۽ ان جي ڪڍ نعرن جي مچ تي مڙي آيل پروانا بہ ڊرامي باز آهن ۽ جيڪي اذيت گاهن، ديس جي روڊن رستن تي نعرن جي فطري سحر ۾ منڊجي مئا يا سرِ راهہ ساڙيا ويا، انهن سان پيش آيل هاڻوَ کي ڏاريندڙ الميا بہ ڊرامي بازي آهن؟ ڇا ڪو بہ ادب ۽ آرٽ سجاڳي جي علامت ناهي، اهڙي علامت جنهن ۾ ڪو سنيھہ هجي، ڪا معنيٰ هجي. جي ڪٿي ايئن فرض نہ بہ ڪجي پو تہ ادب ۽ آرٽ کي غير جانبدار ٿيڻو پوندو، پوءِ تہ ڌرتيءَ تي رهي غير جانبدار ادب ۽ آرٽ تخليق ڪري ٺي نہ ٿو سگھجي. ادب ۽ آرٽ سجاڳيءَ جي پيغام جي علامت ناهن؟ جيئن ڪو نعرو، جيئن ڪو ڊرامو، جيئن ڪو شعر، جيئن ڪو ناول، جيئن ڪا ڪهاڻي. . . ڇا رڳو ادب ۽ آرٽ اهو آهي تہ زميني حقيقتن کي ثانوي حيثيت ڏئي، ادب ۽ آرٽ جي آڙ ۾ پنهنجي پسند ۽ ناپسنديءَ جي اڏيءَ تي ويهي ڳيا ڳيا ڪجي، ڪا ڪاسائڪي ڪارِ ڪجي. پنهنجي پسند ۽ ناپسنديءَ کي ادب ۽ آرٽ جي نالي ۾ جانبداريءَ ۽ غير جانبداريءَ جو هڪ ٽڪسات اڏجي. هر اهو ادب ۽ آرٽ جنهن جون پاڙون پنهنجي ڌرتيءَ ۾ پختيون لٿل ناهن، اهو ادب ۽ آرٽ دائمي ۽ لازوال ڪڏهن بہ نہ ٿو بڻجي سگھجي. ڪنهن بہ ادب ۽ آرٽ کي ڪنهن بہ هڪ ذات يا طبقي جي تسڪين لاءِ مخصوص نہ بڻائجي پر ان کي ڪُل ڪائنات جي احساس ۾ سمائي ڇڏجي.

’ڪاپي اک جو خواب‘ ادب ۽ آرٽ جو ھڪ اھڙو نمونو آھي جيڪو فرد جي مايوسي، بي يقيني، ايذائن ۽ پيڙائن جو ڦھلجي ويل پڙاڏو آھي جيڪو سماعتن ۾ ’ايڪو‘ وانگر چيلاتن جي آواز جيان ڦھلجي وڃي ٿو، پولار ۾ پٽڪندو رھي ٿو. ھڪ اھڙي پٽڪنا جنھن ’ڪاپي اک جي خواب‘ کي ڌرتيءَ جي پاتال مان ڦٽي نڪتل درد عطا ڪيو آھي، جنھن کي منور سراج ادب ۽ آرٽ جي ڀٺيءَ ۾ پچائي ڪُندن ڪري ڇڏيو آھي.

’ڪاپي اک جو خواب‘ کي محسوس ڪندي ان جي درياھ جھڙي رواني روح کي ڪنھن ٽٽل ٻيڙيءَ جيان پاڻ سان گڏ ڪٽي ھلي ٿي. ان ھوائن جھڙي روانيءَ کي ستانَوي صفحي تي ھڪ شعوري رڪاوٽ متاثر ڪري وجھي ٿي:

“ھوءَ، جنھن کي چوٽين ٻِليءَ واري ڇوڪري سمجھي رھيو ھو، سا در اصل خودسريءَ جي سزا ڀوڳيندڙ اھڙي عورت ھئي، جنھن پنھنجي اکين مان ھڪ شاعر کي جلاوطن ڪري ڇڏيو ھو. شاعر جيڪو پنھنجا خوبصورت شعر پنھنجي نالي سان ڇپرائڻ بدران ھن جي نالي سان رسالن ۾ ڇپرائيندو ھو ۽ ھوءَ سھيلين ۾ شاعره بڻجي اوچي ڳاٽ سان ڪاليج جي ڪاريڊور ۾ ايئن ھلندي ھئي ڄڻ ڪا شھزادي ھجي.” . . .

’ڪاپي اک جو خواب‘ جي من موھيندڙ تسلسل ۾ مٿيون پيراگراف اصل ڪيفيتن واري جھان مان ڪٽيل ۽ پرتي محسوس ٿئي ٿو ۽ ناول جي نويڪلائيءَ ۾ ڪنھن اڻ وڻندڙ آواز وانگر پيھي اچي ٿو. “ھر ماڻھو پنھنجي عمل کان وڏيڪ رد عمل مان سڃاپجندو آھي.” چاڪاڻ جو ’ڪاپي اک جو خواب‘ بہ پنھنجن توڙي پراين، داخلي توڙي خارجي، ننڍين وڏن عملن جو ھڪ وڏو رد عمل آھي. جنھن ردعمل کي آرٽ جي ڀرپور عمل سان اٽيو ويو آھي.

’ڪاپي اک جو خواب‘ ڏسندڙ ماڻھو جو ساھ ھميشہ مٺ ۾ رھيو آھي ڇاڪاڻ جو ڪاري سڙيل منھن وارو ماڻھو ۽ چيلاتو ان کي پنھنجي پاڇي وانگر لڳن ٿا. سندس مخبري ڪندي ھو چوي ٿو تہ، “منھنجي رڳن ۾ اونداھي پرجي وئي آھي” چو تہ “نہ چاھيندي بہ ھر روز ھڪڙو صبح سندس شام ۾ گھڙي ٿي آيو ۽ سندس خاموشيءَ کي ٽوڙي ٽي ڇڏيائين.” ڪيس محسوس ٿي رھيو ھو تہ، “ھو زندگي جي جاڳري ٻير ۾ ڦاسي پيو ھو ۽ محسوس ڪرڻ لڳو ھو تہ زندگي ھڪ ناڪام تجربو آھي ۽ ھر اُميد ھڪ خوبصورت دوکو آھي.”، “شايد زندگيءَ کي سمجھڻ جي لاءِ ڪيسن جو پرپل ھجڻ ايترو ضروري ناھي جيترو ڪيسن جو

خالي هجڻ". "اصل ۾ هو پنهنجي ذات ۾ اڌ مهاڻو ۽ اڌ غير مهاڻو آهي، تنهنڪري سندس سيني ۾ نديءَ جي راز سان گڏ هڪڙو چنل چار به قاتل آهي ۽ اهو به ته سندس اکين ۾ هڪ شرارتي مڇيءَ جو ڏک ۽ هڪ لک گاريون به اٽڪيل آهن". چاڪاڻ جو "هن پنهنجي زندگي جو خوبصورت دور 'ڪاپي اک جي خواب' ۾ گذاريو آهي. " ۽ حقيقت ۾ ڪيس پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجي اجهي نه هجڻ وارو احساس به هن کي جهوريندو رهي ٿو ۽ ڪيس شهرن جي فطرت کان ڪٽجي وڃڻ واري غير فطري رَوش پڻ ڏکوئي ٿي ۽ پوءِ مون کي ياد ٿو اچي ته، "نديم جي ان جاءِ جو آڳنڌ ايڏو سوڙهو هو ۽ پاسن واريون پٽيون ايڏيون وڏيون هيون جو گرمين جي موسم ۾ اها جاءِ دوزخ بڻجي پوندي هئي. ان ۾ هوا جو جهوٽو به اندر اچي نه سگهندو هو ۽ ڏسڻ لاءِ آسمان جو مختصر چوڪور ٽڪرو ميسر هو، جنهن ۾ ڳڻڻ جيترا ستارا ڏسي سگهبا هئا، جنهن ۾ چنڊ فقط چند لمحن لاءِ ڏسڻ ۾ ايندو هو. " ۽ پو شايد سندس مطالعي جي حافظي مان ذهن تي اردوءَ جي بيباڪ شاعره سارا شگفته جا هي جملا به تري ايندا هئا، " يه دنيا دوڙني ڪي لئي تو بهت بڙي هي ليڪن رهني ڪي لئي بهت هي ڇوٽي"!

'ڪاپي اک جو خواب' اهڙن ڪوڙ سارن حسين ۽ با معنيٰ جملن ۽ تشبيهن سان جڙيو پيو آهي، جنهن جي مطالعي سان روح هوا کان هلڪوءِ دل پهاڙ کان به ڳوري ٿي وڃي ٿي ۽ اکيون ڪڪر ڪارونيارن جيان پرجي پرجي اچن ٿيون.

'ڪاپي اک جو خواب' مبهم ۽ الجهيل اسلوب ۾ رچيل هوندي به پنهنجي ذاتي آرٽسٽڪ ڳُڻن وسيلي ڏاڍو دلچسپ به لڳي ٿو. اها اضافي خصوصيت منور سراج جي ڪٿائي تپسيا جو نرالو نتيجو آهي.

29/03/2013

# درد جي سگريٽ جي دُکندڙ سُرمئي لاٽ

هي اُن وقت جي ڳالهہ آهي جڏهن مان خودڪشيءَ جوسوچي پاڻ کي هلڪوءِ رليڪس محسوس ڪرڻ لڳندوهُئس. ۽ ذري گهٽ مهينوسوا ڊپريشن جي شديد ۽ ڀيانڪ صورتحال ۾ پل پل جيئنديءِ مرندي گُذاريو هُيم. زندگيءَ ۾ اَچانڪ آيل اهڙي خطرناڪ دور، منهنجي زندگيءَ جي سموري رنگينيءَ کي بي رنگينيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيوهو. مُسلسل، لڳ ڀڳ ڏيڍ سال زندگيءَ کان ڪٽجي موت کي ويجهڙائي کان ڏسندورهيوهُئس. اُن وقت کان وٺي ٽن چئن سالن تائين مون ڊاڪٽرحيدر شاهہ جي ٽريٽمينٽ ۾ رهندي، اخبارن کان وٺي ادب تائين سِڏو دل ۽ دماغ تي اثر وجهندڙناول توڙي ڪهاڻيءَ يااهڙين ٻين ڳالهين کان سختيءَ سان منع هُئڻ جي ڪري، پري گُذاريو هُيم. ۽ پوءِ مون زندگيءَ ڏانهن واپس اچڻ ۽ ڀرپور جيئڻ لاءِ ڊاڪٽر جي اُنهن ڳالهين تي باقاعدي عمل ڪندي، ڪاڏي کان وڏيڪ دوائون ۽ پاڻي کان وڌ سيرپ پيئندي گُذاريوهو. پرجيئن تہ ڪتابن سان روحاني عشق هُئڻ جي ناتي مان پنهنجي مُطالعاتي عادت جي گِهري پياس کي شدت سان محسوس ڪندي ۽ اُن هٿان مجبور ٿي ڪري مون اُردو ادب جي ڪلاسيڪل ۽بانو قُدسيہ جي شاهڪار ناول "راجہ گِدِ" کي ڊڄندي ڊڄندي پڙهڻ جي شروعات ڪئي هُئي، ۽ اُن ناول کي مان تيزسيءَ ۾ گرم، گرم ڪافيءَ جي ڍُڪن جيان ٽاري ٽاري پيئندي پڙهيوهو. ۽پوءِ ڪوڙڏينهن تائين مان اُن ناول جي سحر ۾ پوڳيندي، جاڳندي اڪيلورستن تي ڀٽڪندي گُذاريوهو. ايئن فِڪشن جي مُطالعي کان ڊپريشن جي ڪري ڪٽيل سلسلي کي بحال ڪندي مون پرويزابڙي جوناول "تون هِڪ خواب آهين"، تڪشي شِوِشنڪر جوملاليم ناول "ساگر جي سَنتان"، ڪرشن چندر جو"ميري يادون ڪي چنار" ڪلاپرڪاش جو"وقت، وٿيون، وڇوٽيون"،

ايوان ترگنيف جو ”سحر هوني تڪ“، امرتا پريتم جو ”بند دروازو“ ۽ ٻيا ڪُجهہ ناول پنهنجي مُطالعي ۾ آندا. جن هِڪ حوالي سان تہ منهنجي حساسيت کي وڌيڪ شديد ڪري ڇڏيو تہ ٻئي پاسي مون پنهنجي وکري ويل اندر کي سهيڙجندي محسوس ڪيو. جنهن ڪري اُنهن پڙهيل ناولن ۾ موجود پيڙا، ڏُک، درد، منهنجي اندروني حالتن سان رلي ملي، هِڪ ٻئي ۾ پنهنجو عڪس پسڻ لڳا تہ منهنجي اندر ۾ تخليق ۽ اعتماد جي شڪتي ڪر موڙي جاڳي پئي هُئي. بلڪل اهڙي ساڳي ڪيفيت اُن ڪان اڳ طارق عالم ابڙي جي خوبصورت ناول ”رهجي ويل منظر“، مُستنصر حُسين تارڙ جي روح ۾ لهي ويندڙ ناولن، ”ٻهاءُ“ ۽ ”پيار ڪا پهلا شهر“ ڪئي هُئي. ”پيار ڪا پهلا شهر“ جي ”پاسڪل“ تہ مون کي ڪيتري ئي عرصي تائين هرڇهري ۾پنهنجي جُستجوءَ۾پتڪائيندي۽رُلائيندي رهي هُئي. ناول جي پُڄاڻيءَ۾پاسڪل جو، ٽرين ۾ويندڙسَنان پوئيان پليٽ فارم تي ڀڄندي، ڀڄندي ڪِري پَوڻ وارو وڇوڙي جو درد مان اڄ ڏينهن تائين وساري ناهيان سگهيو. اِهو ئي ڪارڻ هو جواڄ وري اُن درد نئين تازگيءَسان منهنجي بي چين روح کي ممتاز بُخاريءَ جي ناول ”ڪلاس فور جي محبوبا“ جي روپ ۾ پيڙائن جي پاتال ۾گهرائي سان لاهي ڇڏيو آهي. هِن ناول کي پڙهڻ ڪان پوءِ مون کي شدت سان محسوس ٿيو آهي تہ سنڌي ادب ۾ناول جي کوٽ واري دور ۾۽ گهڻي عرصي پُڄاڻان هي تخليقي ناول پنهنجي پوريءَ سگهہ سان بانسريءَ جي سُريلي ۽ پُرسوزسُرن جيئان روح جي پاتال ۾لهي ويندڙناول آهي. ”ڪلاس فور جي محبوبا“اُهو ناول آهي جنهن کي پڙهڻ ڪان پوءِ پڙهندڙ پُڄاڻيءَتائين پاڻ کي اُن ناول جي پاند ۾ٻڌل پائيندو. ۽ ڇاهيندو تہ اِهو ٻڌل پاند ڪاش ڪڏهن بہ نہ ڇُڙي. ڇاڪاڻ جوممتاز بُخاريءَ اِنتهائي اِدراڪ سان هِن ناول جي جوڙجڪ ڪندي اُن ۾ اهڙي تہ فني ترڪيب تخليق ڪئي آهي جو ناول هِڪ من موهيندڙسِتاءُ ۽ سياءُ سان پڙهندڙ جي وجود کي خوشبودار ولين جيئن ويڙهي وڃي ٿو. ۽ ناول جي اهم ڪردار شبانہ عرف شبنم يا شَبو تخليقي اُڻت واري تاجي پيٽي مان تصورجي روپ ۾ نڪري دل، دماغ ۽ حواسن تي ڇانئجي وڃي ٿي تہ هِڪ جُستجوءَ جي بي چيني، دل جي اسٽيشن تي پتڪڻ شروع ڪري ٿي. هي ناول پنهنجي جوهر ۾پڇي ڪُندن ٿي نڪتل اُهو ڪمال آهي جيڪو ممتازبُخاريءَ جي قلم مان نروارٿيوآهي.

ناول، پنهنجي پهرين حصي کان پُڄاڻيءَ تائين، پنهنجي تسلسل ۾ وڏي فنائتي اُڻت سان سُلجهايو ويو آهي. سماج ۾ عورت جي اهميت ۽ اُن سان پيش ايندڙ حالتن جو اهڙو دلڪش انداز هِن ناول جي جان آهي. هي ناول پڙهندي اوهان کي شيام بينگال جي ڪنهن آرٽ مووي جو گُمان ٿيندو. اهڙي آرٽ مووي جيڪا ڏسڻ کان پوءِ توهان جو ذهن اُن مووي واري ماحول ۾ رهڻ جي شدت سان ڪلپنا ڪرڻ لڳي. يا اُن جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪردار سان توهان کي بي اِنتها مُحبت ٿي وڃي، ۽ توهان زندگيءَ جي پيانڪ حقيقتن ۾ اُن کي ڳوليندا رهجي وڃو. سچ تہ هي ناول "ڪلاس فور جي محبوبا" (جيڪا اصل ۾ لوڪو شيڊ جي علائقي ۾ ڪلاس فور جي ملازمن ۽ اُنهن جي اولاد جي محبوبا آهي) سنڌي ادب جي اهڙن دلڪش ناولن ۾ شُمار ڪرڻ جهڙو آهي، جيڪي پنهنجي انفراديت جي بنياد تي ڪاميابي ماڻي چُڪا آهن. بلڪ مان تہ ايئن چوندس تہ هي ناول سنڌي ادب ۾ پنهنجو جائز مقام ضرور ماڻيندو. هِن ناول جي ڪهاڻي هِڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي جيڪا شروع کان وٺي اڄ تائين مرد سماج ۾ نااِنصافين جو شِڪار پئي ٿيندي آئي آهي. مرد جي جسماني تسڪين کان ويندي مرد جي زندگيءَ جي بيِن ضرورتن تائين عورت هميشہ استعمال پئي ٿيندي رهي آهي. هِن ڪهاڻيءَ جي ٽرين جڏهن ناول جي پليٽفارم تي پُهچي ٿي تہ ڪيترائي احساسن، خيالن، خوابن ۽ ڪيفيتن جا مُسافر، زندگيءَ جي اسٽيشن تي ٽِڪڻ لڳن ٿا. ۽ ريلوي جي دنيا ۽ زندگي پنهنجي اصل شڪل ۽ صورت سان نروار ٿي پوي ٿي. بقول ممتاز بُخاريءَ جي تہ "دُنيا ڪيڏي نہ بدلجي رهي آهي پر احساسن ۽ ڪيفيتن جا رنگ ڪڏهن بہ بدليا ناهن، پر اُنهن سان اربين انسان رنگبا رهيا آهن. "سو هي ناول بہ پاڻ ۾ احساسن ۽ ڪيفيتن جا ڪيترائي رنگ ڪٺي ادب جي دنيا ۾ حساس دلين جي درن تي هِڪ پياري پياري دستڪ آهي. اهڙي دستڪ، جيڪا ڪنهن ٽِڪي ويل مُسافر کي ڏسُ ڏئي ڏڳ لائي سگهي ٿي. اُن ڪري جنهن بہ هي ناول پڙهندي پنهنجي دل جي اندرين ڪُنڊي کولي ڇڏي تہ اُهو هِن ناول جي ست رنگي برساتن ۾ رنگجي ڪُندن ٿي ويندو ۽ جنهن پنهنجي دل جي اندرين ڪُنڊي نہ کولي تہ اُهو زندگيءَ جي هِن پُروقار ڪيفيت کان لاتعلق ئي رهجي ويندو. مون هن ناول "ڪلاس فور جي محبوبا" جي دنيا کي روح سان محسوس ڪري اندر ۾

ڄمي ويل دنياوي گرد ۽ غُبار کي صاف ڪندي ڏيکاريندي پانيو آهي. اڪين لاءِ نون خوابن جو هڪ درد ناڪ پيچرو پاتو آهي جنهن تي هلندي هڪ عجيب ۽ غريب احساسن جي پاڪرن ۾ پاڻ کي پاتو اٿم. هن ناول جي خصوصيت بظاهر هڪ عام عورت جي ڪهاڻيءَ کي ممتاز ٻُخاريءَ ناول جي وسيع ڪينواس تي آڻي جيڪا آرٽسٽڪ اپروچ ذريعي اُٽت ڪئي آهي اُهامطالعي، مُشاهدي ۽ مشق جي طويل تپسيا جي ساک ڏئي ٿي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪنهن لکڻيءَ جو مُقدر بڻبي آهي. هِن ناول جو مُنڍ، وِچ ۽ پُڄاڻي وڏي خوش اسلوب انداز سان سنڌوءَ جي تيز ترين وهڪري وانگر پاڻ سان گڏ لوڙهي وڃي ٿي. پر اُن جي ٻُڏڻ ۽ ترڻ جو لُطف ئي نرالو آهي. جنهن ۾ زندگيءَ سان عشق ۽ موت ڪان بي ڊپائي جو احساس ترهو بڻجي پوي ٿو. اهڙي طرح "ڪلاس فور جي محبوبا"جي ڪهاڻيءَ جي شُروعات هِنن تشبيهاتي جُملن سان ڪُجهه هِن ريت ٿئي ٿي ته، "جيئن ئي ترين جو آواز هُن جي ڪنن تائين پُهتو، هُن جوبدن پنڙيءَ وانگر تاڻجي ويو ۽ هُوءَ ڪنهن ڳري بار هيٺان اچڻ لاءِ تيزيءَ سان هِڪ اهڙي ڪمري مان نڪتي، جيڪو سُڏڪن ۽ ساهن سان ايئن ڀريل هو جيئن ٻه سان سَٽيل مال گاڏي جي ڪا بوگي سالن کان اسٽيشن جي يارڊ ۾ بي واهر بند بيٺل هُجي. "ايئن هي ناول ريلوي جي دنيا ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل حوالن، تشبيهن، تمثيلن، منظرنگارين سان سينگاريو پيو آهي. آرٽسٽڪ انداز جي ڪري سيئي منظر توڙي ڪردار پنهنجن عملن ۽ چهرن سميت لفظن مان سمنڊ جي لهرن جيئن اُڀري اُڀري اچن ٿا. جنهن ڪري ناول جي دنيا ۽ زندگي ڪتاب جي پنن تي لفظن جي صورت ۾ ترتيب وارسهيڙي پئي آهي. ناول جي زندگيءَ سان نهڪندڙ ٻولي توڙي ڪردارن جي ڇُرپُر، اُنهن جو هڪٻئي سان مُخاطب ٿيڻ، گُفتگو دوران ڀرپور، نهڪندڙ مقصد ڀريا ڊائيلاگ هِن ناول جي خاص خُوبي آهن. جن جي ڪري هن ناول کي پڙهڻ وارو دلچسپ احساس، دلرُبا بڻجي پوي ٿو. ۽ ذهن ڪردارن جي ڪيفيتن ۾ ڪڪورجي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت"ڪلاس فور جي محبوبا"ڪهاڻيءَ ۾ لوڪو شيڊ جي ننڍڙي پرحقيقي دنيا ۾ رهندڙ شبانه سندس ماءُ ذڪيه، پيءُ رحيم داد، پاڙيسري جميل ۽ سندس پيءُ ڪريم بخش، گُلزار عرف گُلو فياض، شبانه جي سهيلي سُنبل ۽ سندس ماءُ رفعت، پاءُ سليمان، ٻيا پاڙيسري سُهيل، عرفان، غفار، گُل محمد ڪير

وارو، سعيد احمد، بلالءِ ٻيا ڪردارهِن ناول جي ڪيئنواس۾ ساهه کڻندا محسوس ٿين ٿا. سماجي ڪاروهنوار ڪان ويندي رومانس جي سچن رنگن تائين هي ناول پنهنجي جوهر ۾ ڪيتريون ئي انڊلٺون پاڻ ۾ سمائي ٿو. هي ناول پڙهندي صفحي نمبرستانوي تي پُهچي ڪري مان پنهنجي اندر۾ هِڪ دفعو وري درد جي اُن لهر کي روح ۾ محسوس ڪريان ٿو، جيڪا گهڻو وقت اڳ مون اُردوجي ناول پيار ڪا پهلا شهر، تون هِڪ خواب آهين، رهجي ويل منظر، راجه گِڌِ، پڙهندي محسوس ڪئي هُئي. اِها ئي ليکڪ جي ڪاميابي هوندي آهي ته هُوجيڪو ڪُجهه محسوس ڪرائڻ چاهي، جيڪو ڪجه ڏيکارڻ گُهري، ۽ جيڪو ڪُجه چوڻ گهُري اُهو هوسُهڻي طريقي سان بيان ڪري روحن جي تارن کي ڇيڙي ڇڏي ته اُن کان وڏيڪ ٻيو ليکڪ جو کهڙو تخليقي ڪمال ٿيندو؟هي ناول ، سنڌي ادب ۾ اڄوڪي ناول جي اَڻ هوند واري دور ۾ هڪ وڏيءَشاندار وِٿَ آهي. هِن ناول جي خوبصورتيءَ جون ڪُجهه جَهلڪيون هِن ريت آهن ته، "هُن فيصلو ڪري ڇڏيو ته ٻا ٻه ٽئي پنهنجي مُڙس جي ضرورتن جي لاءِ پنهنجي جسم کي ريلوي جي پٽڙين جيان بڻجڻ نه ڏيندي، جنهن تي سڄوڏينهن پيون ٽرينون گُذرن. "، "ذڪيا جي ڇپن تي ايئن مُرڪ تَري آئي هُئي جڻ ڪنهن ٻار ڪاغذ جي ترندڙ ٻيڙيءَ مٿان ڪواَڇو گُل رکي ڇڏيو هُجي. "، "ريل جي تيز هوا مِٽيءَ جي خوشبو کي جڻ ڪوٺي هوا ۾ڦهلائي هلي ويندي هُئي. "، جميل، پوءِ تون مون سان ڇو نه ٿو شادي ڪرين؟"شبانه ايئن تڪڙ ۾ چيو، جيئن ڪو برسات ۾ پٽڙ ۾ پيل سامان اندر رکندو هُجي، يا"من ۾ مانو درد، ڇپن تي مُسڪراهٽ، اکين۾ بنا سُرمي جي سُرمو، وارهوائن جي ڪيچلن لاءِ کُليل، چال ۾ بي پرواهيءَسڄي پاڙي لاءِ شبانه گُلن ڦُلن وارو نئون ميويدار وڻ بڻجي وئي. جميل جي وڃڻ کان پوءِ هُن لاءِ ريل جي پٽڙين وٽ ويهڻ جا ٻه سبب بڻجي ويا. هِڪ ماءُ جو انتظار، ٻيو جميل لاءِ اوسيئڙو، جيڪو شايد اوسيئڙو هُيو به ۽ نه به هُيو. "، "هيڪلائي اهڙي ماءُ آهي جيڪا هڪ ئي وقت مُختلف خيالن کي ڄڻيندي رهي ٿي. "اهڙيءَ طرح سان هِن ناول جي ڪجراري ڪهاڻي لوڪو شيڊ جي علائقي ۾ جنم وٺي، جوان ٿي ۽ پوءِ جواني جي سرحد اورانگهي ريل جي ٻن پٽڙين جو ڪاج بڻجي وڃي ٿي. ممتاز بُخاريءَ جي سحر بيانيءَهِن ناول "ڪلاس فورجي محبوبا"کي ڏاڍو دل

آويزبنائي ڇڏيو آهي. هِن ناول جي اَنت ۾ شَبو جي خودڪشي جڙ تہ مُنهنجي تخيل جي سرزمين تي اَچانڪ لهي آيل اَپسرا جي خودڪشي بڻجي پئي ٿي. هن ناول جو اهم ڪردار شَبوجو تصور، منهنجي لاءِ محبوبا جي خيال جيان مُنهنجي روح جي آٿت بڻجي پوي ٿو. ڪاش! شَبو پنهنجو اَنت نہ آڻي ها تہ مان اُن تصوراتي ڇهري ڪي"پيار ڪا پهلا شهر"جي پاسڪل جيان ڳوليندي سندس جُستجوءَ ۾ گُم سُم رهان ها. مون ڪي الائي ڇوايئن لڳي رهيو آهي تہ شَبو اجا جيئڻ چاهيو پئي پر هن ظالم زماني اُن ڪي اَنت جي آخري سرحد تي پُهچائي ڇڏيو. ۽ مُنهنجي تصور جي زخمي هٿيليءَ تي ڏيئي جيان ٻرندڙ شَبو جو ڇهرواڪين ۾ پرجي آيل ڳوڙهن جي ڪري ڏُنڌالائجي گُم پيو ٿيندو وڃي. مُنهنجي دل درد جي ڪيفيتن ۾ ڪڪورجي، درد جو پهاڙ بڻجي پئي آهي. الائي ڇو مون ڪي شدت سان محسوس ٿي رهيوآهي تہ هاڻ مان شايدشَبو کان ڌار ٿي، اڪيلو ڪونہ رهي سگهندُس.

7.11.2013

# ڏرتيءَجي اُونداهيءَ ۾ دفن ٿي ويل روشن ڏيئو!

"ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" مليل مسودو، سنڌي ادب جي فڪشن ۾، پنهنجي تخليقي اهميت ۽ افاديت جي اعتبار کان پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. اُهومسودو ماڻڪ جي آنڌل پنهنجي اَنت جي اِسرارن ۾ڪنهن ڳُجهارت جي پَڇڙيءَ جيان ماڻڪ جي ئي تخليقڪار هٿن سان بند ڪيل بريف ڪيس ۾ سالن کان عيان ٿيڻ جي لاءِ مُنتظر هُيو. اُن بريف ڪيس جي مالڪ جي قلم جوهڪ اهڙو ڀرپور تخليقي آواز، جنهن سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي، ناول توڙي ناٽڪ ۾ هڪ بلڪل ئي مُختلف انداز جي تبديلي آڻي، نين روايتن ۽ لاڙن کي متعارف ڪرايو. ماڻڪ چواڻي "ادب کي جنسياتي، نفسياتي، سماجي وغيره جي ورڇ جو مان قائل نہ آهيان. ادب انساني زندگي، لاڳاپيل دورِ تاريخي وهڪ اندر انساني ناتن جو اظهار آهي. اسان وٽ انسان جا جنسي، نفسياتي ناتا جيئن تہ گهُٽيل رهيا آهن، اُن ڪري پيچيده شڪل اختيار ڪري ويا آهن. سنڌي ادب ۾ اُنهن پيچيده ناتن کي ڪهاڻين جي روپ ۾ جيتوڻيڪ نسبتي طور گهٽ اُپٽاريو ويو آهي، اُن هوندي بہ مان اُن کي هڪ مُثبت ۽ هڪ همت واري وِک ڪوٺي سگهان ٿو." ماڻڪ جي اهڙي وسيع ۽ سگهاري سوچ ۽ ويچار جي پس منظر ۾ تخليقي شعور، تاريخي اِدراڪ، زمان ۽ مڪان تي گهري نگاهہ يا جديد ۽ ڪلاسيڪل، ڏيهي توڙي پرڏيهي مُطالعي ۽ مُشاهدي جي پروڙ ۽ اُن مان پيدا ٿيل بي ڊپائي، سچ چئي ڏيڻ واري سگهہ مُنير احمد/مُنير سنڌي مان ماڻڪ جهڙي اصول پرست، رک رکاءُ کان ڪوهين دور ليکڪ کي جنميو. "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" ڪتاب جي ٽائيٽل تي لکيل (اَڻ ڇپيل ناوليٽ "پڇتاءُ" سميت) جو سِرو ڏاڍو تجسس آميز لڳو. ۽ هڪ قسم جي خوشي پڻ ٿي تہ لڳ ڀڳ ٻٽيهہ سالن کان بند پيل يا وقت ۽ حالتن جي هٿن ۾ يرغمال بڻيل هڪ پُراڻو بريف ڪيس، نيٺ سچ

سامهون ٿيو. ۽ اُن مان هڪ ناوليٽ(جيڪا هڪ طويل ڪهاڻي آهي) "پڇتاءُ"، خط، ڊرامائي فيچر "تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا"، ڪهاڻيون ۽ هڪ تنقيدي مضمون دريافت ٿي سگهيا. جيتري قدر اداري ۽ سهيڙيندڙ جي داوا آهي ته ناوليٽ "پَڇتاءُ" اَڻ ڇپيل ۽ اهو ناوليٽ آهي. ته ان لاءِ هڪ نماڻو عرض ته اهو ساڳيو ناوليٽ "سنگت" چونڊ ڪهاڻيون(1)، 1982ع، سنڌي ادب اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، سهيڙيندڙ شميم خالد ۽ خالد سنڌي پاران ڇپجي چُڪو آهي. جنهن جي بيئڪ ٽائيٽل تي سنگت پاران لکيو ويو آهي، ته "هِن ڀيري پنهنجي عظيم ليکڪ ياءُ مُنير احمد "ماڻڪ" جي تصوير سان گڏ سندس طويل ڪهاڻي "پَڇتاءُ" ڏيئي رهيا آهيون. "جنهن ۾ ٽن ڪهاڻيڪارن جون ٽي ڪهاڻيون(1) هري همٿاڻي جي "پگهريل هٿ"(2) ماڻڪ جي "پَڇتاءُ" ۽ (3) غلام نبي سومروجي "هڪ وڻ جي ڳولا" ڏنل آهن. ساڳي طرح سان "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" مليل ٻه عدد ڪهاڻيون هڪ "بنا عنوان" ۽ ٻي "سونهان اَڻ سونهان" پڻ ماڻڪ جي ڪهاڻي ڪتاب "ڇهه اَنام ڪهاڻيون" سنڌ فورم پبليڪيشن شڪارپور پاران 1981ع ۾ ڇپجي چُڪيون آهن. بعد ۾ اُهي ساڳيون ڪهاڻيون ماڻڪ جي الڳ ڇپيل ڪهاڻين جي ڪتاب "حويليءَ جا راز" ۾ هڪ "حيقيت ۽ دوکو" جي عنوان سان ڇپيل آهي. جيڪا "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" صفحي 82 تي "بنا عنوان" ڇپي آهي. ۽ ٻي ڪهاڻي "حويليءَ جا راز" ۾ "ٻي اَنام ڪهاڻي" جي عنوان سان ڇپيل آهي، جيڪا پڻ "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" ڪتاب ۾ "سُونهان اَڻ سُونهان" جي عنوان سا ڇپي آهي. باقي "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" ٻيو جيڪو مواد مليو آهي اُهو منهنجي علم مُطابق، مون لاءِ نئون آهي. هڪ اهم ڳالهه ته هي سيئي ڳالهيون مان صرف رڪارڊ جي دُرستگيءَ لاءِ هت تحرير ڪري رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته ماڻڪ جي لکڻين جو تفصيل پڙهندڙ وٽ واضع هُجڻ گهُرجي. مثلن جيئن/شايد 1973ع جي ڏهاڪي ۾ (شايد، اُن ڪري ٿو لکان جو ڪتاب تي سال لکيل ئي ناهي. باقي لائبريري جي لڳل اسٽيمپ تي لکيل تاريخ جي آڌار تي) ماڻڪ جي ڪتاب "حويليءَ جا راز" جنهن ۾ اُن ڪتاب جي پهرين صفحي تي لکيل آهي، "مُنير احمد جو ناوليٽ "ڌرتيءَ جا سپُوت" جلد پڌرو ٿي رهيو آهي. "اُن ساڳي ڪتاب جي اداري پاران لکيل آهي، "هن ڪتابڇي ۾ سنڌ جي نوجوان ڪهاڻيڪار مُنير احمد جون ٽي ڪهاڻيون پيش ڪيون ويون آهن. پهرين ڪهاڻي "نانگ" جا

ساڻيهه پبليڪيشن جي ڪتاب نمبر چوٿين ۾ ڇپي هُئي، سا دراصل مُنير جي ناولٽ"ڌرتيءَ جا سپُوت" جو هڪ باب آهي. ٻي ڪهاڻي "شاهه لطيف ڊفينس آف پاڪستان رولز هيٺ" ماهوار رسالي روح رهاڻ جي ڊسمبر 1967ع واري پرچي ۾، "شاهه لطيف، هٽڪڙيون ۽ رسا" جي عنوان سان ۽ ٽين ڪهاڻي "حويليءَ جا راز"سُهڻي پبليڪيشن جي ڪتاب "ڪڙندا ڪنٽهار"۾ ڇپيل آهي. "اهڙيءَ طرح سان ماڻڪ جي ڪهاڻين جي ڪتاب "حويليءَ جا راز"۾(ٻيون ڪهاڻيون) سال 1983ع ، ڇاپو پهريون، مُرڪ پبليڪيشن، حيدر آباد جي آخري صفحي تي ماڻڪ جي آيل۽ايندڙ ڪتابن جي لسٽ هِن ريت ڏنل آهي. "ماڻڪ جا اڳ ڇپيل ڪتاب، لُڙهندڙ نسل(ناول)رُڃ ۽ پڙاڏا(ناول) پاتال ۾ بغاوت(ڪهاڻي) ڇهه آنام ڪهاڻيون(ڪهاڻيون)، مُرڪ پبلشرز جا ايندڙ ڪتاب، "ماڻڪ جا ناٽڪ". تنهن ڪان سواءِ جاڳرتا پبليڪيشن_5، سيپٽمبر 1978ع جي ڪتاب ۾ ماڻڪ جي هڪ ڪهاڻي "ڪوس گهر"ڇپيل آهي جيڪا پڻ ماڻڪ جي مشهور ناول "ساهه مُٺ ۾" جي حصي "امن امان" جي ڪهاڻي يا حصو آهي. يا "نئين ٿهي"پبليڪيشن جي ناٽڪ پهرين، سيپٽمبر 1984ع جي ارپنا هن ريت ٿيل آهي تہ "سنڌي ٻوليءَ جي مهان ليکڪ ۽ بيباڪ ناٽڪ نويس"ماڻڪ"جي نانءَ"۽ اُن جي بلڪل هيٺ لکيل آهي تہ "ماڻڪ جي ڇپيل/اَڻ ڇپيل اسٽيج ۽ ٽي وي ناٽڪن جي ڳُٽڪي "ماڻڪ جا ناٽڪ"ڇپرائڻ جي پڌرائي آگم پبليڪيشن ايجنسي حيدرآباد پاران اڳ ئي ٿي چُڪي آهي، اُن سلسلي ۾ ماڻڪ جي لکيل ناٽڪن جي ووڙ جنهن بہ سڄڻ کي هُجي تہ اهواداري ڪي ڏياري موڪلي. ٽي وي پروڊيوسر سائين هارون رند کي بيهر گذارش آهي تہ هُو تڪليف ڪري ماڻڪ جا وٽس پيل ناٽڪ ڳولي هٿ ڪري ڏئي تہ جيئن اُهي بہ اُن ڳُٽڪي ۾ شامل ٿي سگهن. "اهڙي طرح سان"ٽڪڙ پبليڪيشن پاران، مُئل ماٺهو_جيئري پيتا(ماڻڪ ڪي پيتا)سهيڙيندڙ:سحر امداد/امداد حُسيني واري ڪتاب ۾ امداد حُسيني بہ اکر لکي ٿو تہ. "ماڻڪ اُن ٿهيءَ مان هو، جيڪا پاڻ کان سينيئر ۽ جونيئر جي ٻن پُڙن ۾ پيسجي رهي هئي/آهي. سينيئر پنهنجي لکڻين ۾ وڏيرن کي لوئي پاڻ ادبي وڏيرا بڻجي ويا. ۽ جونيئر شارٽ ڪٽس جي ڳولا ۾ رهيا، ايئن ادبي محاذ تي قومي ايڪي واري اعليٰ مقصد کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ون يونٽ کان پوءِ واري ماناري ۾، جن ليکڪن بيٺل پاڻيءَ ۾پٿر اُڇلي، تجربي جو ساهس ڪيو۽ادبي ٺيڪيدارن جي مُخالفت

ڪئي، اُنهن ڪي ڪچيون گاريون ڏئي، جُڙتو حالتن جي ڪنڌ_تار لوڙهي ۾ واڙيو ويو،انصاب مان ڪين ٻاهر رکيو ويو،ادارن جا دروازا تہ اڳ ئي مٿن بند هئا،پر نجي سطع تي بہ هُو“ادبي واڳن”جي ور چڙهي ويا،اِن اُگري صورتحال جو ماڻڪ وڏيڪ شڪار رهيو. شايد اُن ڪري ئي ماڻڪ پاڻ اربي، ڪلا سان سچو رهي ٻولي/ساهت/جاتيءَ ۽ پوري انسانذات لاءِ شاندار اُتساهيندڙ ڪردار رهيو. ”اهڙي ارڏي ۽ بي ڊپي ليکڪ جون تحريرون سنڌي ادب جي جهول ۾ املهہ ماڻڪن کان گهٽ ناهن. اُن ڪري ماڻڪ جي حوالي سان يا سندس ڇپيل مواد هاڻ تقريبن ڇپجي ڪتابن ۾ اچي چُڪو آهي. يا جيڪو ماڻڪ جو مواد اجا بہ پسِ پرده آهي تہ اُن کي بہ هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇپرائجي تہ جيئن سنڌ جي هِن مُنفرد ۽ ناياب ليکڪ تي باقاعدگيءَ سان ڪم ٿي سگهي. ماڻڪ جون لکڻيون سنڌي سماج جون چٽيون عڪاس آهن. هي پنهنجي ڌرتي ۽ مِٽيءَ جي مُحبت جي شعور سان سرشارليکڪ وسيع سوچ رکندڙانتهائي حساس دل ڪهاڻيڪارپنهنجي اظهار ۾ بنا رک رکاءُ جي سڌو سنئون سچ لکندڙ ليکڪ هُئڻ سان گڏ ڳُوڙهو ۽ باريڪ بين ليکڪ آهي. سندس تحريرن ۾ ٻولي، منظرنگاري، ڪردار نگاري، علامت نگاري، پلاٽ، اُٽت، ڊائلاگ، موضوع، اندازِبيان، سيبتو سِٽاءُ حيرت انگيز نموني سان پنهنجي سحر ۾ پڙهندڙ کي جڪڙي ڇڏي ٿو. ماڻڪ جي ڪهاڻين جا جملا ايترا تہ پُختا، ٺُڪ ۽ پچي بيهن ٿا جومفهوم ۽ معنيٰ پنهنجي اصل رنگ ۾ اُجاگر ٿيومُتاثر ڪيو ڇڏين. “ماڻڪ جي بريف ڪيس مان”مليل مواد بريف ڪيس جي ڪاڻ مان مليل اُهو هيرو آهي، جنهن جي چمڪ ۽ روشني اج بہ اچي اُجري ۽ روح ۾ لهي ويندڙ آهي. “ماڻڪ جي بريف ڪيس مان”مليل ناوليٽ يا طويل ڪهاڻي “پَڇتاءُ”ماڻڪ جي جادوگرانہ اندازِ بيان جو هڪ بي مثال حوالو چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ڪيئن نہ سموري ڪهاڻي واري ڳالهہ يا قصي کي هُواعليٰ اُٽت جي پيرائي ۾ آڻي پنهنجي فن جي عظيم رنگ ۾ رنگي ڇڏي ٿو. سچ تہ مان هي ڪهاڻي پڙهندي عجيب ڪيفيتن جي موسمن مان گُذريو آهيان. ۽ اصل زندگيءَ جي جَهنجهٽ واري ماحول کان ڪُجه وقت لاءِ آزاد ٿي جسم ۾ روح کي محسوس ڪري سگهيو آهيان. چاڪاڻ جو ماڻڪ جي لکڻين کي پڙهڻ لاءِ اوهان کي پنهنجي روح ۽ شعور جي ڳڙڪين کي ضرور کولڻو پوندو. ماڻڪ هن ڪهاڻيءَ جي سِٽاءُ کي پنهنجين بين تحريرن جيان وڏي هُنر منديءَ سان ۽ مُڪمل سُجاڳي سان لفظ لفظ ڪري جَڙيو آهي.

جوڪٿي بہ اُن جو روح نٿو رهڙجي. ۽ اُن جي حُسناڪي ٻين سينې مسئلن ۾ مامرن سان گڏجي هڪ شاهڪار تخليق ڪي وجود ۾ آڻي ٿي. "پَڇتاءُ" ڪهاڻي جي اُٽت مَها ڪمال سا ڪئي وئي آهي. هِن ڪهاڻي ۾اصل ڪردار جو ٻين ڪردارن سان مُخاطب ٿيڻ وارو اندازماڻڪ جي تخليقي سُجاڻپ ظاهر ڪري ٿو. 41. صفحن تي ڦهليل هي ناوليٽ/طويل ڪهاڻي پاڻ ۾ڪوڙ سارين ننڍڙين ننڍڙين ڪهاڻين جو حسين تسلسل ڪٺي هلي ٿي. هي ڪهاڻي پنهنجي شروعات ڪان وٺي پُڄاڻيءَ تائين جي سفر ۾ پڙهندڙکي آڱر ڪان وٺي هلي ٿي. ۽ پڙهندڙڪنهن معصوم ٻار وانگر اڪرن جي رستن تي پنهنجي ذهن ڪي ڊوڙائيندو تجسُس نُما خُمارن ۾وڃي ٿو تصور جي دنيا ۾ گُم ٿيندو. هن ڪهاڻي ۾ سماجي حقيقت پسنديءَ جي روپ ڪي تخيل جي تاجي پيٽي ۾آڻي ماڻڪ ڪهاڻي ۾هڪ اهڙي صورتحال ڪي فوڪس ڪيو آهي جيڪا هن ڌرتيءَ تي ئي جنمي آهي نڪي خلائن ۾. "پڇتاءُ"ڪهاڻيءَ جو مُنڍ, وِچ توڙي پُڄاڻي جو آرٽسٽڪ ڳانڍاپو وڏي چابڪدستيءَ سان اُپري اچي ٿو. "پَڇتاءُ" جون ڪُجھ سون سريکن سِٽن جي سُرهاڻ. . . "انسان ڪي پنهنجي باري ۾بهرحال ايماندار هئڻ گُهرجي. اِها ٻي ڳالھ آهي تہ پنهنجو پاڻ سان بہ ايماندار رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. . . . ڳڻتين ۽ امڪاني انديشن سچي تنتي سرشتي ڪي اَرڙ بلا وانگر جڪڙي ڇڏيو هو. . . . . .

مون ڪنهن ڪتاب ۾پڙهيو هو تہ عورت پنهنجي ڄمار گهڻ ۽ مرد آمدني وڌائي ٻُڌائيندو آهي. نيٺ مان بہ تہ انسان آهيان نہ خير. . . . . . جيل ۾سڀ ڪُجھ ملي سگهي ٿو. ايمانداري ڏيکاريندي هيءُ چيو وڃي ٿو تہ عورت ڪانسواءِ هتي سڀ ڪُجھ ملي ٿو. سو غلط آهي, عورت سان بہ ملي سگهو ٿا. سائين!اسلامي مُملڪت آهي. هتي هر شيءِ اسلامي آهي. اسلامي شريعت, اسلامي سياست, اسلامي اقتصاديات, اسلامي نظام, اسلامي ڪرتوت ۽ سڀ ڪُجھ اسلامي!. . . . . . . خير اڪيلائي سوچ ڏنم. سوچ پنهنجي وجود جو احساس. تہ مان بہ آهيان. موجود. ۽ اُهو مان آهيان. اُنهيءَپاڻ _ آگاهيءَ سوال ڏنم. پنهنجي هستيءَ سان لاڳاپو رکندڙ. . . . . . سچيءَ دل سان مون مرڻ تہ نٿي چاهيو. انسان جي جيئري رهڻ جي ڪمزوري بہ ڪيڏا نہ روپ ٿي ڏاري!شوپنهار سچ چيو آهي;زنده رهڻ جي آس, ارادي جو ٻيو نالو آهي ۽ سدائين حاوي. . . (مون ڪي پورو ياد ناهي). . . . . پنهنجي آزاديءَ تان هٿ ڪڻڻ نہ رڳو ڏاهپ ڪانہ آهي پر انساني ڏاهپ, خودداريءَ ۽ خود پنهنجي ذات خلاف هڪ ڏوھ آهي. . . . . . . منهنجو تجربو آهي تہ, ڪتاب

اڪيلائيءَ جي گھڙين ۾نهايت دلفريب اثرائتي انداز ۾ اُنهيءَ احساس کي ظاهري تہ متائين ٿا. پرپوءِ بعد ۾، ساڳئي بي معنائيءَ جي احساس کي وڏيڪ خطرناڪ حد تائين، يا ايئن چئجي تہ منطقي انداز ۾اُڀارين ٿا....... البتہ هيءَ ضرور چوندس تہ زندگيءَ جي اسٽيج تي هر انسان جو ڪو سرگرم رول هئڻ گُهرجي. بجاءِ اوپري تماشو ڏسندڙجي....... هر جاندار وانگر بابي کي بہ مرڻو هو. سو هومري ويو. جڏهن مان يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي جي آخري سال ۾هوس. اُنهن ڏينهن ۾، مان پنهنجي دلپسند ۽ محبوب فلاسافر شوپنهار، جنهن جي فڪر ڪان وڌيڪ مان سندس المناڪ شخصيت ۽ زندگيءَ ڪان مُتاثر هوس ۽ سندس ذاتي زندگيءَ جي احوال پڙهڻ ڪانپوءِ يقين جي حد تائين پائيندو هوس تہ مان سندس ٻيو جنم آهيان......... اها هڪ حقيقت آهي تہ جڏهن اسان جهڙن فيصلي جي گهٽ قوت رکندڙن کي ڪُجهہ نہ سُجهندو آهي تہ پوءِ سڄي مامري کي حالتن تي ڇڏي ڏيندا آهيون..... ””پَڇتاءُ” ڪهاڻي پڙهڻ ڪان پوءِ منهنجي زبان تي بي ساختہ واهہ واهہ ماڻڪ! جا لفظ اُڏامندا اچي لهن ٿا. هڪ جُملو جيڪو اڪثر طور تي ماڻڪ کي پڙهندي منهنجي ذهن تي تري ايندو آهي تہ“ مان ماڻڪ جي شخصيت ۽ لکڻين سان بي انتها پيار ڪيان ٿو. ” “ماڻڪ جي بريف ڪيس مان”(ماڻڪ ڏانهن آيل ۽ سندس موڪليل خط)جيڪي ڪُل13 خط آهن. جن مان يارنهن خط دوستن ۽ پبلشرن پاران ماڻڪ ڏانهن لکيل آهن ۽ صرف 2 خط ماڻڪ جا پنهنجا لکيل آهن. جن مان هڪ خط اردو ۾ ۽ هڪ سنڌيءَ ۾ لکيل آهي. اُنهن مان خاص طور تي سنڌي وارو خط اهم خط آهي. اردو واري خط ۾ ماڻڪ“رياض پائي“سان مُخاطب ٿيندي لکي ٿو تہ“منهنجو اسٽور(ميڊيڪل)هلي پيو. ڪراچيءَ ۾ وڪيل سان ڳالهہ نہ ٿهي. پر جيڪڏهن وڪالت شروع ڪيم تہ نواب شاهہ ۾ ڪندُس. ”اهڙي ريت سنڌي واري خط ۾ ماڻڪ“هدايت”کي لکي ٿو تہ“مان ڪُجهہ مهينن لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهڻ ٿو چاهيان. رهڻ جي جاءِ تہ آهي البتہ نوڪريءَ جو مسئلو آهي. جيڪو هِن دور ۾ ناممڪن آهي. ڇا هلال پاڪستان ۾ مون کي رکندا؟هتي نہ منهنجي وڪالت هلي سگهي ۽ نہ ئي اسٽور. مان مُستقل نہ، پر گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ مهينا ڪراچيءَ ۾ رهي، اُتي ڪٿي نہ ڪٿي جلد نوڪري لاءِ ڪوشش ڪرڻ چاهيان ٿو. ”هِن خط ۾ ماڻڪ جي معاشي اُڻ تُڻ، روح جي بيقراري، غير مطئميني، آزاد فضا ۾ ڪُجهہ پل ساهہ کڻڻ جي خواهش ڪيس پٽڪائيندي محسوس ٿئي ٿي. اِن پٽڪنا جو مثال هاءِ

اسڪول ۾ ماستري، وڪالت، اسٽور، روسي سفارتخاني ۾ مُترجم. ڪان ويندي ڪراچيءَ ۾ نوڪريءَ جي تلاش. ماڻڪ جي ڪهاڻيڪار روح کي هڪ هنڌ سُڪون سان ويهڻ نہ ڏنو. هُون بہ جينيئس۽غير معمولي انسان هن وشال ڪائنات جيان ئي وسيع ۽ ڦهليل هوندا آهن. جيڪي هن ڌرتيءَ جي سُڪڙجي ننڍڙي ٿي ويل گلوبل وليج واري گولي جي سرحدن ۾ نہ ماپندي، وسيع تر خلائن ۾ماڻڪ جيان اُڏامي ويندا آهن. جيڪي زندگيءَ ۾ جنمن جا روڳ ڪٽي پيا جيئندا آهن. پر هُو پيانڪ ۽ مايوس ڪُن حالتن ۾ گُذاريندي بہ، پنهنجي من جي ويڳاڻائپ سماج تي نہ مڙهيندا آهن. پر هُو اُن هٺ نوڪين مصنوعي حالتن ۾ رهندي بہ اُنهن حالتن، ريتن رسمن ڪان ڪُلي عام بغاوت ڪندا آهن. ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طور هُو پنهنجي روح جي گهُٽيل آواز کي هوائن ۾ تحليل ڪرڻ جو رستو ماڻي ئي وٺندا آهن. "شوڪت حُسين شورو"چواڻي تہ"ماڻڪ سنڌي زبان جو هڪ نهايت ئي ذهين، سُجاڻ، حساس ۽ گهڻ_ اپياسي ليکڪ هو. هُن جي ذهانت ۽ اپياس هُن جي لاءِ شاھ جي لفظن ۾"اکر اڳيان اُپري، واڳون ٿي وريام. "ثابت ٿيا. ماڻڪ ڪراچيءَ ۾ جيڪي ست اٺ سال رهيو تنهن دوران اُتي جي مشيني ۽ بي رحم زندگي جڻ هُن جي شخص کي ڳِڙڪائي وئي. هڪ نظرياتي ملڪ جي سفارتخاني ۾ نوڪريءَ جي دوران هُن کي جيڪي تلخ تجربا ٿيا، تن رهي کهي ڪثر ڪڍي ڇڏي. " "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان"هڪ ڊرامائي فيچر"تنهن پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا"بہ مليو آهي. جيڪو "شاھ جي رسالي مان سُر گهاتو، مورڙي جي داستان تي ٻَڌل" آهي. جنهن کي قصي جي حالتن پٽاندڙ شاھ جا بيت ڏئي، وڏي معنيٰ خيز نموني سان پيش ڪري فيچر کي مُنفرد بڻايو ويو آهي. جو پڙهندڙ کي بہ لڳي ٿو تہ هي ڊرامو جڻ تصويري صورت اختيار ڪري، سندس ذهن جي اسڪرين تي هلي رهيو آهي. ۽ اکرن مان سمورا منظر ۽ ڪردار يا قصي واري ڪيفيت هوبهو پڙهندڙ جي روح تي عيان ٿيڻ لڳي ٿي. مورڙيو، سندس پاءُ، ملاح، سمنڊ، ڏهڪاءُ وجهندڙسمنڊ جون ڇوليون، مانگر مڇ، مطلب تہ ماڻڪ جي هن فيچر ۾ ڪابہ شيءِ اضافي يا اجائي ناهي. سپ ڪُجه ٺهڪندڙ ۽ فڪشن جي ضرورتن مُطابق مُڪمل آهي. اهڙي فنائتي سگه سنڌي ادب/ فڪشن ۾ صرف ماڻڪ وٽ ئي ملي ٿي. ماڻڪ جنهن دور ۾ هي جيڪو ڪُجه بہ لکيو آهي اُهو دور تحرير، تقرير۽ انساني آزاديءَ تي هڪ جبري پنجوڙ وارو خطر ناڪ دور هُيو. اهڙي پيانڪ دور ۾ جتي سنڌ جي بين ليکڪن مهاڏو

اتڪائي ظلم ۽ بربريت خلاف آواز اُٿاريو. اُتي ماڻڪ بہ وڏي بي باڪيءَ سان سموري صورتحال، داخلي توڙي خارجي ماحول جي بنا ڪنهن رک رکاءُ جي وڏي تخليقي انداز سان ۽ آرٽسٽڪ نموني عڪاسي ڪئي ۽ پنهنجي دور جوڀرپور سچ لکيو. اها بغاوت ئي ماڻڪ جي جين ۾ڪيس ورثي ۾ ملي. جنهن مُنير مان ماڻڪ کي تخليق ڪيو. ۽ پوءِ اسان سيني ڏٺو تہ ڪيئن نہ هن بي ڊپي ليڪڪ پنهنجين تحريرن ذريعي زمانن تان زنگ لاهي، ضمير جي ظرف کي اُجاگر ڪري ديس تي ڇانيل ڊپ ۽ حراس جي مصنوعي گهاٽن ڪڪرن کي پنهنجي تخليقي سگه جي سورج سان چيري ڏيکاريو. ماڻڪ جو سچ ٻُڌڻ ۽برداشت ڪرڻ هن سماج ۽ رياست کان گهڻو ڪوڙو ۽ ڳرو هو/آهي. ماڻڪ جو سچ سنڌي ادب ۾ هڪ الڳ سُڃاڻپ ۽ معنيٰ رکي ٿو جنهن جي سگهہ ماڻڪ جي لکڻين توڙي سندس جيون ۾هڪ اڏولتا ۽ همت پيدا ڪئي جو هُن مَرندي جُهرندي، جاڳندي، سگريٽ مٿان سگريٽ دُکائيندي، سگريٽ جي ڇلا، ڇلا دونهي ۾سنڌ جي ماضي. حال ۽ مُستقبل کي ڏسندي، اُن تي سوچيندي، لوچيندي ۽ لکندي پنهنجو وجودي اَنت آڻي سنڌي ادب کي جڻ تہ سَڪتي ۾ وجهي ڇڏيو. سنڌي ادب جي ناليواري نقاد ممتاز مهر چواڻي تہ”ماڻڪ جو دُکدائڪ موت اسان کي ڪاميو جي دُکدائڪ ۽ گُمهلي موت جي ياد ڏياري ٿو. جهڙي طرح البيئر ڪاميو پنهنجي طور فرانس جي جديد تاريخ ۽ هن صديءَ جي نمائندگي ڪئي، فرانسيسي ڪلچر جي مکيہ قوت طور اُڀريو. تهڙي طرح ماڻڪ هن دُکي ماڻري(سنڌ) جي نئين نهندڙ تاريخ /نئين اُسرندڙ سوچ جي نمائندگي ڪئي. هن جديد سنڌي تخليقي ادب جي بنيادن کي نہ صرف مضبوط ڪيو بلڪ اُن جو رُخ بہ متعين ڪيو. ” “ماڻڪ جي بريف ڪيس مان”مليل ڪهاڻيون جن ۾هڪ“بنا عنوان” جيڪا“حويليءَ جا راز” ۾ ٽيون نمبر ڪهاڻي “حقيقت ۽ دوکو”جي نالي سان ڇپيل آهي. اُها موضوعاتي حوالي کان جاگيرداراڻي دقيانوسي سوچ، ملڪيت جي ورهاست جي خوف کان انساني زندگي کي داءُ تي لڳائڻ واري ڪُڌي روايتن خلاف هڪ ڀرپور بغاوت آهي. ماڻڪ ڪهاڻي جي فن تي وڏي دسترس رکي ٿو. مون هُن جو تقريبن سڀ تحريرون پڙهي، پُرجهي ڏٺيون آهن. پر هي هڪ حقيقت آهي تہ ماڻڪ جي ڪابہ لکڻي هرو ڀرو نہ لکيل لڳندي. اُنهن جي پس منظر ۾ هڪ عظيم مقصد رونما نظر اچي ٿو. “بنا عنوان ڪهاڻي”پنهنجي ڊڪشن ۾ ماڻڪ جي مُنفرد سچ جي عڪاس آهي. ۽

جاگيرداراڻي منحوس نظام جي منهن تي هڪ ڀرپور چماٽ پڻ آهي. ماڻڪ هن ڪهاڻي ۾ هڪ وڏيري ۽ ڊاڪٽر جي تعلق تي مُبني هڪ اهڙي ڪهاڻي جي فني اُڻت ڪئي آهي. جنهن ۾ هڪ طرف حويليءَ ۾ بند هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي ٻرندڙ زندگي آهي ته ٻئي پاسي ملڪيت جي بچاءُ جي سطعي سڙيل سوچ. اهڙين حالتن ۾ هڪ جوان ڇوڪريءَجي فطري ضرورتن جي پوراءُ جو ڳنڀير معاملو پنهنجي حل جا رستا پاڻ ڳولي لهي ٿو. ٻُک جي فطري گُهرج پنهنجو پوراءُ ته ضرور ڪندي. پوءِ چونه اُها ٻُک، مانيءَ جي هُجي يا جنس جي. جنس جي ٻُک پوري نه ٿيڻ جي صورت ۾ اُن جا ڪنن ۽ اُگرا اثر انساني ذهن تي ڏاڍي ٻُري طرح سان اثرانداز ٿين ٿا. جنهن جي ڪري انساني نفسيات ڊوان ڊول ٿي ڪري ڏاڍا ڀيانڪ نتيجا ڏئي ٿي. هي ڪهاڻي وڏي دلچسپ نموني سان پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي ٿي. ته ماڻڪ جهڙي ڪهاڻيڪار تي پيار اچي وڃي ٿو. ماڻڪ جي ٻوليءَ تي تمام وڏي دسترس آهي. هو ٻولي جي سونهن کي موضوع، مفهوم ۽ معنيٰ سان اهڙو ته هُنر مندي سان چونڊ ڪري پيش ڪري ٿو جو من ئي من ۾ پڙهندڙ جهومي پوي ٿو. ماڻڪ "بنا عنوان/ حقيقت ۽ دوکو" ۾ لکي ٿو ته "رئيس هر دفعي انڪار ڪندي ملڪيت جو سوال ڪڙو ڪيو. "، "مون جڏهن ڪيس چيو، "رئيس هن ڪيس ۾ ضروري آهي ته مان ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ملندو رهان. "، "رئيس، شهزاديءَ کي اهو پيٽ مون مان آهي، "هن آخري جملو ٽڪڙو ۽ جلدي چئي ورتو. "، "هر ڄمندڙ ٻار نه حلالي هوندو آهي نه حرامي، فقط انسان هوندو آهي. "، "سونهان اَڻ سونهان" ڪهاڻي "حويليءَجا راز" جي انين ڪهاڻي آهي. هي ڪهاڻي به آرٽ جي آڏاڻي تي اُٽيل هڪ ڀرپور ڪهاڻي آهي. هي حال کان ماضي(فليش بيئڪ) ۾ وري حال جي ڀيانڪ حقيقتن تي پهچندڙ هڪ ڏک ڏائڪ ڪهاڻي آهي. هڪ اهڙو ڏُک، جيڪو گهٽي قدر سنڌي سماج ۾ چاڪيءَ جي ڏاند وانگر زندگيءَ جي دائري ۾ ڦرندڙ عورت جي پلئه ۾ ٻڌو ويو آهي. عورت جيڪا صدين کان سورن جا سامان پنهنجي سِر تي چادر جيئن ڍڪيو وتي ٿي، سا زندگيءَ جي هر روپ ۾درد جو گهرو آرنيپ آهي. هي ڪهاڻي هڪ ماستر ۽ ماسترياڻي جي رومانس ۽ زندگيءَ جي ارد گرد هلي ٿي. ماڻڪ هن ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻي وڏي المناڪ انداز سان ڪري ٿو. هُون به ماڻڪ جون تخليقون پڙهي ڪري سچ ته مون کي اُهي سڀ ڪهاڻيون حقيقت جي اُجري آرسي پاسنديون آهن، ڇاڪاڻ جو اسان جي ارد گرد بلڪل ايئن ئي سوچيو ۽ ڪيو وڃي ٿو يا

وري ٿي رهيو آهي. ماڻڪ جي ڪهاڻين ۾ڪٿ ٻه اجائي حد کان وڌيڪ فينٽيسيءَ جو گُمان نہ ٿيندو آهي. "سُونهان اَڻ سُونهان"۾ماڻڪ لکي ٿو تہ"ڪيس اهڙي قسم جي سوالن منجهان اوچتو هڪ قسم جو ڊپ ٿيڻ لڳندو آهي. اهڙو ڊپ، جيڪو پنهنجي پرَ ۾ ڪاميابيءَ سان ڏوهہ لڪائيندڙ ڏوهاريءَ کي، وڪيل جي آڏي پُڇا تي وڪوڙي ويندو آهي. "، "چاڪاڻ تہ شڪايت جي عادت، پيڙا کي وڌيڪ پيانڪ ۽ ڪربناڪ بنائي ڇڏي ٿي. "، خبر ناهي ڇو، پنهنجو پاڻ کي هن آڏو، گهٽ، ڪمتر، ڊپريسڊ ۽ هڪ قسم جو ڏوهاري ۽ زيادتي ڪندڙ محسوس ڪري رهيو آهيان. "اهڙيءَ طرح سان"ماڻڪ جي بريف ڪيس مان"مليل چنبيليءَ جي گُلن جي خوشبوءِ جهڙوهي سڏو سنئون هانءُ ۾ هٽ وجهندڙ مسودو پنهنجي هُڳاءُ جي حرارت سان سنڌي ادب کي سدائين پيونئين تازگي ۽ ترارت بخشيندو. "ڪالونزم جي سرجيت" جي عنوان سان محمد ابراهيم جويي جي ترجمو ڪيل ڪتاب"فڪر جي آزادي"تي ماڻڪ جو تبصرو پنهنجي جوهر ۾انتهائي ڳُوڙهو، فڪري ۽ فلسفيانا گهرائي رکندڙ هڪ اهم ليک آهي. ماڻڪ جو نثر ٻہ سندس فڪشن جيان نرالو ۽ مُنفرد آهي. مُختصر پر جامع قسم جو هي مضمون ليکڪ اسٽيفن زيوگ جي اصل ڪتاب(The right of heresy)جو ترجمو آهي. جنهن تي ماڻڪ ڏاڍي مُفصل نموني تنقيد ڪئي آهي. جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ"محمد ابراهيم جويي، ڪتاب جي اصل روح کي هاجو رسائڻ ۽ ڪٽي ٻہ ڪو ڇهڪ يا رهنڊ ڏيڻ کان سواءِ سنڌي ۾ آندو آهي. ٻين لفظن ۾ سنڌيلائيز ڪيو آهي. سواءِ هن زور آوريءَ جي تہ سنڌيلائيز ڪندي ڪندي، جويي صاحب پنهنجي ناصحاڻي گفتگوءَ وارو انداز ٽُنبي، وڌيڪ اثرائتو بنائڻ جي پاڻ، نڳيندڙ پرم هيٺ لوئي پوئي هن جو ستر وڃائي ڇڏيو آهي. هن ترجمو ڪيل ڪتاب تي محمد ابراهيم جويو پاران ڏنل سرو"فڪر جي آزادي"جويي جي روايتي دور انديشي(يا مصلحت پرستي؟)واريءَ ڪاستيليائي تدبر جو شڪار ٿي مروتجي ويو آهي. "، هن مضمون جي سِري ۾ ئي ماڻڪ "سيباسٽيان ڪاسٽيلو"جي لفظن کي نقل ڪندي لکيو آهي تہ"سچ جيئن سمجهہ ۾ اچي ، تيئن ان کي ظاهر ڪرڻ گناهہ ڪونهي. عقيدو ڪنهن تي زوري مڙهي نہ ٿو سگهجي. عقيدو هر ڪنهن جي پنهنجي مرضيءَ جي ڳالهہ آهي. "اهڙيءَ طرح سان"ماڻڪ جي بريف ڪيس مان"مليل مسودوسنڌي ادب جي آغوش کي اجا ٻہ وڌيڪ وسيع ڪري ٿو. بلڪل

ايئن جيئن ڪالهه ماڻڪ پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجا سنڌي ادب جا شاهڪار ڪتاب، "حويليءَ جا راز" جي ڪهاڻين، اُگهاڙو سچ، آس نراس، حويليءَ جا راز، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري، حقيقت ۽ دوکو، هڪ ڪهاڻي سواءِ سري جي، پلاند، ڪاري، پهرين آنام ڪهاڻي، ٻي آنام ڪهاڻي، ٽي آنام ڪهاڻي، بيٺل ڦيرو، وقتائتو موت، ڪلارڪ جي پهرين تاريخ، اُتساهه جو موت، مُئل زندگي، نوٽبُڪ/ڊائريءَ منجهان، انسان بوءِ_انسان بوءِ، روبوٽ، گيس چيمبر، ذريعي ڪيو هو. ۽ اهڙيون تہ حيرت انگيز ڪهاڻيون ڏنيون. جن سنڌي ڪهاڻيءَ جي قُطب نُما جو ڪم پئي ڪيو آهي. اُن ڪان سواءِ ٽي ناوليٽ"رُڃ ۽ پڙاڏا"(هي ناوليٽ پهرين "ميسوڻي"جي سِري هيٺ1961ع ڌاري لکيو ويو. وري ٻيهر1973ع کان1975ع جي وِچ ۾ "رُڃ ۽ پڙاڏا"جي سِري هيٺ لکيل. 1976/5/1) "پاتال ۾ بغاوت(A Revolt in the under World)"، سسيفس جو ناڪار، "پاتال ۾ بغاوت"(جنهن جي حصن جا عنوان) سانت، ۽ پوءِ پڙاڏي ۾ گونج اُٿي. جنهن کان پوءِ ناوليٽ لُڙهندڙ نسل، ۽ آخر ۾ "ساهه مُٺ ۾"جنهن جي ابتدا ۾ مُنير/ماڻڪ جو پنهنجي مرتئي کان ڏهہ ٻارنهن ڏينهن اڳ نثار حُسينيءَ ڏانهن هڪ خط، "جڏهن سڄڻ سفر هليا" نصير مرزا جي (بئدلڪ ڊائريءَ مان)(ماڻڪ جي ڊيٿ واري ڏينهن لکيل)، "سنڌيت جي اندروني ايڪس ري"موهن ڪلپنا جو ليک، (ساهه مُٺ ۾_امن امان)جنهن ۾امن امان، (جنهن جي حصن جا عنوان)ڪيڊ، اوٺارو، صبح، ڊاڪٽرساڻ، پاتال ۾، انيو، اولڙا، ماڪڙ، "ساهه مُٺ ۾_ٻائيتال"(جنهن جي حصن جا عنوان) ۽ هُو مري ويو، پُڄاڻي، ڪاسائيءَ جي چونڊ، "ساهه مُٺ ۾_وِڳوڙ"(جنهن جا حصن جا عنوان)ڪيڊ، ويچار وهڪ، رات، دونهاٽ، "ساهه مُٺ ۾_امن امان"(جنهن جي حصن جا عنوان)وري، ڪُتڪو، ٽيچرس روم، ڪوس گهر، اُٿل، ۽ ڪيڊ. "(نوٽ:"ساهه مُٺ ۾" ناول سڀ کان پهرين پارت ۾ ڇپيو هو. جنهن کي جولاءِ 1986ع ۾ سنڌي ٽائيمز پبليڪيشن اُلهاس نگر ڇپرايو هو.) "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان"۽ پڇاڙي ۾ ماڻڪ جي جيون جو آخري انٽرويو"وچڙيا ڪين ورن" جيڪو انٽرويو ماڻڪ کان ظفر عباسيءَ ورتو هو. ۽ ماڻڪ جو جيون خاڪو. جنهن جي آذار تي ماڻڪ جو جنم "5، مارچ1943ع تي نوشهري فيروز ۾ محمد ادريس ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو. (ماڻڪ جو والد لوڪل بورڊ نواب شاهه ۾هيڊ ڪلرڪ هو. جيڪو سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه جي گڏجاڻين ۾ پڻ شريڪ ٿيندو هو. هُو پنهنجي مزاج ۾ ڪميونسٽ خيالن جو

حامي هو...... "نوٽ". اها ڳالهه مون کي ڪڇهريءَ ۾ نواب شاهه جي سينيئر ادبي دوست، سائين بشير هيسباڻيءَ ٻڌائي هئي. اُن کا علاوه اِن سلسلي ۾ سائينءَ جو ڪتابي سهڪارپڻ رهيو) ماڻڪ ايم. اي، ايم. ايڊ ۽ ايل ايل بي سان گڏ سو کان مٿي ڪهاڻيون، ڪُجه ناول ۽ ناوليٽ لکيا! پيٽ گُذر لاءِ پهريائين ماستري، پوءِ صحافت ۽ آخر ۾ وڪالت پڻ ڪئي! پر تنهن هوندي به سندس هڪ ڪهاڻين جو مجموعو "پڇتاءُ" ۽ هڪ ناول "ساهُ مُٺ ۾" ۾ اسان کي وڏيون اُميدون آهن. " ماڻڪ 26. جنوري 1982ع تي اسان کان وڇڙي ويو. "ان ريت ماڻڪ جمر کان پنهنجي اَنت تائين 39. سال، 8. مهينا ۽ 20 ڏينهن، پنهنجي شعوري زندگي ۾ پير پائڻ کان پوءِ مُسلسل، شاهه جي هن سِٽ جيان ته "ڏاهيون ڏُک ڏسن" جي مصداق هر وقت اُجڙيل احساسن جي ٽياس تي مصلوب رهيو. ماڻڪ، هڪ حوالي کان خوشنصيب به هو جو سندس جنم نندي کنڊ/برِصغير جي فطري هوائن ۾ ٿيو. اُن ڪري ماڻڪ هن رياست/انساني ڪوس گهر کان عمر ۾ به چار سال، پنج مهينا ۽ نوَ ڏينهن وڏو هو. نصير مرزا چواڻي ته "ڪنهن رشي مني جهڙي سانت سياءُ رکندڙ هي ڪهاڻيڪار سنڌي ادب جي اتهاس ۾ مُکيه حيثيت ۾ زنده رهندو ۽ جڏهن 26. جنوريءَ جي سانجه، هٽ ۾ ڪارا جهنڊا ڪٽي رستن تي لهي آئي هئي، تڏهن نواب شاهه جي موهني (موني) بازارجي نُور مسجد جي ايوان ۾ ، عظيم ڪهاڻيڪار جي قبر کوٽجي رهي هئي. ٻئي ڏينهن 27. جنوريءَ تي جڏهن سورج ڏيري ڏيري آسمان تي چڙهي رهيو هو. ماڻڪ ڌرتيءَ جي پاتال ۾ دفن ٿي چُڪو هو. "

5/5/2014

مددي ڪتاب

- حويليءَ جا رازِ (ٻيون ڪهاڻيون) 1973ع. مُنير احمد/ ماڻڪ
- حويليءَ جا رازِ ٻيون (ٻيون ڪهاڻيون) مئي، 1983ع. ماڻڪ
- ڇهه آنا ڪهاڻيون. سنڌ فورم پبليڪيشن، شڪارپور 1981ع. ماڻڪ
- جاڳرتا پبليڪيشن. 5. سهيڙيندڙ نرنجن، سيپٽمبر، 1978ع
- ناٽڪ (نئين ٿهي پبليڪيشن) سيپٽمبر، 1984ع
- سنگت (چونڊ ڪهاڻيون. 1) سنڌي ادب اڪيڊمي، حيدرآباد، نومبر، 1982ع

- مئل ماڻهو، جيئري پيتا(ماڻڪ ڪي پيتا)تڪڙ پبليڪيشن، حيدرآباد سهيرينڊڙ: سحر امداد/امداد حُسيني
- حويليءَ جاراز(ڪهاڻيون)ماڻڪ(پيو چاپو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1995ع)
- ماڻڪ جي بريف ڪيس مان. ماءِ پبليڪيشن سکر، 2014ع. سهيڙيندڙ: مُنور سراج
- تي ناوليٽ. ماڻڪ(روشني پبليڪيشن. ڪنڊيارو. 1992ع)
- وچڙيا ڪين ورن. (ماڻڪ جي ياد ۾)مُرڪ پبلشر، حيدرآباد. سهيڙيندڙ: رياض انور
- ساهه مُٺ ۾. ناول. 1992ع، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.

# تِر جي جُستجوءَ ۾ پٽڪندڙ نگاهون

هر معاشري جي زندگيءَ جو عڪس اُتي جي لکجندڙ ادب جي آئيني ۾ ئي چٽيءَ ريت پَسي سگهجي ٿو. ڇو تہ ادب خارجي ۽ داخلي حالتن مان ڦُٽندڙ اهڙي اثر جو اظهار هوندو آهي جيڪو مُعاشري جي حِساس، باشعور، ذهين آرٽ سان لاڳاپيل فردن جي اندر توڙي ٻاهر ۾ تحرڪ پيدا ڪندڙ حالتن جي رد عمل جي صورت ۾ تخليق ٿيندو آهي.

روس جي مشهور نامياري اديب چيڪوف هڪ هنڌ لکيو آهي تہ، ”آرٽ ۾ اِهائي تہ هڪ خُصوصيت ۽ خُوبي آهي تہ اُتي دوکي بازي نہ هلندي آهي. محبت ۾، سياست ۾، ميڊيسن ۾ ماڻهو ڪوڙ جو سهارو وٺي، ماڻهن کي دوکو ڏئي بہ ڇڏي بلڪ خدا سان بہ فريب ڪري پر آرٽ ۾ دوکو نہ ٿيڻ گهرجي.“

چيڪوف جون مٿي ڏنل سٽن جي تناظر ۾ اگر سنڌ جو اديب سچائيءَ سان قلم جو رشتو سچ سان جوڙي ۽ پنهنجي دل مان مُنافقانہ رَوين کي ڪڍي دور ڪري تہ هوند سنڌي ادب جي دنيا ۾ مُنافقي يا ڪردار جي مُتضاد رَوين جي رَوش پيدا ئي نہ ٿئي. اگر ڪنهن بہ قوم جا حساس ۽ اهم شعبہ ادب ۽ سياست اهڙن سطعي رَوين جو شڪار ٿي وڃن تہ پوءِ اُها قوم پنهنجي تشخص جو ڪهڙو دفاع ڪري سگهندي. ۽ پنهنجن بُنيادي حقن لاءِ ڪيئن پاڻ پتوڙيندي؟

اديب جيئن تہ معاشري جي حالتن جي تبديليءَ جا والي هوندا آهن. جيڪي وقت ۽ حالتن جي نبض شناسي ڪندي ايندڙ هر خطري کان پنهنجي قوم کي اڳواٽ آگاهہ ڪري کين سُجاڳ ڪندا آهن تہ جيئن ايندڙ ڀيانڪ حالتن جو بڙدباريءَ سان مُقابلو ڪري انهن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي سگهجي. پر اسان جا ڪجهہ اديب، شاعر توڙي ڪهاڻيڪار يا ٻين شعبن سان لاڳاپيل فرد، هميشہ قومي توڙي ادبي تضادن کي ختم ڪرڻ بَجاءِ اُنهن کي هوا

پيا ڏيندا آهن ۽ پنهنجن مُفادن جي حاصلات لاءِ پنهنجي قلم جي مَس جو تقدس پائمال ڪندي دير ئي نہ ڪندا آهن. پر جيئن تہ سنڌي اديب سڀ اهڙي موذي مرض ۾ مُبتلا ڪين آهن. ۽ اهڙا موقعي پرستيءَ وارا رَويا هر سنڌي اديب جو نصب العين ناهن. ۽ پتائي چواڻي تہ.

"اجان ڪي آهين، ڳل جڳ ۾ ڪاپڙي"

سو اجان سنڌ ۽ سنڌ سان لاڳاپيل هر شيءِ جا وارث توڙي عاشق وينا آهن. جنهن ڪري اسان جو سنڌي ادب، تاريخ، ڪلچر، ٻولي، ۽ قومي تشخص زنده آهن.

مٿين مُختصر اهم خيالن جي اُپٽار ڪان پوءِ اسان جڏهن سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ واري پاسي جو نظارو ڪنداسين تہ اُهو ڪو ايڏو پرپور ڪو نہ لڳندو ۽ نہ ئي وري ڪو صفا گهٽ. پر اُهو اجان پنهنجي تخليقي سفر ۾ ابتدائي دور ۾ پنڌ ڪندي نظر ايندو. جهڙي طرح جديد سنڌي ڪهاڻي پنهنجي سُهاني سفر ۾ پنهنجي پوري تخليقيت سان اڳتي وڌي رهي آهي اُن سفر ۾ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جا پيرا پنهنجي مضبوطيءَ سان خارجي توڙي داخلي حالتن جي عڪاسي ڪندي سندس نوان ڏيک پنهنجي سموري تخليقي حسن سان نروار ٿي دل کي ڇُهندا محسوس ٿين ٿا. جن جي تخليقي سگهہ سنڌي ادب جي روشن آئيندي جي پُختگيءَ سان ساک ڀَري ٿي.

" اَنگن چڙهيو اَنگ" جي پهرين وکن ڪان پوءِ "سرحدن ڪان اڳتي" ويندڙ ڪهاڻيڪار، ضراب حيدر جو مُسلسل ڪهاڻين جو حسين ۽ ٻوليءَ جي اعتبار ڪان شاعراڻو رنگ رکندڙ نرالو سفر هاڻ اُن سنڌي ڪهاڻيءَ جي پُختگيءَ وارين سرحدن ۾ داخل ٿي چُڪو آهي. جتي پُهچڻ لاءِ گهري مُشاهدي، گهڻ پاسائين مُطالعي، مَشق، غور، فڪر، سنجيدگي ۽ ڀرپور جُستجوءَ ۽ سچائي بنهہ ضروري هوندي آهي.

ضراب حيدر جي ڪهاڻين جو ڪتاب "سرحدن ڪان اڳتي" جون ڪهاڻيون اجوڪي معاشري جي پس پرده ٿيل براين تي هڪ ڀرپور تنقيدي چوٽ آهن. جنهن تنقيد سچ کي سنڌي سماج تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي. اُن جو ڪارڻ يا اُن مان مُراد اِها ئي ڪڍي سگهجي ٿي تہ اسان جو سماج اجان تنقيدي بلوغت جي سرحدن تائين رسائي نہ ڪري سگهيو آهي. ۽ نہ ئي پنهنجين ڪوتاهين کي ٻُڌڻ جو ساهس ڏاري سگهيو آهي. اهڙي بيحسي يا

نااهلي ڪنهن بہ قوم جي ادبي توڙي سياسي شعور جي فقدان جي نشاني آهي. چو تہ ڪابہ قوم پنهنجي توڙي پاڙيسري يا قومي توڙي بين القوامي شعور يا معلومات کان لاتعلق هُجڻ ڪري اهڙي اَبوجهائپ جو مظاهرو ڪري پاڻ کي هر حال ۾ صحيح سمجهندي آهي.

ضراب حيدر پنهنجين ڪهاڻين ۾ جن بہ موضوعن کي ڪنيو آهي اُهي سچ تہ واقعي بہ اهڙا تہ اهم ۽ سماج جا پيانڪ رُخ آهن جن تي اُن کان اڳ بِنهہ گهٽ ئي لکيو ويو آهي. پر ضراب اُنهن موضوعن کي پنهنجي مُطالعي، مُشاهدي، سوچ سمجهہ ۽ جنهن فنڪارانہ انداز سان ڪهاڻين جي ڪئينواس تي آندو آهي. اُهو جديد سنڌي ڪهاڻي جي هڪ مُنفرد صورت گيريءَ سان اُجاگر ٿي سامهون اچي ٿو تہ سندس جادوئي بيان، ڪردارن جي تُز ڪردار نگاري، اُنهن جا ڊائلاگ، ڪردارن جو ڪفيتيون توڙي نفسياتي عڪاسي پڙهندڙن کي هڪ الڳ دنيا ۾ گُم ڪري ڇڏين ٿا. ضراب جي سيني ڪهاڻين جي شروعات جو انداز ئي مُنفرد نموني سان ٿيندو آهي. جنهن ۾ اڪثر طور تي ٻولي جي مهارت جو رنگ اهڙو تہ وڻندڙ نهڪندڙ ۽ روح ۾ لهي ويندڙ هوندو آهي جو ڪهاڻي پنهنجن سيني رُخن جي سُونهن سَميت دل ۽ دماغ تي نقش ٿي رت ۾ ولوڙ پيدا ڪري وجهندي آهي. چو تہ اهڙو فنڪارانہ انداز، ضراب کي پنهنجي همعصر ٿهيءَ ۾ بنهہ الڳ ٿلڳ ڪري بيهاري ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي گُفتگو جو دلچسپ سلسلو، منظر ۽ ڪردار نگاري، يا اُنهن سيني عنصرن تي جيڪو ڪهاڻيپڻو ڇانيل آهي اُهو ڪمال پڻو ضراب جي ذهني ۽ فني ڪاوشن جو ئي نرالو روپ ٻڌجي سگهيو آهي. اهڙيون آرٽسٽڪ خوبيون ضراب جي هن ڪتاب ۾ پڙهندڙ گهرائيءَ سان پرکي، پروڙي، محسوس ڪري سگهن ٿا. سندس هن ڪتاب جي ٽائيٽل ڪهاڻي "سرحدن کان اڳتي" ۾ ضراب جي وسيع سوچ سمجهہ ۽ اعليٰ شعور جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڇو تہ هن ڪهاڻيڪار وٽ ذات پات، اوچ نيچ، مذهب، رنگ، نسل، ٻولي ۽ سرحدن کان مٿاهين حيثيت صرف ۽ صرف انسان جي آهي. هڪ انسان پاران ٻئي انسان جي آزادي، عزت، آسن ۽ اميدن سان هٿ چراند ڪرڻ جهڙي جهالت ضراب جهڙي حساس دل ليکڪ جي اندر جي جبل جي ٻرڪندڙ لاوي کي ٻرڪائي وجهي ٿي ۽ هُو سرحدن ۾ ورهايل ڌرتيءَ جي هڪ ساڳي وچان ليڪ ڏنل حصي تي رهندڙ ظالم، وحشي، ڪوڙي قانون جي ٺيڪيدارن سان نفرت

جو اظهار بنا ڪنهن ڏپ ۽ ڊاءُ جي پنهنجن ڪهاڻين ۾ بي تحاشا ڪري ٿو. انهن مجبور انسانن جي روحن کي پنهنجين تخليقن ذريعي شانتي پهچائي ٿو. امن ۽ اَهنسا جو چاهيندڙ ضراب عام ماڻهن کان مَٿاهون ٿي عالمِ انسانيت سان پيار ڪندڙ هڪ اهڙو ليکڪ ڏسجي ٿو جنهن لاءِ هي سڄي ڌرتي سندس ديس وانگر آهي.

”ڪوجهائپ کي ڪوملتا جي ڳولا“ ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ جي اذيت ناڪ پيڙا جو عڪس ملي ٿو. جنهن ۾ هن پيار ۾ پاتل ۽ پوءِ وڃايل پنهنجي دل جي ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي يادن کي سهيڙيو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ توڙي جو ليکڪ جي اندر جي مايوسي نمايان نظر اچي ٿي پر اُن سان گڏوگڏ ليکڪ سچائيءَ جو به دامن نه ڇڏيندي نظر اچي ٿو. ڪهاڻي پنهنجي پلاٽ ۽ بيهڪ ۾ ٺيڪ ناڪ آهي جڏهن ته ٻوليءَ جي شاعراڻي استعمال ڪهاڻي کي ڪي لُطف اندوز بڻائي ڇڏيو آهي.

”آئوٽ بيئڪ“ ڪهاڻي جي شروعات توڙي جو روايتي انداز سان ٿئي ٿي. پر اُن ڪهاڻي کي وڏي مهارت سان بيان ڪيو ويو آهي. هڪ ماءُ جي اولاد لاءِ محبت کي جنهن جذبي، سچائيءَ ۽ مهارت سان اُٽيو ويو آهي. اهڙو فني هُنر، ضراب جي حِساس طبيعت جي ساکي هئڻ سان گڏ سندس اندر ۾ موجود بهترين ڪهاڻيڪار جو چٽو ثبوت پڻ آهي. يا جنهن ريت ضراب هِن ڪهاڻيءَ جي هيئت ۾ هِن سڄي واقعي جي بيهڪ کي سَنواري بيهاريو آهي اُها خوبي به فن جي مَٿاهين پُهچ کي ظاهر ڪري ٿي. سندس ڪهاڻي لکڻ جي جادوگري به پنهنجو مثال پاڻ آهي. يا”سگريٽ کي ڪٽان ڏڪائجي“ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ جنهن طرح سان هڪ عورت جي اندر جي جذبن جي عڪاسي سان گڏ معاشري جي ڇهري تان جيڪو ٻهروپيي جو نقاب هٽايو آهي. اُهو به پنهنجي جاءِ تي بي باڪي سان، فني اُٽت ذريعي هڪ بهترين ادبي شاهپاري جي روپ ۾ سامهون اچي ٿو. دراصل هي ڪهاڻي درگاهن تي کهي ايندڙ بظاهر پنهنجون آسن ۽ اميدن جي اَگهامڄڻ جون دعائون گهرندڙ مردن توڙي عورتن جي باسن جي روپ ۾ سماجي لِڪل ۽ چِر ڪائيندڙ هڪ اهڙي حقيقيت جي ڪهاڻيءَ ۾ عڪاسي ڪئي وئي آهي. جنهن کي لفظن جي صورت ڏئي ضراب سماج جي هڪ ڪُرندڙ زخم تي تيزاب هاري ڇڏي ٿو. هي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ ليکڪ جي مُشاهدي واري حِس انتهائي تيز محسوس ٿئي ٿي. ضراب حيدر اهڙيون

ڳالهيون رُڳو ٻُڌي يا پڙهي ڪهاڻي کو نہ لکيون آهن بلڪ هُن خود اُنهن حالتن جو ڀرپور انداز سان تيز ۽ تکي آرٽسٽڪ نگاهہ ذريعي مُشاهدو پڻ ماڻيو آهي. جنهن جو مثال هي ڪهاڻي خود ڏَسي رهي آهي. ٻي ڳالهہ تہ ضراب جي ڪهاڻين جا عُنوان بہ ڏاڍا نرالا، وڻندڙ ۽ اَڇوتا هوندا آهن. جن ۾ پڻ ڪيئي ڪهاڻيون پَساهہ کڻندي پيون محسوس ٿينديون آهن.

ضراب حيدر جون ڪهاڻيون پڙهي مان اڪثر سوچيندو آهيان تہ اُها آخر ڪهڙي پيڙا، تڙپنا، جذبات ۽ اُڌما آهن جيڪي ضراب کي ايڏيون پيڙائيتيون ۽ گهريون ڪهاڻيون لکڻ تي مجبور ڪن ٿا. اُها ڪهڙي اَڻ پوري آس، خواهش آهي جيڪا روپ مٽائي مٽائي سندس ڪهاڻين ۾ پوري آب ۽ تاب سان پنهنجين سيني دردن سان پُر ٿي دل جي گهراين ۾ لهي روح کي جهنجهوڙي ڇڏي ٿي. مَنجهس نيٺ اُها ڪهڙي جُستجو آهي يا ڳولا جو اُهو ڪهڙو جذبو آهي جيڪو اڳتي کان اڳتي وَڃڻ ڏانهن ليکڪ کي اُتساهي ٿو. جنهن جو اَنت ماڳ جي ماٺڻ ۾ پوشيده آهي. پر اُها منزل تائين پُهچڻ واري تمنا، زندگي جو اهم ۽ خاص مقصد بڻجي ضراب جي زندگيءَ ۾ سَمائجي چڪو آهي.

شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا جي ٽين ڀاڱي ”ڪٿي نہ ڀَڃبو ٽَڪ مُسافر“ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ، ”مان ڀانيان ٿو تہ رُومان اُهو خواب آهي جنهن ۾ ٻہ ماڻهو پنهنجي ڪائنات تخليق ڪن ٿا ۽ جڏهن هُو پيار ۾ ٽُٻ آهن تہ وقت بيهجي وڃي ٿو. اُهو جيءُ جو جادو آهي، ٿَهہ پَهہ آهي، اُهو فقط طلب آهي، حاصلات نہ آهي. اُهو رشتو ناتو گهٽ، روح جو ريلو وڌيڪ آهي. “

اهڙو روح جو ريلو ضراب جي ڪهاڻين جي وجود جو اصل مُحرڪ جذبو آهي. محبوب جي ڏُک کان دنيا جي درد تائين جي سُرمئي سفر ضراب جي ڪهاڻين ۾ ڪيترائي احساسن، جذبن، لُڙڪن، پيڙائن، يادن، خيالن جا سيلاب آڻي ڇڏيا آهن. پر پوءِ بہ ضراب جي جيءُ جي اُڃ، اُڃاماڻ ۾ ڪا بہ گهٽتائي ڪين آئي آهي. ۽ ضراب جيئن پوءِ تيئن رُڃ جي طلب ۾ تانگهندو وڃي رهيو آهي. اُها اُڃ ايتري تہ پُرڪشش آهي جو اُها ڪڏهن بہ ڌرتيءَ جي دريائن توڙي سمونڊن سان ختم ٿيڻي ئي ناهي.

”پيرن ۾ ڪِريل آسمان“ ڪهاڻيءَ ۾ سماجڪ بي حسي ۽ ناانصافي جي بهترين عڪاسي ٿيل آهي. جنهن ۾ ڪجهہ ماڻهن کي پنهنجي جسم جي

جنسي تسڪين جي حاصلات جو اَنڌو جنون ذهنن تي سوار آهي تہ ٻئي پاسي هڪ مجبور عورت سان ٿيندڙ ڏاڍائي ۽ سندس هيٺائيءَ جو دردائتي ريت پيش ڪيو ويو آهي جو پڙهندڙ جي دل پڻ اُن تڪليف ۾ جُهري پَوي ٿي. ۽ سوچن ۽ خيالن ۾ معاشري جي بَدنُما بيهڪ ڪان بغاوت جا طوفان پيدا ٿي پَون ٿا.

هِن ڪهاڻي جو پلاٽ ۽ مقصد ايترا تہ ڀرپور آهن جو ڪهاڻي پڙهندڙن جي ذهنن تي پنهنجا نقش ڇڏي، ڪين اُنهن ۾ تَحليل ڪري ڇڏي ٿي. شروع کان آخر تائين جنهن تسلسل سان ڪهاڻي لکي وئي آهي اُهو رواني جو رنگ ساراهہ جوڳو آهي. ٻئي طرف هِن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي پير جي نيشاندهي ڪئي وئي آهي، جيڪو پڻ هِن سماج ۾ گندگيءَ ڦهلائيندڙ غندبن، جيان برابر جو ڏوهاري ۽ سندن پاٿاريدار پڻ آهي.

”ڪارا ناسي ڪنگڻ“ رومانس جي ڪلاسيڪل انداز ۾ رچيل هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ضراب وڏي فنائتي نموني سان پيار جي پيڙا کي وڻندڙ خيالن، خوبصورت منظرنگاري، ۽ سُريلي پر پُردرد ٻوليءَ ۾ وڏي سيبتائيءَ سان سهيڙيو آهي. ڪهاڻي جو اهڙو ڀرپور فني انداز ظاهر ڪري ٿو تہ ضراب ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ جي گهرائيءَ ۾ لهي ڪري، ڪهاڻيءَ جي جوهر کي دريافت ڪري ڄاڻي ٿو. اُها خُصوصيت ئي هُن جي بهترين ڪهاڻيڪار هُئڻ جي ساک ڀَري ٿي. اُن کان اعلاوه ”مُجسمو“، ”۽ وَچ ۾ پيچي وئي“، ”خدا!تنهنجا سپ آسمان مون وٽ گِروي آهن“، ”سنڌ جو مُجاور“، ”مُحبتن جي ديس مان جلاوطن شخص“، ”فخروءَ جي ڏيءَ جو گُڏو“، ”گتجي ويل ٻوگي“ڪهاڻيون پنهنجي پنهنجي اندر ۾ هڪ وسيع مَعنائون ۽ مُنفرد دنيائون کڻي لفظن مان اُڀري ظاهر ٿي پَون ٿيون. تہ جديد سنڌي ڪهاڻي ۾ ايمان تازو ٿي پوي ٿو. ۽”مري ويل ڪهاڻي“وارو آجايو خيال يا تصور پنهنجو پاڻ خاڪ ۾ ملي وڃي ٿو.

مان سمجهان ٿو تہ ضراب حيدر جون مٿي حوالي طور پيش ڪيل ڪجهہ ڪهاڻيون پنهنجي توڙي ايندڙ وقت جون پڻ شاندار ڪهاڻيون آهن. اسان وٽ سنڌي ادب ۾ اڄ توڙي سُڀاڻي ادبي تاريخ ۾ جڏهن بہ هڪ سُٺي ۽ تخليقي ڪهاڻيڪار جو ذڪر ايندو تہ اُنهيءَ ۾ ڪهاڻيڪار ضراب حيدر جو نالو پڻ ضرور ايندو. اُنهي اعتبار جو ڪارڻ سندس ئي تخليقي ڪهاڻيون آهن.

اڄ جي لکجندڙ ڪهاڻين جي اڪثر روايتي رنگ توڙي ڍنگ کي لَت هڻي عالمي ادبي سفر ۾ هلندڙ سنڌ جا ڪُجهه ئي ڪهاڻيڪار آهن جيڪي ڪهاڻيءَ جي روشن مُستقبل جي ضمانت پڻ آهن. اُنهن چند ڪهاڻيڪارن ۾ ضراب حيدر جو ادبي پنڌ توڙي پورهيو پڻ ڪنهن طور تي بہ گهٽ نہ آهي پر جيڪو نرالي هُنَرَ سان گڏ مُشڪل پڻ ضرور آهي. جنهن جي منزل بہ "سرحدن کان اڳتي" وڃي هِن پوري ڪائنات ۾ سمائي وڃي ٿي.

ضراب حيدر جي ڪهاڻين جي ڪتاب "سرحدن کان اڳتي" ۾ ڏنل آخري ڪهاڻي "اَلف کي ڪو بہ نُقطو نہ آهي" طويل هوندي بہ هڪ دلچسپ ۽ پاڻ ۾ تحليل ڪري ڇڏيندڙ ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ هڪ ڪردار جي جستجوءَ جي انتها جو اندازو لڳائي، من ۾ بيقرار ٿي سگهجي ٿو. جنهن جي زندگيءَ جي جُستجو، هڪ اهڙو نُقطو ڏيکاري وئي آهي، جيڪا سندس زندگيءَ جو مقصد بڻجي وڃي ٿي ۽ سموري ڪهاڻيءَ کي هڪ اهڙو سفر بخشي ٿي جنهن سان ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ انتهائي گهڻي سگهه پيدا ٿي پوي ٿي. موضوع جي رومانوي الڳتا، وڻندڙ ٻوليءَ ۾ گُفتگو جو نرالو رنگ توڙي ڍنگ ۽ بنيادي ڳالهہ تہ هِن ڪهاڻي کي تسلسل يا رواني ۾ جنهن نڀاهہ سان ڪنيو ويو آهي. اُها ڪنهن بہ عام ڪهاڻيڪار جي وَس کان مَٿاهين ۽ مُشڪل ڳالهہ آهي. ڪهاڻي جو ڪلائميڪس ڇرڪائيندڙ ۽ انتهائي دل آويز انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻي پنهنجي سلسلي ۾ ڪٿي بہ ٽُٽي، جهول ڪو نہ ٿي کائي يا وري حال مان اوچتو ماضي (فليش بيڪ) ۾ ڪهاڻيءَ جي رُخ کي موڙڻ ۽ وري ماضيءَ مان حال ۾ ڪٽي اچڻ، ڪهاڻي جي خوبصورتي ۽ مُڪملتا جا اهم اُهڃاڻ آهن. رومانس جي شديد جذبن سان سَرشار هي ڪهاڻي پنهنجي ڪهاڻيپڻي واري سگهاري اُٺت ۾ اعليٰ ۽ اَڇوتي آهي.

ڪهاڻي مان ڪجهہ جُملہ، جيڪي پڙهي ڪري دل ۾ لهي وڃن ٿا ۽ ضراب حيدر جي تخليقي ذهن جي سطح پرکي سندس مُطالعي، مُشاهدي ۽ فني پُختگي تي پيار اچي وڃي ٿو.

"پريت تہ هر عورت ڪري سگهي ٿي. ۽ پريت بہ هر عورت بڻجي سگهي ٿي. پر سُريت ڪا ڪا عورت بڻجندي آهي. "

"جهول ماءُ جي هُجي، محبوبا جي هُجي، زال جي هُجي يا رَنڊيءَ جي هُجي، آٿت هوندي آهي. اُتساهہ هوندي آهي. "

”روح توڙي جسم جي آزادي ڏيڻ مُحبت جو معراج آهي. “، ”ماڻهو زنده هوندو آهي تہ فاصلن جي باوجود بہ دل کي آٿت هوندي آهي، تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن مِلڻ ۽ مُرڪڻ جي مُند ايندي. “، ”جيڪي عورتون ڪائڻ جي معاملي ۾ بي باڪ ۽ بي حساب هونديون آهن، اُهي پنهنجي جسم جي بُک جو وڏي سِر اعلان ڪنديون آهن. “، ”پيار جا سادا اظهار، دنيا جي سمورن فلسفن تي ڪيڏا نہ ڀاري هوندا آهن. “، ”مُحبت جي قوت ڪيڏي بہ پُرجوش ڇو نہ هُجي، پر حَياءُ ۽ شَرم جي سَرزمين تي ٽَپي ويل سچ جي گولي جيان هوندي آهي. مُحبت جي سچ جون ڇِپيون وِسامن يا ڦاٽن پر حَياءُ جي ”اوزون ليئر“ کي تباهہ ناهن ڪري سگهنديون. حَياءُ جو ٻاڙهو ”اوزون ليئر“ مُحبت جي سچ جي حدت سبب ٽُٽي پوندو آهي تہ اسان جي جذبن ۽ احساسن ۾ ڪيترين ئي آلودگيون ڪاهي پونديون آهن. پوءِ دل جون ڌرتيون صدين تائين پوڳينديون آهن. “

”درياهہ ڪنهن شفيق پوڙهي ماڻهو وانگي لڳندو آهي. پر درياهہ جو وهڪرو عورت جي ساهن جي سهڪي وانگر لڳندو آهي. “، ”ڌرتيءَ تي هر فطري تخليق جو جنم سچ جي غير موجودگيءَ ۾ ٿيندو آهي. عبادت جا عَلم ۽ گُناهن جا اَلميا رات جي پيٽ ۾ پَلجندا آهن. “، ”مُحبت ۽ جنگ ۾ ڪو بہ قانون ناهي. مُحبت ۾ ماڻهو حق تي هُجي يا ناحق تي، ماڻهوپاڻ کي صحيح سمجهندو آهي. “،

”محبت ماڻهپو ڏيندي آهي ۽ ماڻهپو ڇَوي ٿو تہ مُجرد زندگي گُذارڻ جي ڄاڻي واڻي يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪيل ڪوشش گُناهہ آهي. عورت کان سواءِ زندگي بَسر ڪرڻ جو تصور بہ فطرت جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي. “، ”مون دنيا ۾ اِهو ڄاتو آهي تہ ڪنهن جو ڪوئي تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ماڻهوءَ جي پنهنجي مَن ۾ ڪنهن جي ٿي وَڃڻ جو سوداءُ سَمائجي وڃي. “

اهڙيءَ طرح ”سرحدن کان اڳتي“ ۾ ڏِنل آخري ڪهاڻيءَ ۾ هڪ تِر جي جُستجو نہ ئي پوري ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ئي ضراب حيدرِان جُستجوءَ کان وانجهو نظر اچي ٿو. ڳولا جي اِها بي چيني يقينن سنڌي ادب کي اهڙيون نِراليون ۽ تخليقي ڪهاڻيون ڏيندي رهندي. . . .

# شڪُ جي پُٺيءَ مان ڦُٽي نڪتل سچُ

*ڪهاڻيءَ جي شروعات تہ تڏهن ڪان ئي ٿي وئي هئي جڏهن ڪان"ڪُن فيڪُون "يا" بِگ بينگ"جا آوازهِن ڪائنات جي تخليق ڪان پهرين پولارن ۾ گونجيا هُئا. ۽ هِن ڪائناتي وجود جي ڪهاڻيءَ جنم ورتو هو. اُن هِڪ ڪهاڻيءَ جي وجود، اَبد ڪان وٺي هيل تائين نہ ڄاڻان ڪيترين ئي ڪهاڻين کي پئي جنميو آهي ۽ اِهو ڪهاڻين جو سلسلو پنهنجي تسلسل ۾ هڪ اهڙي زنجير ٻڌجي پيو آهي جنهن جون پهريون ڪڙيون وقت جي دوردراز اِبتدائي گهاٽي جهنگ ۾ هڪ ٻئي جو ڪاڄ بڻجي ٻين ڪهاڻين جو ڪارڻ بڻيون. جيڪو سلسلو اڳتي وڌندي ويرانين، بيابانن، جبلن، صحرائن، دريائن، سمنڊن، جيتن جڙن، جانورن جا روپ مَٽيندو انساني وجود تائين پهچي ويو. جتان ڪان وٺي هِن دنيا جا سڀ "اڌورا وجود"پنهنجي پورڻتا جي خوابن جي ساڀيائن جي رهيل ڪهاڻيءَ وارن ڪردارن جي جُستجوءَ ۾ محوِ سفر آهن. هڪ اهڙو سفر، جنهن جي رستن مٿان قدم قدم تي بي اِنتها ڪهاڻيون وکريون پيون آهن. جن کي نہ سهيڙڻ جو درد، ڏُکندڙ سگريٽ جيان، سُرمئي لاٽ کي کو نہ ڪو روپ ڏيڻ جي ڪوشش ۾ سرگردان آهي. اهڙين اڌورين ڪهاڻين جا "اَڌورا وجود"سهيڙيندڙ ڪهاڻيڪار ممتاز لوهاربہ آهي جنهن بہ هِن ڪائناتي سماج ۾ موجود اَڻ پورن وجودن جي جوڙجڪ ڪندي ڪيترين ئي گهاءُ جهڙين گهڙين کي پئي پوڀيو آهي. ممتازلوهار جي ڪهاڻين جي هِن ڪتاب "اڌوراوجود"جو ڪينواس مُختلف درد ڀَرين ڪيفيتن جي پُردرد رنگن سان رنڱيو پيو آهي. جن رنگن جي آڌورائپ جو احساس داخليت مان سفرشروع ڪندي خارجيت جي خلائن ۾ اڌورائين جي تياس تي ٽنگيل رهجي وڃي ٿو. ممتازلوهار جون اڪثر ڪهاڻيون پڙهي ڪري اُنهن ڪهاڻين

جي جوڙجڪ جي جھانجھہ جيءُ ڪي جھوري وجھي ٿي. هِنن بظاهر ننڍڙين ڪھاڻين جي مُڪمل اُٽت پڙهندڙ جي اَڌورائپ ڪي اَڌورو نہ ٿي ڇڏي. بلڪ اِهاڪھاڻيڪار جي ڪرافٽ جي ڪاميابي، اڻپورين ڪھڪشائن تي قدم رکندي آڌيءَ رات جو پوري چنڊ ڏانھن سفر جي اُڏام رکي ٿي. ممتازلوھارجون ڪھاڻيون، ڪھاڻيءَ جو هڪ خوبصورت نمونو آهن. ماٺھوءَ جا بظاهر ننڍڙا ننڍڙا مسئلا، مامراپر پنھنجي اندرم دردن جا سمونڊ سمائي رکندڙ اهڙا مُونجھارا آهن جيڪي عام طور تي ليکي ۾ ئي نہ ايندا آهن پر ممتاز جھڙي ڪھاڻيڪار آڪ جي ماڻڪي اُنھن انتھائي باريڪ ذرڙن ڪي فوڪس ڪري ايترو تہ نُمايان ڪيو آهي جو هر ڏسندڙ /ٻُڌندڙکين ڏسي/ٻُڌي محسوس ڪري احساس جي اُجري آسمان هيٺ هڪ سَرد آهہ ڀَري پاڻ ڪي هلڪوڪرڻ ڪان روڪي نہ ٿو سگھي. هي ڪھاڻيون درد جي مَدّ جا اهڙا پيگ آهن جن جي خُمارن جي خاصيت هڪ خواب نُما دنيا تخليق ڪري ٿي. جنھن جا ڪردارسماج جا عام رواجي اُهي انسان آهن جيڪي پل پل جيئن ۽ مرن ٿا. جن جو جياپو، چاڪيءَ جي ڏاند وانگر هڪ ئي دائري ۾ صدين کان اکين تي پَٽي ٻَڌيو ڦِري رهيو آهي. جنھن جي تقدير جو تدارڪ اڄ ڏينھن تائين نہ ٿي سگھيو آهي. ممتاز جون ڪھاڻيون اُنھن ٽُٽل ڦُٽل، وڪريل، اڻپورن وجودن جو دانھيون آهن، جيڪي ممتاز جي ڪٿاڪار دل جي اُجاڙ وايو منڊل ۾ پڙاڏن جيئن گونجي ڪيس بيقرار ڪري پٽڪائي رهيون آهن. جن جي آوارگي ڪندي ممتازلوھار“اڻپوراوجود”ڪھاڻين جي روپ ۾ سرجيا آهن. هي ڪھاڻيون، ڪھاڻيءَ جي ڪھڪشائن جا اُهي ستارا آهن جن جي تيز ۽ جھيڻي روشنيءَ ۾اسان پنھنجي درد جو روپ پسي سگھون ٿا. پر شرط اِها آهي تہ اُها اسان پسڻ چاهيندا هُجون. ڇو تہ هر خيال، ڪيفيت، احساس، محسوسيات کي محسوس ڪرڻ لاءِ سيني ۾ ڌڙڪندڙ حساس دل جو هُجڻ لازمي آهي. ورنہ اسان نواڻ ۽ جدت جي فلسفي ۾ ڪوڙ سارين حقيقتن سان ناانصافي ڪري ويھنداسين. جيڪا هڪ قسم جي ادبي بدديانتي پڻ آهي. اُن ڪري زندگيءَ سان گڏ زندگيءَ جي هر شُعبي جيان ادب ۾ ديانتداري پڻ اوتري ئي اهم آهي. اُن ڪري“اڻپوراوجود”پنھنجي پنھنجي وجود جي پورٽتالاءِ هر پڙهندڙ۽ ٻُڌندڙکي پنھنجين پيڙائن جي فرياد ڪن ٿا. ۽ موٽ ۾ ڪائنون انصاف جي تقاظا ڪن ٿا. اِهڙي تقاظا جيڪا سندن سينن مان بي ساختہ هڪ سرد آهہ

جهڙي هُجي. ممتازلوهار جي پهرين ڪتاب “اڻپورا وجود” ۾ موجود سترنهن ڪهاڻيون، ماستر جو روح، شڪُ، اڻپورا وجود، مُرجهايل گُل تي ماڪ ڦُڙا، زهر جو ڍُڪ، گُرو، خالي بينچ جو وارث، هينئون هِت نہ وِندري، اڪڙيون ڏيل ڏيئا، رٽائرمينٽ، توڙٽاترسُ نہ سِڪيا، موالي، ڏُکي ڏونگر پاڻ ۾، توٽي ڪنڌيءَ ڪَن، درد جي ڏُہڻ آهي زندگي، هِڪ ڪهاڻي ۽ مان جيئڻ ٿو چاهيان ، آهن. ماستر جو روح، هڪ اهڙي ماستر جي ڪهاڻي آهي جيڪو سماجي نابرابريءَ واري ناانصافيءَ جو شڪار بڻيل انتهائي ڪٺن زندگي گهاريندڙ شخص آهي. هي ڪهاڻي اُن بي حس سماج جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ماڻهون غربت جي غير فطري ڪُنن ۾ قاسي حالتن جي بي رحم چولين جي ور چڙهي ذهني طور تي تمام خطرناڪ پيچ ڊاهہ جو شڪار تي وڃي ٿو. ممتاز هن ڪهاڻيءَ ۾ ماستر جي ڪردار کي ڪٺي جيڪا سندس حالتن ۽ ڪيفيتن جي عڪاسي ڪئي آهي اُها ڪهاڻيءَ جي پيرائي ۾ اچي ڪري مُڪمل طور تي اُڀري نہ سگهي آهي. هِن ڪهاڻيءَ ۾ ڪُجهہ بي ساختگي تہ ڪُجهہ زوري پراءُ جو احساس ٿئي ٿو. خاص طور تي اُن جي پُڇاڙي ڪهاڻيءَ جي سياءُ سان اَڻ ٺهڪندڙ ۽ هرويرواِن انجام تي پُهچائڻ جي ڪوشش لڳي ٿي. جيڪا ماستر جي روح سان ڪهاڻيڪار جي قلم جي ڏاڍائي لڳي ٿي. ۽ جيڪا اِن پُڇاڙيءَ جو اَڻ وڻندڙ احساس پيدا ڪري ٿي. شڪُ، ڪهاڻي اهڙي شاندار ڪهاڻي آهي جنهن جي اُٺت ۾ ممتاز جي اندر ۾ موجود ڪهاڻيڪار پنهنجي پوري قوت سان اُڀري اچي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار پنهنجي زال تي شڪ جي هڪ روايتي سوچ سان حقيقت جي هڪ اهڙي پُلصراط تي پُهچي ٿو جتان ڪان واپسيءَ جا سپ گس متجي وڃن ٿا. ڪهاڻيءَ جو ٿيم شڪ جي بنياد تي پيدا ٿيل هڪ اهڙي حقيقي پونچال کي جنمي ٿو جنهن ۾ سپ ڪُجهہ ڀَسم ٿيڻ لڳي ٿو. توڙي جو سندس شڪُ حقيقت ۾ هڪ انتهائي ڪڙو سچ آهي . پر هي ڪهاڻي هُو، سندس زال رضيہ ۽ ڊاڪٽر حيدر جي درميان هڪ اهڙي ڪرافٽ سان اُڀري اچي ٿي جيڪو ڪهاڻيءَ کي سڏوسنئون رُوح جي گهراين تائين پُهچائي ڇڏي ٿو. ڪهاڻيءَ جو ڪردار هُو پنهنجي پاڻ سان پيدا ٿيل هڪ شڪ جي جنگ ۾ پاڻ کي هارائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي بہ بي ساختہ جيت پائي ٿو. هي ڪهاڻي اڄ جي سنڌي ادب جي هڪ خوبصورت ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي “مان جيئڻ ٿو چاهيان” خوف ۽ وهم جي ٿياس تي ٽنگيل اُن ڪردار جي ڪهاڻي آهي

جيڪو بيماريءَ جي بار هيٺان دٻجي، زندگيءِ موت جي وچ تي مرڻ جھڙو جيئي ٿو. اهڙي حالت ۾ ويجھن رشتن جي بي حسي تہ ڪيس نيٺ اَنت تي پُهچائي ڇڏي ٿي. هي ڪهاڻي پڙهي ڪري مون کي دنيا جي نامياري مائي مدر ٿيريسا جا هي لازوال جملا ياد اچي ويا آهن تہ "ماڻهو اَن جي اَڻاٺ جي ڪري نہ بلڪ پيار جي بُک جي ڪري مري ٿو. "مان جيئڻ چاهيان ٿو. ڪهاڻيءَ جو ڪردار بہ بيماري کان وڌ رشتن جي پٿردليءَ جي ڏُک ۾ مري وڃي ٿو. جيڪو صرف جيئڻ چاهي ٿو پر ڪيس جيئڻ نہ ٿو ڏنو وڃي. "هڪ ڪهاڻي"، "ماستر جو روح" جو جڙ تہ ٻيو حصو آهي. جڙ هڪ ڪهاڻيءَ کي بہ مُختلف پُڄاڻيون ڏئي الڳ الڳ ڪيو ويو آهي. "ماستر جو رُوح" ۾ پڇاڙي ماستر جي اَنت سان ٿئي ٿو جڏهن تہ "هڪ ڪهاڻي" ۾ ماستر جي ماءُ جو اَنت. هِن ڪهاڻيءَ جو اَنت آڻي ٿو. ٻنهي ڪهاڻين ۾ مين ڪردارءِ ساڻس هيڊ ماسترءِ ايس. ڊي. او. گڏ آهن. ۽ اُها ساڳي مفلوج ٿيل سوچ ڪهاڻيءَ ۾ سفر ڪري ٿي. ممتاز جون ڪهاڻيون سماجي بي حَسين جو ڪاچ ٻڌيل ڪردارن جون ڪهاڻيون آهن جن تي تمام گهٽ لکندڙن جي نظر پوندي آهي ۽ پوندي بہ آهي تہ اُها نظر اندازيءَ جي حد تائين ختم بہ ٿي ويندي آهي. پر ممتاز جهڙو ڪهاڻيڪار ڏاڍي تِکي ۽ تيز نظر سان اُنهن ڪردارن جي روح تائين لهي وڃي ٿو ۽ سندن پيڙائن کي محسوس ڪري وٺي ٿو. "درد جي ڏُٻڻ آهي زندگي" پڻ هڪ اهڙي ڪردار جي ڪهاڻي آهي جيڪو پڻ معاشي بحران جو شدت سان شڪار ٿيل آهي جيڪو گهر جو گاڏو ڏِڪڻ لاءِ اوڌر جي آزار ۾ ورتل آهي. اڄ جي انسان لاءِ هر روز ٿي ويلا پيٽ جي دوزخ کي اُجهائڻ وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي. جنهن جي ڪري ئي باقي ٻيا دنيا جا بي انداز مامرا اُپري پون ٿا. ازل کان وٺي انسانيت جو مُفلسيءَ ۾ جيئڻ ۽ مرڻ مقدر بڻجندو رهيو آهي. هي ڪهاڻي بنا ڪنهن ڪلائمڪس جي بہ هڪ مُڪمل ڪهاڻي آهي. "هاڻ هُن کي ننڊ جا خُمار اچڻ لڳا ۽ هُو سڀ ڪُجھ وساري پنهنجا مسئلا سُياڻي تي ڇڏي سُمهي پيوءِ ننڊ کيس خوابن جي دنيا ۾ اُڏائي ڪٽي وئي. "ممتاز جون ڪهاڻيون جڙ تہ نثري نظمن جا ٿيم آهن. جن کي وڏائي، سنواري ڪهاڻيءَ جي ڪئنواس تي پينٽ ڪيو ويو آهي. جن جي پنهنجي پنهنجي خصوصيت اُڀري سامهون اچي ٿي. ممتاز لوها ر جون "آڌپورا وجود" ۾ ڪهاڻيون پڙهي ڪري مون کي اڪثر ڪهاڻين جي پلاٽ توڙي سندن اُٽت جي من موهيندڙ خوبي دل تي دستڪ ڏئي ٿي. ويجهر ۾

مُنهنجي مُطالعي هيٺ آيل سنڌ ۽ هند جي ناليواري شاعر واسديو موهيءَ جون ڪهاڻيون، جيڪي ڪتابي صورت ۾ سندس هڪ ڪهاڻيءَ جي عنوان "چيڪ بُڪ" جي نالي سان انڊيا ۾ ڇپيو آهن. پڙهي ڪري مون کي دلي طور تي ڏاڍي سرهائي محسوس ٿي آهي. ۽ اُنهن ڪهاڻين جي ڪهاڻي پٺي تي مون کي بيحد پيار پڻ آيو آهي. موضوع، مواد، اُڻت، يا اُنهن جي پُڄاڻي جو انداز حيرت ۾ وجهندڙ ۽ پنڍپهڻ ڪري ڇڏيندڙ لڳو. ممتاز جون ڪهاڻيون بہ اهڙي نئين ڪهاڻيءَ جي ساک ڏين ٿيون. جيڪي ڪنهن بہ طور تي شروعات، وِچ توڙي آخرت جون محتاج ناهن. بلڪ ڪهاڻيءَ جو آرٽ ڪين منطقي نتيجي تي ڪٽي اچي ٿو. ۽ جن ڪهاڻين کي ممتاز پاڻ ڪٽي هلي ٿو اُهي بہ پنهنجو اهڙو ڏس ڏين ٿيون. ڪهاڻي "توڙي ڪنڌيءَ ڳن" هڪ اهڙي ڪردار جي ڏُک دائڪ ڪٿا آهي جنهن وٽ سڀ ڪُجهہ هوندي بہ سندس دل ڳھُري زال ڪيس ڇڏي وڃي ٿي ۽ هُوءُ اُن ڇڏي ويل زال جي اهڙي رويي تي غمزده ۽ چڪچُور آهي. هي ڪهاڻي بہ پنهنجي مرڪزي ڪردار جي پيڙائن جون پريون ڪٽي انجام تي پُڄي ٿي تہ هڪ اڌوري انسان جي پوري ڪهاڻيءَ جو احساس ڪر موڙي جاڳي پوي ٿو. ۽ پڙهندڙ ڪهاڻيڪار جي هُنر کي ساراهڻ کان سواءِ نہ ٿو رهي سگهي. "ڏُکي ڏونگر پاڻ ۾" هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي. جنهن جو مرڪزي خيال اُوندهہ سان خود ڪلامي ڪندڙ هڪ ڪردار جو آهي. هِن ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻي، سڄي ڪهاڻيءَ جي مفهوم کي چِٽو ڪري ڇڏي ٿي جيڪا خوبي ڪهاڻيڪار جي آرٽسٽڪ ائپروچ کي واضع ڪري ٿي. ڪهاڻي "موالي" هڪ روايتي قسم جي عام ڪهاڻي آهي جيڪا حالتن کا فراريت چاهيندڙ هڪ نوجوان جي زندگيءَ تي آڌاريل ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار خودڪشي ڪري بہ بچي وڃڻ کان پوءِ معذوريءَ جي سزا ڀوڳيندو رهجي وڃي ٿو. ڪهاڻيءَ، ڪهاڻيڪار جي روح ۾ لهڻ کان اڳ ئي تحرير ٿيل لڳي ٿي. جنهن ڪري ڪهاڻيءَ جو ڀرپور تاثر ڪونہ ٿو جُڙي. "توٽا ترسُ نہ سِڪيا" هڪ ڀرپور ڪهاڻي آهي جنهن جي حسين سناءُ سان ڪهاڻي پنهنجي انجام تي پُهچي هڪ سُنو تاثر ڇڏي وڃي ٿي. ايئن "هينئون هِت نہ وندري" بہ هڪ سادي سودي ڪهاڻي آهي جنهن جي پُڄاڻيءَ جي اَڻپورائي شدت سان پڙهندڙ جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي. "اڪڙيون ڏيل ڏيئا" سنڌي سماج ۾ ڪارو ڪاريءَ جي ڪُڌي رسم تي لکيل ڪهاڻي آهي پر ڪهاڻيڪار اهڙي

سماجي سرشتي ۾ هڪڙي غير متوقع ، ۽ مُتضاد ڳالهه ڪري ڪهاڻيءَ کي پُڄاڻيءَ تي پهچائي ٿو جيڪا حقيقت ۾ اَڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. ڪاري ڪري مارجندڙ عورت پنهنجي مُڙس جي بي مُڙسيءَ جو سبب ڏئي ڪيئن ٿي بچي سگهي. ۽ وري اُهو پاءُ جيڪو گُجهه وقت اڳ غيرت ۾ اڪيون ڳاڙهيون ڪيو پيڻ کي مارڻ لاءِ انڌو لڳو پيو آهي اُهو پيڻ جي سچ ٻڌڻ تي ، ڪيس ٻانهن کان وٺي چُپ چاپ گهر مان نڪري وڃي ٿو. هي ڪهاڻيءَ عجيب مُبالغي جي ور چڙهي وڃي ٿي. جنهن ڪري ڪهاڻي ڪو اهڙو خاص جٽاءُ ڪونه ٿي ڪري. "رٽائرمينٽ"هڪ اهڙي پرنسيپل جي ڪهاڻي آهي جيڪا هڪ وڏي عُهدي جي وَبا واري سائيڪي کي ظاهر ڪري ٿي. پرنسيپل جي ڪُرسيءَ تان رٽائر ٿيندڙ ماڻهو ڪيڏو نہ غير فطري روش جو عادي بڻجي خود کي بيڪار محسوس ڪري ٿو. ممتاز هِن ڪهاڻيءَ ۾ موضوع جي اعتبار کان تہ مُنفرد چونڊ ڪئي آهي پر ڪهاڻي اُن فِلو ۾ ڪونہ اچي سگهي آهي جنهن سطع جو موضوع آهي. مان سمجهان ٿو تہ ممتاز کي هن ڪهاڻيءَ ۾ تڪڙ هرگز نہ ڪرڻ گهُربي هئي جنهن جي ڪري هن ڪهاڻيءَ جو اَنت اَڻ ٺهڪندڙ بڻجي پيو آهي. "خالي بينچ جو وارث"ڏاڍي شاندار ڪهاڻي آهي ڇاڪاڻ تہ اُن جو نرالو موضوع آهي ۽ ڇا تہ اُن جي خوبصورت اُٺت. ڪهاڻي وڏي فني انداز سان شروع ٿي پُڄاڻيءَ تي پُهچي ٿي تہ دل مان بي ساختہ واهہ واهہ نڪري وڃي ٿي. "گُرو" ڪهاڻي ٽين جنس/ کدڙن جي پس منظر ۾ لکي وئي آهي. جنهن جو مين ڪردار گُرو اصل ۾ تہ عام شادي شده انسان آهي پر هڪ ٽين جنس جي حسين ڇوڪري جي هٿان دل هاري، پنهنجو وَريو گهر ڇڏي اُن جي دنيا کي وڃي آباد ڪري ٿو. ۽ گُرو جي حيثيت سان پڇاڙيءَ ۾ اسپتال پيڙو وڃي ٿئي ٿو. ۽سڄي ڪهاڻي اسپتال ۾ ئي شروع ٿي ختم ٿئي ٿي. ڪهاڻيڪار ٽين جنس يا اهڙي ماحول ۾ ايندڙن جي پڇاڙڪين گهڙين وارين حالتن ۽ ڪيفيتن کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش تہ ڪئي آهي پر ليکڪ اُن ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو آهي. ڇو تہ ليکڪ رُڳو پري کان ئي اُنهن جي زندگي کي ڏٺو تہ آهي پر ٽين جنس/کدڙن جي حقيقي زندگيءَ جو ڏيک سندس روح ۾ اجا لهي نہ سگهيو آهي، جنهن ڪري ٻن ڪردارن جي وچ ۾ ٿيل ڳالهه ٻولهه سندن زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي نہ ڪري سگهي آهي. ۽ پوءِ خود ڪهاڻيءَ جو وجود ئي اَڌپورو رهجي وڃي ٿو. "زهر جو ڏيک"جنگ ۾ معذور بڻجي ويل سپاهيءَ جي ڪهاڻي آهي. جيڪو باقي بچيل زندگيءَ جا

ڏينهن ويل چيئر جي سهاري گُذاري ٿو. اهڙي حالت ۾ سندس گهرواري ڪانوئس نفرت ڪندي الڳ زندگي گُذارڻ چاهي ٿي ۽ هي معذور بڻيل مجبور ڪيس عليده ٿيڻ کان روڪيندي ڪيس هر ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار آهي. هي ڪهاڻي هڪ بي وس انسان جي بي وسيءَ جي انتها تي لکيل سُٺي ڪهاڻي آهي. هِن ڪهاڻيءَ جي موضوع جي انفراديت سنڌي ڪهاڻي ۾ هڪ سُٺو واڌارو آهي. "مُرجهايل گُل تي ماڪ ڦُڙا" پڻ هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ هڪ شادي شُده ڇوڪريءَ جي شاديءَ کان اڳ ڪنهن سان ڪيل سنگم جي ڪري ازدواجي زندگي سواليه نيشان بڻيل آهي. جيڪا ڳالهه بظاهر ننڍڙي پر اندروني طور تي اسان واري سماجي سرشتي ۾ تمام وڏي آهي ۽ جيڪا اجايو غيرت جو سبب بڻجي ٿي. اهڙي اُلجهيل مسئلي کي ڊاڪٽر سُهڻي نموني سان سُلجهائي ڇڏي ٿو. هِن ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻي زبردست انداز سان ٿئي ٿي. هي ڪهاڻي به موضوع جي اعتبار کان نڪور آهي. "اَڌورا وجود" ڪهاڻيءَ جو ٿيم هندو، مُسلم رومانس تي ٻَڌل آهي. جنهن ۾ يونيورسٽيءَ جي اُستاد ۽ شاگرديائيءَ جي چاهنا، چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ جيان عروج تي پُهچي مذهبي مَت ڀيد جي ڪري اوٽيهينءَ جي اُونداهيءَ ۾ غرق ٿي وڃي ٿي. هي ڪهاڻي به پنهنجي اَنت ۾ ڪُجهه سَرس محسوس ٿئي ٿي. ڪهاڻيءَ جي اُٽت به پلوڙ ٿيل آهي. مان هِن ڪهاڻيءَ جي هڪ ٽُڪري سان پنهنجي هِن لکڻيءَ جي پُڄاڻي پڻ چاهيندس ته، "دائودي صاحب کي ڪير نه سُڃاڻي!" ڪلپنا جي هِن ڳالهه اَڏ ۾ ڪٽي ورتي هُئي. "دائودي صاحب! توهان جو ڪتاب پڙهيو اٿم، سُٺو ٿا لکو، پر ڪلائيميڪس ۾ توهان مار کائي ٿا وڃو. ڪردارن سان انصاف نٿا ڪريو. ڊائلاگ سڀ ٺيڪ آهن ۽ تشبيهون به اثرائتيون آهن، پر سدائين اَنت وڇوڙو، بي وفائي ۽ موت! اِها توهان جي يڪسانيت پڙهندڙن کي مايوسيءَ ڏانهن وٺي نه ويندي. "؟؟؟؟؟؟؟؟

16/12/2013

# سنڌ جي شَعُور جي مَشعل جو رَکوالو

جامي چانڊيو اسان جي دور جو اُهو باشعور، اديب، دانشور، نقاد آهي جنهن جي لکڻين اڄوڪي مُنتشر سنڌ کي ذميوارنہ اعليٰ تنقيدي توڙي تعميري شعور جي آڏار تي پرکڻ جي جيڪا ڪسوٽي ڏني آهي اها تمام گهٽ اديبن وٽ ملي ٿي-

جامي چانڊيو سنڌي سماج، ادب، سياست، فلسفي، تنقيد ۽ تاريخ جهڙن سنجيده شعبن ۾ جيڪا مَهارت ۽ دسترس رکي ٿو اُها خُوبي اڄ جي سنڌ لاءِ وڏي وِٽ واري ڳالهہ آهي-هُن جون لکڻيون وقت ۽ حالتن جو اِنتهائي گهرائيءَ سان تنقيدي ڇيد ڪندڙ مُناسب ۽ آسان حل پڻ پيش ڪندڙ آهن-ڇو تہ سماج ڏانهن ڪميٽيڊ شخص پنهنجن ذميوارين کان بخوبي واقف هوندو آهي ۽ اُن ڏانهن سندس رَويو انتهائي سنجيده هوندو آهي.

جامي چانڊيي جو فڪري، فني، ادبي، سياسي، تاريخي توڙي سماجي شعور انتهائي پَڪو پُختو ٿي رچيل آهي-هُن جا مضمون هُجن، ڪالم هُجن، اپياس هجُن يا ليڪچر، هُو اُنهن سينيءَ ۾ انتهائي سُجاڳ، اپڊيٽ رهندڙ ۽ عالمي تناظر ۾ گهرائيءَ سان تَڪي توري، ذميواريءَ سان پرک ڪندڙ اديب هوندو آهي-مون سدائين کيس پڙهي توڙي ٻُڌي يا ساڻس ملي خوشي ۽ اُتساهہ پاتو آهي-۽ پنهنجي ذهن ۾ مُثبت اثر مُرتب ٿيندي محسوس ڪيا آهن-

جامي چانڊيي جا مُختلف وقتن تي ڇپجي آيل ڪتاب سنڌ جي نئين نسل توڙي پراڻي لکندڙ ۽ پڙهندڙ کي نئين نئين سَمتن ۾ نَوَن نَوَن زاوَين سان مُتعارف ڪرائيندا رهندا آهن-سندس ڇپيل هن اهم ادبي ڪتاب ”ادبي تنقيد جا مُحرڪ ۽ سماجي ڪارج“ اهڙو تہ شاندار ڪتاب آهي جنهن ۾

ادب جي اهم پهلوئن تي همه گير انداز ۾ منطقي نموني، باريڪ بينيءَ سان صاف، سولي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي-

جامي چانڊيي جي هِن ڪتاب جي مهاڳ (وَهي منجهين وَڳَ، ڪٿُوري ڏار ڇَري)نامياري ليکڪ ڊاڪٽر فهميده ميمڻ لکيو آهي-جنهن ۾ هُوءَ لکي ٿي ته "جامي چانڊيي جو هيءُ ڪتاب گهڻي ڀاڱي ته علمي ۽ فڪري (Academic)تنقيد جو ڪتاب آهي پر آخر ۾ ڪجهه مضمون علمي (Practical)تنقيد جا به آهن. هن ڪتاب ۾ ادبي تنقيد جي وصفن، اُنهن جي لاءِ ضروري عنصرن ۽ مُحرڪن وغيره بابت لکڻ کان پوءِ ادب توڙي تنقيد جا فڪري مُحرڪ، سماجي مُحرڪ، سماجي ڪارج، ڪميٽمينٽ جو سوال، تخليقي ۽ تنقيدي شعور جي اهميت، تصورن، خيالن، نظرين توڙي فڪر ۽ فن (آرٽ)جي اهميت، ٻولي ۽ ڊڪشن جي خُوبي وغيره بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي. "هي مهاڳ ڏاڍو فهميدو، شائستو، گهڻ رُخو ۽ اعليٰ تنقيدي شعور سان سَرشار آهي-جنهن ۾ جامي چانڊيي جي هِن ڪتاب جي لکڻين تي هڪ ڀرپور خيال آرائي ڪئي وئي آهي. هِن ئي ڪتاب ۾ سنڌ جي هڪ بهترين ليکڪ ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو"ٻه اکر" جي عنوان سان لکيل ليک پڻ ڏاڍو گهرو ۽ ڪتاب جي لکڻين جو ڀرپور ڇيد ڪندڙ آهي. هُو لکي ٿو ته "جامي چانڊيي جو هيءُ سڄو ڪتاب اُنهيءَ بنياد تي لکيل آهي ته ادب ۽ تنقيد جو فڪري پاسو ڪيترو اَهم آهي ۽ اُن کي ڪيئن جانچڻ گُهرجي؟علامه آءِ آءِ قاضيءَ جو هيءُ جُملو معنيٰ خيز آهي ته"علم ۽ ادب جو مَدار ´فڪر `تي آهي" ڇو ته فڪر ئي هر مضمون ۽ بَيان جو سَرچشمو آهي. "غفور ميمڻ جي گهري ۽ مُفصل تحرير کان پوءِ ڪتاب جي ليکڪ جامي چانڊيي جو ´پنهنجي طرفان `ليک پڻ جامع ۽ اهم آهي. جنهن ۾ جامي چانڊيو لکي ٿو ته"تنقيد، تنقيدي شعور مان اُپرندي آهي، تنقيدي شعور وري علم، عقل ۽ اِدراڪ مان جُڙندو آهي. تقليد نه رڳو تخليق جي نَفي آهي پر اُها تنقيدي شعور جي پڻ نَفي آهي. جڏهن ته تخليقي ۽ تنقيدي عمل مختلف هوندي به هڪٻئي سان جُڙيل ۽ ڪِن حالتن ۾ ٻِنه مَشروط پڻ آهي. ننڍي کنڊ جي وڏي ادبي نَقاد ڊاڪٽر اَحسن فاروقيءَ تنقيد کي تخليقي عمل ڪوٺي اُن جي اِمتزاج کي ´تخليقي تنقيد` سڏيو هو. تنقيدي شعور سماج جو جوهر آهي ۽ اُن جو ادب، سياست، فن ۽ زندگيءَ جي هر شعبي سان بنيادي ۽ تمام

ڳُوڙهو ۽ ڳُتيل لاڳاپو آهي. " اهڙيءَ طرح اهڙين پُرمغز تحريرن ڪان پوءِ مطالعي جو حسين ۽ دلچسپ سلسلو شروع ٿئي ٿو. جنهن جو آغاز "ادبي تنقيد جا مُحرڪ ۽ سماجي ڪارج"جهڙي اَهم، گهري، مُدلل ۽ مُفصل ليڪچر/مضمون جي صورت ۾ ٿئي ٿو-جنهن ۾ جامي چانديي پنهنجي ادبي شعور توڙي اِدارڪ جي روشنيءَ ۾ ادبي تنقيد، تخليقي ادب، حقيقت نگاري، تنقيدي شعور، ادب جي فڪري تنقيد جا بنيادي عنصر، ادب ۽ فن ۾ قدرن جي اهميت ۽ پرک، ادب ۽ فن جي مُحرڪن جي اهميت ۽ پرک، ادب ۾ تصور ۽ خيال جي اهميت، ادبي تنقيد ۾ نظرين جي اهميت، ادب ۽ فن ۾ طبقاتي شعور، ادبي تنقيد جا قسم، ادب جي سماجياتي تنقيد، ادب جي اخلاقياتي تنقيد، ادب جي نفسياتي تنقيد، ادب جي ثقافتي تنقيد، ادب جي جمالياتي تنقيد، ادب جي تاريخي تنقيد ۽ ادب جي فني تنقيد تي گهڻ پاسائين خيال آرائي ڪري هر هڪ رُخ ۾ سادي انداز ۽سهڻي سٽاءُ سان ترتيب وار سَوِلي نموني دل آويز ڪري پيش ڪيو آهي-جو اُن طويل پر اهم ۽ جامع مضمون جي ادبي اهميت اُجاڳر ٿي پوي ٿي ۽ پڙهندڙ بنا ڪنهن مونجهاري ۽ ذهني ٿڪاوٽ جي اُن سلسلي کي پنهنجي هانوَ سان هنڍائي ڇڏي ٿو-اهڙي نموني هِن ڪتاب جو ٻيو ليڪچر نُما مضمون "ادب ۽ فن بابت غلط تصور ۽ مَفروضا" جي عنوان سان پنهنجي موضوعاتي انفراديت سان سوچن کي سيراب ڪري ڇڏي ٿو-۽ ادب ۽ فن ڇا کي چئجي ٿو؟ادب ۽ فن بابت خالص هُئڻ، ادب ۽ فن جا ڪي بہ سماجي ۽ فڪري مُحرڪ نہ هُجڻ، ادب ۽ فن ۾ آفاقيت، ادب ۽ فن ۾ جديديت ۽ ڪلاسيڪيت، ادب ۽ فن بابت ترقي پسندي، ادب ۽ فن ۾ رومانويت، ادب ۽ فن ۾ افسانويت، ادب ۽ فن ۾ جماليات، ادب ۽ فن ۾ لافانيت هُجڻ، وارن تصورن ۽ مَفروضن تي تفصيلي، تنقيدي ۽ فڪري انداز ۾ ڏاڍو زبردست لکيو آهي-جنهن ۾ ادب جي مِڙني پاسن جا جَهروڪا کُلندي شعور ۽ اِدراڪ جي روشني روح توڙي دل ۽ دماغ کي مُعطر ڪري ڇڏي ٿي-"ڇا سنڌ جي مزاحمتي ادب جي ڏارَ مُڏي ٿي چُڪي آهي؟"۾ جامي چانڊيو لکي ٿو تہ"مان سمجهان ٿو تہ مزاحمتي ادب کي روايتي ۽ محدود اصطلاحي معنيٰ ۾ وٺڻ نہ گُهرجي. دنيا جو هر اُهو ادب جيڪو وڏن تصورن، قدرن ۽ روين جو ترجمان هُجي ٿو اُهو دراصل مزاحمتي ادب ئي هوندو آهي. رڳو ظلم خلاف سِڌو لِکڻ مَزاحمت نہ آهي. حُسن جي

ڳالهه ڪرڻ به ڪوجهائپ جي مزاحمت نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟"قومن جون پهريون جنگيون سندن ادب ۽ فن وڙهندو آهي. "اهڙيءَ ريت جامي چانڊيو اُن تناظر ۾ ادبي زاوين تحت اهم ۽ ڏيان طلب علمي، ادبي ۽ تنقيدي نقطه نظر پيش ڪري ٿو-ان ئي مضمون ڪي ساراهيندي سنڌ جي وڏي ادبي نقاد محترم رسول بخش پليجي، "خيال، تصور، نظريوءِ عمل هڪٻئي جي پيداوار آهن!"، "هڪ لحاظ کان جامي چانڊيي جي مَٿين مضمون ۾ مَنطقي چُڪ ڪي درست ڪندي جيڪو جوابي ڪالم لکيو آهي"اُهو پڻ پنهنجي تنقيدي شعور ۽ اِدراڪ سان مالا مال آهي-جنهن ۾ پڻ پڙهندڙ تنقيد جي نوَن رستن تي سوچ جو سفر ڪري ٿو-جڏهن ته شيخ اياز جي فڪري مُونجهارن جي پس منظر ۾ لکيل مضمون"فطرت، فلسفو، زندگي ۽ اياز جا فڪري مُونجهارا"۾ جامي چانڊيي اياز جي شاعراڻي اهميت ۽ افاديت ڪي ساراهيندي هُن تي جيڪا تنقيد ڪئي آهي اُها هڪ ڪميٽيڊ اديب جي ذميواريءَ ڪي واضع ڪري ٿي-اياز جي شاعريءَ سان بيحد محبت هوندي به جامي روايتي ادبي عقيدي پرستي ڪي ٺُڪرائيندي هڪ غير جانبدارانه ادبي رويي تحت ڏاڍي مُفصل انداز ۾ تنقيد ڪندي اصل تنقيد جي روح جي پاسداري ڪئي آهي-جنهن ۾ عالمي ادب توڙي فلسفي جي ٺُز حوالن سان اِهو واضع ڪيو آهي ته سندس اياز سان اصولي ۽ ادبي اختلاف ڪيڏو نه مهذب، غير رواجي ۽ اياز سان بي حد محبت جو ثبوت آهي-ان کان پوءِ مَٿين اياز متعلق مضمون جي تسلسل ۾ هڪ ٻيو ڪالم"نصير!مان توسان سَهمت آهيان!"نصير مرزا جي خط جي حوالي سان ڪيو آهي-جنهن خط ۾ نصير مرزا جامي جي اڳئين لکيل ڪالم ۾ اياز جي فڪري مُونجهارن يا ڪجهه ٻين ڳالهين سان سهمت ٿيندي اُنهن ادبي مامرن تي اياز سان ڪيل ڳالهه ٻولهه جو ذڪر ڪيو آهي-جيڪو ڪالم پڻ جامي جي فڪر ۽ فهم جو عڪاس آهي-جامي چانڊيي جو اياز جي وڇوڙي کان پوءِ لکيل هڪ ٻيو مضمون"هڪ اياز جيڪو فاني هو ۽ ٻيو اياز جيڪو دائم رهندو!" ۾ جامي اياز کان پوءِ ٿيندڙ ڪجهه ڳالهين تي پنهنجي مُدلل انداز ۾ ڏاڍو سٺي نموني، گهرائي ۽ ذميواريءَ سان لکي گهڻن پيدا ڪيل مُونجهارن ڪي حل ڪري واضع ڪري ٿو-جيڪا سندس علم، ادب، فڪر توڙي فهم سان سچي لگن جي نيشاني آهي-موضوع جي اُن ساڳي تسلسل ۾"اياز سان محبت، اياز شناسيءَ جي تقاضا ڪري ٿي!"۾ پڻ جامي

وڏي غور ۽ فڪر سان سلهاڙيل خيالن ۽ سوچن کي تمام سيبتي نموني پيش ڪري سنڌي ادب ۾ روايتي ۽ سطعي راءِ يا غير منطقي بحث مباحثن جي بجاءِ اياز شناسيءَ جي تنقيدي بنيادن تي پَرک ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو-ايئن"سماج ۾ اديب جو ڪم ۽ ذميواريون"جي موضوع تي جامي جو هي ليڪچر پڻ ڏاڍو اهم آهي-جنهن ۾ "ادب ڇا آهي؟"سَوَلي ۽ دليلن سان سمجهاڻيءَ سميت خيال، احساس، تخيل، ڪردار، سماج، فرد جي ذميواري، رول ماڊل، اتساهه ويساهه يا"اديب جو سماجي ويڇ هجڻ"واري پس منظر ۾ ڏاڍي دلچسپ ۽ آسان طريقي سان نئين سوچ ۽ ذهنن جي اوسر ۾ هڪ اديب جي ذميواريءَ وارو فرض خوب نيائيندي نظر اچي ٿو-"ڇا سنڌي ادب جو سماجي ڪارج نه رهيو آهي"جهڙي ڏاڍي اهم ۽ حساس مسئلي تي جامي هڪ باشعور ۽ مُتحرڪ، سماج جي سيني رُخن تي گهري نگاهه رکندڙ اديب جيان، اعجاز منگيءَ جي هڪ مُتضاد ڪالم جي حوالي سان لکيو آهي-جنهن ۾ اعجاز منگيءَ جي چوڻ موجب ته "سنڌي ادب جو ڪارج وڃائجي چُڪو آهي چو ته اڄ ڪلهه هر ڳالهه کُلي عام چئي ۽ لکي سگهجي ٿي-جيڪا ادب ۾ علامتي يا تمثيلي طور ڪنهن به ادبي صنف ۾ چوڻ بيڪار ٿي پئي آهي-۽ اهو سمورو ادب جو پاسو صحافت ڀرپور نموني پورو ڪري رهي آهي. "اعجاز منگيءَ جي اهڙن خيالن جي موٽ ۾ جامي ادب، آرٽ، فڪر، فهم توڙي شعور وند سنجيده ۽ گهري سوچ سان ادب جي سماجي ڪارج جي هُجڻ واري رُخ ۾ لکي ٿو ته "صحافت جو بُنيادي ڪارج سماج جي هر گهڙي تبديل ٿيندڙ معروضي حالتن ۽ وقوع پذير ٿيندڙ واقعن/حادثن/لقائن جي نوس ۽ پَڪي پُختي معلومات پُهچائڻ ۽ اُنهن جي خيالي بُنيادن تي نه پر حقيقي بُنيادن تي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ آهي. جڏهن ته ادب آهي ئي خارجيت، داخليت، خيالن، تصورن، خوابن، خواهشن، پُورن، دردن، خوشين، تخيل، فني ۽ جمالياتي اظهار. " اهڙي طرح هي مضمون سنڌي ادب جي سنڌي سماج ۾ اهم ضرورت ۽ اُن جي ڪارڪردگي ۽ اَٽوٽ تعلق توڙي اُن جي تخليقي سگهه جي اهميت کي ڀرپور نموني منطقي انداز سان هڪ شاندار تنقيدي لکٽيءَ طور پنهنجي حيثيت مڃائي ٿو-جامي چانڊيي جي هِن سنڌي ادب جي اهم ۽ پُروقار ڪتاب"ادبي تنقيد جا مُحرڪ ۽ سماجي ڪارج"۾ ٻيا به اهم مضمون آهن. جن ۾ "ڇا سنڌي اديب پنهنجي ڪردار

تان هٿ ڪٽي چُڪو آهي؟“، ۾ جامي چانديي اديب جي ڪردار ۽ سندس بي راهه روي جي پس منظر ۾ انتهائي تاريخي، سماجي توڙي ادبي تناظر ۾ ڀرپور دليلن سان انهي صورتحال جو جائزو پيش ڪيو آهي-دراصل هي مضمون عبدالقادر جوڻيجي جي هڪ ڪالم”ڇا لکان؟“جي جواب ۾ لکيل آهي-”جنهن جو مجموعي تاثر هيءُ ٿو بيهي تہ سندس نظر ۾ هاڻي سنڌي سماج ۾ قلم جو ڪو ڪارج نہ رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هُن پنهنجي ڪالم ۾ هر طرح سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ آخر هُن کي ڇو ۽ ڇا لاءِ لکڻ گهرجي؟“، ”سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جو مَزاحمتي ڪردار ڇو نٿو جُڙي؟“ ۾ جامي گهڻ رخي گهري نظر رکندي هڪ هنڌ لکي ٿو تہ”اُن ڪري جو لفظ بي روح ٿي ويا آهن ۽ اسان جي اديبن ۽ دانشورن جي گهڻائي زندگيءَ ۽ تفڪر کان ڳتيل آهي. خيال، احساس ۽ ماڻهو ادب ۽ فن جو روح هوندا آهن. اديب ۽ دانشور اُنهن ٽنهي شين کان پاسيرو ٿي وڃي تہ پوءِ اُهو ئي ٿيندو آهي، جيڪو اسان وٽ ٿئي ٿو. “، ”نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون“(هڪ اپياس)، پڻ هڪ بهترين مضمون آهي. جنهن ۾ جامي، نادر بيگ جي ڪهاڻين جي حوالي سان پنهنجي ادبي شعور جي اعليٰ سطع کي برقرار رکندي اُن مُتعلق ڀرپور راءِ پيش ڪئي آهي. ۽ ليکڪ جي ڪهاڻيءَ جي خوبصورت ٻوليءَ جي مزاج ۽ ڪهاڻي جي فارميٽ، ڪهاڻين جا موضوع، عورت جي اهميت ۽ سونهن، احساساتي رومانويت وغيره کي ساراهي ٿو. ”شاعري ديواني جو خواب آهي!“، دراصل لاڙڪاڻي جي چوڏهن شاعرن جي شاعريءَ جي ڪتاب”ذات ڏيئا ٻاريا“جو مهاڳ آهي-جنهن ۾ جامي سيني شاعرن جي شاعري تي وڏي گهرائي ۽ ذميواريءَ سان مختلف رُخن ۾ هڪ سٺو تنقيدي اپياس ڪيو آهي. ”اوڙاهہ(غلام نبي مغل جي ناول تي تنقيدي تبصرو)“۾ جامي ناول جي لاءِ لکي ٿو تہ”هي هڪ تاريخي ناول آهي. “، ”ٻين لفظن ۾ هيءُ ناول ارغونن کان وٺي موجوده وقت تائين جي سياسي-سماجي(Socio_political)تاريخ آهي، جنهن کي هن ڪاميابيءَ سان ۽ اثرائتي نموني نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. “، ”وري اُوندهہ روشنيءَ سان اُلجهي پئي آ!“، ”اصل ۾ هي مضمون سائين محمد ابراهيم جويي جي ڪتاب”سيڪيولر ازم ۽ عقليت پسندي“جو مهاڳ آهي. جنهن ۾ انساني اعليٰ شعور جي ارتقا جي عالمي توڙي مقامي تناظر ۾ وڏي وسيع ۽ سائنسي

انداز سان پروڙ جو خاڪو جوڙيو ويو آهي. ، ”سنڌي ادب ۾ عقيده پرستيءَ جو سوال“، وارو ليک شيخ اياز ڪانفرنس سکر ۾ ڪيل هڪ تقرير آهي جنهن کي اخبارن غلط رپورٽ ڪري ليکڪ جي اصل مقصد ۽ مفهوم کي بگاڙي پيش ڪيو هو. جنهن ڪارڻ ادبي حلقن ۾ غلط بحث ٿيڻ لڳا. جنهن لاءِ پنهنجي اصل موقف کي هن مضمون ۾ جامي واضع طور تي مدلل انداز ۾ ڏاڍي بهترين نموني پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ هو لکي ٿو ته”علم ادب ۽ فن ۾ عقيدي لاءِ ڪابه گُنجائش نه هُئڻ گُهرجي، ڇاڪاڻ ته تخليقي عمل، تفڪر، ۽ فن زنده ۽ مُتحرڪ هوندا آهن ۽ عقيدا جمود جي علامت آهن. اِهو مُمڪن آهي ته ڪو شاعر يا تخليقڪار پنهنجي مجموعي جوهر ۾ سيني کان مٿاهون ۽ عظيم هُجي؟“، يا”هر شيءِ کي ڪُليت ۾ ڏسڻ يا هر معاملي کي قطعي طور جُزويات ۾ ڏسڻ هڪ مَنطقي چُڪ آهي. “، ”سراج :ٻوليءَ، ادب ۽ تاريخ جو پارکو“، جيڪو سراج جي مخلتف فڪري پاسن جي پس منظر ۾ سندس هڪ ڪتاب ”مون جا سِرجي سِٽ“جو مهاڳ آهي-جنهن ۾ جامي وڏي مُفصل انداز ۾ باريڪ بينيءَ سان سراج صاحب جي قلمي پورهيي جي پرک ڪئي آهي-جنهن ۾ سراج صاحب جي ادبي ڪمن توڙي سندس افسانه نگاري، مُترجم، شاعر ۽ ناول نگار جي حيثيت تي لکندي سندس ٻين اهم شعبن تحقيق ۽ تنقيد توڙي سندس صحافتي ڪارڪردگيءَ تي پڻ لکيو آهي. ان ئي تحرير کي وڏيڪ جامع ۽ گهڻ رُخو بنائڻ لاءِ سراج صاحب جا مُختلف وقتن تي جيڪي اهم خط حوالي طور ڏنا آهن-اهي به پنهنجو مٽ پاڻ آهن. جن ۾ قاضي قاذن جي وڏيڪ مليل شاعري، جيڪا هيري نڪر هٿ ڪري متعارف ڪرائي. ان تي اهو خط تحقيقي، تنقيدي ۽ تاريخي اعتبار کان زبردست لکيل آهي-جنهن ۾ اها شاعري پندرهين صديءَ جي قاضي قادن جي نه هجڻ ۽ اها ڪنهن بعد ۾ آيل قاضي قادن يا غلطيءَ وچان اها شاعري ان نالي سان منسوب ٿي وڃڻ واري معاملي کي ڀرپور دليلن جي بنياد تي واضع ۽ چِٽو ڪيو آهي-يا هڪ ٻئي اهم مضمون ۾ سراج ”چرچي ۽ پوڳ“ جي تاريخي توڙي فڪري حوالي سان جيڪا تفصيلي وضاحت ڪئي آهي اها پڻ سراج صاحب جهڙي گهڻ پاسائين ليکڪ جي عظمت کي اُجاگر ڪري ٿي. ”هڪ ڪامياب اُستاد ۽ ڪميٽيڊ ليکڪا“، دراصل تهمينه مفتيءَ جي شخصيت ۽ سندس ڪهاڻين تي لکيل مهاڳ آهي-جنهن ۾ ليکڪا جي

ڪهاڻين جي پس منظر ۾ جامي ڪتاب جي اڳين مضمونن جي گهرائي جيان متاهين سطح تي پهچي نہ لڪي سگهيو آهي-تي سگهي ٿو اها ڪوتاهي منهنجي مطالعي جي ڪنهن ڪوٺ سبب پيدا ٿي هجي. ”هڪ شاعر جي دريافت“، مولا بخش چانديي جي هائيڪن جي ڪتاب”پٿُن پهريا ويسَ“ جو مهاڳ آهي-جيڪو پڻ مون کي جامي جي اڳين مضمونن جي اپروچ کان گهٽ لڳي ٿو-ان کان اعلاوه ”لفظن جو ماتم ۽ شاعر جي دل!!“، تاج بلوچ جي ڪتاب”لفظن جو ماتم“ پڻ هڪ سادو مضمون لڳي ٿو. جنهن ۾ جامي لکي ٿو تہ”مون سندس اڳوڻا بہ ڪتاب”درد جو صحرا“۽”خوشبوءِ جو زهر“ بہ پڙهيا هئا ۽ تاج جيان ڪنهن بہ مصحلت کان پاسو ڪندي مان پنهنجي اها راءِ ضرور ريڪارڊ تي آڻڻ چاهيندس تہ سندس تازو ڪتاب”لفظن جو ماتم“ فني لحاظ کان”درد جو صحرا“ ۽ ”خوشبوءِ جو زهر“جي معيار جو ناهي. “، اڳتي جامي لکي ٿو تہ”هيءُڪو سندس ڪتاب تي تنقيدي ليک ناهي جنهن ۾ مون هُن جي شاعريءَ جو ڪو اپياس ڪيو هجي. ڪڏهن اهو بہ ضرور ڪندس، پر هيءَ دل جي ڳالهين تي دل جي اکين جي هڪ نظر آهي. “ ”ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري“، هڪ سنو ليک آهي جيڪو دراصل عبدالوحيد جتوئيءَ جي ڪتاب ”سنڌي ادب، فن کان فڪر تائين“جو مهاڳ آهي-جنهن ۾ جامي لکي ٿو تہ”هيءُ مقالو جيڪو پنهنجي عنوان مان ئي ظاهر آهي تہ اهو سنڌي ٻوليءَ جي قديم توڙي ڪلاسيڪل ۽ ويندي جديد سنڌي شاعريءَ جي مُختلف حوالن سان ڪيل اپياس تي مُبني آهي. “، اُن کان پوءِ ”مايوسيءَ سان مزاحمت ڪندڙ گهڙيون!“، ”ناميارو اديب محترم رسول بخش پليجي جي جيل ڊائري”ڪوٺ لڪپت جو قيدي“ تي لکيل مضمون آهي-جنهن ۾ جامي چانديو سندس ڊائريءَ متعلق لکي ٿو تہ، ”ڪوٺ لکپت جي ڪال ڪوٺڙين ۾ وطن کان پري بيماريون، تنهايون، ۽ قيد جون سختيون سهندڙ رسول بخش پليجو هن ڊائريءَ ۾ هڪڙي بہ لمحي مايوس، خوش فهم، فراريت جو شڪار، بيزار ۽ ذهني طرح ٿڪل ۽ ٽُٽل نہ ٿو لڳي، پر هُو اُن جي اُبتڙ هر وقت نيون سوچون، خيال، ۽ آدرش تخليق ڪندڙ زندگيءَ جي سمورن پاسن جو مُطالعو ڪندڙ پنهنجي قوم، عوام ۽ ڌرتيءَ جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ جا خواب ڏسندڙ ۽ اُن لاءِ عملي تدبيرون جوڙيندڙ بهادر، بردبار، اَرڏو ۽ اَڻ ورچ مُفڪر ۽ ڏاهو مسيحا ٿو لڳي. “ان ريت هن ڪتاب جو آخري

مضمون سائين محمد ابراھيم جويي جي ڪتاب "ادب، ٻولي ۽ تعليم" جو دراصل مهاڳ بعنوان "سنڌ لاءِ خواب اُٽندڙ فڪري پورهيت" آهي. جنهن ۾ جامي چانڊيو لکي ٿو تہ"جيتوڻيڪ اج اُن واقعي کي اَڌ صدي گُذري چُڪي آهي ۽ اسين اُهو سڀ ڀوڳيون وينا، جنهن جي امڪانن کان سنڌ کي جويي صاحب خبردار ڪيو هو. اُن ڪان پوءِ بہ ويندي اج تائين سنڌ جي سموري تحريڪ ۾ بظاهر پس منظر ۾ هُجڻ باوجود بہ جويي صاحب جو اَهم ڪردار رهيو آهي. هُن ئي سنڌ ۾ وطن دوست ۽ قومي حوالي سان فرض شناس سياسي دانشمنديءَ جا ابتدائي بنياد وڌا. هُو پهريون ماڻهو هو جنهن وطن دوست دانشورن جو سياسي ڪردار مُتعين ڪيو ۽ پنهنجي عمل سان اِهو واضع ڪيو تہ جيڪو سُجاڻ ماڻهو پنهنجي صلاحيتن کي پنهنجيءَ قوم ۽ عوام جي ترقيءَ ۽ بقا لاءِ نٿو جاکوڙي، اُهو ڪڏهن بہ تاريخ ۾ پاڙون هڻي نٿو سگهي. "اهڙيءَ طرح جويي صاحب جي ڪتاب تي ايترو جامع ۽ وسيع تناظر ۾ لکيل هي مهاڳ گهڻ پاسائين معلومات فراهم ڪري ٿو.

جامي چانڊيي جي هِن شاندار ڪتاب جي پُر مغز مطالعي کان پوءِ ذهن هِن نتيجي تي پُهچي ٿو تہ جامي چانڊيي پنهنجي هِن ڪتاب جي فڪري ۽ آرٽسٽڪ اُٽت وسيع ۽ گهري مطالعي، ڳوڙهي مُشاهدي، گهرائيءَ، سنجيدگيءَ، سَلاست، ٻوليءَ جي حُسناڪيءَ، ٺُز دليلن، درياهہ جهڙي رواني، ڳالهہ ڪرڻ توڙي مُڪمل ڪرڻ جو هُنر، سَولي ۽ سِڌي ٻوليءَ ۾ پُرڪشش فني ۽ فڪري مهارت، غوناغون پُختن خيالن، عالمي توڙي ڏيهي حوالن سان ڪئي آهي.

جامي چانڊيو تاريخ جو شعور رکندڙ، علم ۽ ادب جو عاشق، سياست ۽ سماجيات، فلسفي توڙي فڪري تنقيد جو رکوالو، نئين سنڌ جي شعور کي سيراب ڪندڙ هڪ اهڙو ليکڪ آهي-جنهن جي فڪر انگيز لکڻين ۾ توڙي سندس شائستہ خيالن ۾ سنڌ جي ڀيانڪ حالتن جي بند ڪيل گهٽيءَ جا دروازا کُلندي مِلن ٿا-۽ سندس هر تحرير ۾ همت، حوصلي، شعور سان گڏ پُراميدي جي لاٽ روشن آهي.

10/4/20

# وهي ڪاتي جو خالق

*لڇمڻ ڪومل جو وڇوڙو سنڌ ۽ هند جي ادبي دنيا ۾ هڪ وڏو حادثاتي خال آهي. هي ادب جي دنيا جو لاڏلو، گهڻ رُخو ۽ گهڻ پڙهيو مُنفرد ليکڪ هو. هِن جو نثر سنڌي نثر جو شاندار حصو آهي. هن هنڌ ۾ ورهاڱي جي ور چڙهي ٻہ پنهنجي ٻوليءَ جي رس ۽ چس کي پنهنجي روح ۾ سمائي رکيو هو. هِن جي آتم ڪٿا "وهي ڪاتي جا پنا" هِن لاءِ سنڌ ۾ هڪ ڀرپور سُڃاڻپ جو سبب بڻي. ۽ ڪيس اهڙي شاهڪار نثر جي سنڌ دل کولي آجيان ڪئي. سندس زندگيءَ جي ڀرپور تجربن، مطالعي ، مُشاهدي، حادثن خوشين توڙي ڏُکن هن جي اندر جي تخليقي صلاحيتن کي اهڙو تہ اُڀاريو جو اُهي سنڌي ادب جو حسين حصو بڻجي ويون. لڇمڻ ڪومل جو وڇوڙو، مون کي الائي تہ ڇو اج وري هڪ نئين ورهاڱي جو ورلاپ ٿو ڀاسي. پنهنجي ڌرتيءَ تان ڌڪجي، دربدري جي ور چڙهي، هڪ اجنبي ديس ۾ ڪٽو ڪٽو ورهائجي، ڪئمپن ۾قيدين واري زندگي گُذاري بہ پنهنجي وطن جي محبت کي پنهنجي دلين ۾ سانڍهي رکندڙ سنڌ جا اصل وارث، ورهاڱي جي پُلصراط اُڪري، هُن پار زندگيءَ جي هڪ ڀرپور جنگ ۾ سوڀارا ٿي سنڌ، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، تاريخ، تهذيب جو ماڻُ مٿاهون پئي ڪندا رهيا آهن. لڇمڻ ڪومل بہ اهڙي جنگ وڙهندڙ هڪ جوڌو هو جنهن زندگيءَ کي هڪ چيلينچ طور قبول ڪري آخري گهڙيءَ تائين اٽل ارادن سان لڙندو رهيو. لڇمڻ ڪومل هڪ اهڙو تہ جادوگر ليکڪ هو جو جڏهن بہ سندس تحرير کي پڙهڻ شروع ڪبو هو تہ، اُن لکڻيءَ جي سحر ۾ گُم ٿي مُطالعي جي وسيع دنيا ۾ پهچي حيرت جي جهانن ۾ ڪوئجي وڃبو هو. لڇمڻ ڪومل نثر جو اُهو شهزادو هو جنهن جي خيالن جي دنيا، ڌرتيءَ مٿان ڦهليل نيري آڪاس وانگر وڏي وسعت رکندي هئي. هُو قلم جو هڪ اهڙو تہ بهادر شهسوار هو جيڪوسدائين زندگيءَ جي رڻ کي جهاڳيندي، ڪٿ بہ ٿڪجي، مايوس ٿي ڪونہ وينو هو بلڪ هر لمحي لفظن ۽ خيالن جا انمول ماڻڪ

ورهائيندڙهڪ اهڙو تہ وڻجارو بڻجي پيو هو جنهن جهڙن باعمل ۽ خوددار ڪردارن لاءِ ئي اياز چيو هيو تہ.

هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٺو، ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڳجهہ ذات ڏسو پوءِ بات ڪريو، هي شور اجايو آ پيارا!
(اياز)

اهڙي وڻجاري سنڌ جي ڀڳڙي ۽ دادلي ليکڪ لڇمڻ ڪومل جو مون ڀيريون انٽرويو ماهوار "پروڙ" لاڙڪاڻو ڊسمبر، 1991ع ۽ جنوري، 1992ع ۾ پڙهيو هو. ۽ اُها ئي منهنجي ساڻس پهرين مُلاقات هئي. ڇاڪاڻ جو منهنجي ادبي شروعات بہ اُنهن ڏينهن ۾ اجان نئين هُئي. اُن کان پوءِ مُختلف وقتن تي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ڪڏهن ڪڏهن سندس لکڻين جو پيو مُطالعو ٿيندو هو. پر سندس ڀرپور سُڃاڻپ سندس آتم ڪٿا "وهي ڪاتي جا پنا" پڙهڻ کان پوءِ ئي ٿي. ۽ اُها واقفيت اهڙي پنهنجائپ ۾ بدلجي وئي جو ساڻس پرپُٺ سندس وهي ڪاتي جي پنن ذريعي هڪ اٽوٽ تعلق ۾ تبديل ٿي وئي ۽ جيڪا زندگيءَ جي آخري گهڙين کان وٺي اج ڏينهن تائين قائم آهي ۽ رهندي. لڇمڻ ڪومل سان منهنجي پهرين روبرو مُلاقات هندو جي ايم خانہ ڪراچيءَ ۾ 21، ڊسمبر 2004ع ۾ ٿي هئي. جتي هُو هنڌ مان سنڌي اديبن جي وفد سان انڊو- پاڪ پيس فورم ۾ گڏ آيو هو. جنهن ۾ سنڌ ۽ هند جا نالي وارا شاعر، اديب آيل هئا. جن ۾ لڇمڻ ڪومل، هري موٽواڻي سنڌي، ڪرشن راهي، نند جويري، هيرو ٺڪر، ڄيٺو لالوالي ۽ ٻيا سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران "آجياڻو ۽ امن مُشاعرو" ۾ شريڪ ٿيا هئا. جنهن ۾ مون بہ سندن سنڌ ۾ آجيان تي هڪ وائي،

پکي پرديسي،
آيا آهن ديس ۾.

هاءِ! ڌرتيءَ جا ڌٽي،
بڻجي پرديسي.
آيا آهن ديس ۾.

پڙهي هئي. اُن ئي پروگرام ۾ مون کين پنهنجي شاعريءَ جا مجموعا پڻ پيش ڪيا هيا. ۽ ساڻن تصويرون پڻ يادگار طور تي گڏجي ڪيرايون هيون. اُن

پروگرام ۾ ستار سُندر، زاھد راڄپر، رڪيل مورائي، علي بابا، سميع بلوچ، تاج بلوچ، راڳي ذوالفقار علي، ستار پيٿي ۽ ٻيا بہ ڪوڙ سارا اديب ۽ شاعر موجود ھئا. ٻيو ڀيرو 2006ع ۾ ”شاھ، سچل، سامي امن ڪانفرنس“ جي موقعي تي ھند مان آيل سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي وفد کي 23، ڊسمبر 2006ع تي سڪرنڊ باءِ پاس تي سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ پاران آجياڻو ڏيندي لڇمڻ ڪومل سان پنھنجائپ ڀريو ھڪ ٻيو بہ گرم ڀاڪر نصيب ٿيو ھو. جنھن وفد ۾ لڇمڻ ڪومل، واسديو موھي، ڪرشن راھي، شريڪانت صدف، سُريش ڪيسواڻي، موتي پرڪاش ۽ ٻيا اديب ھئا. جڏھن تہ ھتان سنڌ مان تاج جويو، رڪيل مورائي، مير محمد پيرزادو، علي خان چانڊيو، ثناءُالله خاصخيلي، سرور ڪيريو، ساحر راھو، علي نواز ڏاھري، ستار سُندر، فيروز خاصخيلي، سائل پيرزادو ۽ ٻيا بہ شريڪ ٿيا ھئا. اُھو ڪيڏو نہ حسين ماحول ھو. ھر طرف خوشيءَ ئي خوشي جو احساس ھو. ورھاڱي جا وڇڙيل پنھنجي وطن ۾ ملي چڻ تہ ڪو ڪڏھن وڇڙيا ئي نہ ھئا. چڻ ورھاڱو ڪو ڀيانڪ خواب ھو جنھن جي ٽُٽي پوڻ تي اڪ کُلڻ سان پنھنجي ديس ۾ سندن نئين زندگيءَ جي شروعات ٿي ھئي. سڪرنڊ باءِپاس واري مُلاقات ۾ لڇمڻ ڪومل مون کان نواب شاھ جو احوال ائين وٺي رھيو ھو چڻ ھو ورھاڱي جي واءُ ۾ وڃائجي ويل ڪو پرديسي پکي ھُجي جيڪو مون کان پنھنجي محبوبا جو حال احوال وٺندو ھجي. ولس اسڪول (ھاڻوڪو خواجہ گارڊن ولس برانچ) موني بازار، چڪرا بازار، اسٽيشن روڊ ۽ ٻيا رستا ۽ راھون سندس دل ۽ دماغ ۾ اُن وقت جي نواب شاھ واري نقشي تحت چٽيءَ طرح ياد ھئا. چڻ لڇمڻ ڪومل، ڪالھہ ئي ھتان ويو ھوءِ اڄ اُتان جو احوال پئي ورتائين. لڇمڻ ڪومل پاتيا 26، مارچ، 1936ع ۾ ساھتي پرڳڻي جي شھر ڪنڊياري (ھاڻوڪي نوشھري فيروز) ۾ چيلارام پاتيا جي گھر ۾ جنم ورتو. ورھاڱي کان پوءِ لڇمڻ ڪومل جو والد محترم چيلارام پاتيا نواب شاھ ۾ سِٽي مئجسٽريٽ طور بدلي ٿي آيو. لڇمڻ ڪومل نون سالن جي عمر ۾ ولس اسڪول نواب شاھ ۾ پھرين درجي انگريزيءَ ۾ داخل ٿيوھو. (۽ حسين اتفاق اُھو بہ آھي تہ مان بہ لڳ ڀڳ ساڳي ئي عمر ۾ اُن ساڳي ئي اڳوڻي ولس اسڪول ۽ ھاڻوڪي خواجہ گارڊن، ولس برانچ ۾ پھريون درجو انگريزي پڙھيو ھُئس.) لڇمڻ ڪومل 13 سالن جي ڄمار ۾ سنڌ کي ڇڏي ھند جي اجنبي ڌرتيءَ ڏانھن پنھنجي ڪُٽنب سميت ڏکجي ويو ھو. لڇمڻ ڪومل ھڪ اديب، نقاد، شاعر،

مُترجم، ناٽڪ نويس، صحافي ۽ ايڊيٽر ٿي رهيو. ڀارت ۾ سڀ کان وڏي اخبار "Times of India"۾35، سال مختلف حثيتن ۾ عهدن تي رهيو. لڇمڻ ڪومل ٽي. وي، اخبارن، ادبي رسالن ۾ مخزنن ۾ گُذريل 50 سالن کان لڳاتار لکندو رهيو. لڇمڻ ڪومل ڀاٽيا شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص "ڪومل" رکيو. سندس شاعري اردو، انگريزي ۽ روسي ٻولين ۾ ترجمو ٿي. اهوئي ڪارڻ آهي جواج ٻه سندس سوَن جي تعداد ۾ تحقيقي، تنقيدي، ادبي مقالا ۽ مضمون، ريڊيو ٽاڪ، ايڊيٽوريل، تبصرا، تجربا سنڌي ادبي دنيا ۾ وڏو مقام رکن ٿا. سنڌ ۽ هند جي اهڙي گهڻ رُخي شخصيت جو وڇوڙو هڪ دور جي پُڄاڻي جي برابر آهي. منهنجي اها خوش قسمتي هئي جو سندس وڇوڙي کان لڳ ڀڳ هفتو يا ڏهه ڏينهن اڳ مون سندس موبائل فون تي ساڻس رابطو ڪيو هو. سندس آواز ۾ ڪيڏي نه پنهنجائپ ۽ همت هئي جو هو هلڪو ڪلندي مون کان مُختصر طور تي سنڌ جو حال احوال، وٺندي خوش پئي لڳو. پاڻ ٻُڌايو هُيائون ته ڪيس هفتو کن اڳ انتهائي سنجيده حالت ۾ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. پر هاڻ هو طبيعت ۾ بلڪل ٺيڪ آهي ۽ هڪ ٻن ڏينهن ۾ اسپتال مان موڪل ملڻ تي گهر هليو ويندو. مون کان اُن وقت تازو "سارنگا" ۾ ڇپيل "وهي ڪاتي جا پنا" جي قسط متعلق پڙ پڇيائين ته اها تو کي ڪيئن لڳي. مون سندس لکڻين ۽ آتم ڪٿا جي چاهيندڙ طور ساڻس ڀرپور تعاريف ڪئي. ۽ دُعا ڪيم ته سائين! شال مالڪ سائين توهان کي وڏي ڄمارءِ صحتيابي عطا ڪري ۽ توهان پنهنجي آتم ڪٿا جا پنا هزارن قسطن ۾ لکندا رهو. مون بعد ۾ فون تي حال احوال ڪرڻ جو چئي ڪائون موڪلايو هو. جنهن جو اظهار مون پنهنجي دوست رکيل مورائي سان پڻ ڪيو هو. پر اها ڪنهن کي خبر هئي ته هو انتهائي نگهداشت واري وارڊ(I.C.U) دهليءَ ۾23، ڊسمبر 2014ع تي وجودي طور هميشه جي لاءِ پنهنجي جيجل سنڌ کان وڇڙي ويندو. ۽ وري خاڪ جي صورت ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي مُقدس مٽي، پنهنجي سنڌوءَ سان ملي مهڪي پوندي. جيڪا ڄامشوري کان اڳتي دريا جي ڇمڪندڙ واريءَ جي اوسن پاسن کان سنڌو جي تري ۾ رهجي ويل پاڻيءَ جي ننڍڙن وهڪرن جي صورت ۾ مها ساگر ۾ سمائجڻ لاءِ وڃي پُهتي هوندي، جنهن جي آجيان لاءِ سنڌو ساگر پنهنجون وشال ٻانهون ڦهلائي ڪيس ڀاڪرن ۾ ڀري ڀليڪار ڪيو هوندو ۽ لڇمڻ ڪومل جي خاڪ سمنڊ جي لهرن ۾ ملي آنند ماڻيو هوندو. لڇمڻ ڪومل جي "وهي ڪاتي جا پنا" سندس

زندگيءَ جو هڪ اهڙو تہ ناياب ۽ مُنفرد دستاويز آهن جن جي تاريخي حيثيت ۽ اهميت ڪڏهن بہ ڪانہ گهٽبي. بلڪ سنڌي ادب جي دنيا توڙي عالمي ادب جي حوالي سان پڻ هڪ اهم جاءِ والاري ٿي. لڇمڻ جو نثر سنڌي ادب ۾ هڪ الڳ حيثيت جو حامل آهي. هُن جي زندگيءَ جا تجربا، مُشاهدا، مطالعا، ڏُک توڙي سُک، لُڙڪ توڙي مُرڪ، وصل توڙي هجر جا حوالا هڪ نئين معنويت سان سندس تخيل جي سرزمين مان ڦُٽي نڪرن ٿا. جن کي لڇمڻ وڏي مهارت سان قلمبند ڪيو آهي. سندس "وهي ڪاتي جا پنا"سلسليوار تحرير جي صورت ۾ جڏهن سنڌ ۾ پهريون پيرو ماهوار "سوجهرو" ۾ ڇپيا هئا تہ سنڌي ادب ۾نثر جي حوالي سان شيخ اياز ڪان پوءِ لڇمڻ ڪومل جو سحر نُما ۽ نئين تازگيءَ سان ڀرپور نثرئي هو جنهن پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ کي اهڙو تہ منڊي ڇڏيو جو هر ڪو پيو سندس وهي ڪاتي جي نئين پني جو شدت سان انتظار ڪندو هو. ۽ پوءِ اهي "وهي ڪاتي جا پنا"سوجهرو جو سفر ڪري پندرنهن وار عبرت ميگزين جي صفحن تي ڪُجه وقت وِسرام ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجا تخليقي ٻرَ پکيڙي اُڏامي اچي سڏونت جي محبوبا"سارنگا"جي ست رنگي دنيا ۾ مور جي رنگين پرن جيئن ڦهلجي هر پڙهندڙ جي احساسن کي رنگيني بخشڻ لڳا. ائين اهي "وهي ڪاتي جا پنا" هر پني جي تحرير ڪان پوءِ معياري آتم ڪٿا جو روپ ڌري ٽن جُلدن ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي سنڌي ادب جي جهول ۾ انمول ماڻڪن جو حسين واڌارو ڪري ويا. لڇمڻ ڪومل پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي سنڌ توڙي هند ۾ ڀرپور ميچتا ماڻي. ۽ هو پنهنجي شعوري زندگيءَ ۾ئي بالڪپڻ واري عمر ۾ وڇڙي ويل پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ سان ڪوڙيپرا دل ڪولي اچي مليو. ۽ سنڌ سدائين ڪيس ڀرپور آجيان پڻ ڪئي. لڇمڻ ڪومل جي "وهي ڪاتي جا پنا" ۾ وسيع مُطالعي، گهري ۽ ڀرپور مُشاهدي، تلخ تجربن، وقت جي ستم ظريفين، جيءُ جي جفاڪشين، داخلي توڙي خارجي، قومي توڙي بين الاقوامي، سياسي توڙي ادبي مسئلن ۽ مامرن جو اهڙو تہ نچوڙ آهي جنهن جي لفظ لفظ ۾ سچ جي روشني جهر مر جهر مر جرڪي ٿي. ۽ اهو سڀ نج سنڌي ٻوليءَ جي احساس سان سلهاڙيل اهو جلوو آهي جنهن جي سونهن ۽ سوڀيا صرف ۽ صرف لڇمڻ ڪومل جي ئي نالي سان منسوب آهي.

14/7/2015

# شيلف جي ڪُنڊ ۾

سنڌ جي جُهومندڙ هوائن ۾ هڪ پُرڪشش ۽ مَڌُر آواز جون سدا حيات لهرون جڏهن "خوشبوءِ جي سنگ سنگ" پنهنجي سفر جو آغاز ڪنديون آهن ته سنڌ جي رومانٽڪ فيروزي فضائن ۾ پازيب جي جهنڪار گونجي ويندي آهي جيڪا سنڌ جي سماعتن ۾ پيهي پريم جا پيغام ٻڌجي پوندي آهي. اهڙي پنهنجائپ ۽ پيار سان پُر, آواز جي وجودي تصور جي جڏهن ٻه اُٽت ڪبي ته نفاست, رنگت, محبت, بخملي احساسَ , حَواسن ۾ ڳر موڙي هڪ منڙي ۽ پياري انسان نصير مرزا جي روپ ۾ نروار ٿي پوندو.

نصير مرزا پنهنجي شخصيت ۾ روين ۾اُهو شاهوڪار ۽ سيبتو انسان آهي جنهن جي پنهنجائپ ڀرين پاڪرن ۾ هر ماڻهو مُعطر ٿي ويندو آهي. مون سدائين هُن سان ملي ڪري هڪ خوشگوار احساس ۽ڪيفيت کي پنهنجي روح ۾ ڳر موڙيندي پئي محسوس ڪيو آهي. اسٽيج, ريڊيو ٽيليويزن تي سندس مُنفرد آواز جي اندازِ ڪمپئرنگ جي نرالي رنگ ۽ ڍنگ, سنڌ ۾ هڪ شاندارحيثيت جوڙي آهي. اهڙي مقام تي پُهچڻ لاءِ سندس روح ۾ هڪ بي چين, رولاڪ, پٽڪندڙ آرٽسٽ جي مُسلسل ۽ باقاعده ڪمينٽمينٽ آهي. اهڙي ڪمينٽمينٽ ۽ زندگيءَ جي سفرجي ڪهاڻي جا رنگ نصير مرزا جي لفظن ۾ ڪُجه هِن ريت آهن ته "لکڻ پڙهڻ جو اهڙو ڪم ڪندي, هاڻي ته مون کي صديءَ جي چوٿين حصي جيترا ورهيه گُذري چُڪا آهن. ۽ پُنيان ڇڏي آيل اِن زندگيءَ ڏانهن اچ مُڙي ڏسان ٿو ته, پنهنجي چوطرف ڪاغرن جا انبار ٿا نظر اچنَم. بي شُمارادبي گڏجاڻين جا دعوت ڪارڊس, دوستن احبابن جا خط, وزيٽنگ ڪارڊس, اڌ ۾ ڇڏي ڏنل ڪئي شعر, دوستن جي لکڻين بابت ورتل اَڻ پورا نوٽس. ۽ علاوه ازين ضروري ۽ غير ضروري اخباري ڪٽنگس ۽ الائي

ڪنهن ڪنهن جا ۽ الائي ڪڏهن ڪڏهن جا فوٽو گرافس(جن جي پٺيان لکيل:اسان کي وساري نہ ڇڏجئين نصير!)۽ چاليهہ سالن کان مٿي ڄمار مان گُذرندي، اڄ اُنهن ڪاڳرن جي انبار ۾ وڃائجي ويل، مان هڪ اهڙو شخص وڃي رهيو آهيان، جنهن جو ڪو ڪاغذ، ڪوشعر ۽ ڪا بہ تحرير هڪ جاءِ تي هٽيڪي ناهي"!.

نصير مرزا ، سنڌ جي گهڻ رُخي ۽ گهڻ پڙهي شخصيت جو هڪ نرالو نانءُ آهي. هُوپنهنجي خيالن، تصورن، سوچن ۽ احساسن جيان پنهنجي فطرت ۾ بہ ڏاڍو صاف شفاف، نفيس، هر وقت تازو توانو رهندڙ هڪ اهڙو تہ شاعر ۽ نثر نويس آهي جنهن جي قلم جي جُنبش، لفظن ۾ تحرڪ پيدا ڪري، هڪ پُر تاثيراثر سان پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ کي پنهنجي جادونُمائي اندازِ بيان ۾ سوگهو ڪري سندس تصور ۾رنگن جو هڪ معنيٰ خيز عالم تخليق ڪري ڇڏيندي آهي. هُن شاعريءَ کان شُروعات تہ ضرور ڪئي هئي پر هُن نثر تي انتها نہ ڪئي آهي. ڇو تہ هُو اڄ بہ پنهنجي ڪرشماتي نثر ذريعي سنڌ جي ذهنن کي اُجاري، شعور جو سج اُڀاري ٿو. تڏهن تہ سموري سنڌ هُن جي تخليق ڪيل ڪتابن ۽ تازن لکجندڙ تحريرن کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏئي ٿي. ۽ اُنهن کي پڙهندي نئين درد جي ذائقن ۽ ادراڪ کان پئي فيضياب ٿئي.

مون سندس نثر جي نِرالائپ جي فڪر انگيز رنگن ۽ احساسن کي پنهنجي روح تائين لهندي پئي محسوس ڪيو آهي. مان سندس نثري نرواڻ جا نڪورجلوه پَسندي، سدائين ريشمي نثر جي نفاستن کان پئي مُتاثر ٿيو آهيان. سندس خيالن جي خوبصورتي پنهنجي جڳهہ تي پر اُنهن لفظن جي پس منظر ۾ جاڳندڙ معنيٰ ۽ مفهوم، مقصد ۽ مُراد پنهنجي مُڪمل ميار ۽ شعور سان دل ۽ دماغ تي مُثبت اثرن سان ڇانئجي ويندا آهن.

. . .". اکين تان پٽي لاهيندي ۽ سيف الملوڪ ڍنڍ کي ڪُجهہ فاصلي کان سامهون ڏسي مان تہ تڙي ٿو پوان. "اڙي واهہ . . ! تہ اها آهي ڪائنات جي انوکي سمفني!

ماٿريءَ جي پيالي نُما جزيري ۾ جيپ مان هيٺ لهي، ڍنڍ ڪناري پُهچي، منجهائنس پيئڻ لاءِ پاڻيءَ جو ٻڪ جو ڀريان ٿو تہ لڳم، ٽڙيل چانديءَ سان

ٻڪ پرچي ويو اٿم. وري جو نديءَ جو اهو شفاف ۽ ٿڏوپاڻي نرڙيءَ ۾ لاٿم ته اکيون روشن. . .

آسمان جي نيراڻ جي شيڊ پوڻ سبب ڏٺم ته سيف الملوڪ جي سطح ڪرسٽل ايڏي پئي لڳي جو ڍنڍ جي تهہ تائين سڀ ڪُجهہ نظر ايندڙ!

وري هلڪي هلڪي واءُ تي پاڻيءَ جي سطح تي ارتعاش ائين پاسندڙ جڻ تهہ ۾ شهزادو سيف الملوڪ، راڻي بديع الجمال کي ڪِتڪتايون ويٺو ڪري.

۽ ڍنڍ ڪناري سان ڪائنات جي هِن انوکي حُسن پسڻ ۾ محو ٿي هُئاسين تہ. . . هُوا ڳيان اُپوتي اچي بيهي رهيو. ”اڙي اَبا تون ڪير؟“

۽ ٽالسٽاءِ جي ڪردار حاجي مُراد جي اُن همشڪل پوڙهي ٻڌايو تہ مان سيف الملوڪ ۽ شهزادي بديع الجمال جي داستان جو داستان گو. . . .“.

نصير مرزا جي اعليٰ نثر جي شاهڪار ڪتاب”خيمي ۾ شام“جي صفحي نمبر 64 ۽ 65 تي مٿيون شاندار نثر جون سِٽون پڙهي مون کي ساڳي ئي ڪتاب مان صفحي نمبر 153 تي درج ٿيل قاضي اياز مهيسر جون سِٽون پڻ ياد ٿيون پون تہ”ڪنهن ڪنهن منظر جي خوبصورتي صرف اُن منظر جي خوبصورتي نہ، پر اُن نظر جي بہ خوبصورتي هوندي آهي، جا اُن کي خوبصورتيءَ سان ڏسي سگهندي آهي. “

نصير مرزا سنڌي ادب جو هڪ مُنفرد ۽ سگهارو نانءُ آهي. هِن جي شاعري ۽ نثر جي نغمگي، نئين حسي ادراڪ جي اُٽت ڪندي هڪ الڳ رنگ ۽ ڍنگ جو جهان جوڙي ٿي. ۽نصير مرزا جو هڪڙو اعتراف تہ”ٿي نہ سگهيس شاعر“پر تنهن هوندي بہ سندس شعري دنيا پنهنجي جوهر ۾ هڪ شاعراڻي رمزيت سان نروار ٿي سامهون اچي ٿي. جيڪا شاعري اَجايو اَبهام، ۽ فلسفي جي مُونجهاري کان آزاد، سادگي ۽ سلوٽائپ جي رنگن سان سينگاريل هوندي آهي.

ننڍڙي جهِرڪي، گُل کي چُمي ڏيئي اُڏري وئي،
گُل پئي ڳاتو گيت، تہ اُن کان ڏُن ئي وسري وئي.
(ٿي نہ سگيس شاعر، صفحو نمبر179)

سج کي ٻُڏندو ڏسي گهبرائجي ويو
!سانجهہَ تي سورج _ مُکي ڪومائجي ويو
(ٿي نہ سگهيس شاعر، صفحو نمبر153)

بند قبر ۾ ڪينَ ڪپي ڪُجهه تنهنجي ڪي،
سُڏڪي جو هڪ قول رکي وچ ڪتبي تي.
(ٿي نہ سگهيس شاعر، صفحو نمبر 103)

گُل رابيل جو ٿي سگهيس ڪونہ مان،
ٻُل پاريل جو ٿي سگهيس ڪونہ مان،
شاعري مون ڪئي، پر نہ ٿي ساحري،
ٿي وئي زندگي، اڌ صدي جيتري!
(ٿي نہ سگهيس شاعر، صفحو نمبر 85)

اهڙي دل ۾ پيهي ويندڙ شاعريءَ لاءِ شيام جئسگهاڻيءَ لکي ٿو تہ“نصير مرزا هڪ اهڙو فنڪار آهي جنهن وٽ سوچ، اُمنگن جي چِٽسالي، سليس لفظن جو پندار، اظهار جي بي آراميءَ کان وڏيڪ پنهنجي انترمن کي هڪ نقاش جيان چِٽڻ جي آس_مُراد آهي!وئن گوف جيان، ايم ايف. حُسين جيان. پنهنجي ڪوتائن ذريعي نصير اسان جي من جي درين، دروازن، روشندانن جي ماپ ويڪري ڪرڻ ٿو چاهي، جيئن اندر ايندڙ يا داخل ٿيڻ چاهيندڙ اُجالو هوا، برسات، سرسراهٽ، پُڙ پُڙ، آهٽ، اولڙن ۽ سمرتين کي وياپڪتا ملي_سهي معنيٰ ۾ نصير! هڪ پيارو چِترڪار آهي. ”

نصير مرزا خاص طور تي پنهنجي جاندار نثر ۽ ڪي قدر شاعريءَ ۾ نواڻ ۽ جدت جا سگهارا اُهڃاڻ تخليق ڪري، سنڌي ادب جي دنيا ۾ ڀرپور اضافو ڪيو آهي. اهڙو اضافو جهڙو اڄ ڪلهہ جي تمام گهٽ لکڻين سان مُمڪن ٿي سگهيو آهي.

نصير مرزا پنهنجي روز مره جي زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ملڻ جُلڻ، لکڻ پڙهڻ، اُٿڻ ويهڻ، سوچڻ ۽ سمجهڻ تائين هڪ سيبتو ۽ سُلڇڻو انسان پئي رهيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو نصير مرزا لاءِ هر ڪو پنهنجي دوستيءَ جي دعوا ڪري ٿو. پر جڏهن تہ هُو ساگر، ڌرتي، آسمان، ڪڪرن، سج ۽ چنڊ جيان ڪنهن بہ هڪ جو نہ بلڪ هُو تہ سيني جو هڪ جيترو پنهنجائپ سان سلهاڙيل پيارو آهي.

نصير مرزا نثر ۾ هڪ نئين ڏس ۾ گس جو جوڙيندڙ ٻاجهاري، ٻاٻيهي جي ٻولن جهڙي منڙي ٻوليءَ ۾ خيالن جي خُمارن، احساسن ۽ تصورن جو

تخليقڪار آهي. سندس ڪتاب ”خيمي ۾ شام“۾موجود”گمنام سياح جو سفر نامو“جي صفحي نمبر97 تان نثر جو هڪ ٽُڪرو.

“۽ اُن ڪان پوءِ مُسافر ۽ سندس دوست، اُن ديار جي گهٽين مان نڪري صبح جو هُو جتان آيا هئا، اُن “رياست”ڏانهن ويندڙ رستي تي مَحوِسفر هئا ۽ مسافر اوچتو وقت ڏسڻ لاءِ واچ ۾ ڏٺو. ٺما شام ٿي چڪي هئي “ڪوفي” ٺما اُهو ڳونڙو هاٿي هُنن ڪان، ڪافي پُٺيان رهجي ويو هو. تڏهن مسافر ناگاهه آسمان ڏانهن نگاهه ڪئي، جتي شام جو پهريون ستارو جڻ سفيد گلاب جي گل مِثل، ۽ امامِ زمانہ جي عمامي جي صورت، آسمان جي وسعتن ۾ هُن کي ڪُلندي پئي محسوس ٿيو ۽ مسافر کي لڳو،اُهو عمامو. . . . ڪُلندي ڪُلندي آخرڪار پُوري ارض و سمان جي طول و عرض تي جهڙوڪر ڦهلجندو ۽ پکڙجندو پئي پيو. ڦهلجندو ۽ پکڙجندو پئي ويو. ”

نصير مرزا جو ذهن سدائين سرسبزِ درياهه وانگروهندڙ صاف سُٿرو، صحت مند، فڪر ۽ فهم سان سلهاڙيل. سورج جيان روشن آهي. هِن جي لکڻين ۾ زندگيءَ جا سڀ رنگ اکيون کولي جاڳي پون ٿا. ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ جي پيار جي سُرمئي ڇانوَ هِن جي فن تي گهٽائن جيان ڇانيل رهي ٿي.

پر نصير مرزا پاڻ بابت“خيمي ۾ شام”۾ ڪُجھ هِن طرح بہ لکي ٿو تہ“مون سان تہ يارو! عجب جهڙي ٽرئجڊي آهي. لکڻ ويهندو آهيان ۽ هٿ ۾ جهليل قلم، اوچتو برپٽ، بيابان ۾ اڪيلي بيٺل ڪانڊيري جي ڪنهن سُڪل ڪانيءَ مِثل بڻجي پوندو آهي ۽ تخيل!؟— اُهو وري جڻ پڙپانگ صحرائن ۾ اوچتو پٽڪائڻ شُروع ڪري ڏيندو اٿم. ڪڏهن لکڻ وينو هُجان ۽ پاڻ کي ڪنهن پُر فضا و پُر سُڪون هنڌ تي، ڪنهن آرام ڪُرسيءَ تي آهليل محسوس ڪيو هُجيم —’نہ’ ايئن ڪڏهن ٿيو ئي ڪِتي آهي مون سان. ”

نصير مرزا پنهنجي من ۾هيڪل ۽ وياڪل اُهو ليکڪ آهي جيڪو “خوشبوءِ جي سنگ سنگ، رولاڪ بادل جيان، بن بن ۾ ڀٽڪندي”، ڪنهن جي ڳولا جي جُستجوءَ ۾ اڄ بہ سرگردان نظر اچي ٿو اهڙي جُستجو جيڪا هڪ تخليقڪار ڪان حيرتن جا ڪيترائي رنگ ۽ خاڪا جوڙائي ڇڏيندي آهي. ڇو تہ هُو“شيلف جي ڪُنڊ ۾ رکيل، اهڙو ڪتاب آهي، جنهن کي هُن ڪان سوا، ڪنهن بہ ڪولي پڙهيو ڪو نہ آ”جڏهن تہ هُن جي زندگيءَ جي کُليل ڪتاب کي بار بار پڙهڻ جي ضرورت آهي. ڇوتہ شريف النساءِ ناصر علي

مرزا جي لفظن ۾ ته ”جن ٻارن جا پيءُ اُنهن جي ننڍي هوندي هليا ويندا آهن. ته اهڙا ٻار حياتيءَ ۾ پوءِ سدائين مُسافر ءِ اڪيلا اڪيلا پيا لڳندا آهن. “

(نوٽ ـ هي مضمون سنڌ جي رومانوي شاعر، منڙي ماڻهو نصير مرزا سان15 آگسٽ 2015ع، رات جو ساڍي ائين وڳي ادبي ڪچهري طور درگاهه پير ذاڪري سڪرنڊ جي آڳنڌ تي، سنڌ ٿنڪرس فورم پاران ملهايل رهاڻ ۾ پڙهيو ويو)

****

# چوٿين ڳليءَ واري ڇوڪري

۽، جڏهن اکيون پير بڻجي پونديون آهن تڏهن "خوابن جا رستا"پاڻ مُرادو ڦُٽي پوندا آهن. رستا رُڳو زميني، سامونڊي يا هوائي نه ٿيندا آهن پر رستا ته روح جا، احساس جا، پيارجا، پنهنجائپ جا، اڪيلائيءَجا، ستارن جا به ٿيندا آهن. جن رستن تي صرف دل ۾ ڪيفيتن جي قدمن سان ئي سفر ڪري سگھبو آهي.

"رنگن وڪرڻ ڪان پوءِ"، "خوابن جي سرحد" کي پار ڪري "ڪاپي اک جو خواب"بڻجي ويندڙ مُنور سراج هاڻ وري تخليق ۾ تصور جي آڏاٽي تي جيڪي به"خوابن جا رستا" پنهنجي زخمي روح جي نفيس هٿن سان ڪتيا آهن. اُنهن رستن تي سندس خانه بدوش روح جي نفيس پيرن جو رت، سندس تنهائن، دردن، اُداسين، اڪيلاين، وڇوڙن ۽ اوجاڳن جي ڪهاڻين جي پُر سوز ساک ڏئي ٿو.

مُنورسراج پنهنجي تخليقي روح ۾ ڏاڍو بي چين، اڪيلو، اڪيلوءِاُداس رهندڙ پٽڪندڙ هڪ اهڙو تخليقڪار آهي جنهن جي ڪهاڻين جو جنم، سندس زندگيءَ جي ڪرب ۽ اضطراب مان ئي مُمڪن ٿي سگھيو آهي.

مُنور سراج جي ڪهاڻين جي دنيا جي تراش ۽ خراش هڪ ڪاريگر ۽ هُنر مند ليکڪ جي تخليقي هٿن جي ئي ٿيل لڳندي آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ذري کي آفتاب ۽ آفتاب کي ذري ۾ تبديل ڪرڻ جي مهارت مُنور سراج کي نصيب ٿي آهي. ڇو ته هُن جي فطرت ۾ ڪو صدين ڪان جھُونو قصا گو جنمن جي تپسيا جا ڪشٽ ڪٽي پنهنجي ادبي آگھيءَ جي موسم جوادراڪ ماڻيندي اکر اکر ۾ پُر سحرءِ فنڪارانه رنگت کي اهڙو ته سمائي ڇڏي ٿو جو پڙهندڙ پنڊ پهڻ بڻجيو اُن قصي يا ڪهاڻيءَ جي احساساتي ڪائنات ۾ گُم ٿيو وڃي.

"خوابن جا رستا" اهڙين دل سوزءِ دل ۾ لهي ويندڙ ڪهاڻين جو هڪ خوبصورت ڪتاب آهي. جنهن جي لفظ لفظ جي آرسي ۾ ڪنهن سانوٽيءَ جي اُداس موسم ۾ سُرمئي شام جي تنهائي جي پيڙا جهڙا عڪس ڪتين جيان

ڪَرَ موڙي جاڳي پون ٿا تہ”ڊيٿ ايڪسپائرڊ ماڻهو“. روشنيءَ جو دائرو“. اورانگهي“اڌ ۾ رهجي ويل جُملي جو ڏُک“. بڻجي وڃي ٿو. ۽ پوءِ“دل جي ڪُنڊ ۾ ڄمي ويل برف”جي بي رحم ٿڌ “لُڙهندڙ نسل”جي وجود کي فريز ڪري ڇڏي ٿي. تہ ٻئي پاسي وري“لاهيارڻ جي سپني ۾ گُلاب ٽِڙن ٿا”۽ هڪڙو گُل فروش گُلن جهڙا خواب ڪٺي سندس ويران وجود کي بسنت جي رنگن سان رنگين ڪري، ڪيس اوسيئڙي جون اَننت خزائون ڏئي گُم ٿي وڃي ٿو. ۽ پوءِ“بُوٽ پالش ڪرڻ واري صبح جي ڳالهہ”ڪيتريون ئي ڳٽتيون ۽ ڳاراٽا ڪٺي ڪيس ماضيءَ جي تصورن ۾ پٽڪائي ڇڏي ٿي. تڏهن سندس پالش ٿيل بوٽ ميرو ٿي وڃي ٿو. ڇو تہ “خوابن جا رستا”ڪيس“دل جي نديءَ ۾ ٻُڏي ويل ڇوڪري”جي احساس ۾ جڪڙي، جلائي ڀَسم ڪري“الف الفا بيٽ جي اُٽيل ڪاف ڪهاڻي”۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا. ايئن سندس ڏُکي دل مان“ڊسمبر جو پهريون ڏُک”ست رنگي اندلٽ جيان“سندس“خوابن جي بائونڊري وال تي” نُمايان ٿي پوي ٿو. تہ“جنوريءَ جي هيڪل وياڪل شام ۽ جنوريءَ جي شام جهڙو هُن جو من”۽ ڇوٽين ڳليءَ واري ڇوڪريءَ جو اجنبي امڪان سندس حواسن تي ڇانئجي ڪري، “سِموڪرس ڪارنر جي شام”جي پاڇن ۾پيهي وڃي ٿو ۽ هڪ اَڻ ڄاتل درد، سُرمئي پٽي ۾ تحليل ٿي دُکندڙ سگريٽ جي اُڏندڙ دونهي جي ڏُنڌ ۾ ڏُنڌلائجي، “پنجين ڏسا”جي انوکي اسرار ۾ اڪيلو رهجي وڃي ٿو.

دراصل مُنور سِراج جي تخليقي روح جي پٽڪنا، سندس ڪهاڻيپٽي جو ئي جياپو آهي. تخليق ۽ فن جو نازڪ امتزاج مُنور جي ڪهاڻين جو هڪ اعليٰ ۽ باريڪ گُڻ چئي سگهجي ٿو. هُو ڪردارن جي روح ۾ لهي سندن درد جي درياهہ مان ٽوٻيون هڻي ايندو آهي. ۽ ڪيترائي درد جا انمول ماڻڪ دل جي احساسن جي جهوليءَ ۾ڪٺي اچي اکرن ۽ لفظن ۾ سمائي پڙهندڙن ۽ ٻُڌندڙن جون اکيون آليون ۽ دلين کي ميڻ ڪري ڇڏيندو آهي. اُن ڪري شايد مُنورسِراج تخليقي آرٽسٽ ڪهاڻيڪارجي شناسائيءَ جو حقدار بڻجي پوي ٿو. جنهن جي ٻولي، جُملا، منظرڪشي، ڳالهين مان ڳالهين جي ڦُٽي پوڻ جو انداز، ڪهاڻيءَ جو سِٽاءُ، درد جا مُختلف ذائقا، ڪردارن جي گُفتگوجو انوکو اظهار، ماحول ۽ بيِن گُڻن جي اُٽت جو وٽندڙ نمونو، ڏاڍو مُتاثر ڪندڙهوندو آهي.

مُنور سِراج جي ڪهاڻي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ شاندار حوالو آهي. هُن وٽ آرٽ ئي سڀ ڪُجھ ۽ اهم آهي ڇاڪاڻ تہ اعليٰ آرٽ ئي امرتا ماڻي صدين تائين زنده رهي سگهي ٿو. آرٽ ئي آفاقي سچ آهي. ۽ اهو سچ پنهنجي ذات کان وٺي ڪائناتي سچ تائين مُختلف وقتن ۽ حالتن جو همسفر پئي رهندو آيو آهي.

"خوابن جا رستا" ۾ مُنور سِراج مُختلف ڪهاڻين جا جيڪي بہ رنگ ڪٽي آيو آهي. اُهي رنگ مُختلف ڪيفيتن جي پيڙائن جو نچوڙ ئي آهن. اصل ۾ مُنور سِراج جي حصي ۾ فطرت جي بيچينيءَ جي جيڪا بہ بي رنگائي آئي آهي. اُها ئي هن جي تخليقپڻي جو مُحرڪ جذبو آهي. جنهن بي رنگائيءَ ۾ مُنور سِراج پنهنجن لُڙڪن، سُڏڪن، ٿڪن، تنهائن، دردن، وڇوڙن، اوجاڳن، رولاڪين، اڪيلاين کي ملائي، مُختلف رنگن ۾ تبديل ڪري اندلٺ جهڙي حُسناڪي تخليق ڪري وڌي آهي. ڇو تہ "خوابن جا رستا" جون ڪهاڻيون هڪ نئين احساس جو احساس ڏيارين ٿيون. ۽ من جي سُڪي ويل نديءَ کي اڪين جي برسات سان ويروتار وهائي وجهن ٿيون. ڇوتہ، "سندس سگريٽ جي هر ڪش سان سُرمئي دائرا ٺهڻ لڳا. هُو دائرن ۾ ڀٽڪندو رهيو. دائرا منجهس ڀٽڪندا رهيا پوءِ هڪ هڪ ٿي سڀ دائرا هوا ۾ ڊائليوٽ ٿي ويا. "ڊيٽ ايڪسپائرڊ ماڻهو" يقيني ۽ بي يقينيءَ جي احساس ۾ ڀٽڪندڙ اڌورو اڌورو هڪ اهڙو ڪردار آهي. جيڪو ماضيءَ جي تصور ۾ رُلندڙ پنهنجي اڌوري وجود جي مُڪملتا لاءِ زندگيءَ جي برمودا ٽرئنگل ۾ غرق ٿي وڃي ٿو. "سڀ ڪُجھ پولار ۾ الوپ ٿي ويندو آهي. پکي، آواز، تارا، روشني، ماڻهو. . . برمودا ٽرئنگل رڳو سمنڊ ۾ ناهي. خلا ۾ بہ آهي. ڌرتيءَ تي بہ آهي. هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ بہ هڪڙو برمودا ٽرئنگل هوندو آهي. جنهن ۾ سڀ ڪُجھ الوپ ٿي ويندو آهي. پوئتي رڳو عڪس رهجي ويندا آهن. "هي ڪهاڻي سڀ ڪُجھ الوپ ٿي وڃڻ کانپوءِ رهجي ويل عڪسن جي ڪهاڻي آهي. عجيب سوچن ۽ خيالن جي هڪ پيڙائتي ڪٿا آهي. يا پوءِ ڏُک جي رنگين ۽ ريشمي ڌاڳن جو پاڻ ۾ اُلجهي، مُنجهي پوڻ.

اِنهيءَ تناظر ۾ "روشنيءَ جو دائرو" هڪ خوبصورت ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي شروع کان پُڄاڻيءَ تائين دل ۾ لهي ويندڙ ۽ سمائجي ويندڙ آهي. هن ڪهاڻيءَ جي فنڪارانہ اُٺت اڄ جي جديد ڪهاڻي جو مَرڪ آهي. مان

سوچيان ٿو تہ مُنور سِراج اهڙيون ڪهاڻيون ڪيئن ٿو لکي؟ڪيئن اُهي ڪهاڻيون مَتِس مُنڪشف ٿين ٿيون؟هُو ڪهڙين ڪهڙين ڪيفيتن جي گهٽائن مان گُذاري ٿو؟ پر اسان تہ اُنهن سمورين پيڙائن جو محظ هِنن ڪهاڻين وسيلي مُختصر عڪسَ ڏِسي ۽ محسوس ڪري سگهندا آهيون.

“هڪ خواب کان ٻئي خواب تائين ماڻهوءَ جا پير پٿون. . . . هڪ واعدي کان ٻئي واعدي تائين پُلصراط جو سفر. هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين. ٻئين کان ٽيون، چوٿون ۽ پنجون. . . وڏندڙانگ. . . . ماڻهو ساڳيا. . . ساڳيا واعدا، آسرا، دلاسا، ساڳيون ڳالهيون، ساڳيا بسترا، چادرون، ڪمرا، در دريون، ساڳيا ڪُلف، ڪُنجيون. ”هي زندگيءَ جا المياتي احساس اندر ئي اندرمِ اَڌوهيءَ وانگر حساس ماڻهوءَ کي چَٽ ڪري ڇڏين ٿا. ڇاڪاڻ تہ،

“مسٽر ايم بي عُرف سينئر ڪلارڪ محمد بخش جو صبح”پنهنجي اندر ۾ يتڪندڙ شخص جو هڪ اهڙو الميو آهي، جنهن جي سوچن ۾ مُنڌل خيالن جو ڪچو سُٽ ڪيس عجيب وغريب ڪشمش جو شڪار بڻائي، نفسياتي طور تي يتڪائيندي سندس اڳيان پنهنجي ئي پُڇاڻيءَ جو روپ پيش ڪري تجسس پيدا ڪري ڇڏي ٿو. ڇو تہ“صبح ٿيڻ ۾ تہ اجا ڪافي دير هُئي. شام ٿيڻ کان اڳ ئي هُو تہ رات ۾ تحليل ٿي ويو. اُها سندس چونڊ نہ هوندي بہ سندس ئي چونڊ هُئي. اُهوئي اصلي الميو هو. ”سندس خيال ۾“چانهہ ۾ عورت ٿڌي ٿي وئي تہ سواد مان نڪري ويندي. ”۽ پوءِ، “هُن ليٽر جو جواب لکڻ کان پوءِ هڪ دفعو وري پڙهيو ۽ پوءِ لفافي ۾ بند ڪري باس کي ڏيڻ بدران سينئر سُپرنٽينڊنٽ کي ڏيڻ جو ارادو ڪيو. . . . . سُپرنٽينڊنٽ جي ڪُرسيءَ تي هُن پاڻ کي ويٺل ڏٺو. ”

مُنور سِراج جي ڪهاڻين ۾ ڪوڙ سارين رنگينين ڪانپوءِ بہ نہ ڄاڻ ڇو تقريبن ساڳي ڪيفيتي هڪ جهڙائي جو احساس ڪَرَ موڙي بيقراريءَ منجهان جاڳي پوي ٿو. ڇيوتہ آخر موضوعاتي اعتبار کان مُنور سِراج عظيم آرٽ جيان لامحدود ۾ ڦهليل ڇو نہ آهي. هُو پنهنجي ذات جي محدود دائري ۾ آخر ڪيسيتائين وسيع فن جي وسعتن کي محدود رکي سگهندو!؟؟؟

ڏٺو وڃي تہ مُنور سِراج جديد ۽ عالمي ڪهاڻي جي معيار تائين رسڻ لاءِ جيڪا بہ تخيلاتي جفا ڪشي ڪئي آهي اُن ڪوشش جا ڪيف سندس آرٽسٽڪ اندازتي باقاعدي ڇانئجي آيا آهن. تڏهن تہ“آءِ ايم نات جسٽ بيو

ٽيفل ڏِست”ڪهاڻيءَ جو پلاٽ، ماضي، حال، مُستقبل ۽ امڪانات جي خانن ۾ ورهاجي هڪ سُني ڪهاڻيءِ جي روپ ۾ نروار ٿيو آهي. جنهن ۾ محبتن جي وچ ۾ مذهبن جي حائل ٿيڻ جو روايتي دستور ديوار بڻجي وڃي ٿو. ته محبت قربانيءَ جي عظيم جذبي مان چوڻ لڳي ٿي “مان توکي تنهنجو سعيد ڇڏي ڏيان ته پوءِ؟ هان. . . ٻُڌاءِ عبدالله. پوءِ ته بس نه؟ هاستل “ليليٰ خالد”جي ڪمري نمبراٺ جون چاپيون آسمان کي اُڇلائي ڏيان ته پوءِ؟!!!”مشعل پر ۾ وينل اُداس ۽ ناراض نوجوان جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي سندس اکين ۾ ڏسڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي التجا جي نديءَ ۾ تبديل ٿي وئي. عبدالله آسمان ڏي نهارڻ جو ارادو وجائي وينو. ”

مُنور سِراج ڪهاڻيءَ جي ڪئنواس تي جذهن به تصور جي قوت سان ڪُجه نقش ڪرڻ چاهيندو آهي ته سندس آرٽسٽڪ من جو پاڳلپڻو، تپندڙ اُس ۾ وان گوگ جي عظيم حوالي سورج مُکيءَ جي پيلاڻ مان به نِت نوان رنگ ۽ اُمنگون تخليق ڪري وجهندو آهي. جن کي زماني جا گرد ۽ غبار ڪڏهن به لتي نه ٿا سگهن. چوته.

“سورج مُکيءَ جا ڪُجه گُل!
هڪڙي چانوَ بوگن ويلا جي،
چار بوٽا چمپا جا ۽ تنهنجون يادگيريون،
منهنجي ڪُل ملڪيت آهن.”

“اڌ ۾ رهجي ويل جُملي جو ڏُک”ڪهاڻي شاندار اُٽت جو نمونو آهي. مُنور پنهنجي تخليقي ديوانگي ۾ به “اڌ ۾ رهجي ويل جُملي جو ڏُک” نه ٿو وساري سگهي. هُو تخيلاتي ڪائنات جو سيبتو ڪهاڻيڪار آهي. هُو خيالن جي خُمارن ۾ رهندڙ پنهنجي خوابن جي ڪردارن جي ڳولا ۾ دل جي اُداس گهٽين ۾ اڪيلو رولاڪيون ڪندڙ ڪٿاڪار آهي. جنهن جو خيال آهي ته“اڌ جُملو تووٽ رهجي ويو. اڌ جملو مون وٽ رهجي ويو. مان هميشه لاءِ اڌ ۾ رهجي ويل جُملي جي ڏُک ۾ مُبتلا رهندس. خبر اٿئي جُملي جو اُهو اڌ ڇا هو؟”ڳالهائيندي آواز ڳرو ٿي ويس. خاموش ٿي ويو. پٽ ۾ ٽنگيل اجنبي شخص جي پورٽريٽ جي اکين مان به لُڙڪَ ڇٽي پيا. ” ته“دل جي ڪُنڊ ۾ جمي ويل برف”ٽيپو ٽيپو ٿي پگهرڻ لڳي.

ڏُڪارو ڏُڪارو گهر آيو. ماني به نه کاڌائين

"امان!" حيران اکين جو هڪ سوال
"جيءُ پُٽ!" مهربان ماءُ جو ٻاجهارو آواز
"بابا جي ناول ۾ اهڙو ڇا آهي جو اُستاد پڙهڻ کان. . . "
ماٽهنس جي مهربان مُنهن تي انديشن جي تِڪي اُس ڦهلجي وئي
"مون کي ڏي" پُٽهنس جي هٿن مان ونندي چيائين
"لُڙهندڙ نسل"
اکين ۾ ٻڊ پر جي آيس.

اهڙو ئي اندر ۾ ٻپ ساڻيندي سچي حياتي جيئندڙ، پوڳيندڙ پل اَپل احساسن جي صليب تي چڙهندڙ سنڌ جي فڪشن جو شهزادو ماڻڪ، پنهنجن خيالن جا ڪيترائي ماڻڪ موتي اسان جي ادب جي جهول ۾ وجهي، وقت جي بي رحم ظالم سان ناه ڪرڻ بجاءِ پنهنجن تخليقڪار هٿن سان پنهنجو اَنت آڻي ڇڏيو.

ڳتا ٻُڌائيندي هُو خود بہ ڪهاڻي تي ويو.
عجيب شخص هو پنهنجي بہ پُڄاڻي تي ويو.
(بخشل باغي)

مُنور، ماڻڪ جي درد کي پنهنجي روح ۾ اهڙو تہ سمايو آهي جو اُهو ڏُک سندس ذات جو خزانو بڻجي پيو آهي. هي ڪهاڻي پنهنجي ٽريٽمينٽ، پيش ڪش، ۽ ٻين فني گُهرجن جو پوراءُ ڪندڙ هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. "لاهيارڻ جي سپني ۾ گُلاب ٽِڙن ٿا" مالتي ۽ گُل حَسن جي دل جي ٻارين ۾ رنگ برنگي ڦُٽندڙ گُلابن جي موسم جو خُمار سندن روح کي خوشبو خُوشبو ڪري ڇڏي ٿو تہ ٻئي پل سندن دل جي جهولين ۾ ڪنڊن جون پريون ڏئي ڪين زخمي زخمي بہ ڪري ڇڏي ٿو. ۽ پوءِ "بوٽ پالش ڪرڻ واري صبح جي ڳالهہ"، "بوٽ کي بُرش هڻندي چيائين". "زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو پنهنجو بُوٽ پالش ضرور ڪرڻ گهرجي. "عجيب ڳالهين جي دنيا اڏيندڙ مُنور جي اندر جو ڪردار سوچي ٿو تہ، "هميشہ سچ لکڻ گهُرجي. سچ تڏهن لکي سگهبو جڏهن ضمير جي روشنيءَ ۾ لکبو. ليڪ لاءِ ضمير جو هُجڻ ۽ اهو بہ روشن هجڻ ضروري آهي. "هُن آفيس جي وڏي ڪمري جي ڇت ڏي ڏٺو. ڇت ۾ چارونہ هو.

"مُئل ضمير سان لکيل ليک بہ مُئل هوندا آهن. زندگيءَ جي خوشبوءِ گرميءَ کان وانجهل. مُئل ليک لکڻ معنيٰ ڪاغذن جون قبرون پرڻ. ڪچيون

قبرون، جيڪي برساتن ۾ ڍهي پونديون آهن. ”پنهنجي روح جي تنها اڪيلي پُل تي بيٺل، خود ڪلامي ڪندڙهي ڪردارسوچن جي لهرن ۾ لُڙهندي پڙهندڙ جي به دل جون ڳالهيون ڪرڻ جو هُنر ڀرپور ڄاڻي ٿو. ڇوته“سچ رُڳو اهو نه آهي جيڪو بين کي چئبو آهي. اهو ته سچ جو فقط هڪڙو پاسو آهي. سچ پاڻ کي به چوڻ گهرجي. سچ تڏهن مُڪمل ٿيندو. ”زندگيءَ ۾ هڪ پيرو پنهنجو بوٽ پالش ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي سچ چوڻ سان گڏ پنهنجي ڪوتاهين جو اعتراف به ضروري آهي. ”مُنور جون ڪهاڻيون ۽ سندس ڪهاڻين ۾خيالن ۽ سوچن جي سُرهائي هر ڪنهن کي پنهنجي ضمير اڳيان باادب ڪنڌ جهُڪائي ويهڻ تي مجبور ڪري ٿي. ۽ اعتراف جي تِڪي اُس ۾ ويهڻ جي سزا پڻ تجويز ڪري ٿي. ايئن مُنورسراج ڪهاڻين ۾ موجود خيالن، سوچن، تصورن ۽ ڳالهين جي ولين ۾ جڪڙجندي

“خوابن جا رستا”۾ٻڌائي ٿو ته“هُو ڪيس وڃائڻ کان اڳ ئي وڃائي ويهڻ جي اُداسيءَ ۾ مُبتلا رهڻ لڳو هو!” ”رِدَم جو جُملو نديءَ مان لهر جيان اُڀريو ۽ هُن جي اکين جا ڪنارا آلا ڪندو ويو. ”، “هڪڙو ڏُک، هڪ اُداسي، ٻه چار لُڙڪ ۽ بيوسي سان ڀريل خاموشي. هُن سان“نه ڳالهائي سگهڻ”جو ڏُک هُن جو خاص ڏُک بڻجي ويو هو. ”اهوئي ڪارڻ آهي جو مُنور ڪهاڻي لکندي يا ٻڌائيندي خود به ڪوپُر تجسس افسانو بڻجي پوندو آهي. شايد اُن ڪري به جو“اُها خزان جي هڪ اُداس شام هئي. اهڙي شام جيڪا ماڻهوءَ کي ڪنهن وڃايل شيءِ جي يادگيري ڏياري نه سمجه ۾ ايندڙ ڏُک ۾ مُبتلا ڪري ڇڏيندي آهي. ”۽“دل جي نديءَ ۾ ٻُڏي ويل ڇوڪري”، “هر شام گُل فروش جي هٿن مان گل وٺندي محسوس ڪرڻ لڳي ته محبت کان وڌو ڪو به ثواب ناهي. ”مُحبت جي اهڙي معنيٰ خيز خيالن جي ڪسوٽي هڪ باشعور ليکڪ ئي ڊفائن ڪري سگهي ٿو. جنهن لاءِ مُحبت ۽ حوس جي وچ تي ئي دل جي ڪائنات جنم وٺي ٿي. اهڙو جنم، جنهن جو ڪو به اَنت نه هوندو آهي. اهڙي مُحبت جي پاڪيزگي مان ئي ديوانگي ۽ معصوميت جنم وٺندي آهي. منهنجي خيال ۾ته جنهن معصوميت ۾ ديوانگي ۽ جنهن ديوانگيءَ ۾ معصوميت ناهي اُهي پاڪيزگيءَ جو معراج نٿيون ماڻي سگهن. اُن ڪري

“ڊسمبر جو پهريون ڏُک”هُجي يا“ڊسمبر جي اڪيلائي”. ٻئي ڏُکَ هڪ درد مان جنميل لڳن ٿا. ڇوته ڏُک ۾ به هڪ قسم جي اڪيلائي آهي ته

اڪيلائيءَ ۾ به هڪ قسم جو ڏُک آهي. "سِموڪرس ڪارنرجي شام"جي هِن ساڪَ ڀريي جُملي جيان ته، "هڪ ئي وقت ٻَئي ڏُک جي پنجين موسم پوڳڻ لڳا ۽ هڪ ئي وقت ٻنهي ساڳي ڳالهه سوچي: "ڪُجھ ماڻهو بلڪل هڪ جهڙا ڏُک ڏسندا آهن... فرق رڳو زمان ۽ مڪان جو هوندو آهي."، "۽ ياد ٿو اچڻ لڳي اُهو لمحو جنهن لمحي تو پنهنجو ريشمي هٿ منهنجي هٿ تي رکيو هو ته لڳو هئم ڄڻ ڪهڪشان لهي آئي آهي منهنجي هٿ تي!"، "سچي ڳالهه هي آهي ته مان پنهنجو پاڻ کان وڃائجي ويو آهيان. وساري ويٺو آهيان پاڻ کي به ۽ اهو به ته ڪو مان ليکڪ به آهيان. مان پنهنجي اندر ۾ صفا خالي ٿي ويو آهيان. "ماڻهوءَ جي اندر جو خاليپڻو ئي ته سڀ ڪُجھ آهي. اتان کان ئي ته ذهن ۽ دل جي بيابانن مان نوان نوان پيچرا ڦُٽي پوندا آهن. جن کي ئي "خوابن جا رستا"چئبو آهي. جڏهن اُهي سڀ رستا هڪ هنڌ اچي گڏبا آهن تڏهن اُتان کان "پنجين ڏسا"جو سفر شُروع ٿي پوندو آهي. شاعراڻو احساس ڏئي دل ۾ لهي ۽ ڇائنجي ويندڙ. روح ۽ جسم جي رستن ۾ تميز پيدا ڪندڙ هي ڪهاڻي حوس جي وحشي جُنون جي ور چڙهي ويندڙ هڪ اهڙي ڪٿا آهي جنهن ۾ لاتعلقيءَ جي موسم ۾ اڪثر طورتي ماڻهو جسم جي گُپت گهٽين ۾ ڀٽڪندو رهجي ويندو آهي. ۽ ڪائونس روح ۽ دل جا پيچرا گُم ٿي ويندا آهن. ڇو ته دل تائين پهچڻ ۾ هڪ سفر جي تپيسا جو عمل ضروري آهي جڏهن ته بدن جا ننها ڪاڪ محل ماڻڻ ڏاڍا آسان هوندا آهن. "ڇو ته جتي چار ڏسائون ختم ٿين ٿيون اُتان پنجين موسم شروع ٿيندي آهي. "اُن ڪري به شايد پُرسوز آواز جي بادشاهه جگجيت سنگهه. هي لافاني سِٽون جهُونگاري ڇڏيون ته،

جسم کی بات نہیں تھی اُن کے دل تک جانا تھا
لمبی دوری طے کرنے میں وقت تو لگتا ہے
(ہستی)

2/4/2016

# گُم ٿي ويل ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي

مون شدت سان محسوس ڪيو آهي تہ ڪُجھہ لکڻ جي لاءِ ذهن کي جنجهوڙڻو پوندو آهي. سوچن کي ڪودڙ ڏيڻو پوندو آهي. لفظن کي ڪا زبان ڏيڻي پوندي آهي. ۽ هر لفظ جي تقدس کي بحال رکڻو پوندو آهي. منهنجي لاءِ لکڻ جو عمل سدائين "ٿياس" جي صورت وٺي نروار ٿيندو آهي. تہ ڪڏهن وري اذيت ناڪ، طويل اوجاڳن ڪان پوءِ، ڪُجه لمحا سُڪون جي منڙي ننڊ جو احساس پاسڻ لڳندو آهي. لکڻ جو عمل نہ رڳو ليکڪ کي ذهني طور تي هم آهنگ ڪندو آهي پر سندس سموري وجود ۾ بہ هڪ قسم جو تحرڪ پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. جو اُن جا اثر ديرپا هُجڻ سان گڏ ليکڪ توڙي پڙهندڙ جي زندگيءَ تي پنهنجا رنگَ گهرا ڇڏيندا آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو ليکڪ جي لفظن جو سفر صدين تي مُحيط هوندو آهي. ڇو تہ اُهي لفظ ليکڪ جي گهري شعور، غور ۽ فڪر مان ڪنهن جهرڻي جيان ڦُٽي نڪرندا آهن. جن جي منظر توڙي پس منظر جو تعلق پنهنجي وجود مان اُپري سموري سماجي سرشتي ۾ تحليل ٿي ويندو آهي. ادب زندگيءَ جو عڪاس آهي. ۽ هر اُها لکڻي جنهن ۾ زندگي ڪَرَ موڙي نٿي جاڳي تہ اُهو ادب فرد جي ذات جي فقط عياشي تہ ٿي سگهي ٿو پر ادب نہ. . . . ادب، جيڪو وجود مان تخليق ٿي ڌرتيءَ تي موجود سيني وجودن سان سلهاڙجي، سندن جياپي جو عڪس پسائي، زندگيءَ لاءِ مُثبت واٽون هموار ڪندو آهي. شاعري، ناول، ڪهاڻي، خاڪا، آتم ڪٿا، مضمون نگاري يا فن جي دنيا سان واسطو رکندڙ سيئي هُنر زندگيءَ مان ئي جنم وٺي لازوال بڻجي ويندا آهن. سنڌي ادب جي دنيا ۾ سنڌي ڪهاڻي سو سالن جو سفر ڪري اڄ ايڪيهين صديءَ جي پهرين سالن ۾ پنهنجي هُجڻ جو ڀرپور احساس ڏياري رهي آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ کي جتي اسان جي سينيئر ڪهاڻيڪارن سو

سالن جي سفر جو حسين تسلسل بخشيو آهي. اُتي جونيئر ڪهاڻيڪارن ٻه اُن ڪهاڻيءَ کي نوان رنگ ۽ روپ ضرور ڏنا آهن. هڪ نئين سوچ ۽ ويچار، فڪر ۽ فهم سان اُن کي جِلا بخشي آهي. ڳالهه رڳو ڏسڻ جي آهي. کُليءَ دل سان اعتراف ڪرڻ جي آهي. ۽ اُن نئين ڪهاڻيءَ کي پيار ۽ محبت سان پڙهڻ جي آهي. ۽ فراخدليءَ سان اُن جي رهنمائي ڪرڻ جي آهي. ته جيئن اڄ جي نئين ڪهاڻي ٻي صديءَ ۾ پاڻ کي اڪيلو نه پائين ۽ هِن صديءَ ۾ ٻه سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ عالمي سطح جا ڪهاڻيڪار پيدا ٿي سگهن. ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڪائنات زندگيءَ جي سيني رنگن سان نکرندي ۽ سَنوارجندي رهي. ”اهو اجنبي“ جو ڪهاڻيڪار راجن مڱريو هڪ آرٽسٽ ڪهاڻيڪار آهي. جنهن جي ڪهاڻين جي ڪائنات جا مُنهن مُهاندا پنهنجا ۽ دل لُڀائيندڙ آهن. ”اهو اجنبي“ ڪهاڻين جو هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن جو ڪهاڻيون ماضيءَ مان گَرَ موڙي، حال جا کي نوان خواب اُٽيندي، مُستقبل جي ادبي معراج لاءِ کي سانپاها ڪندي نظر اچن ٿيون. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ راجن مڱريي جون ڪهاڻيون هڪ وڏو اُتساهه ۽ اُميد آهن. ته هيءَ سنڌي ڪهاڻي پنهنجي ڀرپور تخليقي توڙي فني ۽ فڪري سَگهه سان نکري نِروارَ ضرور ٿيندي. ”اهو اجنبي“ ڪهاڻي دراصل راجن مڱريي جي ڪتاب جي ٽائيٽل ڪهاڻي آهي. هِن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ، علامتي ۽ نفسياتي انداز ۾ هڪ رومانٽيڪ ڪهاڻي تحرير ڪئي آهي. جنهن ۾ مرداڻي سماج ۾ عورت کي جسم کان اڳتي نه ڏسڻ ۽ سندس پُرخُلوص مُحبتن کي لتاڙڻ جو روايتي عمل، هِن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال آهي. راجن هن ڪهاڻيءَ ۾ وڏي فنائتي انداز، باريڪ بينيءَ ۽ نفاست سان اُن جي اُٽت ڪري ڪهاڻيءَ جي حسين سِٽاءُ سان پڙهندڙ کي پنهنجي سحر ۾ جَڪڙي ڇڏي ٿو. ”اهو اجنبي پکي“جنهن جي چاهت ۾ ”عاشيءَ“جي چرپائپ جو پيرو لَڀڻ، ظفر جي لاءِ تمام گهڻو مُشڪل ٿي پوي ٿو. ۽ ”اُن ئي لمحي ٻاهر پکي ٻولي ٿو، اهو پکي، جنهن جي ٻولي ظفر جي لاءِ اجنبي آهي. پکيءَ جا پَرَ مرمري بلبن جيان ٻَرن ٿا. ۽ ٻولڻ تي سندس وات ۾ جُگنو ٿا چمڪن. ظفر حيرانيءَ مان پکيءَ کي ڏسي ٿو ۽ ڏسندو ئي رهجي وڃي ٿو. اوچتو پکي اهڙو ته لامارو ٿو ڏئي جو عاشي ۽ ظفر کي پنهنجن پَرن سان ڇُهي وڃي ٿو. هُن جي پَرن جي خوشبوءِ ۾ اهڙو ته ڪو اثر آهي جو عاشي ۽ ظفر تي

مدهوشي ڇانئجي وڃي ٿي. ”اهڙيءَ طرح هي ڪهاڻي هڪ راز جي ڳنڍ ۾ ٻڌجي، ڏاڍي دلچسپ انداز ۾ پڙهندڙ جي ذهن سان هم آهنگ ٿي پُڄاڻيءَ تي پهچي، هڪ ڇِرڪ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. اهو ڪهاڻيڪار جي، ڪهاڻيءَ ۾ حيرت انگيزي پيدا ڪرڻ جو هڪ نرالو ڏانءُ ڏاڍو پُختو آهي. راجن جي ڪهاڻين ۾ مون جيڪا هڪ ڳالهه شدت سان محسوس ڪئي آهي، اُها اِها آهي تہ راجن اُنهن ڪهاڻين ۾وڏي سليقي سان، انتهائي مُحتاط طريقي ۾ ڪنهن بہ ڳالهہ کي ڪهاڻيءَ ۾ مُنتقل ڪري، سندس ٻولي، ماحول، منظر، ڪردارن يا اُنهن جون ڪيفيتون، لفظن وسيلي دل تائين پُهچائڻ ڄاڻي ٿو. ڪهاڻي چوڻ جو ڏانءُ، راجن کي هڪ سيبتو ڪهاڻيڪار بڻائي ٿو. هُن جي ڪهاڻين جي دنيا موضاعاتي اعتبار کان گهڻ پاسائين آهي. راجن جون ڪهاڻيون، عام طور تي اجايو مُنڍ، وِچ ۽ پُڄاڻيءَ جي روايتي انداز جون مُحتاج نہ آهن. بلڪ هُو مُختصر ڪيفيتن کي تحريري تصويرن ۾ اُجاڳر ڪري پنهنجي ڳالهہ وڏي ڍنگ ۽ رنگ سان ڪري وڃي ٿو. راجن جي ڪهاڻي“بارسلونا واري ڇوڪري” تہ وڏي تجسُس نُما هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. هِن ڪهاڻيءَ ۾ راجن جي اندر جو ڪهاڻيڪار مُڪمل طور تي پنهنجي وجود جي پٽڪندڙ ٽپسيا کي نمايان ڪيو آهي. هي ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ ماڻهو اُن ڪهاڻيءَ جو ڪردار بڻجي ڪهاڻيءَ ۾ ضِم ٿي وڃي ٿو. ۽ اکرن مان اکيون کولي تڏهن ٻاهر نڪري ٿو جڏهن“مائي پياريءَ” جي ڪهاڻي“بارسلونا واري ڇوڪري”لکي در کڙڪائي. “مائي پياري”جي اصل ڪهاڻي لکندڙ ڪردار کي ڏئي ٿي تہ حقيقت ۾ خواب ۽ خواب ۾ حقيقت جو گُمان ٿيڻ لڳي ٿو. سچ تہ راجن مگريي جي ڪهاڻين جي ڪائنات ڏاڍي پُراسرار آهي. هِن جون ڪهاڻيون ڏاڍيون تازيون توانيون، آڇون اُجريون، چانڊوڪين جيئن چِٽيون آهن. “ٽُنل ٻانهن. . . . فليش بيڪ”پڻ جاگيرداراڻي روايتي سماج جي مُنهن تي “باليءَ”جي ڳرائيءَ کان ٽُٽِي پيل هٿ جي پنجن آڱرين جو چنبڙي پيل پُوندو آهي. جيڪو وڏيري جي مُنهن تان سموري ڄمار نٿو لهي. ۽ باليءَ جهڙي باهمت، بي باڪ ڇوڪري پنهنجي عصمت جو تحفظ ڪندي معذور بڻجي وڃڻ کان پوءِ پنڻ ۾ پنهنجو جياپو ڳولي ٿي. هُونءَ بہ ڪهاڻيڪار جي روشن خيالي، سماج کي پنهنجا آئيڊيل ڪردار تخليق ڪري ڏيندي آهي. جن جي بُنياد تي

هڪ نئين مُعاشري جي اَڏاوت مُمڪن بڻجي سگهندي آهي. "لهرن جي لالاڻ ۽ پُونم"اَنيل ۽ پُونم جي پيار ڪهاڻي آهي. جنهن جو ڪيئنواس بظاهر ننڍڙو، پر پنهنجي اندر ۾ هڪ وشالتا سمائي رکندڙ آهي. هي لمحن جي لهرن تي ترندڙ ڪهاڻي آهي. سکر لينڊزڊائون پُل، سنڌو درياهه جون لهرون، ٽريفڪ، ٻن دلين جي پاڻ ۾ گُفتگو، اُهي سڀ مُحرڪ ڪهاڻيءَ جو روپ ڌاري، دل ڪي ڏُک جي پُر لُطف ڪيفيت ۾ تحليل ڪري ڇڏين ٿا. ته ڪهاڻي اک مان اوچتو لَڙي پيل لُڙڪ بڻجي پوي ٿي. "اَڌ وتايو"طنز ۽ مزاح واري رنگ ۾ رچيل هڪ تخليقي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ اَڌ وتايو جون ڳالهيون فڪر انگيز ۽ سندس ڪم اڄوڪي سماج لاءِ هڪ درس طور پڻ اهميت رکن ٿا. "هڪ خواب جي وشالتا" ڪهاڻيءَ ۾ آرٽ جي حسين علامتي انداز ۾ موجوده سنڌ جون تصويرون وڏي فنائتي نموني پيش ڪيون ويون آهن. هن مُختصر ڪهاڻي ۾ هڪ آرٽسٽ جي ناهيل تصويرن ۾ سموري سنڌ کي ساهه ڪڍندو ڏيکاريو ويو آهي. جنهن ۾ علامت نگاريءَ جو روپ نِرالي رنگ ۾، سنڌ جي خوشحالي ۽ مُستقبل جا مُختلف تصويرن ۾ ڪُجهه اَنومان هن ڪهاڻيءَ کي هڪ الڳ زاويو عطا ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح سان راجن مڱريي جي هن ڪهاڻي ڪتاب"اهو اجنبي"۾ ڏنل ڪهاڻين ۾ تخليق جا سيئي رنگ، جديد سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون اُتساهه بخشين ٿيون. اُن سان گڏ اهو پڻ چوڻ ضروري ٿو سمجهان ته راجن جي هن ڪتاب جي ڪجهه ڪهاڻين ۾ ڪي ننڍا ننڍا نقص پڻ موجود آهن. جيڪي ظاهري طور تي ايڏا وڏا ناهن پر پوءِ به اگر اُنهن تي پڻ ڌيان ڏجي ها ته ڪهاڻيون اڃان به وڌيڪ نکري سگهاريون ٿي پئي سگهيون. اهڙيءَ طرح راجن جي ڪهاڻي "رت، لڪير ۽ سنڌو جي سينڌ"هڪ آدرشي ڪردار جي ڪهاڻي آهي. جيڪا اڄ جي دو رنگي سياست جي چال بازين ۽ مُنافقين کي وائکو ڪري هڪ سچي ۽ کري شخص سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين جي داستان ٻُڌائي ٿي. "اُها شام، اُهو پنڌ، اُهو ولهار، روز جيئان. . . . . لهندڙ سج جي ڳاڙهاڻ وارو وقت، ولهار جي ٽنگ، جنهن ۾ ٻَڌل آهي ڳرو پٿر. پٿر جيڪو رڳو پٿر ناهي، پر هڪ شڪل آهي. هڪ صورت آهي، هڪڙو عڪس آهي، هڪڙو انتقام آهي، هڪڙي ميار آهي، هڪڙو ڏوراپو آهي. اُهو پٿر موت ڏانهن ويندڙ ننڍڙو رستو به آهي ته هڪ ڏکي ۽ هميشه رهندڙ زندگيءَ جو سفر به آهي. . . . . "چا

ڪاڻ تہ، “هُنجي تنگ ۾ بدّل اُها مورت علامت آهي، انهن نام نهاد ليڊرن جي، جيڪي پنهنجي عملن سان عوام ۾ سچن ڪارڪنن سان ويساهہ گهاتيون ڪري ، انهن کي استمال ڪري پنهنجا مقصد حاصل ڪندا رهيا آهن. . . . ”هي ڪهاڻي ڏاڍي سُهڻي سِٽاءُ سان پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچي تہ ٿي پر منهنجي خيال ۾هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ آدرشي ڪردار کي جيڪو ماڻُ ملڻ گهُربو هو اُهو ليڪڪ وٺان ڪيس نہ ملي سگهيو آهي. جو تہ اهڙو مُخلص، ايماندار ۽ ڪميٽيڊ انسان پنهنجي جياپي لاءِ پنهنجي نظرياتي تقدس کي پائمال نہ ڪندو. بلڪ هُو پنهنجي جياپي لاءِ پنڻ کي عيب سمجهي اُن کان نفرت ڪري ڪو بہ هاڪاري عمل محنت جي صورت ۾ ڪري پنهنجي پُٽ کي پڙهائيندو نہ ڪي پني. جنهن عمل سان سماج مُثبت ترقيءَ بجاءِ تنزل ڏانهن وڃي. اُن ڪري ڪهاڻيڪار کي اهڙي ڪردار کي هڪ پُرهمت ۽ فخر لائق عمل ذريعي مثال بڻائجي ها. “آڻ جاتل وقت جي يادگيري”هڪ سنگتراش جي خوبصورت ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ڪيرٿ جو هڪ ڪُنيارڻ سان عشق ٿي وڃي ٿو پر ڪُنيارڻ ڪيس پيار جي موٽ ڪونہ ٿي ڏئي. ايئن اهو ڪيرٿ سندس عشق ۾ پنهنجي ڪلا ۾ صرف عورتن جا روپ سنواريندي پنهنجي بي چين روح کي آسيس ڏيندو آهي. ڪهاڻي شاندار انداز سان شُروع ڪان پڇاڙيءَ تائين پڙهندڙ کي پاڻ ۾ سوگهو ڪري رکي ٿي ۽ پڇاڙيءَ ۾ هڪ آرٽسٽڪ ڪلائميڪس سان حيران ڪري ڇڏي ٿي. “اُن ڪان پهرين جو بادشاهہ ڪُجهہ ڳالهائي. . . ڪيرٿ پنهنجو ثبوت ڏئي چُڪو هو. . ماڻهن جا وات پٽجي ويا هئا، هٿ جتي هُئن اُتي بيهي رهيا هئن. . . ڪيرٿ ڇوڪريءَ کي زور سان دربار جي فرش تي بادشاهہ جي اڳيان اُڇليو هو!!!!“هُن جو جسم ننڍن ننڍن ٽُڪرن ۾ ورهائجي بادشاهہ جي اڳيان ڦهلجي ويو. ايئن جيئن ڪو پٿر پور پور ٿي ويندو آهي. ڇوڪريءَ جي ماءُ رانياٽ ڪري ڊوڙي آئي. هُن پنهنجي نياڻيءَ جي جسم جا ٽُڪرا ميڙڻ چاهيا. . . بادشاهہ سپاهين ۽ دربانن کي هڪل ڪري ڪيرٿ کي پڪڙڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ بہ تخت تان اُٿڻ لڳو پر اُٿي نہ سگهيو. ””ڪير بہ پنهنجي جاءِ تان چُري نہ سگهيو ڇو تہ هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پٿر ٿي ويو هو!“هاڻ اِتي ليکڪ جڏهن مٿي چئي ٿو تہ“ماڻهن جا وات پٽجي ويا هئا. هٿ جتي هُئن اُتي بيهي رهيا هئن. ”تہ معنيٰ ننڍڙي

ڇوڪريءَ جي فرش تي لڳڻ سان هر شيءِ ڦڙائجي وئي تہ اُن ڪان پوءِ ڇوڪريءَ جي ماءُ جو رانياڻ ڪري ڊوڙي اچڻ. بادشاھ جو سپاهين ۾ دربانن کي هَڪل ڪري ڪيرٽ کي پڪڙڻ لاءِ چوڻ ۾ تخت تي پٿر ٿي وڃڻ وارا جُملا ڪهاڻي جي ڪيرٽ جي عشق ۾ ڪلا جي ڪمال کي مُتاثر ڪن ٿا. جن تي ليکڪ کي وري هڪڙو ڀيرو ضرور غور ڪرڻ گھُرجي ها. ۽ ڪهاڻيءَ جي ڪلائميڪس ۾ صرف آخري سِٽون هي ڏئي ها تہ. "ڪير بہ پنھنجي جاءِ تان چُري نہ سگھيو. ڇو تہ هر ماڻھو پنھنجي پنھنجي جاءِ تي پٿر ٿي ويو هو!" تہ بھتر ٿئي ها. "هڪ پُراسرار قبر جي ڪٿا!" ڪهاڻي پڻ هڪ تجسُس نُما پلي ڪهاڻي آهي. جنھن ۾ ڪهاڻيءَ جو ڪردار سليم پُر اسرار قبر مان ايندڙ آواز تي اُن کي کوٽي، اندر جي راز کي پائڻ لاءِ سوچي تہ ٿو پر پنھنجي روايتي خوف وچان هُو رڳو حيران ۽ پريشان رهجي وڃي ٿو. تان جو هڪ ڏينھن سليم مضبوط ارادي سان کوٽائيءَ جو سامان کڻي قبرستان پهچي ٿو. "پهچڻ ڪا پوءِ اهو ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو تہ قبر جو مُنھن اڳ ۾ ئي کُليل آهي. قبر جي اندر نهاري ٿو تہ مِٽيءَ تي هڪ اهڙو اسڪيچ نُما نشان موجود ڏسي ٿو. جنھن مان اهو لڳيس ٿو تہ ڄڻ ڪو وجود مٽيءَ مان پاڻ آجو ڪري اُٿيو هجي. قبر جي هڪ پاسي ڇيئن پيرن جا نشان اهڙي طرح لڳل، ڄڻ بہ جسم هڪ ٻئي سان ياڪر پائي مليا هُجن. "اهڙيءَ طرح ڪهاڻيءَ جو ڪردار سليم اُنھن ڇيئن پيرن جو پيڇو ڪندو اُنھن جي پوئيان وڃي ٿو. جيڪي اڳتي هلي وڃائجي وڃن ٿا. ۽ بعد ۾ سليم گھر موٽي اچي ٿو. ۽ اُنھن پيرن جو پيڇو ڪندي ڪندي زندگي گذاري ٿو. يا اچا بہ آخر ۾ سليم پنھنجي پيءُ ۽ ماءُ جي قبر تي وڃي اُن پُراسرار آواز کي ٻُڌڻ لاءِ واجھائي ٿو ۽ اُن خالي قبر ۾ خود کي دفن ٿيڻ لاءِ سوچي ٿو. . .
سچ تہ اِن ريت هي ڪهاڻي جيڪا شُروعات ۾ دلچسپيءَ سان پنھنجي سحر ۾ جڪڙي ٿي اُها ڪهاڻي ليکڪ جي ٿوري عدم توجھ جي ڪري پنھنجي پُڄاڻيءَ کان محروم ٿي پنھنجو فطري تاثر وڃائي ويھي ٿي. ڇو تہ منھنجي خيال مطابق اگر ليکڪ آخر ۾ سندس پُڄاڻي اِن طرح ڪري ها تہ ڪهاڻي پنھنجي اصل مفھوم ۽ مزاج تحت هڪ نئون موڙ وٺي ويھي ها. مثلن پڇاڙيءَ ۾ "قبر جي هڪ پاسي ٻن پيرن جا نشان هئا. اُهي بہ پير هلندا پئي ويا. ۽ آءُ اُنھن جو پيڇو ڪندي تجسُس مان اُنھن جي پوئيان هلندو پئي وسي. اوچتو اُهي بہ

پيرن جا نيشان منهنجي ٻن پيرن جي نشانن سان ملي ڇئن ۾ تبديل ٿي ويا. " تحت ختم ڪري ها تہ پڇاڙيءَ ۾ پڙهندڙ ڪي ڪي سوچ جانوان دڳ ملي وڃن ها. يا آخري ڪهاڻي "ڪوايئن بہ ياد ايندو آهي" ۾ هڪ ڪوتا ڪار ساحل جي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ساحل سنڌوءَ جي ڪناري هڪ پُراسرار آواز ٻُڌي، تصور جي دنيا ۾ گُم اُن کي ڳولڻ لڳي ٿو. ۽ نيٺ هُو اُن ڇوڪريءَ کي پائي وٺي ٿو. ۽ پوءِ اها ڇوڪري ڪائونس پنهنجي سُڃاڻپ بابت پُڇي ٿي. پر ساحل کي ڪجھ ياد نٿو اچي. ساحل جي اِن اڻ ڄاڻائيءَ کان خفا ٿي سندس هٿ مان پنهنجو هٿ آهستي ڇڏائيندي ساحل کي ٻُڌائي ٿي تہ "توهان مون کي پنهنجن نظمن ۾ ڳوليو. جيڪي توهان گذريل ڇئن سالن دوران لکيا آهن. . " ۽ اِهو چوندي هُوءَ پنهنجو هٿ ساحل جي هٿ مان ڇڏائي سنڌوءَ جي سينواريل پاڻيءَ ۾ الائي ڪيڏانهن گُم ٿي وڃي ٿي. . "اهڙيءَ طرح ڪهاڻي پنهنجي بهترين انجام تي پنهنجي دل کي باغ بهار ڪري ڇڏي ٿي پر وري آخر ۾ ليکڪ ڪوي ساحل جو هڪ نظم ڏئي پُڄاڻيءَ کي مُتاثر ڪري وجهي ٿو. ڇو تہ اُهو نظم ڪهاڻيءَ ۾ غير فطري طور تي اضافي پاسي ٿو. . . . . . !

27/11/2018

# جديد ڪهاڻين جو ڪاڪ ٽيل

*سنڌي ادب لوڪ ادب جي صورت ۾ ته صدين جو ڦهلاءُ رکي ٿو-جنهن ۾ شاعري توڙي آکاڻي بنام يا گمنام ليکڪن جي حوالن سان سفر ڪندي پئي رهي آهي-پر آکاڻيءَ جي جديد صورت ڪهاڻيءَ جڏهن پنهنجو نج ادبي سفر هڪ صدي اڳ لالچند امر ڏنو مل جي تخليقي شعور مان ڦُٽي نڪرندڙ 1914ع ۾ پهرين جديد ڪهاڻي ´حُر مُڪيءَ جا` سان ٿيو ته سنڌي ادب ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نئين سفر جو آغاز ڪري آرٽ توڙي ڪرافٽ کي هڪ نئين وسعت بخشي ڇڏي-۽ سچ ته سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ ان هڪ صديءَ جي سفر اڄوڪي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ نئين اتساهه ۽ امنگ جو احساس بڻجي ڪيس اڳتي نوان رستا ۽ راهون هموار ڪري ڏنيون-نوي واري ڏهاڪي ۾ ئي ڪهاڻي جي ڪاڪ کي ڪکورڻ لاءِ پتائيءَ جي هڪ بيت جي سٽ ´انگن چڙهيو انگ` جي نالي سان پنهنجو پهريون ڪهاڻي ڪتاب سنڌي ادب کي پيش ڪندڙ ضراب حيدر جو نالو نروار ٿيو ته سنڌي ڪهاڻي سندس پيار ۽ پنهنجائپ سان آجيان ڪئي-ايئن ضراب حيدر، جنهن جي ڪهاڻي ڪلاسڪ ۽ جدت جي سنگم سان مستقبل ۾ اهم مقام ماڻڻ جو سفر شروع ڪري چڪي هئي-سا ڀيو ڀيرو ڀرپور انداز سان ´سرحدن کان اڳتي `کان وڌي آئي ته سندس ڪهاڻي گهڻ رُخي موضوعاتي دنيا، ڀرپور نج ادبي ٻولي، اَڇوتن عنوانن، منظرن، مقامن، ڪردارن، ڀرپور ٽريٽمينٽ، فن ۽ فڪر جي اُجرن رنگن سان هڪ مُنفرد شهپاري جو روپ وٺي ضراب حيدر جي نالي سان منسوب ٿي سُڃاڻپ لڳي--ايئن ضراب حيدر سنڌي ڪهاڻيءَ جو مينڊرو بڻجي ڪهاڻيءَ جي مومل کي دريافت ڪرڻ جي جُستجوءَ واري سفر ۾ اهڙو ته تحليل ٿي ويو جو سندس ويران دل رکندڙ وجود پڻ سَراپا ڪنهن تجريدي ڪهاڻيءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳو-اُن ريت ضراب حيدر ڪهاڻيءَ سان گڏ پنهنجي ذات جي المين، تجربن، حادثن، وڇوڙن، دردن توڙي اڪيلاين کي پنهنجي آتم ڪهاڻي ´زندگيءَ جو سفر، تون ۽ مان `جي سِري

هيٺ آٽي نثر جا تازا گلاب سنڌي ادب جي جهول ۾ وڌا-توڙي جو اُن آتم ڪٿا ۾ پنهنجي ذات جي رازن، اعترافن ۽ سچاين کي ظاهر ڪري ٻہ پنهنجي اندر جي ڪهاڻيڪار کي مطئمن نہ پائيندي ڪهاڻين جي خانہ بدوشي ڪندي، ڀٽڪندي زندگيءَ جي خيمي مٿان اڪيلاين جي چنڊ سان پنهنجا ڏک سور اوريندي ضراب حيدر هڪ ڀي ڪهاڻين جي نئين ڪائنات دريافت ڪري پنهنجي ڪهاڻين جي نئين ڪتاب ´حيدر آباد` جي ذريعي ڀرپور تخليقي رنگن سان اسان تائين پهچي ٿو-۽ سنڌي روايتي ڪهاڻيءَ جي اُٿت واري دور ۾ هڪ نئين ڍنگ جي تخليقي ڪهاڻيءَ سان نروار ٿئي ٿو--

ضراب حيدر جي نئين ڪهاڻين جي ڪتاب ´حيدر آباد` ۾ موجود ڪهاڻيون جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ اهڙو تہ نرالو روپ آهن جن جي خوشبو توڙي خُمار پراڻي مڌ جيان ڏاڍا پُرڪيف ۽ جَٽادار آهن-وقت سان گڏ ضراب ڪهاڻيءَ جي جيڪا پنهنجي روح ۾ تپسيا پئي ڪئي آهي-اُن سندس ڪهاڻين کي تخليقي سَگهہ سان گڏ آرٽ ۽ ڪرافٽ جو معراج پڻ عطا ڪري ڏنو آهي-ڪهاڻي ضراب وٽ ڪنهن خواب وانگر نہ بلڪ ڪنهن اُجري باک ڦٽيءَ جي سُجاڳيءَ وانگر مَٿس لهي ٿي-اِهو ئي ڪارڻ آهي جو ضراب جون ڪهاڻيون وطن جي واهوندن کان ويندي پيار جي پيچرن تائين ڦهلجي دل ۾ لهي وڃن ٿيون-

´حيدر آباد` مجموعي جون ڪهاڻيون پنهنجن عنوانن جيان ڏاڍيون حيرت انگيز ۽ دل آويز آهن-اهوئي ڪارڻ آهي جو ضراب ڪهاڻين جي مها ڪاريگريءَ سان اهڙي تہ اعليٰ اُٿت ڪري ٿو جو ڪهاڻي پڙهندڙ کي پاڻ ۾ تحليل ڪري، ڪيس ڪهاڻي جي ڪنهن ڪردار ۾ تبديل ڪري پُڄاڻي ۾ هڪ ڇرڪ سان سُجاڳ ڪري وجهي ٿي-´ڇوڪري شينهن ٿي نہ سگهي` رومانس، آزادي ۽ قيد جي فطري توڙي غير فطري انداز ۾ انساني نفسيات جي جيڪا عڪاسي ڪئي آهي اُها هڪ سُچيت ڪهاڻيڪار جي نشاني آهي-تہ ڪيئن نہ قيد ۾ جهنگ جو بادشاھ شينهن پيٽ جي بُک آڏو گاھ کائڻ تي مجبور ٿي پنهنجي فطرت وڃائي ويهي ٿو ۽ ٻئي طرف ڇوڪري پيار ۽ محبت جي رنگ ۾ رنگجي ٻہ شينهن بڻجي نٿي سگهي-پر نيٺ آزاديءَ جي ٻي باک اُڏار سان ڪبوتر بڻجي نيري آسمان جي ٻي انت وسعتن ۾ اُڏامي عشق جو لامحدود آڪاس بڻجي وڃي ٿي-اهڙيءَ طرح ´حيدر آباد` مجموعي ۾ ´نُما شام

جسم`، بڪا زماءِ هارٽ از بِروڪن`، منڇر`، حيدرآباد`، رهجي ويل ٽائيٽنِڪ لمحو`، عاقبت جو توشو`، طالبان`، گُڊ لڪ`، ميٽنني شو`، هڪ غريب دور جي امير ڪهاڻي`، هوائن جي ايوان ۾ وڃائجي ويل ڪهاڻي`، اڇيومينٽ`، دل چريءَ جو فيصلو`۽´هڪ سَراب جو الميو` ڪهاڻيون پنهنجي تخليق جي مختلف رنگن سان لفظن جي لالائيءَ ۾ رڱي ڇڏين ٿيون -

ضراب حيدر جي ڪهاڻيڪار اک سماجي وارتائن توڙي المين کي آرٽسٽ نظر سان اهڙو ته فوڪس ڪري ٿي جو ڪهاڻي جيئري جاڳندي ڪا ڪائنات بڻجي سيني ۾ ڏڙڪڻ لڳي ٿي-ڪهاڻيءَ جي نج ٻوليءَ ۾ ضراب جذبن جي جيڪا جاوداني پيدا ڪري ٿو اها ڪلا تمام گهٽ ڪهاڻيڪارن کي نصيب ٿي سگهي آهي-ضراب پنهنجي ٿهيءَ ۾ توڙي نئين ڪهاڻيءَ جي ڪيئنواس تي هڪ سگهارو ڪهاڻيڪار آهي- ڪنهن به موضوع کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيڻ ضراب جهڙي ڪهاڻيڪار لاءِ پنهنجي اندر ۾ پاڻ کي ولوڙڻ جي برابر ٿئي ٿو-ڇو ته جڏهن به ڪا شيءِ اوهان جي سوچ سمجهه کان متاهين هوندي آهي تيسين تائين ته اها توهان وٽ آسانيءَ سان اچي ويندي آهي-پر جڏهن توهان اُن جي اصل جوهر کان آگاهه ٿيندا آهيون ته اها شيءِ يا تخليق توهان لاءِ دُشوار بڻجي پوندي آهي-پر پوءِ به جڏهن تخليق توهان تي مُنڪشف ٿيندي آهي ته اُن کي اصل پنهنجي سَگهه سان مُڪمل ڪري پيش ڪرڻ لاءِ جنهن اضطراب مان گذرڻو پوندو آهي اُهو ڪيڏو نه پيڙائتو هوندو آهي-جنهن جي پوڳنا جو پَرم اُن تخليق جي روپ ۾ پڙهندڙجي دل جي دنيا کي ڌوڏائي ڇڏڻ جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي-۽ سچ ته ضراب حيدر جي ڪهاڻي اُها ڌوڏائي ڇڏيندڙ ڀرپور سَگهه رکي ٿي--جيئن´منڇر`ڪهاڻي منڇر جي سُونهن ۽ سوپيا کان ويندي اجوڪي سندس هترادو تباهي تائينءَ جيڪا حقيقت آهي اُن کي وڏي اعليٰ ڏانءُ سان جيڪا فنائتي صورت بخشي آهي اُها اکرن مان اُڪري روح ۾ پيهن ۾ پيٽڪندڙ مور جي رڙ جا لهي وڃي ٿي ته ڪهاڻي تخليقي صلاحيت جو مانُ ماڻي وني ٿي-ڪهاڻي جو ڏانءُ ضراب جو وڏي هنر منديءَ سان آڏر پاءُ ڪري ٿو ته منڇر جو درد ۽ الميو تاريخ جي جهروڪي مان ڪيس نمستي ڪري اطمنان ماڻي ٿو-ضراب هڪ بي باڪ ڪهاڻيڪار آهي-ماڻڪ وانگر، علي بابا وانگر-ضراب سيڪس جهڙي مَمنوع ۽ چرڪائي ڇڏيندڙ موضوع کي جنسي بي راهه روي جو روپ نٿو ڏئي پر ان کي فنڪارانه

انداز ۾ سماجي سچ سان علامتي رنگ ۾ اهڙو ته بيان ڪري ٿو جو اُهو اوپرو لڳڻ بجاءِ فطري سوپيا جو ڪو عڪس بڻجي پوي ٿو-

´طالبان` ڪهاڻي پُر تجسس هڪ رومانوي ڪهاڻي آهي-جنهن ڪهاڻيءَ جو انداز ضراب جي هر ڪهاڻيءَ جيان مختلف آهي-ضراب هن ڪهاڻي جي رچنا ڏاڍي موهيندڙ انداز سان ڪئي آهي-پر اُن جو مرڪزي نُقطو سندس اڳين ڪهاڻي ´سگريٽ کي ڪٿان دکائجي` وارو آهي-جيڪا ڪهاڻي سندس اڳين ڪتاب ´سرحدن کان اڳتي` ۾ موجود آهي-توڙي جو ٻنهي ڪهاڻين جي دنيا بلڪل ٻه الڳ آهي-جن جي اُٿت پڻ هڪ ٻئي کان مُختلف آهي-´ حيدر آباد` ڪهاڻي سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب سان ٿيل هٿ چراند جو هڪ نوحو آهي--جنهن جو درد ڪهاڻي جي اهم ڪردار دوست محمد جي دل مان اُپري سموري سنڌ ۾ سمائجي وڃي ٿو-

´دوست محمد قلعي جي زبون حال ديوار کي ڏٺو. جيڪا ساڻس گهڻو ڪجهه ڳالهائي رهي هئي ۽ ڪيس اُهو ٻڌائي رهي هئي ته: ´مان سِر سِر ٿي، تڏهن پُرندي آهيان. جڏهن اِن نعري جو ڪوڪلو پڙاڏو مون سان ٽڪرائبو آهي ۽ هوائن سان تحليل ٿي ويندو آهي-`اهڙي ريت ڪهاڻي وڏي آرٽسٽڪ انداز سان پُڄاڻيءَ تي پُهچي ڪيئي سوال ڇڏي وڃي ٿي-ايئن ´گُڊ لڪ` ڪهاڻي جو ڪردار ´اسير`، جيڪو بَدن جي پگهر جي بوءِ جي ڪري احساس ڪمتري جو شڪار هجي ٿو يا هر وقت شو ڪندڙ ´ميٽني شو` جو ´ڪمال` اُهي ڪردار پنهنجي زندگين کي ڪا معنيٰ ڏيڻ لاءِ سرگردان رهن ٿا ۽ حيرت انگيز سببن سان پنهنجي پنهنجي منزل پائين ٿا-اُهي ڪهاڻيون پنهنجي پنهنجي ٿاٽ ۾ زبردست ڪهاڻيون آهن-جن ۾ مُختلف ڪردارن جي زندگيءَ جي حسرتن ۽ مسرتن جو معراج سَنجوڳ جي سيج تي ڪرُ موڙي جاڳي ٿو ته ڪيفيتن جا ڪاڪ ٿيل ڇلڪي پَون ٿا-حيقيت اها آهي ته مون ضراب حيدر جو هي ڪهاڻين جو ڪتاب ´حيدر آباد` پڙهندي مختلف ڪهاڻين جي حسين ڪائناتن مان گذرندي عجيب ڪيفيتن جي جهانن جا رنگ محسوس ڪيا آهن-۽ انهن رنگن ۾ زندگيءَ جا درد توڙي الميا دل جي ويجهو محسوس ڪندي بي ساخته اکين جي ڪنڊن کي نمڪين ٿيندي پاتيو اٿم-----

22/5/2019

# مينتوخ، عشق ۽ تياڳ

عالمي سطع تي ادب ۾ وڏ ڪان وڏ پڙهي ويندڙ صنف ناول آهي-هونءَ بہ ناول جي معنيٰ ´نئون يا نواڻ` پڻ چئي وجي ٿي-سنڌي ناول جي دنيا توڙي جو گهڻي وسيع ناهي پر اڳ جي ڀيٽ ۾ هاڻ ويجهر واري وقت ڪان سنڌيءَ ۾ ناول لکڻ جي هڪ سُٺي ڪوشش ٿيندي پئي ڏسجي--پوءِ اُنهن ناولن ۾ ڪي تخليقي طور ڏاڍا سگهارا آهن تہ ڪي وري گهٽ---پر اهم ڳالهہ اِها آهي تہ سنڌي ادب ۾ ناول جو هڪ نئون دور شروع ٿيو آهي--جيڪو هڪ سٺو احساس ڏياري ٿو---

ناول جي خصوصيت يا اهميت اُن ڪري بہ وڌيڪ آهي جو اُن ۾ ليکڪ پنهنجي تصور جي هڪ اهڙي وسيع دنيا تخليق ڪندو آهي جيڪا سندس حقيقي دنيا ۾ هڪ ٻي دنيا جو لُطف پڙهندڙ کي بہ عطا ڪندي آهي--۽ اگر اُها ناول جي دنيا واقعي نرالي، سگهاري، تخليقي آهي تہ پوءِ پڙهندڙ اُن دنيا جي جادوئي رنگ ۾ مَنڊجي اُن جي هر پل سان دل جا پاند ٻَڌجندا محسوس ڪندو آهي ۽ اُن ۾ موجود ڪنهن ڪردار جي حُسناڪين ۾ سَراپجي حقيقي زخم جهڙي دنيا ۾ هُو اُن کي هر چهري، هر روپ ۾ شعوري توڙي لاشعوري طور تي ڳوليندو رهندو آهي--۽ سندس من ۾ سُرور بخشيندڙ هڪ درد ڏُکي پَوندو آهي--سچ تہ منهنجي مُطالعي جي محدود دنيا ۾ مون جيڪي بہ ناول پڙهيا آهن اُنهن مان آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪُجهہ ئي ناول منهنجي من تي نقش ٿي مون کي پاڻ ۾ رُلائي ڇڏيندا رهيا آهن--اُنهن ۾ تازو آيل سحر گل جو ناول ´عشق تمام بِرهہ تمام` پڻ آهي---هي ناول سنڌي ادب ۾ ڪجهہ نئون هجڻ جو احساس ڏياري ٿو--هن ناول ۾ ڪهاڻين جي اُٽت وڏي فنائتي انداز سان ڪئي وئي آهي--ٻُڌ مت ۽ عشق جي موضوع کي جنهن نموني هڪ ٻئي سان هم آهنگ

ڪري تخليق ڪيو ويو آهي-اهو انداز پڙهندڙ کي پاڻ ۾ گُم ڪري سندس من ۾ هڪ محبت کي جنمي ٿو--هن جي هڪ ٻي وڏي خوبي جيڪا مون کي محسوس ٿي اُها هي آهي تہ هن ناول جي ٻولي ڏاڍي ٻاجهاري آهي، جنهن کي مُڪمل شعور سان اظهار جو حسين روپ، رواني، شفافيت، معصوميت ۽ تازگي سان لبريز ڪيو ويو آهي--ٻُڌمت جي تاريخ جو اهڙو دل لڀائيندڙ اندز اُهو بہ فڪش جي صورت ۾ مُتاثر ڪندڙ آهي--اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ ٻُڌمت جي تاريخي گهرائي ۽ سندس سياست ۾ اُلجهي پَوڻ وارو بحث يا دور ڪٿي ڪٿي ٽڪائي بہ وجهي ٿو--توڙي جو ´عشق تمام برهہ تمام` ناول ٻُڌمت سان واڳيل ڪردارن جي عشق ـ ڪهاڻي آهي-

هن ناول ۾ ´تحقيق توڙي محبوب جي ڳولها خاطر ڪجهہ ڪردار نيپال ۾ گوتم ٻُڌ جي جنم ڀومي لُمبيني پُهچن ٿا تہ ڪي وري لداخ جي جابلوءِ برفاني علائقن ۾ هماچل پرديش پُهچي ٻوڌيشالائن مان سِکيا حاصل ڪن ٿا-هن ناول جي ڪهاڻي گهرائيءَ تي ٻَڌل مڪالمي سان پريل آهي-جيڪو ٻُڌمت، ڌيان، يوگا، موسيقي، رقص، ۽ عشق ۾ جُدائي ۽ ميلاپ جهڙن تصورن ڏانهن فلسفياڻي نگاهہ پيش ڪري ٿو-`

هن ناول جي ´مينتوخ` جي جيڪا تصوير ڪشي ڪبير ڪري ٿو سچ تہ اُها لفظن مان پنهنجي مُڪمل حسين پيڪر سميت تصور رستي دل ۾ لهي وڃي ٿي--۽ پوءِ اندر جي دنيا ۾ ڪيترائي عشق ۽ محبت جا جلترنگ ڇِڙي پَون ٿا--ناول ۾ جيڪا ماحول ۽ حالتن جي منظر نگاري ڪئي وئي آهي اها سچ تہ جادوئي حقيقت نگاريءَ جو هڪ اعليٰ انداز آهي--ميرا کي ڇڏي جادم جو ناري تياڳ ڪان جادم جي ڳولا ۾ ميرا جو عشق ۾ ٻُڌمت جي دنيا ۾ ڀٽڪندي ٻوڌي ٻڻجڻ ۽ اُن سفر ۾ آيل بشريات جي هڪ شاگرد ڪبير جو تحقيق دوران ´مينتوخ` سان عشق تي وڃڻ ۽ پوءِ اُن عشق ۾ ساڻس گڏجي پنهنجي تحقيق جي آڙ ۾ ساڻس ٻوڌي سفر ۾ هلڻ، يوڳڻي جي عشق ۾ ٻوڌي ٿيڻ، عشق ۾ ميرا ۽ ڪبير جو عروج تي پُهچڻ ۽ پوءِ وري ڪبير کي ميرا جو ڇڏي ٻُڌمت جي سفر تي اڪيلو نڪري وڃڻ-اُن سان گڏ جادم جو ٻُڌمت جي دنيا ۾ ميرا ڏانهن موٽڻ، جنهن ڪان اڳ ئي ميرا جو سندس ڳولا ۾ نڪري وڃڻ ۽ ان سفر ۾ ڪبير سان ملڻ يا ڪبير جو ٻُڌمت تي تحقيق لاءِ ڪراچيءَ ڪان ايندي سامونڊي

جهاز ۾ ميرا ڪان اڳ اٽجاٽائيءَ ۾ جادم سان ملڻ-جڏهن هُو ميرا جي ڳولا ۾ ان ساڳي ئي پنڌ تي وچي رهيو هوندو آهي جتي ميرا ويل هوندي آهي-يا پُجاٽيءَ ۾ ميرا جو طويل ڏيان جي سفر تي اُسهڻ جهڙا دل جهوريندڙ منظر پڻ روح کي تڙپائي وجهن ٿا--اُهي سڀ حسين ۽ عجيب اتفاق هن ناول جي ٽيڪنيڪ جي نِرالائپ کي واضع ڪن ٿا--سچ تہ سحر گل جوهي شاندار ناول ´عشق تمام بِرهہ تمام` سنڌي فڪش ۾ هڪ اهم حيثيت رکي ٿو-لڳ ڀڳ ڇهہ سو صفحن تي مشتمل هي سنڌي جو ذخيم ناول هڪ اتساهيندڙ ناول پڻ آهي-----

# صديءَ جو سفرڪندڙ ڪهاڻيڪار

نَوي واري ڏهاڪي ۾ جن ڪهاڻيڪارن، پاڻ کي ڪهاڻيءَ ۾ دريافت پئي ڪرڻ چاهيو. اُنهن ڪهاڻيڪارن ۾ هڪڙو نالو اچ بہ منهنجين سماعتن ۾ سُهائيءَ جيان جلوه اَفروز ٿي پنهنجي تخليقي ڪهاڻيڪار هُجڻ جو شدت سان احساس ڏياريندو رهيو آهي. چو تہ سندس شروع کان وٺي ڪهاڻيءَ تي پرپور دسترس رهي آهي. ڪهاڻي هُن وٽ اچي اطمنان جو ساهہ کڻي ٿي. لفظ هُن وٽ اچي پنهنجي تقدس جي پرم تي فخر ڪندا آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جوسنڌي ڪهاڻي بہ پياري طارق قُريشيءَ جي نانءُ تي گروَ ڪري ٿي.

چيخوف، شايد طارق قُريشيءَ جهڙن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين لاءِ ئي چيو هو تہ "ڪهاڻي ايئن آهي جيئن اُونده ۾ تيلي ٻاري روشني ڪجي."

۽ اهو بہ سچ آهي تہ طارق قُريشيءَ جون ڪهاڻيون روشنيءَ جي حسين علامت آهن. گهري اُونداهي رات ۾ ڪير ڏارا جي روشني جيئن مُسافر کي منزل جو ڏس پتو ڏيندڙ رهنمائي ڪندڙ اهڙيون تہ سنگِ ميل آهن جيڪي ڏيئا ڏيئا لاٽ ٻڌجي هاريل هانءُ لاءِ اُتساهہ ٻڌجي پون ٿيون. هي اُها علامت آهي جيڪا روايت کان بغاوت ۽ جدت جي حفاظت جو اعلان ڪري ٿي.

طارق قُريشي، جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو اُهو ڪهاڻيڪار آهي جيڪو حال ۾ ويهي، مُستقبل ۾ "صديءَ جو سفر" ڪري پنهنجي فنڪارانہ تصور جي سگهہ سان هڪ نئين سنڌ اَڏڻ جو ساهس رکي ٿو. نہ رڳو ايترو پر هُو دُور ماضيءَ ۾ وڃي "آسمان ڇا ٿو چئي" جهڙي شاهڪار ڪهاڻي لکي پنهنجي ديس سان محبت جو اعليٰ ثبوت پڻ ڏئي ٿو. جيڪا قصاگوئيءَ جي انداز ۾جديد ڪهاڻيءَ جو بهترين حوالو آهي. جنهن ۾ مُستقبل جي خطرن کان آگاهيءَ جو

انداز پڙهندڙ جي روح کي پنهنجي تخليقي قوت سان پاڻ ۾ جڪڙي ڇڏي ٿو. ۽ ٻن تهذيبن جي عظيم تاريخ سان روشناس ڪرائيندي، حيران ڪري ڇڏي ٿو.

“آسمان ڇا ٿو چئي”جي بيهڪ، سِٽاءُ ۽ تسلسل فن جا مُنفرد نمونا آهن. جن ڪهاڻيءَ جو معيار عالمي سطح جو ٻڌائي ڇڏيو آهي. هِن ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جون فڪر انگيزڳالهيون، منظر توڙي ماحول دل ۾ پيهي ويندڙ آهن. منهنجي خيال ۾ هن ڪهاڻيءَ تان اگر طارق قُريشيءَ جو نالو هٽائي، اُن جي جاءِ تي گارشيا مارڪيز، هيمنگوي، پائلو ڪولهو يا نجيب محفوظ جا نالا لکجن ته هي ڪهاڻي اُنهن جي پاسندي. ۽ ايئن لڳندو ته طارق هي ڪهاڻي جڻ ترجمو ڪئي آهي. هُونءَ به طارق قُريشي سينيئر ٿيءَ جو هڪ مُنفرد ۽ نرالو ڪهاڻيڪار آهي. جنهن جي ڪهاڻين جا موضوع يگانه ۽ اَڇوتا هوندا آهن. اُنهن جي ٽريٽمينٽ جو انداز، اعليٰ ڪرفٽ جو ڪرشمو، سندس ڪهاڻين جي ڪردارن ۾ هڪ ڀرپور زندگي اُڀاري وجهندو آهي.

طارق قُريشيءَ جي ڪهاڻيڪار اک، ڪا عام اک ناهي پر اها ظاهري ٻن اکين کان وڌيڪ گهري، سُڃيت، سُڄاڳ ۽ روشن روشن “ٽين اک” آهي. جيڪا سماجي روڳن جي وڍ ٽُڪ، ڪنهن ماهر سرجن جيان بنهه باريڪ بينيءَ ۽ نفاست سان ڪري، مَنجهس موجود اُوڻاين کان آگاهه ڪري اُنهن کان بچاءُ لاءِ حل پڻ مُهيا ڪندي آهي. هُونءَ به هڪ ڪهاڻيڪار جو سماج لاءِ نبض شناس هُجڻ تمام ضروري آهي. جيڪو اُن جي هر ڇُر پُر تي پنهنجي نگاهه هر وقت رکندو هجي.

طارق قُريشي به هڪ مسيحا ڪهاڻيڪار آهي. جنهن جون ڪهاڻيون خلائن ۾ لٽڪڻ بجاءِ پنهنجي ڌرتيءَ جي جيوت سان همڪنار ٿي پنهنجا مضبوط قدم کڻندي ماضي، حال ۽ مُستقبل جو سُهانو سفر ڪن ٿيون.

مان اڪثر طارق قُريشيءَ جون ڪهاڻيون پڙهي ڪري سوچيندو آهيان ته هي ڪهاڻيڪار پنهنجي من ۾ مُختلف موضوعن جي دنيا سجائي، اُنهن جي اعليٰ اُڻت ڪري، لفظن کي پُرمعنيٰ منظر توڙي پس منظر ڏئي هڪ اهڙي ته ڪائنات تخليق ڪري وجهندو آهي جو اُنهن کي پڙهندي، لفظ لفظ جي ڏاڪي تي چڙهندي“اپريزل”جي دنيا ۾ پهچيو وڃي. جتي ليکڪ معاشرتي مسئلن کي سُلجهائيندي سُلجهائيندي، خود به اُنهن وارتائن جي ور چڙهي وڃي ٿو. ۽

پنهنجي ذات تي به آگر ڪٽندي يا پاڻ کي به سچ چوڻ ڪان ڪين ٿو ڪيٻائي. ۽ پوءِ اهڙي ڪلائميڪس جي ڇرڪائيندڙ ڪلا حيرتن جي جهانن ۾ تحليل ڪري ڇڏي ٿي. طارق قُريشي رڳو تصور جي دنيا جو ڪهاڻيڪار ناهي پر هُن جي ڪهاڻين ۾ تجربن جي پٽڪنا ڀرپور نموني سان محسوس ٿئي ٿي. مطالعي ۽ مُشاهدي جي گهرائي، فڪر ۽ فهم جي فراست هُن جي ڪهاڻين ۾ جابجا نظر اچي ٿي

30/11/2018

# ڪھاڻين جو ديوتا

”بارش ڪان بارش تائين“جي منظر ۾ ھڪ اُداس ۽ اڪيلو شخص ڇَتي ڪٽي بينل آھي-چوطرف پَنن ڪان خالي وڻ، سندس ويران وجود جي گواھي ڏئي رھيا آھن-رنگَ مِينھن ۾ پُسي ڌُنڌلائجي ويا آھن-ھر طرف موسم جي درد جون ڪھاڻيون ساھ کڻي پنھنجي ھُجڻ جو احساس ڏياري رھيو آھن-

پر اُن مَنظر پُٺيان مُجيب جي بَظاھر نظر ايندڙ مُطئمن چھري تي خوابن ڪان رُٺل اکيون، زندگيءَ جي آرٽ گيلري ۾ رنگن ڪان خالي ڪينوَاس جيئن پنھنجي خالي پٽي ۾ بہ ڪيئي ڪھاڻيون سمائيندي محسوس ٿين ٿيون-

ھر فنڪار، پنھنجي آڏورائپ جي ڏُک کي فن جي دامن ۾ ڦھلائي مُڪملتا جي آڻ پوري ڪوشش ڪندو آھي-

مُجيب پڻ اھڙين اُداسين جي سفر جو نئون پانڌيئڙو آھي-جيڪو ڪھاڻيءَ جي طَويل سفر تي ڪھاڻين جھڙا قدم کڻندو اڳتي وڃي رھيو آھي-سندس اَڇوتن قدمن جا نيشان، دراصل سندس زخمي پيرن جا اُھي عنوان آھن جن ۾ ڪيئي ڪھاڻيون ڪتين جيئن ڪَرَ موڙي جڏھن جاڳن ٿيون تہ ڪيترائي خواب، احساس توڙي آھون ڪوري ڪاڳر جو مُقدر بڻجي، مُجيب جي اندر جي ڪھاڻيڪار کي فن جي نِڪور زاويي ۾ تحليل ڪري ڇڏين ٿيون-

مُجيب جي ”دل جي آڱنڌ تي لَڙي آيل جُدائي“ڪنھن انتظار مان ڦُٽي پيل اُھا مُڪڙي آھي جيڪا ڪڏھن گُل نہ بڻي سگھندي آھي-چوتہ ”انتظار جي حالت ۾ ڪنھن ھڪ جاءِ تي ويھڻ مُشڪل ھوندو آھي“۽ پوءِ مَنجھس ھڪ سوچ جنم وٺي ٿي تہ”اڄ جي شام کي ايئن چوري چوري وڃڻ نہ گُھرجي“ايئن ھڪ ڪيفيت جي ڪڙاڻ زبان تي محسوس ٿيڻ لڳي ٿي-اکيون نمڪين

ٻڌجي ٿيون وڃن-”رُڳي انتظار جا وَڏِوِجهندڙ لمحا ٿي وي جي بدلجندڙ منظرن ۾ آوازن جي سهاري ڪٽڻ“ڪيڏو نہ عذاب آهي-آخر”جدائيءَ جي صدمي ۾ گهبرائجي ويل هوءَ ڇوڪري، جنهن دروازي سان ٽَڪرائجي ڪِري پئي هئي، سو پاڳل خاني جو لوهي شيخن وارو دروازو هو-“هي ڇا حيرتن جا سَتئي آسمان مٿان اچي ڪِرن ٿا-هڪ بي نانءُ درد جي سَٽ سيني مان اُپري دل واري پاسي گُم ٿي وڃي ٿي-۽ پوءِ من ۾ ”احساس جون لهرون“جاڳي دل کي لهرون لهرون ڪري وڃن ٿيون-

”جڏهن هُو مزاج ۾ خاموش ٿي ويو هو---۽ سندس لِهجن مان ماڪي ٽِمڻ لڳي هئي-تڏهن ڪيس ايئن محسوس ٿيندو هو، ڄڻ ڪيس محبت ٿي وئي هُجي-“

”ڪيس وهم ٿي ويندو هو تہ:”هُو پيءُ جو ناجائز پُٽ آهي“!

”اِهو ٻُڌي هُو خاموش ٿي ويو هو-۽ پوءِ مون ڏٺو تہ احساس ڪيس ڀاڪر پاتو تہ هُو روئي وينو هو---۽ سندس ڳوڙهن ۾ مان ٻُڌي رهي هُئس“ ”مون کي سندس نئين محبت پُراڻي درد جي لَذت جهڙي پاسي هئي-هُن پنهنجو درد ڪڏهن بہ مون کي نہ ٻُڌايو-“

هڪ سوال گوليءَ جيان سيني ۾ اچي لڳي ٿو-----

”ڪنهن جي کهاڻي ٻُڌائي رهي آهين؟“

”پنهنجي پُٽ جي“

”پر پاڻ کي تہ ڪو پُٽ ئي نہ آهي“!

آئون پولار مان پاتال ۾ پيهي وڃان ٿو-هڪ پيڙا جو پهاڙ مَٿان اچي ڪري ٿو-اڪين ۾ سمندَ ڇُلڪي پَوَن ٿا-سوچان ٿو-مائرون اولاد کي حقيقت توڙي تصور ۾ جنم ڏئي دراصل پنهنجي لاءِ درد جڻينديون آهن-جنهن کي پوءِ عمر ڀر پاڻ ئي پوڳينديون رهنديون آهن-

هر سنو پڙهندڙ”بارش کان بارش تائين“ جي سُرمئي سفر ۾”سائي چادر جو ڏُک“ڪڏهن بہ نٿو وساري سگهي-ڇاڪاڻ تہ اُن کهاڻيءَ ۾”زال جي جُدائيءَ جو زخم تِڙي مَهڪندڙ گلاب ۾ بدلجي ويو هو-جنهن جي خوشبو جي سحر هُن کي عجيب ڇَرياڻپ ۾ مُبتلا ڪري ڇڏيو هو“۽ مُجيب کي ياد ٿو اچي تہ”هن کي پاڙي جي هڪ دوست کان خبر پئي هئي تہ: جنهن ڇِتي ڪُتي سندس زال کي ڏاڙهيو هو، اُن ڪُتي شهر جي ٻين بہ ٽِن ماڻهن کي ڪاڏو هو-“مان

سوچيان ٿو تہ واقعي زندگي المين جو نانءُ آهي-ڏک، درد، الميا آرٽ کي دوام بَخشيندا آهن-۽ ڪهاڻيءَ لاءِ فن جو اعليٰ ڪرافٽ هُجڻ لازمي آهي-نہ تہ ڪهاڻي، ڪهاڻي نٿي بڻجي سگهي-----!

”مگر هُنن پُسيل سائو ڪپڙو سندس مَٿان وجهي ڇڏيو-“ ”۽ آخر اُهي سِسڪيون بہ هڪ ماٺ ۾ بدلجي ويون هُيون----موت جي ماٺ ۾---“

مُجيب ماٺ ميٺ ۾ جيڪو ڪهاڻي جو سفر ڪري رهيو آهي-اهو سندس نئين پنڌ جي پيرن تي پُراڻي پيرن جو گُمان  آشڪار ڪري ٿو-سندس ڪهاڻيءَ جا مُنهن مُهانڊا سندس ئي تخيل ۽ زاويي مان گهڙجي نِڪتا آهن-

مُجيب جي ڪهاڻين جو ڪيئنواس ايئن آهي جيئن ڪو فوٽو گرافر ڪيئمرا جي ننڍڙي اک ۾ ڪائناتي ڦهلاءُ کي وڏ کان وڏ سهيڙڻ جي ڪوشش ڪري، ننڍڙي زاويي ۾ وڏي وشالتا سمائي ڇڏڻ چاهيندو هجي-

مُجيب کي ڪهاڻيءَ جي پنڌ جا پَرُوڙَ ڪنهن اڳين جنم ۾ ئي پئجي چُڪا هئا پر هِن جنم ۾ هُن ڪهاڻي جي آڱر پَڪڙي آهي يا شايد سندس ڪهاڻي آڱر پڪڙي پاڻ سان همسفري جو اعزاز بخشيو اَٿس--

مُجيب نہ چاهيندي بہ بارشن ۾ ڀڄندي”پهرين اَنام ڪهاڻي“لکي سنڌي ڪهاڻيءَ کي گروَوتو ڪري ڇڏيو آهي-

سندس هر ڪهاڻي پنهنجي حُسناڪين کي سهيڙي روح تائين رَسِي ٿي وڃي-ڇو تہ هر ڪهاڻي سندس دل جي ڪاڪ کي ڪڪوري مومل بڻي آهي--۽ مُجيب روح ۾ ڪڪورجِي راڻي جو رُتبو ماڻيو آهي-

مُجيب تخيل ۽ تصور جي آميزش سان هِن ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون رُخ، نئون جهان اَرپيو آهي-اِها ڪهاڻي جنهن ڍنگ ۽ رنگ سان لکي وئي آهي-اهڙو دلربا ۽ پُختو انداز مُجيب وٽ ئي نظر اچي ٿو-ڇو تہ ڪهاڻي ننڍي هُجي يا وڏي-بُنيادي ڳالهہ اِها آهي تہ اُن ڪهاڻيءَ کي ليکڪ پنهنجي فن جي ڪمال ڪاريگريءَ سان ڪيئن پڙهندڙ کي آڇي ٿو-- مُجيب ڪهاڻي لکي ڪونہ ٿو پر ڪهاڻي ئي ڪيس لکرائي ٿي-

مُجيب جي هي پهرين ئي ڪتابي تخليق ادب جي جهول ۾ بلڪل بہ نِڪور ۽ نياري لڳي ٿي-سندس ڪهاڻيون هوا کان هَلڪيون ۽ پاڻ ۾ تحليل ڪري ڇڏيندڙ آهن-نہ رڳو ڪهاڻيون، اُنهن جي ٽريٽمينٽ، ڪردار نگاري، منظر ڪشي، علامت نگاري، ڊائلاگ، ڪهاڻيءَ جو مختصر پر جامع

ڪيئنواس، سادي پر پُرڪشش ٻوليءَ-عنوان مطلب تہ مُجيب جون ڪهاڻيون اهڙيون تہ سهڻيون، سيبتيون ۾ مُڪمل آهن جو سنڌي ڪهاڻي مَتن ضرور فخر ڪندي-دراصل اِها منهنجي ذاتي رائي آهي- ۽ سچ تہ مُجيب جي ڪهاڻين ۾ ڪا بہ اَجائي پٽاڙ جو ڪوبہ احساس نہ ٿو ملي-هُو لفظن جو تقدس رکندي پنهنجي دل جي ڳالهہ جيڪا هُو ڪردارن کان چوارائي ٿو يا بيان ڪرائڻ ٿو چاهي اُها وڏي سليقي سان چوڻ جو پرپور هُنر ڄاڻي ٿو-

نہ رڳو ايترو پر سندس ڪهاڻين جا عنوان بہ چا تہ ڪمال جا شاعراڻا آهن-

”خوابن جي دنيا مان خارج ٿيل ماڻهو“ هي ڪهاڻي علامتي انداز جو هڪ سهڻو حوالو هئي-

”سيني سِڪان ساريان“ مان ڪجهہ جملا:”ڊپ جو هڪ ڪُن سندس اندر ۾ پيدا ٿي پيو“، ”اُداسي ڪيس اَچي پُوتيءَ جيئن ويڙهيل هئي“، ”هوءَ گونچ مان تاري ٿي پئي هئي ۽ تاري تار ۾ بدلجڻ لڳي هئي“-

”سُڪي ويل گل جي خوشبو“ هڪ بهترين ڪهاڻي آهي-جنهن مان صرف هڪڙي ئي سِٽَ ڪهاڻيءَ جي ڪردار جي زندگيءَ جِي اُڪيل ٿي ڪري ڇڏي-”هُو هميشہ هڪ پُراڻي خوشبو جو مُتلاشي هو-“

الائي ڇو اُهو جملو پڙهي منهنجي ذهن تي هڪ شاندار انگلش فلم ”پرفيوم“ تري اچي ٿي-

”زندگيءَ جي ايش ٽري ۾ سَڙيل ساھ“ پڻ وجود ۾ تحرڪ پيدا ڪري ڇڏيندڙ ڪهاڻي آهي-هِن ڪهاڻي ٻُڌايو تہ ”ڪهاڻي ايئن لڪجي جو پڙهندڙ اُداس ڪردار جي آڱر پَڪڙي ڪيئنواس تي هلڻ لڳي-“

”رهجي ويل مُلاقات جو لمحو“، ”تري ويل چانھ جو ڪوپ“، ”سيني جي سرحد مان نڪري ويل ڇوڪري“، ”اڪيلائيءَ جو آخري ڇرڪ“، ڪهاڻي ٻڌايو ٿي تہ مُجيب جي اندر جي”بي چيني جڏهن ڀيانڪ طوفان جو رُوپ اِختيار ڪرڻ لڳندي هئي تہ، هُو ڪهاڻي لِکي اُن طوفان کي جَهڪو ڪري ڇڏيندو هو---۽ پوءِ خيالن جي ناوَ تي چڙهي اندر جي اُونهي سمنڊ ۾ نِڪري ويندو هو-“

ايئن سندس بيون ڪهاڻيون
”خوف جي خوشبوءِ“ يا

”هِن دل جي خانہ بدوشي“ ۾ هڪ جُملو ڪهاڻيءَ جو معيار طيءِ ڪري ٿو ته،

”ڪيس ايئن محسوس ٿي رهيو هو، هُو ڪهاڻي ٻُڌي نہ پر ڏِسي رهيو هو-“

۽ سچ تہ مون مجيب جون ڪهاڻيون پڙهندي اُنهن کي اکرن مان اُڀري پاڻ سان گڏ هلندي ۽ هم ڪلام ٿيندي پڻ پانيو آهي-

”ڪهاڻيءَ جي ڪناري تي بيٺل ڇوڪري“ ڇا تہ شاندار ڍنگ ۾ رچيل ڪهاڻي آهي-سچ تہ مُجيب وٽ ڪهاڻي لکڻ جو ڏانءُ ڏاڍي نفيس انداز ۾ مَٽس مُنڪشف ٿيندي محسوس ٿئي ٿو-جيئن مُحبت دل تي پنهنجا پَرَ پکيڙيندي ايندي آهي تيئن ڪهاڻي بہ سندس مَن جي سمنڊ ۾ مڇيءَ جيئن ترندي وٽس ايندي آهي-۽ مُجيب ڪيس ڏاڍي پيار سان لفظن جي”فش باڪس“ ۾ لاهي وٺندو آهي-مڇين جهڙيون رنگ برنگي ڪهاڻيون، ڇولين سان ساحل تي ايندڙ رنگين پٿرين جهڙيون دل ۾ پيهي ويندڙ ڪهاڻيون-

”ماڻهو جو مثال بہ ٻرندڙ ميڻ بتيءَ جيئن آهي-جيئن جيئن ڏاڍو سڙندو ٿو وڃي تيئن تيئن ميڻ ڳرندي ٿي وڃي-هر ماڻهوءَ جي اندر بہ اهڙو ئي ڏاڍو آهي، جيڪو مسلسل سَڙي رهيو آهي-جيئن جيئن اُهو سڙندو ٿو وڃي تيئن تيئن ماڻهو اندر ڳرندو ٿو وڃي-“

”ننڊپڻ ۾ مري ويل شخص“ عجيب قسم جي ڪهاڻي آهي-سچ تہ مون وٽ لفظ ناهن جو مان اُن ڪهاڻي جي ڪهاڻيپڻي کي بيان ڪري سگهان-ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي ڪيئن ٿي ساهہ کڻي-ڪيئن ٿي مُختلف رُخ پيدا ڪري-ڪيئن ٿي وجود جو حصو بڻجي پوڳرائي-اُهو مُشاهدو ماڻڻ لاءِ مُجيب جي ڪهاڻين جي پيچرن تي دل جي پيرن سان پنڌ ڪرڻ لازمي آهي-

مُجيب جي ڪهاڻين جا موضوع توڙي مواد، مُجيب جي دل جي دنيا جا پنهنجا آهن-

هُو هر موضوع کي ڪٿان بہ شروع ڪري ڪٿي بہ ختم ڪري ڪهاڻيءَ کي تخليق ڪري سگهي ٿو-

”ڪهاڻين جو ديوتا“ڪهاڻي پڙهي سچ تہ منهنجي دل چئي ويئي تہ واقعي مُجيب ”ڪهاڻين جو ديوتا“ آهي-۽ ڪهاڻيون سندس ديويون آهن-

سندس دل اُنهن ڪهاڻي ديوين جو مُقدس مندر آهي-جتي پوڄا بہ هڪ نِرالي فن سان ڪئي ويجي ٿي-هي ڪهاڻي پڻ بين ڪهاڻين جيان پنهنجو مَٽ پاڻ آهي-

”وائلن جي ٽُٽل تار جهڙي ڇوڪري“پڻ وائلن جي سُرن جهڙي هڪ سُريلي ڪهاڻي آهي-جنهن جي تارن ۾ درد سگريٽ جيئن دُکي سُرمئي ڪيفيت ۾ تبديل ٿِي ويجي ٿو-

اڪيون گِهمجي وڃن ٿيون-ءِ پنل دل سان”بارش ڪان بارش تائين“جو سفر پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پُهچي وري هڪ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان شروع ٿِي ويجي ٿو-مُجيب جون ڪهاڻيون ڪنهن پُڄاڻي توڙي شُروعات جون مُحتاج ڪين آهن-اهي تہ عالمي ڪهاڻيءَ جي تاجي پيٽي ۾ سِرجيل اهڙيون تہ نراليون ڪهاڻيون آهن-جن ڪي پڙهي،ڍِسي ۽ ٻُڌي حيرتن ۾ وڃائجي وڃجي ٿو........
.

18/10/19

# مڪيءَ جي سَمفني

منظور ملاح سان منهنجو پهريون تعارف سندس مُختلف ادبي لکڻين توڙي ترجمن جي معرفت ٿيو هو-۽ ساڻس منهنجي روبرو پهرين ملاقات به شايد راجن مڱريي جي ڪتاب "اُهو اجنبي" جي مهورت دوران سانگهڙ ۾ ٿي هئي-اڄ باقاعدي ساڻس نِج پنهنجي لکٽي، سا به فڪشن ۾ تخليقي ادب جي صنف ناول جي صورت ۾"بختاور مڪيءَ جي" سان ٿي آهي-ناول جي دنيا به عجيب دنيا ٿئي ٿي جنهن ۾ آرٽ وسيلي ليک ڪيئن نه اَڻ ڏٺل واقعن، ڪردارن، توڙي منظر نگاريءَ ذريعي اُهي گُذري ويل ماڻهو توڙي ماحول اَڪرن مان اُڀاري دل ۽ دماغ تي چِٽي ڇڏي ٿو-۽ ائين پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ ڪي اُن ۾ تَحليل ڪري اُن ناول جو اَڻ ٽُٽ حصو بڻائي ڇڏي ٿو-جو ناول جي اُن تخليقي دنيا سان روح جون تَندون جَڙيل محسوس ٿيڻ لڳنديون آهن-ليک چواڻي ته"منهنجي هِن ناول ۾ پنهنجي اَباڻي علائقي مَڪيءَ جي سالن کان وني موجود وڻن، ٻوٽن، چراگاهن، ڍنڍن، ڍورن، مالوند ڪلچر، اُن سان لاڳاپيل ريتن رسمن، صدين کان سيني ۾ موجود ڏند ڪٿائن جو ذڪر آهي-هن ناول جو مرڪزي ڪردار مڪيءَ جي پورهيت، بهادر، سٽوڦري ۽ سُگهڙ عورت بختاور آهي-هي ڪردار اصل ۾ مون ٻاروتڻ ۾ اهڙن چار، پنجن مَڪيءَ جي جُهونين عورتن جي ڪردارن ۾ موجود اُن قسم جي خاصيتن کي ڏسڻ، محسوس ڪرڻ ۽ سندن ڳُڻ ۽ ڳالهيون ٻُڌڻ کان پوءِ اُنهن کي گڏائي تخليق ڪيو آهي. "هُون به ڏٺو وڃي ته هِن ناول ۾ جادوئي حقيقت نگاري جو به ڪجهه اثر آهي پر اهو آرٽسٽڪ انداز سموري ناول کي پنهنجي گرفت ۾ نٽو وني هلي-جنهن ڪري ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪرافٽ جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي-توڙي جو مڪي ٻيلي جو سڄو علائقو موضوعاتي اعتبار کان مزاحمت، رومانس، بهادري، جُرئت ۽ درد جي هڪ وڏي

ڪائنات سمائي ٿو-جنهن ۾ دردن جا انيڪ رنگ بہ پَري سگهجن پيا-پر ليکڪ اُتان جي ڳوناٽي زندگيءَ جي گُمنام پهلوءَ کي اُجاڳر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ هُو گهڻي قدر ڪامياب بہ ٿيو آهي. پر جيتوڻيڪ ليکڪ گهڻ پڙهيوءِ سنڌ جي سرويچن جي تاريخي ماڳ سانگهڙ جو مقامي رهاڪو هجڻ ڪري ڪائونس گهڻي توقع هئي تہ"بَختاور مَکيءَ جي" ڪهاڻيءَ ۾ اُهي ڇرڪائيندڙ پهلو بہ سَمايل هوندا جن جا تصور مَکي ٻيلي جي نانءُ وٺڻ سان ذهن تي ايئن تَري ٿا اچن جيئن سائين الهہ وراڀي ٻهڻ جي آتم ڪٿائي ڪتاب"قيد ڪشالا زندگي" جي نالي سان اُنهن لوڙهن جو تصور اُڀري اچي ٿو جن ۾ هزارين حُرن کي پنهنجن خاندانن سان گڏ قيد ۾ بند ۾ رکيو ويو هو-يا جيئن محمد عثمان ڏيپلائيءَ سدا حيات ۾ تاريخ جي انمول ڪردارن کي"سانگهڙ"ناول ۾ جادوئي حقيقت نگاريءَ سان فڪشنائيزڊ ڪيو آهي-جنهن ۾ سڀ واقعا دل کي ڇُهندڙ ۽ پنهنجي حقيقي لِکل تاريخ سان روشناس ڪرائيندڙ آهن. پر تنهن هوندي بہ منظور ملاح جو هي ناول"بختاور مَکيءَ جي"هڪ اهڙي عورتاڻي ڪردار توڙي ماضيءَ جي مَکي ٻيلي ۾ ڏنڍ جي ڪهاڻي آهي-جنهن جي علائقي جي تاريخي حيثيت ۾ فطري حُسناڪين کان ڪير بہ انڪار نٿو ڪري سگهي-بلڪ ايئن چوڻ بهتر ٿيندو تہ اُهو سمورو وايو مَنڊل ۾ اُن جي دل سوز ڪهاڻي سنڌ جي درد جو هڪ الڳ داستان آهي-

ڳوناٽي زندگي جي عڪاسي ڪندڙ هِن ناول جي ڪهاڻي مُختلف دورن جي لاهن ۾ چاڙهن جي هڪ عجيب فوٽو گرافي يا منظر نگاري آهي-ناول پنهنجي ٻيهڪ ۾ جنهن رنگ ۾ ڏنگ کي سمائي هلي ٿو-اُتي ناول ۾ ڪردارن جي ٻولي ڏاڍي سَياويڪ ۽ اَڇوتي آهي-ڪوڙ سارا لفظ يا جُملا توڙي چوڻيون سُونهن ۾ مٽيءَ جي سُندرتا ٻٽجي اضافو ڪن ٿيون-ناول جي ڪهاڻيءَ پڙهندي ناني واتان ٻُڌايل ڪنهن آکاڻيءَ جو گُمان بہ ٿئي ٿو-پر منظور ملاح اِن ناول ۾ آرٽ جي وسيلي جيڪا دلچسپي پيدا ڪري ٿو اُها ڪٿي ڪٿي ڪنهن مضمون جو سادو پيراگراف بہ ڀاسي ٿي--ناول جنهن شدت سان اُڀري ٿو اُهو پڇاڙيءَ ۾ ڪاپندي محسوس ٿئي ٿو-ايئن ٿو لڳي جڻ پُڄاڻيءَ ۾ ليکڪ ناول کي زوريءَ وائينڊپ ڪرڻ چاهيندو هجي-ڇاڪاڻ تہ اوچتو ئي اوچتو عثمان جو سِله جي مرض ۾ مري وڃڻ سموري ڪهاڻيءَ کي ڪمزور ڪري وجهي

ٿو-بختاور جي عمر درازي تہ سمجهہ ۾ اچي ٿي يا جمعي جون روز روز جون ڦڙتيون بہ ڦبي وڃن ٿيون پر عثمان جو موت تڪڙ جو جواز بڻجي پوي ٿو-بيو تہ ناول پُراڻي فارميٽ ۾ لکيل آهي-جنهن تحت شروعات وچ ۽ پُڄاڻي واري انداز جي بنياد تي ڪهاڻي جي اُڏت ٿيل آهي-تنهن هوندي بہ منظور ملاح جَس لهڻي جنهن مَڪي ٻيلي توڙي ڍنڍ جي ماحول کي فڪشنائيزڊ ڪري هڪ اهم موضوع کي ڪهاڻيءَ جي ڪيئنواس تي اُڀاري هڪ ناول تحرير ڪري سنڌي ادب ۾ هڪ سنو اضافو ڪيو آهي-----

4/3/2020

# ڏور ڏَئي ويا ڏُک جي

مسلسل مطالعي جي سُهاني سفر ۾ مون کي ڀين لکڻين کان وڌيڪ ڪهاڻيون، ناوليٽ يا ناول وڻندا آهن-ڇو تہ مون سدائين انهن کي پڙهندي پنهنجي اندر ۾ گم ٿي ويل هڪ گمنام درد کي دريافت پئي ڪيو آهي-تازوئي جڳ مشهور ناول نگار گارشيا مارڪيز جوهڪ مشهور ناوليٽ"ڪرنل کي ڪير بہ خط نہ ٿو لکي" پياري شاعر دوست رحمت سومري جو سهڻو ۽ سيبتو سنڌي ترجمو پڙهيو اٿم-جنهن ۾ ڪوڙ سارين گارشيا مارڪيز جون ساهہ ۾ سانديڻ جهڙيون جادوئي ڳالهيون روح کي پنهنجي سحر ۾ جڪڙي ڇڏين ٿيون-

گارشيا مارڪيز چواڻي تہ"لکڻ هڪ لذت بہ آهي تہ اذيت بہ. وقت گذرڻ سان گڏ لکڻ جو عمل تڪليف ڏيندڙ ٿي پيو آهي. اصل ۾ اوهان کي ذميواريءَ جي احساس جي شدت ٿيندي رهي ٿي. خالي صفحو، ساهہ مُنجهڻ کان پوءِ، منهنجي لاءِ سڀ کان ڊيڄاريندڙ شيءِ آهي. مان سمجهان ٿو تہ ڀين اديبن لاءِ ڪتاب جو جنم ڪنهن خيال يا تصور سان ٿيندو هوندو، پر منهنجي لاءِ هر تحرير ڪنهن نظر ايندڙ منظر يا ڏيک مان جنم وٺندي آهي. مون کي "فينٽسي" کان نفرت آهي. ڇوتہ مان تخيل کي حقيقت جو ذريعو سمجهندو آهيان. ۽ تخليق جو سرچشمو آخري لفظن ۾ حقيقت ئي آهي. "اڳتي گارشيا مارڪيز لکي ٿو تہ"منهنجي خيال ۾ تہ هر ناول حقيقت جي هڪ شاعراڻي ڦير گهير آهي. ان مان هي مراد آهي تہ ناول خفيہ ڪوڊ ۾ بيان ڪيل حقيقت آهي. دنيا جي متعلق هڪڙي ڳجهارت آهي. ناول ۾ توهان حقيقت سان مُنهان مُنهن هوندا آهيو. اها اصل ۾ زندگيءَ جي حقيقيت کان مختلف هوندي آهي. "اهڙين دل آويز ڳالهين جي سفر ۾ منهنجي ذهن تي نوي وارو ڏهاڪو تري اچي ٿو تہ هڪ نانءُ ڪهاڻيڪاره طور بانو محبوب جوڪيو جو پنهنجي ادبي حيثيت

سان نمودار ٿيڻ لڳي ٿو-ءِ مون کي چڱي طرح ياد اچي ٿو تہ ان دور ۾ ادبي رسالن ۾ سندس جيڪي بہ ڪهاڻيون اُن وقت مُختلف عُنوان سان ڇپيون هُيون-اهي هاڻ بہ هزار ويهہ ۾ وقت ءِ حالتن جو تخليقي سفر ڪندي اچي هڪ ناول جي شڪل ۾ ظاهر ٿي وينديون-جنهن ناول جي ناوَ دل جي ڪناري ڪان ڪنهن وڇوڙي جي جزيري تائين اُٽجڻ ۾ ليکڪا جي روح کي اهڙو تہ جهنجهوڙي ڇڏيندي جو جڏهن اُن ناول جي لفظن جي دنيا ۾ داخل ٿبو تہ پوءِ هڪ حساس پڙهندڙلاءِ اُتان واپسي محال بڻجي پوندي-

بانو محبوب جو ڪيو جو پهريون ناول ”اَڌ ڌُڪوئي آهيان“ هڪ مڊل ڪلاس گهراڻي جي ڪهاڻي آهي-جنهن ۾ زمان ءِ مڪان توڙي ڪردارن جي بيهڪ يا انهن جي هڪ ٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ کي وڏي ترتيب سان سهيڙيو ويو آهي-جيئن ڪو موسيقار شاعريءَ جي لفظن کي سُرن جي رنگن سان تصوراتي تصوير ۾ تبديل ڪري هڪ پُرسوز سَمفني کي ڪمپوز ڪندو آهي-جيڪا سماعتن ۾ پُهچي پٿر دلين کي بہ مُتحرڪ ڪري ڇڏيندي آهي-بلڪل ائين ئي هي ناول بہ ڪا وڇوڙي جي درد جي اهڙي رڙ آهي جيڪا رڳ رڳ ۾ هڪ روڳ کي جنمي وجهي ٿي-

هي ناول وڏي سادگيءَ ءِ مهارت سان ائين تہ تخليق ڪيو ويو آهي جو اُن جي رواني ۾ ڪٿي بہ جهول يا رُڪاوٽ ڪونہ ٿي محسوس ٿئي-ناول پنهنجي فطري انداز ۾ شروع ٿي پڇاڙيءَ تي پُهچي هڪ زلزلي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو تہ پڙهندڙ جو اندر بہ ڌُڏي وڃي ٿو-هن ناول جي هڪڙي خصوصيت اِها بہ آهي تہ هي ناول پنهنجي پاڻ ۾ هڪ ننڍڙي دنيا رکندي بہ لامحدود محسوس ٿئي ٿو-سون تي سُهاڳو اِهو بہ آهي جو هن ناول ۾ لوڪ ڏاهپ سان گڏ لطيفي گيڙو رنگت جو رچاءُ اهڙيءَ طرح تہ رچايو ويو آهي جو هي ناول هڪ معصوم محبت جو حَسين پورتريٽ بڻجي پوي ٿو-

اصل ۾ هي ناول ڪُجهہ اُن انداز سان اُجاگر ٿئي ٿو تہ جڻ ليکڪا ديوانگيءَ جي حالت ۾ پاڻ سان بي ساختہ خود ڪلامي ڪندي هي ناول تخليق ڪري وڌو آهي-ٻن گهرن جي مُختصر مُفاصلي کي وڏي فنائتي نموني آسمانن جيڏي وسعت بخشڻ هر ليکڪ جي وس ۾ نہ هوندي آهي-سچ تہ هي ناول پڙهندي تمام گهڻو وقت اڳ ۾ ڪلا پرڪاش جو بهترين ناول ”وقت، وٿيون، وڇوٽيون“

مون کي ياد اچي وڃي ٿو-جنهن ۾ هڪ ڪردار فليٽ ۾ گهر جي دريءَ مان بمبيءَ جي آسمان تي بادلن مان وسندڙ بوندن کي ڏسندي پنهنجين يادن ۾ ڪوئجي هڪ اَڇوتي ڪيفيت پڙهندڙ تي طاري ڪري اُداس ڪري ڇڏي ٿو--بلڪل ايئن بانو محبوب جي هن ناول جي حياءِ ۽ ملهار جي معصوم محبت به دل کي هڪ عجيب ڪشمڪش ۾ مُبتلا ڪري ڇڏي ٿي-۽ ٻين ڪردارن جي ڪردار نگاري خيال جي خاڪ مان نڪري حقيقت جو روپ ڌاريندي پاسجي ٿي-ناول جي ماضيءَ سان شروعات ٿي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ آرٽسٽڪ انداز سان فليش بيڪ ۾ هلي وڃي ٿي ۽ وري وڏي هُنر مَنديءَ سان ماضيءَ مان حال ۾ تحليل ٿي پڙهندڙ کي پڑهڻ جي سحر مان ڇرڪائي حقيقت جي تلخيءَ کي ڪيفيتن ۾ ملائي ڇڏي ٿي ته اکيون نمڪين بڻجي درد جي بيابان ۾ ڀٽڪي وڃن ٿيون ۽ دل ديوانگيءَ جي دانهن بڻجي وڃي ٿي-

چو ته ”ڌرتي پير تپائيندي آهي، ڌرتي پيرن مان کسڪي ويندي آهي. ڌرتي ڦاٽڻ تي به ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڌرتي سوڙهي به ٿي پوندي آهي-۽ پري به ڌرتي ڪڏهن ڏڪيندي آهي---اهو ٻُڌو به آهي ۽ ڪوڙ دفعا اُهو محسوس به ڪيو آهي--پر ڇا ڌرتي پير به پَڪڙيندي آهي؟ اها خبر مون کي هاڻي پئي آهي“!

اردوءَ جي ناماياري شاعره سارا شگفته به امرتا پريتم ڏانهن لکيل خطن ”ايڪ ٿي سارا“ ۾ ڪٿي لکيو آهي ته ”يي زمين دوڙني ڪي ليئي ڪتني بڙي هي-پر رهني ڪي ليئي ڪتني ڇوٽي“

ڪڏهن ڪڏهن ڌرتيءَ جي وسعت ننڍڙي پاسندي آهي ته ڪڏهن وري ان جو ڦهلاءُ ننڍڙو لڳندو آهي-اهي عشق جي انتهائن جو ٻَه ڪيفيتون آهن-جيڪي هڪ تخليقڪار کي هر پهلوءَ ڏانهن گهرائيءَ ۾ ڏسڻ جي سگهه عطا ڪنديون آهن-

هي ناول بنا حصن ۾ ورهائڻ جي مُسلسل رواني سان لکيل هڪ دل آويز ناول آهي-

هي ناول هوريان هوريان اکين ۾ دونهين جيان ڌُکندو آخر ۾ دل اندر هڪ اهڙي مَچ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو جنهن ۾ جلڻ کان سواءِ پڑهندڙ لاءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه ٿو رهي-مون محسوس ڪيو آهي ته سنڌي ناول توڙي ڪهاڻيءَ جي دنيا يا اُن جي ٽريٽمينٽ ڪنهن طور تي به عالمي سطع کان گهٽ ناهي-چو ته هاڻ دنيا

ٻُڌجي هڪ نُقطي ۾ سَمائجي چُڪي آهي-۽ سڄي دنيا جا ليکڪ جڻ هڪ ئي گهر جا ڀاتي بڻجي پيا آهن-پنهنجن مُختلف رنگن ۽ روپن سان-۽ سچ تہ هن ناول جي گهريلو زندگيءَ جي هڪ سادي سودي ڪهاڻيءَ کي ليکڪا پنهنجي فني مهارت سان جيڪا اهميت ۽ افاديت بخشي آهي-اها بہ سندس سالن جي تخليقي تپسيا جو ڪمال ئي چئي سگهجي ٿي-

بانو محبوب جو ڪيو”اڙ ڏکوئي آهيان“ ۾ هرويرو اجائي فينٽسي جي پرمار نہ ڪئي آهي-بلڪ بي ساختہ انداز ۾ هن حقيقتن کي پنهنجي نموني سحر انگيزيءَ سان تخليق ڪيو آهي-

اڄ جڏهن سنڌيءَ ۾ ناول لکجڻ جو دور شروع ٿيو آهي تہ ان وقت اهڙي پُختي ناول جو سرجڻ سچ تہ سنڌي ادب لاءِ هڪ سياويڪ ڳالهہ آهي-توڙي جو بانو محبوب جو هي ناول آتم ڪٿائي انداز ۾ تحرير ٿيل آهي پر پوءِ بہ هن ناول ۾ آرٽ ۽ ڪرافٽ، ٻولي توڙي مختلف وقتن تي نهڪندڙ چوٽيون، شاهہ جا بيت ناول جي ڪردارن جي اظهار کي وڌيڪ پُختو، دلچسپ ۽ بامعنيٰ بڻائين ٿا-مون پنهنجي زندگيءَ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن جن بہ ناولن کي هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهي پورو ڪيو آهي اُنهن ۾ بانو محبوب جو ڪيو جو هي ناول بہ شامل آهي-ڇو تہ هن ناول ۾ پيار، محبت، سادگي، چالاڪي، ننڍپڻ کان ماءُ کان مليل نفرت، ڏاريائپ ۽ پنهنجائپ جي ڏک ۽ خوشي جا رنگ جن ۾ وڇوڙي جا وَرلاپ سيني رنگينين کي سُرمئي رنگ ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا، موجود آهن-جن جي پينٽنگ ڪنهن مصور جيان دل جي بُرش سان ڪيل محسوس ٿئي ٿي-پهاڙن جيڏي ڏُکي جياپي جي پنڌ هوندي بہ ويڙهچڻ سان ڪيل وَچن ڪڏهن بہ هيٺو نٿو ٿئي ۽ اَمر محبت خوابن جا پَنک ماٺي اُڏامي اچي پنهنجي پيار جي پِرم کي جيئاري ٿي-تہ ناول ڪنهن وڇوڙي جي سدا حيات گيت ۾ تحليل ٿي وڃي ٿو---روح جي گهراين تائين، ڪيفيتن جي ڪهڪشائن تائين پٿائي پڙاڏا بڻجي گونجي وڃي ٿو تہ،

ڪُنڊي ڳلين وچ ۾، جڏهن هَنيائون،
موت نہ ماريائون، ڏَور ڏَئي ويا ڏُک جي.

# ادَا نہ ڪري سگهيل لفظن جو اعتراف

مون ڪي ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين ۾ سندس فن ۽ فڪر تي لکڻ ائين لڳندو آهي جڻ هڪ شاعر هئڻ جي ناتي مان پاڻ تي جبر ڪندي ڪا نِرالي ڪهاڻي لکڻ جي ڪوشش ڪندو هُجان. ۽ پوءِ مونکي ائين محسوس ٿيڻ لڳندو آهي تہ مون لاءِ نثر ۾ لکڻ صليب تي چڙهڻ برابر آهي ۽ پوءِ اهائي صليبي ڪيفيت جي روحاني پيڙا ۽ بي چيني مونکي ڪجھ لکڻ جي سگهہ عطا ڪري، اُن محسوسياتي ٿياس تان لاهڻ ۾ مدد پڻ ڪندي آهي. اهڙين ڪيفيتن جي ڳُنن ۾ گهوماٽيون ڪائيندي، ٻُڌندي ۽ ترندي سنڌي ادب جي ساموندي جزيري تي پاڻ ڪي ڪنهن ڳُڪ پن جيان ڀائڻ لڳندو آهيان ۽ جڏهن سنڌي ادب جي رنگين ڪائنات ۾ ڪهاڻي، ناول، ڊرامي يا شاعري جهڙين صنفن تي ويچاريندي يا اُنهن مُتعلق پڙهندو يا ٻُڌندو آهيان تہ دل ڏُکڻ لڳندي آهي.

هر پڙهندڙ توڙي لکندڙ جا معيار، ماڻ ۽ ماپا ذاتي پسند يا ناپسند جي، بي بنياد جوازن تي جُڙيل هُئڻ ڪري اسان ”سچ ۽ ڪچ“ ۾ ڪوبہ واضح فرق نہ ڪري سگهيا آهيون. اهوئي ڪارڻ آهي جو اسان سنڌي ادب ڪي سطحي ۽ ذاتي تنقيدي نقطي نظر واري پاتل مصنوعي، دانشوراڻي، پلاسٽڪ جي ڌُنڌلي عينڪ جي نظر ڪري اجتماعي قومي بقا واري نظريي ڪي اَجايو پنهنجي اَنائن جي جوٽيل، بي مقصد جنگ ۾ تباھ ۽ برباد ڪري انفرادي سُڪون ماڻڻ جا مُتلاشي بڻجي، پنهنجي اصل اديباڻي مَنصب ڪان ڪٽجي، پنهنجو روحاني ۽ فطري قُطب نُما وڃائي بي حسيءَ، غير ذميواري ۽ غير سنجيدگيءَ جي وَر چڙهي ڀٽڪي رهيا آهيون. مَيتا جي اُن رُڃ ۾ ڀٽڪندي، ڀٽڪندي مَيتائن جي مُستحقن ڪي مانُ ڏيڻ هاڻ اسان جي اَنائن جو وڏو مسئلو بڻجي رهجي ويو آهي،

اسان پنهنجي ذات جي زهر ۾ ايترا تہ زهريلا بڻجي چُڪا آهيون جو هاڻ اسان پنهنجي تخليقي جوهر کي ڏنگي ڏنگي، پنهنجي قلم جي مُقدس مَس مان زهر اوڳاڇي اوڳاڇي ڪوڙي تسڪين ماڻڻ جا شوقين بڻجي پيا آهيون. پاڻ کي تہ هر حال ۾ مجتا گهرجي ئي پر ٻين کي مجتا ڏيڻ اسان جي اَنائي نظريي جي خلاف آهي. اهڙي صورتحال ۾ هڪ فطري ۽ نِج تخليقڪار/ ليکڪ کي پنهنجين مِڙني سچاين ۽ ايماندارين سان اَجاين ڳالهين/ مَنفي لاڙن کان ڪن لاتار ڪري مقصد وارو لکڻ اجوڪي ادبي ڪال واي دور ۾ وڏو تخليقي جهاد آهي. هونءَ بہ هڪ ليکڪ وٽ تنقيدي شعور جو هُئڻ انتهائي ضروري آهي جنهن جي ڪسوٽيءَ جي آڌار تي هُو پنهنجي توڙي ٻين لکڻين تي ٿيندڙ تنقيد کي حقيقت پسندي جي نگاهہ سان پرکي ۽ اُن جي مُثبت رُخن تي غور ويچار ڪندي اڳتي قدم کڻندو هلي. چاڪاڻ جو زندگي ماضيءَ حال ۽ مُستقبل جو مُنجهيل هڪ ڍيرو آهي ۽ ادب اُن الُجهنن جو سُلجهاءُ آهي جنهن جي مُحافظي هر اديب جو اولين فرض آهي.

جديد سنڌي ادب جي ڪهاڻيءَ جي ڪئينواس تي جن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ڪهاڻيڪارن پنهنجي فني، فڪري ۽ تخليقي جوهر جا جَلوا پَسايا آهن اُنهن مان تمام گهٽ عرصي ۾ ڪهاڻي جي بُلندين کي چُمي، مجتا ماڻيندڙ ڪهاڻيڪار نسيم پارس گاد مونکي نوي جي ڏهاڪي ڪانپوءِ پنهنجي مُنفرد سُڃاڻپ سان اڄ تائين پنهنجي ڪهاڻين توڙي ٻين لکڻين ۾ ڏاڍو نئون نئون، تازو توانو ۽ سنڌي ڪهاڻي جي نِرڙ تي ٻنديا جيان چمڪي روشني ڦهلائي نئين لاٽ ۽ واٽ جو ڀرپور ڏس ڏيندڙ پانڌيئڙو لڳي ٿو. اهڙو احساس مون کي هڪ ننڍڙي لکندڙ ۽ پڙهندڙ جي ناتي اڪثر طور تي سندس لکڻيون پڙهندي شدت سان ٿيو آهي. بلڪ ائين چوڻ مُناسب ٿيندو تہ نسيم پارس جون تحريرون روح جي گهراين ۾ لهي، دل جي تارن کي ڇيڙي اُن احساس کي جنمين ٿيون.

نسيم پارس جو پهريون ڪهاڻي ڪتاب ”ڪولاج ٿيل شخص جو پورٽريٽ“ سنڌي ادب جي لائبريري لاءِ ڪهاڻين جي شوڪيس ۾ پنهنجا سمورا تخليقي رنگ سمائي پنهنجي فني، وجودي، سَريئلسٽ ۽ فڪري پُختگي جي گُڻن سان نِروار نظر اچي ٿو. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ اُن”مرڪزِ نگاهہ“ڪتاب کي نظراندازيءَ واري روايتي ٻي حسيءَ جي اَنگاس تي چاڙهي

سنجيدا ۽ ذميوار سڏائيندڙ ادب جا علمبردار پنهنجي جوڻين انائن کي عارضي تسڪين ڏيڻ لاءِ ڪوڙا دلاسا ڏئي ڏئي پيا پنهنجي ذات کي مُطمئن ڪن. ته نسيم پارس جون ڪهاڻيون ڪنهن جي تقليد آهن. ڪنهن جو اُڻ پورو عڪس آهن يا اُهي اجان ڪهاڻي پڻي کان خالي لفظن جا بي مقصد مجموعا آهن. بحرحال اِها سوچ يا راءِ ته ادبي نيت ۾ نانگ واري ڳالهه ٿي پر حقيقت بِلڪل اُن جي اُبتڙ ۽ برعڪس آهي. جنهن کان سندس هم عصر يا سينئر سندس ڪهاڻين کي دل ۽ دماغ جا دروازا بند ڪري رڳو خالي نظرن سان پنن تي اکرن جي لاحاصلات رولاڪي ڪري ڪا تڪڙي ۽ واٽڙي راءِ قائم ڪرڻ پنهنجو ادبي اولين فرض ڄاڻين ٿا.

مان هت نسيم پارس جي ڪهاڻين لاءِ شُوپنهار جا لفظ ورجائيندس ته. ”ليڪڪ پنهنجي تخليق ۾ پنهنجو ساهه، سَرير ۽ رَت سَت شامل ڪندو آهي پوءِ اُها تخليق ٿي پوندي آهي. ساهه ڪٽڻ، روئڻ، کلڻ ۽ ڳالهائڻ لڳندي آهي. شوپنهار جي مٿين ڳالهه جو ڀرپور جوهر نسيم پارس جي ڪهاڻين جوئي روح آهي.

”ڪولاج ٿيل شخص جو پورٽريٽ“ چوڏهن ڪهاڻين جو هڪ اهڙو مجموعو آهي جنهن جي هر ڪهاڻي وڏي فنائتي. فڪري گهرائي واري انداز سان اُٿيل اصل ڪهاڻيءَ جي ڪرافٽ کي رَچي هڪ نئون سريئلسٽ گس جوڙيو ويو آهي. جنهن ۾ مقصد ۽ مفهوم کي ليکڪ ڪٿي به مَجروح نه ڪرڻ ڏنو آهي. ڪنهن به چونڊيل موضوعن کي ڪهاڻي جي حسين پيڪر ۾ سمائڻ ۽ نڀائڻ جو تخليقي فن ليکڪ جي ڪهاڻيڪار هُجڻ جي ساک ڏئي ٿو. هر ڪهاڻي پڙهندي پنهنجي سيني حُسناڪين سان شعور رستي روح ۾ لهندي محسوس ٿئي ٿي. سارتري وجوديت جي اثر هيٺ لکيل هي سريئلسٽ ڪهاڻيون پنهنجي اسلوب جي اَبهام ۾ فن ۽ فڪر جو دامن هٿان نه وڃايو آهي. نسيم پارس پنهنجي ڪهاڻين ۾ هڪ ڀرپور اضافو اِهو به ڪيو آهي ته اَسلوبي اَبهام ۾ هُن پنهنجي فن جي ڪمال جي سگهه سان مُناسب حد تائين ابلاغي سلاست به پيدا ڪئي آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار خوابي ۽ اجنبي نه پر پنهنجي معاشرتي ڍانچي مان تخليق ٿيل ملن ٿا. ڊائيلاگن جي نفاست ۽ انفراديت ۽ وري اُنهن ۾ معنيٰ خيز جُملن جو استعمال ڪهاڻي کي پنهنجي فطري انداز سان منطقي نتيجي تي پُڄائڻ. ٻولي ۽ تشبيهن جي اُجرائپ

پُڄاڻيءَ جا نوان، نوان حيران ڪندڙ انداز گهڻ مان گهڻ مون جهڙي معمولي پڙهندڙ ۽ ليکڪ کي جديد سنڌي ڪهاڻي ۾ تيلي ٻاري روشني ڪرڻ کي ڪهاڻي ڄاتو آهي. اهي ئي ڪهاڻي جي ڪهاڻي پٽي کي پنهنجي پنهنجي روح مان تخليق ڪري سگهيا آهن.

”مياڪن چواڻي “ته”قدرت انسان ۾ جن شعوري شين کي امانت ۾ رکيو آهي تن جي اظهار کي ادب چئجي ٿو“ ۽ سنڌ جي نامياري اديب ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي نظر ۾ ته”اديب ٿيڻ لاءِ لکڻ ائين آهي جيئن مذهبيءَ لاءِ مَراقبو. “يا سنڌي ڪهاڻي ۾ ماڻڪ ۽ اُن جي هم عصرن وٽ تجريدي جدت نظر اچي ٿي، جيڪا سندس وفات کانپوءِ اُن ساڳي گهاڙيٽيءَ ۾ گهڻ نظر اچي ٿي، پر نسيم پارس جو انداز ان ساڳي تجريدي سلسلي بجاءِ هڪ نئون انداز آهي جيڪو نسيم پارس جو پنهنجو آهي، هن جي ڪهاڻين جهڙو گهاڙيٽو ۽ پيش ڪش جهڙو انداز اُن کان پهرين مون نہ پڙهيو آهي. هُو مڪالماتي ڪهاڻيڪار آهي ۽ هُن جي وکريل مڪالمي ۾ هڪ ڳُجهو تسلسل آهي“.

اصل ۾ هر سچو تخليقڪار ئي ڪنهن جي تخليق جو قدردان ٿي سگهي ٿو بقول”اوشو رجنيش جي ته “برسات ته ساڳي ئي هوندي آهي پر اُها مُختلف جاين تي وسندي آهي، اگر اُها بارش ڪنهن باغ تي وسندي ته اُتان خوشبو ئي خوشبو اُٿندي پر جي اُها ساڳي بارش ڪنهن گندگي جي ڍير جي مٿان پوندي ته اُتان بَدبوءِ ئي بدبوءِ اُٿندي. ”

پنهنجي دور جي تخليقي ادب کي احترام جي نگاهہ سان ڏسڻ ۽ اُن کي پڙهي پُرجهي پنهنجي هانءُ سان هنڊائڻ ۽ اُن تي تنقيدي نظر رکي ايماندارانہ راءِ قائم ڪرڻ ئي سڀ کان وڏي مُنصفانہ وَٿ آهي. هونءَ بہ تنقيد جي معنيٰ نقد آهي ڪنهن بہ تخليق جي خوبين ۽ خامين کي سچائي سان بنا ڪنهن رُڪاوٽ جي پيش ڪرڻ آهي پر اسان وٽ هِت سنڌي ادب ۾ تنقيد ڪندڙ ڇڻ کو جلاد هُجي، جنهن جي لاءِ نصير مرزا جي راءِ بہ وڏي اهميت رکي ٿي تہ نقاد جي اک اُن مَک وانگر هوندي آهي جيڪا سُنين شين کي ڇڏي سدائين گند تي ويهڻ پسند ڪندي آهي. “حالانڪ ڏٺو وڃي تہ نقاد پنهنجي مَنصب ۾ اُن ماهر سَرجن وانگر هوندو آهي جيڪو پنهنجي هُنري، فني ۽ فڪري مَهارت سان ڪنهن بہ جسم ۾ موجود ناڪاره عُضون کي وڏي محنت، غور ۽ فڪر سان ڪٽي ڌار ڪري اُن مفلوج جسم کي صحتياب ڪري نئين زندگي بخشي،

پنهنجي پيشي جو مانُ مٿاهون ڪندو آهي. اُن ڪري بہ اسان وٽ تنقيد جو بُنياد بنا ڪنهن تنقيدي شعور ۽ ڳوڙهي تحقيق جي هاڻ فقط هوا ۾ لٽيون هَڻڻ جو فيشن اختيار ڪري ويو آهي.

نسيم پارس جي ڪهاڻين جي مواد ۾ زندگي سان پيار جو درس ملي ٿو. مَنجهس فڪري ۽ فني گهرائي سان زندگي جي حُسناڪين جو احساس ڪري موڙي جاڳي پوي ٿو. اهڙو هڪ مثال ”بُندو خان ڪاسائي“ جي عنوان سان لکيل ڪهاڻي ۾ ڀرپور انداز ۾ ملي ٿو. جيڪا علامت نگاريءَ جو هڪ شاندار مثال آهي. مُعاشري جي انتشار جي ڪَرب مان قُٿي نِڪرندڙ زندگيءَ جو من موهيندڙ اُتساهہ صرف ۽ صرف نسيم پارس جهڙو فنڪار ڪهاڻيڪار ئي پيدا ڪري سگهي ٿو. سندس اُن ڪهاڻيءَ مان هڪ ٽُڪرو پيش ڪيان ٿو جيڪو اُن ڪهاڻيءَ جو هڪ ڀرپور ڪلائمس پڻ آهي. ”رات، هُن جي دُڪان ۾ لهي اچي ٿي ۽ بندو خان جا نيڻ ڪٽي هلي وڃي ٿي تہ رات ستارن جي جهرمر سان چمڪڻ لڳي ٿي. بندو خان آخري گراهڪ جي انتظار ۾ آهي جو هُن جي وجود جو باقي رهيل ٽڪرو ڪٽي هليو وڃي. ايتري ۾ هڪ ڇوڪري هُن جي دوڪان ۾ داخل ٿئي ٿي. هُوءَ، هُن جا ڇَپ ڪٽي هلي وڃي ٿي ۽ بندو خان وٽ فقط ٿهڪ رهجي وڃن ٿا، هُن جو دُڪان ٿهڪن جي پڙاڏن سان گونجي پوي ٿو“ هِن ڪهاڻي ۾ نيڻ، ڇوڪري، ڇَپ ۽ ٿهڪ زندگي جي ڀرپور علامت ۽ جماليات جو حسين استعارو آهن. ڪهاڻي ”گهٽيءَ مان الوپ ٿي ويل وجود“ مان هڪ جُملو تہ، ”يار اِاِهي گولڊن ڊراپس گُلن تي پَکڙيل ماڪ جيان هوندا اٿئي، ٻيلي! خيال سان جي هڪ بہ ڊراپ زمين تي ڪِري پيو تہ پوءِ ملائڪ بہ شرابي ٻڻجي پوندا“. ”جيون جُهوتولوءِ جو“ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ ”مان سوچيندو آهيان جڏهن طوطو زيتون کي ٽُڪيندو آهي تہ پوءِ زيتون مِنو ڇو ٿي ويندو آهي، مِناڻ زيتون ۾ آهي يا طوطي جي ٽُڪڻ ۾. “ ”ڪولاچ ٿيل شخص جو پورٽريٽ“ مان هڪ ٽڪرو، ”مان هر شيءِ کي نئين انداز ۾ جنم ڏيڻ ٿي گُهران، جئين تون هر جنم ۾ منهنجو رهين، مون کي خواب ۾ آيل اُن گُم ٿيل گلاب جي تلاش آهي جو هوءِ ڪٽي وئي آهي، اُن گلاب ۾ تنهنجي جسم جي خوشبوءِ سَمايل آهي ۽ تنهنجي جسم تي منهنجي هزارين چُمين جي اَرپنا ٿيل آهي، مان چُمين جي واس مان جُڙيل گل جو سودو ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان، مونکي اُن گلاب جي تلاش آهي جنهن، محبت جي چُمين جي بارش مان جنم ورتو ۽ اُهو خزان ۾ ڇڙيو هو، خران

۾ تڙپيل محبت جا گُل آسماني صحيفن ڪان وڌيڪ پوَتر هوندا آهن جن منجهه صدين جو سوداءُ، اَيامن جي محبت سفر طئه ڪري گُل ڪي ڳاڙهو لال بڻائي ڇڏيندي آهي“.

”چنڊ مان نهيل چوڙيون“مان ڪجهه سنون، ”چنڊ ڪي پَرَ ناهن ڪيئن اُڏرندو؟ موتيا تجسُس مان چوي ٿي. ٻئي ڄڻا اُنهيءَ ڳُٽتيءَ ۾ وَهلورجي پَون ٿا. چنڊ ڪي پَرَ ڪٿان ايندا؟ ماڻڪ، سوچ ويچار ڪانپوءِ چوي ٿو. يونيوريءَ جا پَرَ پٽي چنڊ ڪي هٽنداسين، پوءِ ٻئي ڄڻا چنڊ تي چڙهي دنيا جو سير ڪنداسين“.

”چريا يونيوريءَ جا پَرَ پٽبا تہ اُها پيندي ٿي پوندي، مون ڪي ٻُڪ لڳي آهي مان تہ پيندي تَري ڪائي ويندم“. موتيا چئي ٿي ۽ ٻئي ڄڻا راند ۾ مشغول ٿي وڃن ٿا“.

”ڪرسمس جو وڻ“مان ڪجهه سنون، ”ننيڙو يسوع بينچ تان پيرين اگهاڙو متي اگهاڙو، يخ سَرديءَ ۾ وڃي ٿو. روڊ تي ڊوڙندو پنهنجي ننيڙڙي ذهن ۾ اَڏيل ماڳ ڏانهن، جتي”ڪرسمس جو وڻ“آهي. جتي”سينتا ڪلاز“ننيڙڙي يسوع لاءِ ستن اوپاريل آنن جو تحفو ڪنيو سندس اوسيئڙي ۾ آهي“.

”هڪ شخص جو چنڊ بڻجي نہ سگهيو“ مان هڪ ٽڪرو تہ”اسان مان هر ڪو اذيت پسنديءَ جي دائري ۾ قاتل آهي. جئين ڪنهن چرچ جي راهبا سڄي عمر ڪنواري بڻجي پنهنجي ڪنوارن جذبن ڪي ڇپياتي ڇڏيندي آهي. پوءِ سڄي ڄمار ڪنوار پڻي مَنجهان لذت وٺندي رهندي آهي.......اهين اسان مان هر ڪو.“

”ڪنوار پڻو پوءِ بہ زندگي آهي پر اوندهہ ڪا زندگي تہ ناهي“؟هُن جو جوابي جُملو ٻُڌي مان دنگ رهجي ويس“.

”وڪريل وجود جو الميو“

”تون نہ هُئينءَ، مون ديوار ڪي سوراخ ڪيو. ۽ ڪيس زال بڻائي ڇڏيم. ديوار ڪي مون مان پيٽ ٿي پيو آهي ۽ روئي رهي آهي، توڪي خبر ناهي تہ گڏهہ، ڪُتيون، گهوڙيون بہ روئي رهيون آهن. هُنن سيني ڪي مون مان پيٽ ٿي پيو آهي.........

تون هُجين ها تہ اهين هرگز نہ ٿئي ها. اڃ تہ انهن سيني وحشتن ڪي دفنائي ٿا اچون. جن سان ديوارون حاملہ بڻيون آهن“.

”اي زندگي! تون ڪٿي آهين؟“، ”مان پيرن اگهاڙو تتل صحرا ۾ بيٺو آهيان. مان تتل صحرا تي وچان ٿو ڊُوڙندو ۽ رڙيون ڪندو. مان تيز ڊوڙندو وڃان ٿو. منهنجا پير مونکان ڇڏائجي پوئتي رهجي وڃن ٿا. مان پنهنجا پير تَتل صحرا ۾ وڃائي ويهان ٿو. صحرا مان هڪڙو ننڍڙو ڇوڪرو گُذري ٿو جنهن جي پيرن ۾ چپل ناهي هُن جي نظر منهنجي پيرن تي پوي ٿي هُو خوشيءَ مان منهنجا ڇڏائجي ويل پير پائي نچي ۽ ڪُڏي ٿو.“ يا ”قبر جي گُهگُهه انڌيري ۾ خواب ڏسي نه سگهندس. اُنڪري مان پنهنجا نيڻ ٻاهر آڱُر ۾ ڪُلنڌڙديءَ جي ڳِرل ۾ رکيو ٿو وڃان. جيئن خواب ڏسي سگهان“.

”ماٽڪ جو موت“. ”ماٽڪ! تنهنجا ڪتاب ڳڙڪائي هَضم ڪري ورتا اٿم ۽ مونکي تنهنجي لکيل جُملن مان پيٽ تي پيو آهي. “يا”ڏسُ دل ۾ ڪَيَئي نه!مان ڇَري آهيان نه، توکان ڇا گُهريو اٿم. تون خاموش هوندو آهين. ڏاڍو وڻندو آهين تنهنجي خاموشيءَ ڪي هٿن ۾ دُکايل سگريٽ وانگي محسوس ڪرڻ تي گهران. تون خاموش هوندي دُکايل سگريٽ جيان لڳندو آهين. اُن ڪري چيم ته مون ڪي پنهنجي خاموشي ارپي ڇڏ. مان گُهگُهه انڌيري ۾ تو پاران ارپيل خاموشيءَ ۾ دُکايل سگريٽ جيان ٻَرڻ تي چاهيان“.

”مُئل ماڻهو ڪجهه به ناهن موٽائيندا“ ”ها مان شام، رات، موسمن ۽ خوبصورت لمحن جي اذيتن ڪان مُڪت ٿيڻ تي گهران. مونکي ائين ٿو لڳي مان اُن ڪري زنده آهيان. جيئن تنهنجي اچڻ، ڳالهائڻ، ڇُهڻ جي انتظار ۾ زندگي گُذاري رهي هُجان. ڏِس نه محبت ماڻهوءَ کي وقت، موسمن، ڏينهن، راتين جي ڪيفيتن ڪي ڇُهڻ، محسوس ڪرڻ جي سگهه ارپي ٿي“. يا ”تون نه ٿي سمجهي سگهين، هر ساهه کڻندڙ ماڻهو زندهه ناهي هوندو. هُو ڪٿي نه ڪٿي مُئل ضرور هوندو آهي“.

”خوابن جي رنگينيءَ مان اُسرندڙ ڪائنات“

”مون ڪي ترتيب ناهي وڻندي، بي ترتيبي تخليقي حُسن پيدا ڪندي آهي. هي ڪائنات”بگ بئنگ“ جي بي ترتيبي جو مظهر آهي ۽ مان هر بي ترتيبي جو خالق آهيان. جڏهن توکي چوٽي ٽيل ڏسندو آهيان. توتي جَڪِ ايندا اٿم. تون وارن کي چوٽيءَ ۾ قيد ڪري ڪائُن بي ترتيبي کَسي، سُونهن جي تصور کي ختم ڪري ڇڏيندي آهين. تنهنجا وکريل وار ڪيڏو نه پرپور رومانس جو احساس ڏياريندڙ هوندا آهن. ڇري! جيڪو مزو بي ترتيبي ۾ آهي

اُهو ڪٿي بہ ناهي. مان وڪريل وارن جي بي ترتيبيءَ جيان وڪري وڃڻ چاهيان ٿو“.

”اوندهہ مان اُسرندڙ سورج مُکي“

”هُن اُوندهہ کي هٿ سان ڇُهيو تہ اُوندهہ جي مُک تي مُرڪ تَري آئي ۽ هُو کَلي ويٺو. هوريان هوريان هُو اوندهہ جي چپن سان ڪيڏڻ لڳو ۽ اوندهہ جي چپن تي چُمي ڏني تہ هُن جي چپن تي تِرُ نهي پيو“.

”اَٽپوري غم ۾ ماٺيل مزو“

”هُن کان اجان بہ ماٺهن جا ڊيزل جي واڌ سبب، ڪِروڌ پريا چهر نہ ٿا وسرن. معصوميت مان پُڇيس ٿو: بُڌ، جي ڪِرايا وَڌيا تہ پاڻ تي ڪهڙو اثر پوندو“. هوءَ اُن سوال تي پريشان ٿي وڃي ٿي.

”جي ڪِرايا وڌيا تہ پاڻ کي ”ديسي ڪنڊوم“ تي ئي گذارو ڪرڻو پوندو“. هُن جي ائين چوڻ سان هُن کان ٽهڪ نڪري وڃي ٿو. هُو وڏا ٽهڪ ڏين ٿا. هُن جي چهري مان اُداسي غائب ٿي وڃي ٿي. هُو سگريٽ ايش ٽري ۾ قِتو ڪري ڪيس ٻانُهن ۾ ورائي پنهنجو مُنهن سندس ڇاتين ۾ لِڪائي ڇڏي ٿو“.

مٿي پيش ڪيل ڪهاڻين جا عُنوان ۽ اُنهن مان ڪنيل ڪجهہ چُونڊ ٽڪرا پڙهي ڪري بي ساختہ چئي سگهجي ٿو تہ نسيم پارس جون سڀ ڪهاڻيون موضوعاتي اعتبار کان جديد سنڌي ڪهاڻي جو دل لڀائيندڙ فخر آهن. اِن ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هر ڪهاڻي کي نظم جي بيهڪ ۾ بيهارجي تہ اُهي اهڙا تہ شاندار نظم بڻجي پوندا جن جي اڄ جي جديد سنڌي شاعري کي اهم ضرورت آهي. نسيم پارس جي ڪهاڻي ۾ سوچ، ويچار جو فڪري انداز ڏاڍو نفيس ۽ چٽو آهي. اهو آرسيءَ وانگر اُجرو، هر پڙهندڙ کي پنهنجو عڪس پسائيندڙ آهي. نسيم پارس جي ڪهاڻي ”چنڊ مان نهيل چوڙيون“. منهنجي نظر ۾ ڪهاڻي جي جديد ڪيتر ۾ رُومانس ۽ جماليات جو حسين پيڪر آهي. اُن ڪهاڻي جو حُسناڪ تاثر اڄ بہ منهنجي روح ۾ رچيل آهي. اهو ئي ڪارڻ هو جو اُن ڪهاڻي کان متاثر ٿي ڪري مون کان هڪ نظم بہ لکجي ويو. اِهو نسيم پارس جي ڪهاڻين جو ڪمال آهي. جنهن منهنجي شاعراڻي تخليقي حسن کي ڇُهي، منهنجي قلم کي جُنبش ڏئي، ”اسٽاپ“ جي عنوان سان نظم لکايو. ايئن ادب جي سفر ۾ هلندي هلندي نسيم پارس سان جڙيل تعلق جون ڪجهہ حسين يادگيريون پڻ ادبي تعلق جو حصو محسوس ٿين ٿيون. ڇاڪاڻ تہ

نسيم پارس گاد سان منهنجي دوستيءَ جو رشتو لڳ ڀڳ 1993 کان وٺي اڄ تائين ٿو هلندو اچي. جڏهن نسيم پارس مهراڻ انجينئرنگ يونيورسٽي نوابشاهه ۾ BE اليڪٽريڪل جو شاگرد هو. اُن وقت به هُو مُشڪل تعليم سان گڏ علم ۽ ادب جي مُطالعي سان پڻ هوندو هُو. مون کي اڄ به چڱي ريت ياد آهي ته نسيم پنهنجي طبيعت ۾ ڏاڍو خاموش، حد درجي جو حساس ۽ خوش مزاج پڻ هوندو هو. مون ساڻس گڏجي نوابشاهه جي ڪُشادن رستن کان وٺي عظيم ڪالوني جي سوڙهين گهٽين ۾ رولاڪيون ڪنديءَ-ڪوڙ سارو يادن ۾ رهجي ويندڙ حسين وقت گڏ گڏ گذاريو آهي. اُنهن مان هڪ ياد اُن رات واري مُلاقات جي پڻ آهي جنهن رات جو ذڪر منهنجي سنڌي غزل جي پُختي شاعر، دوست منور سولنگي منهنجي شاعريءَ جي ڪتاب”مٽيءَ جي خوشبو“ لاءِ لکيل لکٽي ۾ به ڪيو آهي. اُن رات تيز بارش ۾ پڄندي مان اڪيلو ڪيئن نه مهراڻ يونيورسٽي نوابشاهه هاسٽل جي B بلاڪ تي نسيم جي روم نمبر 29 تي پُهتو هئس. جتي اڳ ئي نسيم وٽ مُنور سولنگي، حفيظ فائز سومرو (جيڪو اُن وقت لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ ادبي رسالي ”ڪونج“جو ايڊيٽر هو) موجود هئا. اسان اُن ئي وسندڙ تيز برسات ۾ پڄندا شهر اچي ڪنهن هوٽل تي ماني کاڌي هُئي. مونکي ياد پيو اچي ته اسان دلشاد سيمنا ۾ ڪا فلم ڏسڻ جي خيال سان ويا به هئاسين پر سنيما جي مين گيٽ کان سنيما تائين واري مُفاصلي جي وچ واري ميدان تي ايترو ته مينهن جو پاڻي وڏي جمع ٿي چُڪو هو جو اسان پنهنجا جوتا هٿن ۾ کڻي وَر مٿي ڪري جڏهن پاڻي ۾ لهي اڳتي وڌيا هُئاسين ته پاڻي گوڏن کان به مٿي چڙهندو وڃي رهيو هو. جنهن ڪري اڳتي وڃڻ بَجاءِ پوئتي موٽي هاسٽل تي آيا هئاسين، جتان پوءِ مان رات جو هڪ ڏيڍ وڳي ڪنوٽين جي تجلن ۾ مينهن ۾ پڄندو واپس گهر آيو هُئس. يا هڪ ڀيري نسيم مون وٽ غريب آباد ۾ منهنجي ڪرائي جي جاءِ تي آيو هو. سندس طبعيت ڏاڍي خراب هُئي. ايتري قدر جو هُن اُتي ئي رستي جي پاسي کان اُلٽي به ڪئي هُئي. مون پاڙي جي ڪنهن دوست جي بينڪ تي ڪيس بُخار جي ڪا گوري کاراءِ بستري ۾ سُمهاري مٿان به ٽي رليون گڏائي وجهي ڇڏيون هُيون. ڪلاڪ، اَڌ ڪانپوءِ نسيم کي پگهر نڪتو ۽ بُخار ٽُٽو ته پوءِ ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاري دوا وٺي ڪيس هاسٽل تي ڇڏي آيو هُئس. طبعيت ۾ مزاجن جي هڪ جهڙائي هُئڻ ڪري اسان هڪ ٻئي سان دل جون ڳالهيون به ڪندا هئاسين. هڪ ڀيري

نسيم روز روز هوٽل جي ماني کائڻ کان تنگ اچي ڪري(جيڪا ڪيس بيمار ڪري وجهندي هُئي)”مونکي چيو هو. يار بخشل!هوٽل جي ماني مونکي بلڪل بہ پاڻ نٿي پوي. مونکي تنهنجي حالتن جي بہ خبر آهي اگر تون مُناسب سمجهين تہ مان توکي مهيني مهيني تي سامان وٺي ڏيان. ۽ مان تو وٽ گهر جي مان کاوان. “ سچ تہ اُنهن ڏينهن ۾ نئين نئين ماستري ملڻ جي باوجود بہ بيروزگاري جهڙو روز. روز زهر پي ڪري پيو جيئندو هُئس. ڇاڪاڻ جو ڪنهن سبب جي ڪري اُنهن ڏينهن ۾ منهنجي پگهار اجان مونکي نہ ملي سگهي هئي. جيڪا پوءِ بہ مونکي چڱي طرح ياد آهي تہ تيرهن مهينا ڏهہ ڏينهن تائين ڪونہ ملي هُئي)مون نسيم کي ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو هو. جنهن کي اج هِن لکڻي ۾ پنهنجي يادگيرين ۾ محفوظ ڪندي مونکي سارتر جا لفظ ياد ٿا اچن تہ. ”هر اهو لفظ جيڪو اسان هڪ ٻئي جي آڏو اَدا ڪري نہ سگهياسين. اسان جي هار جو مُڪمل اعتراف آهي. “حالانڪ اُها لفظ نہ اَدا ڪري سگهڻ واري هار جو اعتراف منهنجي اُن وقت جي مُعاشي مُفلسيءَ جي هار جو اعتراف آهي. جيڪو مان نسيم جهڙي سچي ۽ معصوم دوست سان خاموشي جي روپ ۾ ڪيو هو. باقي اسان جي تہ دوستي واري محبت تڏهن کان اج تائين تازي تواني ۽ جوان رهندي آئي آهي، اُن ئي ماضي واري سَنهڙي ۽ هاٺوڪي بُت ۾ پريل، خاموش، بي انتها حساس پر پنهنجي عمل ۾ ڪميٽيڊ نسيم پارس علم ۽ ادب جي شعوري سفر ۾ ڪِٿ بہ ويهي ٽڪ ناهي پٽو. بلڪ هُو تہ مُسلسل سوچيندڙ، لوچيندڙ لکندڙ ۽ پڙهندڙ رهيو آهي. هُو گهڻ پڙهيو، غور ۽ فڪر ڪندڙ ۽ دنيا جي ڪلاسڪ ادب کان وٺي جديد ادب تائين کي گهرائي سان پڙهندو ۽ پُرجهيندو رهيو آهي. اِهوئي ڪارڻ آهي جو نسيم جي ڪهاڻين جي دنيا ”يوٽوپيائي “نہ بلڪ حقيقت جي ڏاڍي نرالي ۽ حسين دنيا آهي، هُو سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي ڪيتر ۾ مون کي ائين لڳندو آهي جئين مون کي اردو ادب ۾ شاعريءَ ۾ گلزار. جئين گلزار جا ڪتاب”چاند پُکراج ڪا“۽ افسانن تي مشتمل ڪتاب ۾”دستخط“ جيڪي پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ کي مَندي ڇڏين ٿا. بلڪل ائين جديد سنڌي ڪهاڻين ۾ نسيم جو ڪهاڻين جو ڪتاب ”ڪولاج ٽيل شخص جو پورٽريٽ“ پڻ آهي. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ هي ڪتاب اجوڪي ادبي ٻيائي واري نظر ٽي ويو آهي. جئين ڪٿ مشهور افسانہ نگار سعادت حُسين منٽو چيو هو تہ. ”مان هڪ سُني ڪهاڻي تہ لکي سگهان ٿو پر آغا حشر

ڪاشميري جي تيڏي اک سِڌي نٿو ڪري سگهان. “اُها اکين جي تيڏائپ سنڌي ادب ۾ بہ ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ بَجاءِ ڪنهن وَبا وانگر وڌي رهي آهي. پر جنهن تخليق جي مُقدر ۾ مَچتا جا گلاب هوندا آهن اُهي تہ اُن ڪي هر حال ۾ ملندا ئي آهن. جئين مثال طور”جارج آرويل“جي جڳ مشهور ڪتاب (Animal Form) ڪي تي. ايس ايليٽ جهڙي اديب اُن وقت تي پيرا رد ڪيو هو. جڏهن ايليٽ آمريڪا جي هڪ وڏي اشاعتي اداري جو چيف ايڊيٽر هو. ۽ جڏهن اڳتي هلي اسپين جي گهرو ويڙهہ ۾ آرويل پاڻ هٿيار کڻي وڙهيو هو۽ هُن جي اُن ڪتاب تي ڀرپور تعريفي تبصرا ٿيا تہ ايليٽ جون اکيون کُلي ويون“. بحر حال اُهي تي ايس ايليٽ جهڙي اديب جون اکيون هُيون جيڪي پنهنجي وقت تي کُلي ويون. پر سنڌ جي اديبن جي اکين کي ڪير کولي؟ چاڪاڻ جو هُو حقيقت پَسندي ڪان ايڏا تہ ڊنل آهن جو هُو اکيون پوري ئي يا وري تيڏيون ڪري ئي ادب ۾ پنهنجون مصنوعي جيئندان پائي سگهن ٿا.

نسيم پارس جي روح توڙي جسم جون پُر اسرار اکيون مُڪمل شعوري چمڪ سان کُليل، سُجاڳ ۽ روشن آهن. تڏهن ئي تہ سندس ڪهاڻيون پڙهندڙ ۽ ٻُڌندڙ جي آڱرُ پَڪڙي پنهنجي توڙ تائين رسائي، حيرانگي جي عالم ۾ پُهچائي ڇڏين ٿيون. هونءَ بہ نسيم پارس پنهنجي هم عصر ٿهيءَ ۾ گهڻ پڙهيو غور ۽ فڪر ڪندڙ هڪ مُڪمل ڪميٽيڊ ڪهاڻيڪار آهي. آخر ۾ مان سنڌ جي من موهيندڙ آرٽسٽ آفتاب سُرهيو جي نسيم پارس بابت لکيل راءِ طور ڪجه سِٽون ڏيڻ چاهيندس تہ. ”وان گوگ جڏهن ڪَنُ ڪَپيو هُيو تڏهن رنگ ڪافور ٿڄي ويا هئا ۽ جنهن ڏينهن نسيم پارس ڄائو هُيو تنهن ڏينهن چادر ٻڄي زمين تي ڪِريا هُئا. جڏهن امُر ٽيس تڏهن شهر جي مُک چوڪ تي بيهي رَڙ ڪندي چيو هُئائين. “مان ڪهاڻيڪار ٿيندس“. دوستن مان ڪِن چَيسُ تون مصور ٿي، وان گوگ ٿي. هُن چيو”نہ وان گوگ ڪن ڪپيو سو ڪپيو!مان نڪ نہ ڪپرائيندس. مان ڪهاڻيڪار ٿيندس“ پوءِ جڏهن هُن ڪهاڻي ”بندو خان ڪاسائيءَ“ لکي تڏهن مونکي پَڪ ٿي وئي تہ هي سَچو ڳپجي، وڏجي ويندو پر نڪُ نہ ڪپائيندو. داد ڏيندي چيومانس نمبر ون ڪهاڻيڪار آهين. خاموش ٿي ويو. بلڪل خاموش!هُن جي خاموشي مونکي ڏاڍي پيانڪ لڳندي آهي ۽ پوءِ چپائين مونکي نمبر ون ڏئي محدود نہ ڪر مونکي (Zero) ڏانهن وڃڻ ڏي. چو تہ مان پنهنجن سوچن کي وسعت ڏيڻ ٿو چاهيان. مان اُنهن کي ۽ اُنهن ۾

لامحدود ٿيڻ ٿو چاهيان. “هاڻي مون پڪ سان ڄاڻي ورتو ته واقعي نسيم پنهنجو ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جو نڪ ڪپجڻ کان بچائيندو”. بلڪ مان ٿورو وڌيڪ اهو به چوندس ته نسيم واقعي سنڌي ڪهاڻيءَ جو نڪ ڪپجڻ نه ڏنو آهي، بلڪ سنڌي ڪهاڻيءَ جو مورن جيئن ڳاٽ به اُوچو ڪري ڏيکاريو آهي.

10/7/2009

# ذهن کي جهنجهوڙي ڇڏيندڙ ناول

ڪالهه بورس پيسترڪ جو روسي جڳ مشهور ناول”ڊاڪٽر زواگو“سائين رئوف نظاماڻيءَ جي بهترين سنڌي ترجمي سان پڙهي پورو ڪيم. هي ناول دنيا جي مُختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي ڪوڙ ساري مَڃتا ماڻي چُڪو آهي. هي ناول نوبل انعام ماڻيندڙ روس جي سوشلسٽ دور جِي هڪ شاندار عڪاسي ڪندڙ ناول آهي. جيڪو1917ع جي سوشلسٽ انقلاب جي حالتن جي تخليقي ۽ آرٽسٽڪ نموني سان پڙهندڙ کي پڻ پنهنجي ڪنهن ڪهاڻيءَ جو ڪردار بڻائي ڀٽڪائي ڇڏي ٿو-اُها ڀٽڪناڪا عام ڇُڙواڳيءَ واري ناهي بلڪ اُها ته هڪ ڪميٽيڊ نظرياتي فرد جي انقلابي حالتن ۾ مُثبت سياسي، ثقافتي، ادبي، سماجي توڙي احساساتي سفر جي روپ ۾ پنهنجن آدرشن کي سنڀالي جدوجهد ڪرڻ جو ساهس بخشيندڙ آهي-بورس پسترنڪ”ڊاڪٽر زواگو“ ۾ اجتماعي توڙي انفرادي، ملڻ توڙي وڇوڙن جون اهڙيون ته اذيت ناڪ ڪيفيتون سمايون آهن، جو ماڻهو پنهنجي اندر ۾ ڇڻ ته ڪو وِهُ جو ڏُڪ لاهيندو هجي-آدرشي ڪردارن جون دربدريون هُجن يا عام روسين جو ڀيانڪ حالتن ۾ جُهري جُهري مرندي جياپو-ليڪڪ انتهائي ٿُڌ ۽ گهري مُشاهدي، مُطالعي جي آڌار تي حسين منظر نگاريءَ سان گڏ ڪردار نگاري، ڪهاڻين جي ڳڙي ڳڙي سان ڳنڍيل تسلسل کي جنهن پُختي فني سگهه سان اڳتي وڌائيندي تخليقي رَچاءُ پيدا ڪيو آهي اُهو صرف ۽ صرف بورس پسترنڪ جو ئي اسلوب ڇئي سگهجي ٿو-ناول جي ايتري وسيع ڪيئنواس تي ليڪڪ ڪيترائي رنگ نکيري روسي ادبي توڙي فڪري تاريخ جو هڪ شاهڪار تخليق ڪيو آهي.

"ڊاڪٽر زواگو" ۾ انفرادي مُحبتن، وچوڙن ۽ خوفناڪ جنگين ۾ سياسي مخالفن ڪي جنهن بي دردي سان تڪليفن جو نشانو بنايو ويو هو، اُهو بہ هن ناول جو بيحد ڀرپور ۽ اثرائتو پاسو آهي. بورس پيسترنڪ جو هي ناول روس جي هڪ دوَر جي بهترين ۽ گهڻ رُخي عڪاسي ڪري ٿو. هونءَ بہ پيسترنڪ پنهنجي سوچن ۽ توڙي خيالن ۾ ادب براءِ زندگي جي نظريي جو پيروڪار آهي. سندس ناول ۾ مقصد جي هڪ وڏي اهميت نظر اچي ٿي. هڪ محبت ڪندڙ ڪردار جو جبري جنگ تي وڃڻ ۽ پوءِ سندس نالو مري ويلن جي لسٽ ۾ اچي وڃڻ ئي هن ناول جي اُپار جو پهريون ڏاڪو ثابت ٿئي ٿو. جيڪو پڙهندڙ کي پنهنجي گرفت ۾ اهڙو تہ سوگهو ڪري ٿو جو پڙهندڙ چاهيندي بہ هن ناول کي اَڌ ۾ ڇڏڻ جي جُرئت نٿو ڪري سگهي. اهڙي ريت هِن ناول جي پُڄاڻي پڙهندڙ جي اندر کي ليڪ، صحافي جان ريڊ جي فرانسيسي انقلاب جي اکين ڏٺل هڪ زخيم ڪتابي رپورٽ "دنيا کي جهنجهوڙي ڇڏيندڙ ڏهہ ڏينهن "جيان لرزائي ڇڏي ٿي-يا مچريوئل بئستران جي واتوڻي ٻڏايل ڪهاڻي. جيڪا ناول جي صورت ۾ "فرينچ انقلاب" جي نالي سان سائين محمد ابراهيم جي شاندار سنڌي ترجمي سان اسان تائين پهتل آهي.

هي ناول جي فنائتي اُٽت، فڪر، فهم جي فراست، ڪردارن جي گفتگو، غور ۽ فڪر جا گُفتا، احساسن جي اُجرائپ، خيالن جي شائستگي، سنجيدگي، رنجيدگي، نظرياتي رومانس، روس جي ڌرتيءَ جي حسين منظرن جي شاندار منظرنگاري، خوف، تَجسس، ناول جِي مُختلف حصن ۾ جوڙجَڪ، شروعات، وچ توڙي پُڄاڻيءَ جو شديد احساساتي موڙجتان پڙهندڙ جي ذهن ۾ هڪ تصور جي عجيب دنيا شروع ٿئي ٿي جنهن جو ڪو بہ اَنت نہ هجي ٿو. اهڙا دل لُڀائيندڙ آرٽ ۽ ڪرافٽ سان حقيقتن جي عڪاسي ڪندڙ گهٽ ئي ناول ملن ٿا. جيڪي ماڻهوءَ جي سوچن ۾ ڪو تحرڪ پيدا ڪري سگهن. هن اهڙي شاندار ۽ طويل ناول "زواگو" مان ڪجهہ چوند خيال هِت پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، اهي اوهان بہ پڙهو.

"مون هميشہ اِهو سوچيو آهي تہ فن نہ تہ ڪنهن بندي جو نالو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن سلطنت جو نالو آهي جنهن ۾ اَڻ ڳڻيا نظريا ۽ مُختلف ڏيک هُجن. پر اُن جي اُبتڙ اُها هڪ مرڪوز ۽ بلڪل ئي محدود شيءِ آهي. اُهو هڪ اصول آهي جيڪو هر فن پاري تي اچي ٿو. اهڙي قوت آهي جنهن جو اُن تي اطلاق ٿئي

ٿو. هڪ اهڙو سچ آهي جيڪو اُن ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. مون ڪڏهن بہ اُن ڪي هڪ گهاڙيٽي جي صورت ۾ نہ پر مَواد جي هڪ لِڪل راز ٻٽيل حصي جي صورت ۾ ڏٺو آهي ۽ اُهو سڀ سچ جيان مون تي واضح آهي. اُن ڪي آئون پنهنجي جسم جي هر حصي ۾ محسوس ڪريان ٿو پر اُن جو اظهار ڪرڻ يا اُن ڪي بيان ڪرڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي. هڪ فن پارو هر طرح سان پنهنجي عُنوان، موضوع، صورتحال جي عڪاسي ۽ ڪردارن وغيره جي لحاظ کان پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. پر سڀ کان وڌيڪ اُن ۾ فن جي موجودگي اسان جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي. "ڏوهہ ۽ سزا" ۾ فن جي موجودگي راسڪو لينڪوف جي ڏوهہ کان وڌيڪ ماڻهوءَ ڪي لوڏي ڇڏي ٿي. فن ۾ گهٽتائيءَ وارو ڪو تصور ناهي. آڳاٽو فن، مصر، يونان ۽ اسان جو فن. منهنجي خيال ۾ اُهو هڪ ۽ ساڳيو فن آهي جيڪو پنهنجي ليکي هزارين سالن کان موجود رهيو آهي. اُن ڪي زندگي مُتعلق اهڙو خيال ۽ بيان چئي سگهجي ٿو. جيڪو سيني پاسن ڪي پاڻ ۾ سَموئي ٿو ۽ اُن ڪي ڏار ڏار لفظن ۾ ورهائي نہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن فن پاري ۾ ٻين شين سان گڏ اُن جو هڪ ذرو بہ موجود آهي تہ اُهو پنهنجي اهميت ۾ ٻين سيني جُزن کان مَٿاهون هوندو آهي ۽ فن پاري جو اصل جوهر، دل ۽ روح بڻجي ويندو آهي. "

(صفحو نمبر 331 ۽ 332)

"هڪ پُراڻو روسي لوڪ گيت بَند اندر پاڻي مِثل هوندو آهي جيڪو لڳندو آهي تہ بيٺل آهي ۽ وهي نہ پيو پر پنهنجين گهرائين ۾ اُهو لاڳيتو بند جي دروازن مان گُذري رهيو هوندو آهي. ۽ سندس هڪ جاءِ تي بيهڻ رڳو هڪ دوکو هوندو آهي. هر مُمڪن طريقي، ورجاءُ ۽ تشبيهن سان، اُهو پنهنجي موضوع جي ڏيري ڏيري ظاهر ٿيڻ ڪي روڪيندو يا اُن ڪي آهستي ڪندو رهندو آهي ۽ پوءِ ڪنهن پُراسرار نُقطي تي پُهچي اوچتو پاڻ ڪي ظاهر ڪندو آهي. وقت جي وهڪري ڪي روڪڻ واري انهيءَ چريائپ واري ڪوشش ۾ هڪ ڏکايل ۽ پاڻ تي ضابطو رکندڙ هڪ روح ڪي پنهنجو اظهار ملندو آهي.

ڪباريڪا آڏ ٻگائي ۽ آڏ ٻگالهائي رهي هئي:

"جيئن هڪ سَهو هِن وسيع دنيا ۾ ڊوڙي رهيو هُجي،

هِن وسيع دنيا ۾ اَڇي برف تي،

ڊوڙندي اُهو ڪنن وارو سَهو برف جي وڻ وٽان گُذريو.

ڇا مون ڏکن ڳنن واري سَهي وٽ هڪ ڊنل دل ناهي؟
جهنگلي جانورن جي پيرن جا نيشان، بگهڙ جو ٻُڪيو پيٽ،
او برفاني وڻ! مون تي رحم ڪر، او سُنا برفاني وڻ!
پنهنجي سُونهن مَڪار دشمن کي نه ڏي،
مَڪار دشمن، مَڪار ڪانوَ
پنهنجن ڪارن پيرن کي هوا ۾ وکيري ڇڏ،
اُنهن کي ٻُڪ ڀَري هوا ۾ وکيري ڇڏ ۽ اُن کي اُهي ڪٽي وڃن،
وسيع دنيا ڏانهن،
ڦهليل اڇي برف ڏانهن،
اُنهن کي اَباڻي شهر ڏانهن موڪل،
سَڙڪ جي بلڪل پڇاڙي ۾ آخري گهر ۾،
سَڙڪ جي آخري گهر ۾،
آخري دري، ڪمرو،
جتي هوءَ پنهنجي راهبن جهڙي اڪيلائيءَ ۾ لِڪل آهي،
منهنجي پياري، منهنجي دلبر،
منهنجي ڏُکايل پيار، منهنجي ڪنوار سان سرگوشي ڪر،
هڪ پُرجوش، هڪ پيارو لفظ،
آئون هڪ سپاهي، قيد ۾ سَڙان پيو،
گهر وڃڻ لاءِ بيچين،
آئون ويچارو سپاهي پرڏيه ۾ قيد آهيان،
آئون پنهنجي اُن سخت قيد مان ڀڄي ويندس،
آئون پنهنجي ڳاڙهي ٻير، پنهنجي محبوب ڏانهن ويندس. “
(صفحو نمبر 431 ۽ 432)

اهڙي شاندار ناول ۽ ليڪ مُتعلق ملڪ آگاٽيءَ جي ناول ”نيروليءَ جو ڪُن“جي مهاڳ ۾ ڪيهر شوڪت وڏيڪ لکيو آهي ته، ”جڏهن بورس پئسترناڪ ”ڊاڪٽر زواگو“ناول لکي پيش ڪيو ته روس ۾ وڏو مَمڻ مَچي ويو. سرڪاري ادارا هن کي ککر جيان پُون پُون ڪري وچڙي ويا. ويتر مغرب وارن جي نوبل پرائيز ڏيڻ واري بدماشيءَ، باھ تي تيل وارو ڪم ڪيو. پئسترناڪ جي زندگي زهر بنجي وئي. مَٿس ڦٽ لعنت وسڻ لڳي. غدار، دشمن، گارين،

ٺُهمتون، سامراجي چاڙتو، آمريڪي دلال هُجڻ جا لقب القاب ۾ ٺڪا لاتا ويا. پر اُن غدار، اُن چاڙتي نوبل پرائيز جهڙي قيمتي انعام ۾ يورپ جي عيش آرام واري زندگيءَ کي روس ۾ روسي عوام جي محبت خاطر ٺُڪرائي ڇڏيو. نوبل پرائيز جي وڏي قيمت واري انعام ۾ ويسٽ جي عيش واري زندگيءَ جي ڇُونڊ ۾ هن روس جي چونڊ ڪري، ذلت، رسوائي، خواري سر تي کنئي. هُن روس جي وڏن شهرن جي هُل هنگامي، کِل خوشي، موج مستي ۾ آسودگيءَ واري زندگيءَ جي دور، اڪيلائيءَ، تنهائيءَ ۾ ڪسمپرسيءَ واري زندگي گذارڻ ۾ ساڻس ايذين جُنن ۾ سزائن باوجود بہ هُن روس ۾ روسي ٻوليءَ کي سمورو شيڪسپيئر، روسي ٻوليءَ ۾ لافاني ۾ لاجواب ترجمو ڪري، روسي ماڻهن کان ڪجھ وٺڻ ۾ ساڻس شڪوه ۾ شڪايتون ڪرڻ بَجاءِ ڪجھ ڏيو ويو ۾ وڃي قبر جي اَبدي ننڊ ۾ سُتو. اڄ اهو ساڳيو ئي ملعون ۾ مطعون بورس پئسترناڪ روس جو محبوب ۾ عظيم ليکڪ آهي. اڄ اهو ساڳيو ئي انقلاب دشمن ۾ مُدي خارج سوچ رکندڙ ڊاڪٽر زواگو، روسي عوام لاءِ مهان تخليق ٿي اُڀريو آهي. اڄ پئسترناڪ لاءِ نيون ڳالهيون، نيون تاويلون پيش ڪيون پيون وڃن. هُن کي اُن پيرڊ جو وڏو ڪرتڪ سڏيو وڃي ٿو. پئسترناڪ ڪيئن رات جي پيٽ ۾ غدار مان محب وطن ۾ خسيس مان عظيم بڻجي ويو!؟ اها هڪ اهم ڳالھ آهي. حقيقت اها نہ هئي جيئن رياستي ادارن پنهنجن مفادن کي پنهنجن ذهنن ۾ رکي زواگو کي پيش ڪيو پر، حقيقت اها هئي تہ پئسترناڪ هڪ مُحبِ وطن، عوام دوست تخليقڪار جو فرض ادا ڪندي، روس ۾ روسي ماڻهن جي غلط، عوام دشمن رُخن تي ڀرپور وار ڪيو هو. جنهن سان روس ۾ روسي عوام نہ پر اُن دور جي مُفادپرست ماڻهن تي ڪُليو ۾ زبردست وار ڪري سندن پَٽ وائکي ڪئي هئي.“

# ناول جي ڪُلندڙ دريءَ مان

ملڪ آگاٽيءَ جو ناول ”نيروليءَ جو ڪُن“ 1981 _ 1982ع ۾ لکيو ويو ھو. ۽ هِن ناول جو پھريون ڇاپو 1987ع ۾ آندو ويو ھو-ناول اُن وقت جي ادبي دنيا ۾ ھڪ وڏي اھميت جوڳي ڳالھ ھئي ڇاڪاڻ جو اُن وقت ناول جي پيٽ ۾ ڪھاڻي لکڻ ڏانھن گھٽو ڏيان ڏنو ويندو ھو. شايد اُن ڪري بہ جو ناول جو ڦھلاءُ ڪھاڻي جي دائري ڪان ڪافي وسيع ٿئي ٿو-۽ ٻيو تہ ناول جيڪو ڏيان يا محنت جي گُھرج ڪري ٿو. اُھو ڪھاڻي ۾ ناول جي پيٽ ۾ گھٽ ٿئي ٿو-توڙي جو ھڪ تخليقي ڪھاڻيڪار لاءِ ڪھاڻي بہ پنھنجي جوھر ۾ دراصل ڏاڍي مُشڪل ٿئي ٿي. ڇو تہ اُن جي بہ پنھنجي ھڪ دنيا ٿئي ٿي. اصل ۾ ناول يا ڪھاڻي جو دارومدار ڪھاڻيڪار جي آرٽسٽڪ نظر، سوچ، سمجھہ، پيش ڪش، ڪردار نگاري، منظر نگاري، ٻولي، پلاٽ وغيره تي ھوندو آھي ۽ اُنھن سڀني شين جو پُر اثر اندازئي اھم ٿئي ٿو. ھڪ ڪھاڻيڪار لاءِ هِن ڪائنات ۾ ڪيترائي موضوع ۽ مواد موجود آھن-اِھو اُن ليکڪ تي مُبني آھي تہ ھُو ڇا جي چُونڊ ڪري ٿو ۽ ڪيئن ڪري ٿو. ھونءَ بہ جيڪڏھن زندگيءَ کي پنھنجي اصل جوھر سان ڏسڻو آھي تہ پوءِ اُن لاءِ صرف ناول جي صنف تي ئي نظر پوي ٿي. پر بدقسمتيءَ سان سنڌيءَ ۾ ناول ھاڻ پھرينءَ جي پيٽ ۾ لکجي تہ سوايو ٿو پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ انھن ۾ معياري يا ناول جي ضرورتن کي پورو ڪندڙ ڪجھہ ئي ناول ھوندا. ڪھاڻي ۽ ناول جي پس منظر ۾ ھند جي ناميار ي ليکڪ لال پشپ چواڻي تہ، ”مان پنھنجا ويھ يا ٽيھ سال خوام خواھ ڪھاڻيءَ تي وڃايا. اُن ڪان چڱو ھو تہ مان ناول لکان ھا “

ملڪ آگاٽيءَ جو ناول ”نيروليءَ جو ڪُن“ بظاھر تہ ھڪ ڳوٺ جي ننڍڙي دنيا بلڪ ڳوٺ جي ڪُجھ گھرن ۾ وسندڙ ڪردارن جي ڪھاڻي آھي پر اُن ۾

پيار، محبت، رشتا ناتا، ادب سياست، تاريخ، تصوف، ماڪسزم يا سماج جا پيا مُختلف رُخ، روشن خيالي ۽ پُراڻ پسندي جي موضوعن ڪي بہ سمايو ويو آهي-ناول جي مهاڳ ۾ ڪيهر شوڪت لکي ٿو تہ ”نيروليءَ جو ڳُن“ ۾ پهريون پيرو سنڌ ڪافي حد تائين پنهنجي فن، فڪر، فلسفي، رنگ رُوپ ۽ وَن واس، سوچ، رويي سان ظاهر ٿي آئي آهي. جو چئي سگهجي ٿو تہ ”ها هيءَ لطيف جي سنڌ آهي هيئن ئي سنڌي ماڻهو سوچيندو، اُٿندو ويهندو آهي. “اڄ ”نيروليءَ جو ڳُن“ سان اُهي اِمڪان جاڳيا آهن تہ اسان سنڌي حقيقي ڪلچر پيش ڪري سنڌي جيون آڏي ڏاڍو سندر، سگهارو ادب تخليق ڪري سگهون ٿا. آڳاٽيءَ جي ٻولي، مخصوص ٻولي، سندس ڪهاڻين ۽ ناٽڪن جيان ”نيروليءَ جي ڳُن“ ۾ بہ آهي. پنهنجي مخصوص سُونهن، مخصوص سُرهاڻ، مخصوص خُوبين ۽ مخصوص خامين سوڌي. “، ”جي ماڻڪ“لُڙهندڙ نَسل“ ۾ جِنس جو اُگهاڙو اظهار نہ ڪري ها تہ ڪيئن نہ”لُڙهندڙ نَسل“اَجا بہ وڌيڪ سنجيده تخليق ٿي بيهي ها ۽ آڳاٽي ”نيروليءَ جو ڳُن“ ۾ ٻوليءَ جي ڏند اُگهاڙپ نہ ڪري ها تہ، ”نيروليءَ جو ڳُن“ڪيئن نہ اجا بہ وڌيڪ سنجيده رچنا ٿي پوي ها. “

”نيروليءَ جو ڳُن“ ناول جو عُنوان دراصل علامت نگاريءَ جو هڪ حسين سيمبل بڻجي ذهن تي عيان ٿي وڃي ٿو-۽سندس ڪهاڻيءَ جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ بيقرار بڻائي وجهي ٿو.

”نيروليءَجو ڳُن“عنوان جنهن فڪري پس منظر جو جيڪو احساس ذهن ۾ پيدا ڪري ٿو اهو ناول پڙهڻ مهل شروعات ۾ ئي عيان ٿيندي ذهن ۾ ڏُنڌلو ٿي وڃي ٿو. ”جيئن نيروليءَ جي ڳُن“ ۾ ڪِرڻ کان پوءِ گِدڙ پنهنجو حُليو بگاڙي نِڪتو هو، تيئن ئي هُن جي بہ سياسي ڳُن مان نِڪرڻ کان پوءِ ساڳي حالت هئي. “

ناول جو مُک ڪردار ڪيلاش سياست جو سفر ڪندي ڪوڙسارن تجربن مان گُذري ٿو- ڪهاڻيءَ جي شروعات کان ٿورڙو اڳتي سڪينہ جي مڙس ڪريم جي معشوقڙي محبوبڙي جي شادي ۾ سڪينہ اچي ٿي-جيڪا شادي ڪيلاش جي گهر جي پَر ۾ ٿي رهي آهي-شادي واري هنڌ تي گهڻي رَش هُجڻ ڪري هوءَ پنهنجي پيٽيوبي جي گهر پنهنجي ڏيراياڻيءَ سان گڏجي اچي ٿي. اُتي جي ماحول ۾ دل جي دري کُلندي محسوس ٿئي ٿي. اُن ئي شاديءَ جي ٿيندڙ

رسمن کي ليڪ سُٽي نموني سان فڪشنائزڊ ڪيو آهي-سڪينا جيڪا ڪريم جي زال آهي. جنهن تحت ڪيلاش ۽ ڪريم پاڻ ۾ سنڌو پڻ ٿين-"ڪريم ۽ ڪيلاش جا تعلقات شروع ۾ ايترا سُٺا نہ ٿا رهن, تہ اهڙا ڪي خراب بہ ڪين هُجن ٿا. شروع ڪان هُو ٻئي گڏ پڙهيا آهن, جيڪو سلسلو پرائمري اسٽيج ڪان هاءِ اسڪول تائين جاري رهيو. تنهن بعد لڳاتار چار سال راتين جا سندن وچ ۾ ڪو بہ لڳ لاڳاپو, ڳنڍ ڳانڍاپو نہ رهيو. هڪ, نوَن يارن جي سنگ ۾ رهندي پرائيوٽ امتحانن جيان پرائيويٽ ۽ خلق ڪان الڳ ٿلڳ زندگي گذارڻ لڳي ٿو. جنهن ڪارڻ هُو پنهنجو پاڻ کي محدود ماحول جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو. جنهن ۾ زندگيءَ جي ڪا حرارت, ڪا چُرپُر ڪانہ ٿي رهيءَ ٻيو, وري دوستن جي هڪ وسيع حلقي ۾ گذارڻ لڳي ٿو. هُو ڪاليج جي لائيف گذاريندي انهيءَ ماحول جي سرگرمين ۾ گرمجوشيءَ سان حصو وٺندي, علم ادب دوست, دوستن جي سنگ ۾ رهندي پڻ پڙهڻ لکڻ ۾ دلچسپي وٺي ٿو, نہ رڳو ايترو پر سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ سبب هڪ بہ ڀيرا جيل ياترا بہ ڪري اچي ٿو. "اهڙي طرح ٻئي ڪردار مُختلف ماحول جا اثر قبول ڪندي هڪ يعنيٰ ڪريم عام سوچ رکندڙ روايتي ڀرا ڙيءَ جي نفسيات کي اپنائي ٿو تہ ٻيو يعنيٰ ڪيلاش سُلجهل دوستن ۽ ماحول ۾ وجهڻ ڪري پڙهيو لکيو اديب بڻجي وڃي ٿو-پر خاص طور تي ڪريم جي ڪيلاش سان ڪنهن نہ ڪنهن رنگ ۾ رقابت قائم رهي ٿي-ڪريم جي زال سڪينا جڏهن بہ پنهنجي پيڻ يعنيٰ ڪيلاش جي زال جي گهر وڃي ٿي تہ ڪريم ۽ سندس ماءُ پيءُ يا ٻيا مائٽ اُن ڳالهہ تي اَرها ٿين ٿا-ڪُجهہ ڀيرا تہ سڪينا کي ڪريم شڪ ڪندي مار بہ ڏئي ٿو-پر سڪينا پيڻ جي گهر وڃڻ کان نٽي مُڙي-۽ هوڏانهن سڪينا جي پيڻ ڪيلاش جي زال يا خود ڪيلاش بہ سڪينا جي مڙس ۽ ٻين جي مَنفي روين جي ننڊا ڪندي سڪينہ جي حمايت ڪن ٿا. سڪينا لڪ ڇپ جلدي جلدي گهريلو مُخالفتن کي نظر انداز ڪري بہ پٺي پنهنجي پيڻ جي گهر ايندي آهي. جنهن ڪري سڪينا جي گهر وارا توڙي ٻيا ڳوٺ جا ماڻهو اُن ڳالهہ کي غلط رنگ ڏين ٿا-سڪينا پيڻ جي گهر اچي خاص طور تي ڪيلاش سان پنهنجا ڏک سور ۽ ٻين مامرن ۽ مسئلن تي ڳالهيون ڪري ۽ ٻُڌي ٿيءِ ڪيلاش کي بہ سڪينا سان حُجائتي يا دوستاڻي انداز ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۾ سڪون ملي ٿو-ائين اِهو سلسلو هلندي ڪهاڻي ۾ پڙهندڙ

ڪي تہ ڪيلاش ۾ سڪينا جي حُج جي راز جي پڙ وڙ پئجي وڃي ٿي پر ڪهاڻيءَ ۾ سندن اهڙي تعلق جي ڪين خبر هوندي بہ جڻ بي خبري محسوس ٿئي ٿي-ٻئي شادي شده ۽ اولادي هوندي بہ ڪنهن اَڻ ڄاتل اندروني ڇڪ ۾ هڪ ٻئي ڏانهن ڇِڪبا نظر اچن ٿا-ايتري قدر جو سڪينا ۽ ڪيلاش جو ايترو هڪ ٻئي سان حُجائتو ٿيڻ تي ڪيلاش جي زال پڻ ڪڏهن بہ اُن کي ڪنهن بہ غلط رنگ ۾ نہ ٿي وٺي-سڪينہ عام ڳوٺاڻي ۽ گهريلو عورت هوندي بہ پنهنجي گهرو ماحول جي حالتن تي ڪيلاش سان سٺي گفتگو ڪري ٿي جيڪا ناول جي مزاج ۾ ان جي وڌندڙ سفر کي دلچسپ بڻائي ٿي. هن ناول ۾ خاص طور تي ڳالهين جو علاقائي لَهجو لِکت جي صورت ۾ مُشڪل ۾ ڪٽي تہ سمجهہ کان بہ مَٿاهون ٿي وڃي ٿو-ٻولي جي اعتبار کان ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن پاران ڳالهايل ٻولي عام ادب ۾ لکجندڙ ٻوليءَ کان ڪُجهہ مُختلف بہ آهي-پر اُنهن لفظن جي معنيٰ ڄاڻڻ لاءِ وري هڪ لُغت جي بہ ضرورت پئجي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ ٻوليءَ جا اهڙا لفظ بہ استعمال ڪيا ويا آهن جيڪي عام يا ادبي طور تي بہ گهٽ استعمال ٿين ٿا.

”نيروليءَ جو ڪُن“ناول جي ڪهاڻي ڳوٺ جي محدود دنيا ۾ هڪ ٻن گهرن جي اردگرد ڪُجهہ ڪردارن تي مُحيط ڪهاڻي آهي-ايئن ڪهاڻيءَ جا ڪردار مُختلف ڳالهين ۾ رَوين جو سفر ڪندي نيٺ اُن جاءِ تي پُهچن ٿا جتي افسوس ناڪ پُڄاڻي جو اوچتو دروازو کُلي ٿو. سڪينا نيٺ مُسلسل پنهنجي مڙس ڪريم جي جَهل کي پُٺي ڏئي پنهنجو گهر ٻار ڇڏي ڪريم کان رُسي پنهنجي پيءُ جي گهر اچي رهڻ لڳي ٿي. جنهن تي پڻ ماڻهو ڪوڙ غلط ڳالهيون ناهي ردعمل ظاهر ڪن ٿا. جنهن ڪري ڪريم اهڙيون ڳالهيون ٻُڌي روايتي غيرت ۾ موقعي ۽ مهل جو انتظار ڪري ٿو. سڄي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيلاش پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ مصروف ڏيکاريو ويو آهي-۽ سڪينا جڏهن بہ گهر ۾ اچي ٿي تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني اُها پاڻ ڪمري ۾ وَٽس اچي ڳالهائي ٿي يا ڪيلاش کي سڪينا جي اچڻ جي خبر پوندي ئي پاڻ ڪنهن بهاني سان ڪمري مان نڪري هليو اچي ٿو-ناول ۾ پُڄاڻيءَ کان ٿورو پهرين ناول جو حوالو هيئن آهي تہ.

”اڃا سمجهبو لکندين!؟اُهو آواز جوٽس جو نہ پر سڪينا جو هو.

ڇو ـ توکي تڪليف ٿي پُهچي ڇا؟ هُن لکڻ بند ڪندي ڪيس ڇِتائيندي مُرڪي ڇيو.

نہ، مون کي ڇو تڪليف ٿيندي، پر ڏٽن مُئو ٻلو ٿو ڦِري تہ گَري نہ وجهي زبان.

ڇگُو ڪٽي آ ڪير. هُو چوندي چوندي ٻيهر لکڻ لڳوءِ سڪينہ واپس مُڙي.

اُها ڪير پيئارڻ جي ڊيوٽي هونئين تہ جوڙس جي حوالي هوندي هئي پر جڏهن کان سڪينہ مڙس کان رُسي آئي آهي تڏهن کان ڪير پيارڻ کان ويندي ڪپڙي لتي بدلائڻ جي ڊيوٽي سندس لڳي وئي. اها ڊيوٽي ڪنهن مَٿس مَڙهي هئي يا پنهنجو پاڻ رضاڪارانہ نموني قبولي هئائين، سا ڳالهہ ٻي، پر اُها ڊيوٽي ڏيندي، هُن کي ڪنهن قسم جو ڪو آر يا بيزاري نہ. پر هڪ قسم جي خوشي محسوس ٿيڻ لڳندي آهي.

"هُش هُش ـ مُئا ٻلا هُش هُش" پوءِ لوٽو ڪٽي ڪيلاش جي پڙهڻ واري ڪمري ۾ گهڙندي، ڇڙءِ بيزاريءَ مان چوندي.

گهڻا ڀيرا ڇيو اٿمانءِ تہ ڪير پيارڻ جي زحمت نتي ڪٽي سگهين تہ پوءِ ڏئي ڇو نہ ويندي آهين هيڏي.....

ڪير اوسنو تہ نہ ٿي ويو آهي؟ لوٽو هو ڏُڌ هاٺو، مُئِي تہ گهٽي ئي هَنئي آٿمانس. هُو خاموش ئي خاموش ڪير پيئندي ڪيس ڏسندو ئي رهيو هو. ڪير پيئندي ئي پُڇيو هُئائين،

پيٽي جاڳي ٿي؟

اِهو اِگوهٽي نہ پئي پارس کي ڇِڙٻون ڏنائين.

ڇو؟

هُن مُختصر سوال ڪيو ۽ پوءِ مُرڪي پاڻ ئي جواب ڏنائين، "خبر ڪانهي ڏينهون ڏينهن سندس طبيعت ۾ الائي تہ ڇا تي چيڙاڪ پئي ٿيندي وڃي!؟"

ايئن اوچتو ٿوري دير کان پوءِ ڪيلاش جي زال اُٿي اچي ڪيلاش جي ڪمري ۾ ڪيس ۽ سڪينہ جي وچ ۾ هلندڙ تعلق تي ڪيلاش سان وڙهي ٿي ۽ پنهنجي پيءُ سڪينہ کي تمام گهڻا مهڻا ڏيندي آڌي رات جو گهر مان نڪري وڃڻ لاءِ چوي ٿي- ۽ پوءِ گهڻو ڪجهہ ڳالهائيندي پاڻ ئي ٻارن کي ننڊ مان اٿاري، روئيندڙ ٻار ساڻ ڪري وڏي آواز سان ڳالهائيندي گهران نڪري وڃي ٿي-

۽ پُنيان خالي گھر ۾ ڪيلاش ۽ سڪينہ رهجي وڃن ٿا-پنهنجي پنهنجي خيالن ۾ هڪٻئي مُتعلق پيار ۽ محبت تي سوچيندي، گھرن اُجڙڻ جو خوف پڻ ڪائيندي. نيٺ هُوبئي ساڳي ڪمري جي ساڳي کٽ تي هڪ ٻئي کي پاڻ سُپرد ڪري ڇڏين ٿا-

پر ايئن اوچتو ڪيلاش جي زال جي رويي ۾ ايڏي نفرت پري تلخي سمجھ کان ٻاهر محسوس ٿئي ٿو-ڇو تہ اُن کان اڳ بہ سڪينہ اڪثر طور تي پنهنجي پيڻ جي گھر ايندي رهندي هئي ۽ ڪيلاش ۽ سڪينہ پاڻ ڪوڙساري حُجائتي انداز سان هڪٻئي سان پيش ايندا هئا. جنهن حُج ۾ پڻ هڪ زال پنهنجي مڙس کي ڪنهن ٻئي سان ايئن برداشت نٿي ڪري سگھي. اُن ڪري اُهو ڪو پهريون پيرو ڪونہ هو جو ڪيلاش جي زال پنهنجي پيڻ سڪينہ ۽ پنهنجي مڙس جي وچ ۾ اهڙو ڪو تعلق محسوس ڪيو يا ڏٺو هو-يا سڪينہ پنهنجي مڙس کان رُسي اچي ڪيلاش وارن جي گھر ۾ رهندي سندس پيڻ پاران رويي ۾  اهڙي ڪا ڳالهہ محسوس ڪري ٿي ۽ نہ ئي ڪٿي وچ ۾ ليڪ ڪنهن اشاري طور پڙهندڙ کي ڪيلاش جي زال پاران سڪينہ لاءِ ڪا سرد مهري جي ڪنهن گُمان ڏانهن مُتوجہ ڪري ٿو-حالانڪ ڪيلاش ۽ سڪينہ جي پاڻ ۾ حُجائتي ٽيڻ واري رويي تي پڙهندڙ سندن من جي مُراد ڄاڻي وٺي ٿو جنهن کان ڪردارن کي اَڻ ڄاڻ ڏيکاريو ويو آهي-تنهن ڪري هي اوچتو ڪيلاش جي زال جو سخت رويو پڙهندڙ کي پڻ حيرت ۾ وجهي ڇڏي ٿو-

اهڙيءَ طرح سان صبح ٿيندي ئي ٻاهر دروازو کڙڪي ٿو، در تي ٻاهر مَچريل ماڻهن جا اَنبوهہ ڏسي ڪيلاش پريشان ٿي وڃي ٿو. ۽ ڪين يقين ڏيارڻ چاهي ٿو تہ هُو غلط ٿا سمجھن ۽ گھر اندر داخل ٿي ادارن دروازو بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ در ٻاهران ماڻهو جذبات ۾ اچي در کي کولڻ لاءِ تيز ڌِڪو ڏين ٿا جنهن سبب در جو تاڪ تيزيءَ سان کُلندي، ڪيلاش کي نِرڙ ۾ نَڪاءُ ٿي وڃي ٿو، ۽ هُو وڃي ڳاتي پَر ڪِري ٿو. ۽ پوءِ جڏهن ڪيس هوش اچي ٿو تہ هُو پاڻ کي سوين ماڻهن جي وچ ۾ ڳوٺ جي وڏيري جي اوطاق ۾ ڏسي ٿو-

ناول جي هِن پڇاڙڪي ڏيک تي پُهچي ڪيلاش کي هِن رسوائي جي مَقام تي پهچائيندڙن لاءِ ناول مان ئي ڪاموءَ جي چوٽي ذهن تي تَري اچي ٿي تہ، ”جنهن ماڻهوءَ وٽ ڪردار جي قوت نہ هوندي آهي، تنهن کي پنهنجي مطلب جي پورائي لاءِ هڪ نموني جي خاص ڍنگ جي ضرورت پوندي آهي. “اُن

ڪري بہ مهاڳ ۾ ڪيهر شوڪت لکي ٿو تہ, ”نيروليءَ جو ڪُن“اسان جي نااتفاقي, غير مُتحد هُجڻ, هڪ ٻئي جا ٽَرا ڪڍڻ, هڪ ٻئي کي لوٽڻ, هڪٻئي جي ڪردار ڪشي ڪرڻ ۽ پاڻ کي ڇيهو رسائڻ تي هڪ وڏو نوحو آهي. “

ملڪ آگاڻيءَ جو هي ناول”نيروليءَ جو ڪُن“ دراصل ضمير واحد غائب جي صيغي ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ ڳوٺاڻي جيوت ۾ روايتي ماحول جي ڪُن ۾ ڦرندي پيار محبت, عورت تي مرد جو روايتي حاوي رهڻ واري ڇسي روايت, ماڻهن جي عجيب نفسيات, سياست جي بي راهہ روي, سماجي ڏيوالپڻي جي حالت, رويا, سوچڻ جو انداز, تاريخي پس منظر ۾ اڄ جون حالتون, وغيره اهڙا موضوع آهن جن تي هن ناول ۾ ڪهاڻي ٻُڏائيندڙ ٻُڏائي ٿو يا ڪهاڻيءَ جي ڪردارن کان ڳالهرائي ٿو-الائي ڇو لفظن وسيلي ناول ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ناول جڻ ٻن ڪردارن جي ڪهاڻي بڻجي وڃي ٿوءِ لڳي ٿو تہ ناول جڻ ڪيلاش جو ڪمرو آهي جنهن جي ٻاهر ڪلنڊڙدري هِن ناول جو مهاڳ هُجي-جنهن مان اڳتي وڌڻ توڙي پُنتي ورڻ لاءِ ڪو در نٿو لَڀي-ٻيو تہ هي ناول پڙهندي وقت ناٽڪ جي اثر جي ڏِک پڻ ڏئي ٿو. جڻ هي ناول يا اُن جي ڪهاڻي ڪنهن ناٽڪ جي لاءِ تحرير ڪئي وئي هُجي ۽ ناٽڪ ٿيندي ٿيندي رهجي وئي هجي.

15/5/20

# مَصلوب ٿيل ڪهاڻيءَ جي مَسيحائي

روسيءَ ٻوليءَ جي جڳ مشهور ڪهاڻيڪار چيخوف ڪهاڻيءَ بابت چيو آهي تہ، ”ڪهاڻي ۾ اجائي سياسي، سماجي يا معاشي نعريبازي نہ هُجڻ گُهرجي، جتي ضرورت هُجي اُتي ڏجي باقي ڪهاڻي ۾ نعرا ٺُنبي اُن کي اَجائي ڏيگهہ نہ ڏجي.

ڪهاڻي پوري طرح غير جانبدار ٿي لکجي، هڪ ليکڪ کي ڪنهن جو پاسو کڻڻ بدران غير جانبدار ٿي شين کي بيان ڪرڻ گُهرجي. ڪردارنگاري ۽ منظرنگاري سچ تي آڌاريل هُجي، جيڪو جيئن آهي اُن کي ائين ئي ڏيکارجي. شين کي بيان ڪرڻ مهل ڊيگهہ نہ ڪرڻ گُهرجي ۽ گهٽ لفظن ۾ ڳالهہ کي بيان ڪجي. ڪهاڻي ۾ ليکڪ سخت قدم کڻڻ لاءِ تيار هُجي ۽ سندس انداز نِج پڄ هُجي. جنهن ۾ ڪنهن جي پوڳنا جو احساس هُجڻ گهرجي. “چيخوف جي اِنهن ويچارن جي روشنيءَ ۾ ممتاز لوهار جي ڪُجهہ ڪهاڻين کي ڏسجي ٿو تہ اُهي اهڙي اعليٰ معيار جي ڪسوٽي تي پوريون لهندي نظر اچن ٿيون.

ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻيءَ جو جنم ۽ وري اُنهن مان ٽين ڪهاڻيءَ جو جنم اڄ جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي فني سُندرتا جو هڪ حسين حوالو چئي سگهجي ٿو-ڪهاڻيءَ کي خيال جي نڪور زاويي مان ڪڪوري جديد سنڌي ڪهاڻي جو نئون روپ بخشڻ ممتاز لوهار جهڙي بهترين ڪهاڻيڪار جي ڳوڙهي مُشاهدي جو گهرو عڪس آهي-ممتاز لوهار جي ڪهاڻين جو نئون ڪتاب ”ڪُليل دَريءَ جو درد“ پڙهندي اِهو احساس ڳَر موڙي جاڳي پوي ٿو تہ ڪهاڻي ڪڏهن بہ خارج مان نمودار ٿي داخليت جو دروازو کڙڪائي وجود کي ڏوڏي”ڪُليل دَريءَ جو درد“ بڻجي سگهي ٿي. ممتاز لوهار جي ڪهاڻين جي هِن ڪتاب جي پهرين ٽائيٽل ڪهاڻي پڙهيم تہ منهنجي ذهن جا هَلڪا ڦيڪڙيل

تاڪ تَڙاڪ سان ڪُلي پيا-۽ ليکڪ مون کي خود اُن ڪهاڻيءَ جو ٽيون ڪردار محسوس ٿيو-ٻن ڪردارن جي حادثن جي ٻن پُڙن ۾ پيسجندڙ ٽيون ڪردار-دراصل دري جي اندر ۽ دري کان ٻاهر ٻہ دنيائون, ٽين دنيا کي پڻ ڏوڏي چڏين ٿيون. چاڪاڻ تہ ٽئي دنيائون ۾ اُنهن جا ٽئي ڪردار سماج جا اهڙا تہ چِٽاءِ پنهنجين پوڳنائن کي پوڳيندڙ حادثا آهن جن جي ٽيڻ جا جواز ڏار ڏار هوندي بہ هڪڙي ئي سماجي حقيقت نگاريءَ مان نروار ٿين ٿا-ڪهاڻيءَ جي هي حقيقي ڪيفيتي دنيا ڏاڍي گهري, ٽُڙ ۽ ترار جيان اندر ۾ لهي وڃي ٿي تہ, پهرين ڪهاڻيءَ جو وڍيندڙ سواليہ آواز ڪنن وسيلي روح تائين پڙاڏي جيان گونجي وڃي ٿو.

”پنهنجي زال کي پنهنجي پاءُ سان سُتل ڏسي سگهندين؟“جنهن کان اڳ ٻي ڪهاڻيءَ جي ڪردار جو ڪُليل دريءَ جي تاڪن مان ايندڙ ٻُڏل لهجي ۾ هڪ تلخ جُملو, ”ماسات سان کِلندي ڏٺئي تہ غيرت ٿي اچئي. . . . . پاڻ اوطاق ۾ چورن هيٺان اُونڌو ٿيو پيو هوندو آهين, اُتي تہ غيرت ڪو نہ ٿي اچئي. . . “ گوليءَ جيان اچي دماغ ۾ ٺڪاءُ ڪري خيالن کي مُنتشر ڪندي حواسن ۽ ڪيفيتن جي وايو منڊل کي ڪنهن زلزلي ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو. ”ڏُک بنگلي جي ڪُليل دريءَ مان ٽِپوڏئي ٽين ڪهاڻيءَ جي ليکڪ ڪردار جي اڳيان اچي هيٺ ڪري ٿو. تہ اُها ٻي ڪهاڻي, ليکڪ کي پهرين ڪهاڻيءَ کان ڪي پَل ڇني ڌار ڪري ڇڏي ٿي. ۽ ليکڪ ٻن ڪهاڻين جي وِچ ۾ حواس وڃائي, اندر مَنجهہ ايئن پيسجندو رهي ٿو جيئن جنڊ جي ٻن پُڙن ۾ داڻو پِيسجندو آهي.

“ڪهاڻي ۾ ڪهاڻيڪار پنهنجي آرٽ ۽ ڪِرافٽ جي نفاست سان جنهن حقيقي سماجي پيڙا جي تصوير چِٽي آهي اُها ليکڪ جي بہ اکين ۾ هڪ پورٽريٽ جوڙي ٿي. جنهن ۾ ٻن ڪهاڻين جي ٽِياس تي ليکڪ ٽِين ڪهاڻي ٻڄي مَصلوب ٿي وڃي ٿو تہ تخليق جي مَسيحائي اَمر ٻڄي وڃي ٿي.

ڪهاڻي اصل ۾ چئبو ئي اُن کي آهي جو اُها پنهنجي موضوع توڙي مواد يا ڪهاڻيءَ جي فنائتي خاڪي ۾ ايئن تہ جَڙي وڃي جو ڪهاڻيءَ جي دنيا حقيقيت مان فڪشن جو روپ وٺي وري حقيقت ۾ تحليل ٿي پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ ۾ ڪنهن ملاح جي ڪنڌيءَ جيئن اَٽڪي سندس وجود کي لرزائي ڇڏي-

اهڙي ڪهاڻي ۾ ”طوطي جا ٻچا“ ڪهاڻي پنهنجي جوهر ۾ هڪ پرپور ۽ هڪ سيبتي ڪهاڻي آهي-”منجهند جي وقت تيز اُس, ڇانوَ جي ڳولا, ڊگري

ڪاليج، سَروينٽ ڪواٽرن پرسان ھڪ ننڍڙو باغيچو، ساوا وڻ پکين کي ڏيندڙ پناھ. گرمين جي موڪلن ۾، ڪاليج ھُجڻ ڪري ۽ لائٽ جي لوڊشيڊنگ جي ڪري ڪاليج جو پٽي وارو چاچو رستم گھاٽي نِم جي ڇانوَ ھيٺ کَٽ تي ويٺل ۽ پوءِ ڪُجھہ ئي گھڙين ۾ ڪاليج جي ڪلارڪ انور جي اچي ويھڻ جو مَنظر-سندن ڪچھري جا موضوع روز جي روايتي حالتن، مھنگائي، بدامني، آفيسرن جي روين کان ھٽي ماضيءَ جون يادگيريون ڪپڙن جي ٿانن جيان ڪُلنديون وڃن ٿيون-بجلي اچڻ تائين ٻارڙن جي ھڪ ٻئي سان راند روند، پاڻ ۾ وڙھڻ ۽ نھڻ جو يا نمورين کي ميڙڻ. لفظن مان اُڀري ذھن تي عيان ٿيندڙ ڏيک جو انداز ڏاڍو آرٽسٽڪ محسوس ٿئي ٿو-رستم پنھنجي نوڪري جي دور ۾ آيل آفيسرن جي چڱائي ۽ لڳائي جو ذڪر ڪندي ڪيترن آفيسرن کي وڻن جي واڍيءَ جو پيٽ ۾ سور ھئڻ جون ڳالھيون ٻُڌائي ٿو-۽ اُنھن خلاف ڪيئن نہ ھڪ مالھي ھُئڻ جي ناتي وڻن جي رکولي ڪري ٿو. ۽ پوءِ وڻن ۾ رھندڙ پکين جو ذڪري ڪندي بنگالي طوطن جو ذڪر ڪن ٿا-۽ سندن ٻچن کي وڻن جي پورن مان چوري ڪٽي ويندڙن مُتعلق بہ ڳالھيون اورين ٿا-"ڳالھين دوران طوطن جو جوڙو بہ اچي نِم تي ويھي ٿو. ڪنڌ پاسيرو ڪري طوطا ڄڻ چاچي رستم جي ڳالھہ ٻُڌي رھيا ھُجن. طوطن جي ٽيئون ٽيئون تي ٻارڙن پنھنجي راند ڦٽائي طوطن ڏي آڱر ڪنئي تہ طوطا ڀڙڪو کائي ٽيئون ٽيئون ڪندا اُڏري وڃن ٿا. "بجلي اچڻ تي سڀ پنھنجن گھرن ڏانھن ھليا وڃن ٿا-منجھند ٿاڪ ھُجڻ ڪري ڪير بہ نظر نٿو اچي. اھڙي وقت ٻاھران بہ ڇوڪرا اچن ٿا. اُنھن مان ھڪڙو ھيٺ بيھي چوطرف نظرداري ڪري ٿو تہ ٻيو وري سَرينھن جي وڻ تي چڙھي طوطن جا ٻَہ ٻچا وڻ جي پُورن مان ڪڍي پنھنجي قميص جي پاسي وارن کيسن ۾ وجھي ٿو. ۽ جڏھن اُھي ٻئي ڇوڪرا وڃڻ لڳن ٿا تہ، اوچتو ھڪ ڪواٽر مان ڪلارڪ انور ٽڪڙو نڪري ٿو. سندس پُٽ دانھون ڪندي ڪيس طوطن جي ٻچن لاھڻ جو ٻُڌائي ٿو-انور ڇوڪرن کي داٻو ڏئي طوطن جا ٻَچا وٺي ٿو-۽ طوطن جي ٻَچن کي وري واپس ساڳي وڻ جي پُور ۾ رکڻ لاءِ ڇڏي ڇوڪرن کي ڀڄائي ڇڏي ٿو-پر ھيڏي ھوڏي ڏسي پُٽ کي چئي ٿو تہ، ھي وٺ، خيال سان...... فلحال ڪوڪي ۾ رکين، شام جو پڃرو وٺي ايندس تہ پوءِ اُن ۾ رکنداسين"!

هي ڪهاڻي دلچسپ انداز سان پنهنجي مَنطقي نتيجي تي پهچي هڪ دل ڏاريندڙ دانهن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي تہ ماڻهوءَ جي بيائي تي دل آزاري ۾ نفرت ۽ پکين جي معصوميت تي بيحد پيار اندر ۾ ڇُلي پوي ٿو-

ڪهاڻي "جيون: قاتل بُوٽ" سماج جي ڳڙي حقيقت جو هڪ دل کي ڌهڪائي ڇڏيندڙ اهڙو درد آهي جنهن ڏانهن ممتاز لوهار جهڙي ڪهاڻيڪار جي اک اُن سموري وارتا جو گهرائيءَ سان ايڪسري ڪري اچي ٿي ۽ احساس جي انگاس تي تنگي ڇڏي ٿي-هي ڪهاڻي خودڪلاميءَ واري انداز ۾ شروع ٿئي ٿي-جنهن ۾ هُو پنهنجن ڇِڳل جوتن کي ڏِسي کِلِي پَوي ٿو. هُن پاران چيل اُن جُملي تي، جيڪو هُن سندس ڇِڳل جوتا ڏسي چيو هو تہ "نئون جوتو ڇونہ ٿو وٺين؟ "جنهن تي هِن وراڻيو هو تہ، "چريا!جيڪو ماڻهو روز ڪٿي نہ ڪٿي انٽرويو ڏيڻ لاءِ ڪِرايو ڀ پنهنجي پورهيت پيءُ کان وٺي ويندو هُجي، اُهو ماڻهو نئون جوتو ڪٿان ٿو وٺي سگهي!"اهڙي طرح سان خودڪلاميءَ واري ڏُکائتي انداز ۾ هُو، هُن جي اُن جُملي تي سوچي ٿو تہ ڪاش هوءَ اُهو جُملو ڪيس نہ چوي ها تہ ڇا ٿي پوي ها "نہ اَبا!تو سُڃي جي پويان ڪا پنهنجي زندگي تباهہ ڪنديس ڇا؟"اُن جُملي ٻُڌڻ سان هُو وسامي وڃي ٿو. هُن جي هڪ ئي ڦُوڪ هِن جي پروسي جي ڏيئي کي وسائي ڇڏي ٿي. ۽ هوءَ اهڙي ڳڙي جُملي تي ڪيس ڀوڳ ڇئي ڇيڙائڻ جو ڇئي ٿي پر هِن کي اُهو ڀوڳ ڪيس اندر ۾ دبيل سچ لڳي ٿو جيڪو ڪيس "الائي تہ ڪڏهن کان خونخوار شينهن جهڙي جُملي کي سندس ذهن جي ڀڃري ۾ واڙي رکڻ جيئڻ لڳي ٿو. "

اهڙيءَ ريت پيار محبت جي وِچ ۾ غُربت جي ديوار حائل ٿيڻ جي نتيجي ۾ هي ڪهاڻي ڇِرڪ جهڙو موڙ ڪائيندي جيءُ کي جهوري وجهي ٿي. ۽ هُو، هُن کي ڇئي ٿو تہ، "مون کي نوڪري نہ ملي سگهي، منهنجي پورهيت پيءُ پنهنجو پورهيو تبديل ڪري ورتو. هٿن جي پورهئي مان گهر نہ هلي سگهيو تہ هُنن جسماني پورهيو شروع ڪري ڇڏيو. "هڪ پُر درد آهہ اندر جي گهر اين مان اُپري اکين کي ڀڃائي وڃي ٿي ۽ دل ۾ هڪ ڳنڍي جهڙو احساس ڇُپي وڃي ٿو-

هي ڪهاڻي سماجي حقيقت نگاريءَ جو هڪ اهڙو تہ ڳڙو سچ آهي جنهن جي اندر ۾ زندگيءَ جون تلخيون ڪنهن گهري سمنڊ جيان ڇُلنديون، حساس دلين کي پاڻ ۾ ٻوڙي ڇڏين ٿيون.

”ڏوتل وَڳو، ميرو بَدن“هڪ مزور نورل جي ڏُک جي ڪهاڻي آهي-هُو مزوري ڪندي پنهنجي جَوان بيمار ڌيءَ جي پريشانيءَ ۾ مُبتلا رهي ٿو-جنهن تي رمضان اوستو ڪيس ٿوڪيندي چَويس ٿو، ”اجان تہ تي ٽيا آهن ميان!هفتو پنجين وڳي ڇڏائبو، لڳي ٿو تنهنجو ڌيان هينئر ئي گهر جي گهٽيءَ ڏانهن آهي. نيٺ پنج ٿين ٿا، هر مزور سان پيٽي نيڪيدار هفتي جو حساب ڇڏائي ٿو. نورل هڪ نظر پنهنجن ڪپڙن جهڙن ميرن نوٽن ڏانهن ڏسي ٿو ۽ پوءِ ٽڪڙيون وکون کڻندو ڳوٺ واري چنگچيءَ ۾ اچي ويهي ٿو. “ايئن ڌيءَ جي بيماريءَ جي پريشانيءَ ۾ نورل پنهنجي رب کي ٻاڏائي ٿو ۽ مالڪ کان نياڻي لاءِ ڪنهن بہ وڏي بيماري کان پناهہ ۾ رکڻ جي دعا گُهري ٿو. ۽ ڊڄندي ڊڄندي شهر جي وڏي ڊاڪٽر وٽ ڌيءَ کي وٺي وڃي ٿو-

ڊاڪٽر تپاس کان پوءِ نورل کي ٽيسٽ ۽ الٽرا سائونڊ لاءِ چئي ٿو-نورل کي اڳ ئي اِها خبر هُجي ٿي تہ پرائيويٽ اسپتالن ۾ ڳرا خرچ ٿيندا آهن. رپوٽن کان پوءِ ڊاڪٽر، نورل کي چئي ٿو، ”بابا منهنجي ڳالهہ کي خيال سان اڳ ۾ سمجهو. ادڙيءَ کي عورتاڻي تڪليف ٿي آهي. . . . . . . . . . . ٻار ماءُ کي رهندڙون آيل آهن. . . . . . . . . . ضروري ناهي تہ ساٿس ڪنهن بہ ڪا اهڙي حرڪت ڪئي هُجي. ڪڏهن ڪڏهن اِهو پاڻ مُرادو ڪَنهڻ جي ڪري بہ انفيڪشن ٿيندو آهي. نورل جو وجود واريءَ جي ڍير وانگر ڀُرندو ڪيس محسوس ٿئي ٿو. ---اڄ ڳوٺ جون گهٽيون ڪيس رات جو بہ نِنهڻ اُس جيان تَتل ٿيون لڳن. ڪيس سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڇا ڪري؟ پر وري خيال اچيس ٿو تہ ”متان ايئن نہ بہ هُجي. ڊاڪٽر چيو پَئي، ايئن نہ بہ ٿي سگهي ٿو. راڻي تہ منهنجي نِماڻي آهي. مون کي اُن تي سورنهن آنا پَڪ آهي. نورل پنهنجي ذهني مانڊاڻ کي ماٺو ڪرڻ لاءِ شڪ وارا خيال مَٽائيندو ۽ ڪيئي ڀيرا روئيندو رهي ٿو. رب ئي بهتر ٿو ڄاڻي، پر مان پنهنجي نياڻيءَ کي ميرو ڪونہ ڪندس. “هِن ڪهاڻيءَ جي مُثبت پُڄاڻي خاص طور سنڌي سماج ۾ صدين جي روايتي ۽ انفرادي غيرت جي نفي ڪندي ڀيرا اڙيءَ جي هڪ پورهيت جي خيالن ۾ مُثبت تبديليءَ جو ڏَسُ ڏئي ٿي. جيڪا ڳالهہ اڄوڪي سنڌي سماج لاءِ هڪ نيئن راهہ کولي ٿي ۽ شعور جي تقاظا ڪندي هڪ پورهيت کان اُن جي شروعات ڪري ٿي-

ايئن ممتاز لوهار جي هِن ڪهاڻين جي ڪتاب ”ڪُليل دريءَ جو درد“ ۾ ڏنل اٺويهہ ڪهاڻيون آهن جن ۾ ”گوندر متان جندڙي“، ”رات وچ ۾“، ”تون بہ نہ

سمجهي سگهينءَ“، ”لُوسڻ جو نَڪ“، ”راڄوٽي فيصلو“، ”واريءَ جو گهر“، ”اڳي ايئن هُياس“هڪ بئي کان مُختلف موضوعن تي لکيل ڪهاڻيون آهن. پر اُهي ڪُجهه اهڙيون ڪهاڻيون آهن-جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طرح دل کي ڇُهڻ جو ساهس نہ ٿيون رکن. اُنهن ۾ ڪا نہ ڪا آرٽسٽڪ کوٽ محسوس ٿئي ٿي-يا ائين بہ آهي تہ اُهي ڪهاڻيون ڪهاڻيڪار جي من جي بڻيءَ ۾ اجان وڏيڪ پَچڻ لاءِ رهڻيون هُيون پر اُهي پَچي راس ٿيڻ کان اڳ ئي مَشق جي روايتي تياس تي ٽنگجي ويل لڳن ٿيون-چو تہ ڪٿ فلمڪ انداز، ڪٿ روايتي سطعي نمونو، ڪٿ بنا ڪنهن ڪشش جي ڳالهين يا موضوعن کي ڪهاڻيءَ جي فريم ۾ آندو ويو آهي-جنهن ڪري اُهي مٿي ڏنل ڪُجهہ نالن واريو ڪهاڻيون پنهنجي الڳ ۽ اهم خصوصيت ماڻڻ ۾ ڪا خاص سگهہ نہ رکندي محسوس ٿين ٿيون-

سنڌي ڪهاڻيءَ جي ناميارِي ڪهاڻيڪار مشتاق شوري جي انڊيا ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي ڪتاب”هستيءَ جو گُم ٿيل ٽُڪرو“ ۾ ديوي ناگراڻي هڪ هنڌ لکي ٿي تہ”دراصل ڪهاڻي اسان جي وقت جي دائري ۾ سماج جو عڪس آهي. جنهن ۾ اُهو سڀ ڪجهہ ٿيندو آهي جو اسان جي سماج ۾ ٿيندو رهندو آهي. لِکڻ فقط لفظن جي عمارت اَڏڻ ناهي. انسان جي مَن اندر مَتل اُٿل-پُٿل، احساسن جو اهم ڌُهڻ(منٿن)سوچ ۽ شَبدن جي سنگم کي تراشي هڪ مُڪمل سَروپ ڏيڻ آهي. هتي مون کي همانشو جوشيءَ جي چوٽي ياد ٿي اچي تہ،”لکڻ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ تپسيا آهي. “اڌوري من سان لکيل ساهت اڌوروئي ٿورهجي وڃي، پڙهندڙ ٿيڻ کان سواءِ. . . . . . !لکڻ جو پهريون شرط آهي تہ ليکڪ، پاٺڪ کي پنهنجي وهڪري ۾ وهائي وڃي. “

”ڪُليل دَريءَ جو درد“ ۾ ”واچوڙو“ ڪهاڻي بہ هڪ سني ڪهاڻي آهي جيڪا گهريلو زندگيءَ تي زال ۽ مڙس جي وچ ۾ اختلافن خاص طور تي زال جي فطرت ۽ نفسيات کي اُجاگر ڪري ٿي-

”ڇَتِي“ڪهاڻي پڻ سماج توڙي گهريلو حالتن جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻي آهي-جنهن ۾ هڪ گهر ۾ گڏ رهندڙ شادي شده ڀائرن ۾ هڪ جواري ڀاءُ جي غلط ڪرتوتن جي سزا يا ڪينل قرض جي اوڳاڙي محنت مزدوري ڪندڙ ڀائرن کان ٿئي ٿي-پر اُها سموري برداشت هڪ ماءُ جو پُٽ سان فطري لڳاءُ جي

عيوض سڀ پائر ماءُ کي ماڻُ ڏيندي ڪن ٿا ۽ هر پيري پاءُ جو جوا ۾ ڪنيل قرض بيا پائر گڏجي پرين ٿا-

”چريو“ ڪهاڻي ۾ زال، مُڙس کي نفسياتي مريض چئي ناراض ٿي وڃي ٿي. ۽ ڪيس نفسياتي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ لاءِ چئي ٿي-مُڙس اُن ڳالهہ تي سوچيندي ڊاڪٽر وٽ وڃي ٿو-ويندي مهل رستي تي هلندي ڪيس عجيب وهم ۽ وسوسا ٿين ٿا-اُتي ڪهاڻيڪار مُتاثر ڪردار کي اوچتو ڪيلي جي ڪَل تان ترِڪندي ڪيس وڏيڪ مُنتشر ٿيندي ڏيکاري ٿو-پر اُتي ڪيلي جي ڪَل تان ترِڪي ڪيرائڻ وارو منظر الائي ڇو اُن سموري ڪهاڻيءَ جي هلندڙ روانيءَ واري وهڪري ۾ اَجائي نهراءُ جي احساس کي جَنمي ٿو-جيڪو ڪهاڻيءَ ۾ هڪ جهول کي پيدا ڪري وجهي ٿو-تنهن هوندي بہ ڪهاڻي سماجي نفسيات جي گڏيل بهترين عڪاسي ڪري ٿي-مُتاثر ڪردار جڏهن اسپتال ۾ نفسيات جي ڊاڪٽر وٽ پُهچي ٿو تہ هُو ڊاڪٽر ڪان پاڻ مُتعلق پُڇي ٿو تہ مان ڪيس ڪيئن ٿو لڳان. ڊاڪٽر ڪيس بلڪل ٺيڪ ٺاڪ ۽ نارمل ٻُڌائي ٿو. جنهن تي هُو ڊاڪٽر ڪان پنهنجي نارمل هُجڻ جو ميڊيڪل سَرٽيفڪيٽ گُهري ٿو-جنهن تي ڊاڪٽر هُن ڪان پُڇي ٿو تہ اِهو سرٽيفڪيٽ ڪاڏي ڪندو تہ هُو ڊاڪٽر کي چوي ٿو تہ هُو اِهو سرٽيفڪيٽ پنهنجي زال کي ڏيکاريندو جيڪا ڪيس چريو سمجهندي آهي-جنهن تي ڊاڪٽر ساڻس مُخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ ”سچ ٻڌايانءِ پائو . . . . . . . . . منهنجي زال بہ مون کي چريو چوندي آهي. خوشگوار زندگيءَ لاءِ زال، مڙس ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي چريو ٿيڻو پوندو آهي. “اُن ڳالهہ تي هُو ڊاڪٽر ڏانهن ڏسي ٿو ۽ ڪيس لڳي ٿو جڻ سندس زال ڊاڪٽر جي روپ ۾ ساڻس ڳالهائي رهي هُجي-اُن وقت هُن کي پاڻ ڪان وڌيڪ ڊاڪٽر چريو لڳي ٿو-

”تون هاڻ اُهو ناهين رهيو!“ ڪهاڻيءَ ۾ هُو آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏُنڌلو ڏسندي ويتر سندس لڳن مان ساهہ ڇڏائجي وڃيس ٿو. ڪي پَل بدلجندڙ ڪيفيت جو ڊپ. سندس جسم هلڪو ڪري ڇڏي ٿو. خود ڪلاميءَ واري انداز ۾ هُو پاڻ سان ڳالهائي ٿو-پنهنجي زال آسيہ کي سڏي ٿو-۽ ٻين ايندڙ خيالن جو اظهار ڪندي، مُختلف ڪيفيتن مان گُذرندي هُو آسيہ جو نالو وٺي سڄي گهر ۾ ڳولي ٿو-پر گهر ۾ نہ آسيہ آهي نہ ئي سندس جاڙا پٽ. واپس ڪمري ۾ اچي آسيہ جي ڪاڏي نڪري وڃڻ واري سواليہ ڳالهہ تي سوچي

ٿو-ڪرسيءَ تي ويهندي، ٻئي هٿ ڇهري تي ڏئي ياد ڪرڻ لڳي ٿو----اُن مهل ڪان وٺي پوئتي سڀ واقعا پوئين پير سوچيندي، هڪ منظر تي بيهي رهي ٿو-هاڻ هُن کي ياد اچي ٿو ته، گُذريل رات هُن گهڻو پيتو هو. پورا ٻه آڌيا شراب جا پي ويو هو-پيئڻ ڪان پوءِ هن آسيه کي رڙ ڪري سڏيو هو. اُن حالت ۾ هُن آسيه کي مار ڪٽ ڪئي هئي-آسيه روئيندي ٻارڙا ساڻ ڪري گهر مان هلي وئي هئي-ايئن هي ڪهاڻي گهر جي ئي ڪمري ۾ مُختلف خيالن جو سفر ڪندي اُن مَقام تي پُهچي ٿي جتي لڳ ڀڳ هر مرد مُختلف لذتن جي ذائقن کي ماڻڻ جي اَنڌي جنون ۾ پنهنجا تهيل تڪيل گهر تباهه ڪري ويهندا آهن-هُو موبائل تي آيل ڪال تي موبائل اسڪرين تي"دلبر" نالو ڏسي مُرڪي ٿو-ڇو ته"دلبر"جي نالي سان سندس سنگتياڻي جو نمبر سِيو ٿيل آهي-فون تي پنهنجي سنگتياڻيءَ سان ڳالهيون ڪندي هُوءَ سندس زال جو پُڇي ٿي ته هي ڪيس ناراض ٿي گهر ڇڏي وڃڻ جو ٻُڌائي ٿو-۽ ڪيس اچڻ لاءِ چويس ٿو-فون بند ڪري هُو آرسيءَ ۾ خود کي ڏسي ٿو-۽ سندس عڪس چڻ ڪيس چوندو هُجي ته، "تون هاڻ اُهو ناهين رهيو. "

"هڪڙو انب"ڪهاڻي پوڙهي غلام حسين جي هڪ درد ڀري ڪهاڻي آهي-جنهن ۾ هُو گهر جي لاءِ انب خريد ڪندي هڪ انب پنهنجي لاءِ الڳ خريد ڪري ٿو-ڇو ته گهر ۾ اُهي انب ڪيس کائڻ ئي نصيب نٿا ٿين-انب وٺي ٻين ورتل انبن کان ڌار پنهنجي قميص جي پاسي واري ڪيسي ۾ لڪائي ٿو ته متان سندس ٻُنهن اهو لڪايل انب نه ڏسي ۽ سندن انبن مان انب چوري ڪرڻ جو نه سوچي ۽ پوءِ سندس پُٽ کي اُن مُتعلق ٻُڌائي مَتس ڏمرائي نه وڃي. رستي ۾ ايندي پاسي واري ڪيسي کي ڇُهي انب جي موجودگي جي پڪ ڪري ٿو-اهڙيءَ طرح گهر پهچي نُنهن کي ٻه ڪلو انب ڏئي، پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سوچي ٿو ته انب کي فرج ۾ رکي ٿڌو ڪجي پر متان نُنهن کي خبر پوڻ جي ڊپ کان جڳ ۾ پاڻي وجهي ٿڌو ڪرڻ جو سوچي ٿو ته نُنهن وري ڪيس سَڏي ڏهن روپين جو نوٽ ڏيندي ماچيس ۽ تُلسيءَ جون سوپاريون وٺي اچڻ لاءِ چوي ٿي-هُو مَئي جي پَچاڙڪي لڳ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ نِڪهڻ اُس ۾ نڪري وڃي ٿو-رستي ۾ ڪيس ياد اچيس ٿو ته هُو پنهنجو هڪڙو انب ڪمري ۾ لڳل ڪٻٽ اندر جڳ ۾ ٿڌي ڪرڻ لاءِ رکي آيو آهي-ڪٿي اُهو سندس نُنهن نه ڏسي وٺي-اُن اُڻ تُڻ ۾ هُو دُڪان تان ماچيس ۽ سوپاريون وٺي اچي پنهنجي نُنهن کي ڏئي ٿو-هُو لڪائي

رڪيل انب جي سوچ ۾ گُم آهي جو سندس نُنهن ڪيس سڏي چوي ٿي-”چاچا هي اوهان ڇا ڪيوَ؟“ هُو پنهنجي وجود ۾ ڏڪي وڃي ٿو ۽ پَل ۾ صدين جيڏي پوڳنا جي احساس ۾ وڪوڙجي وڃي ٿو ته نُنهن حيرت ۽ ڪاوڙ منجهان چويس ٿي ته”چاچا هي ڪهڙو ظلم ڪيئي!. . . . . . . توکي مون هي سوپاريون ڇيون هيون؟“اِهو ٻُڌي هُن جي پٿريلي بُت ۾ ساهه پئجي وڃي ٿو-

”ڪٽيل تار“ملهار نالي هڪ بجلي جي مستريءَ جي ڪهاڻي آهي-جيڪو سرڪاري نوڪري ۾ ته ناهي پر ڪنهن لائين مين سان گڏ سندس حصي جو ڪم ڪري مليل خرچي تي گُذارو ڪري ٿو-هڪ ٻن ڏينهن کان ڪم نه ملڻ جي ڪري ڪيس ڪيسو خالي آهي- سندس اهڙي غير قانوني ڪم ڪرڻ تي سندس پاءُ به منع ڪريس ٿو پر هي پوءِ به اُهو ڪم ڪندو رهي ٿو-اهڙي طرح ڪم نه ملڻ ڪري هو سوچي ٿو ته ڇونه اڄ لوڊشيڊنگ دوران سيٺ رشيد جي گهر جي تار ڪٽي ڇڏي-جيڪو وري ڪيس ئي فون ڪري تار جوڙڻ لاءِ چوندو ته خرچي به نهي پوندي-ايئن ملهار بجلي وڃڻ کان پوءِ اُها تار يڪدم ڪٽي گهر هليو وڃي ٿو-۽ گري ٿو انتظار بجليءَ جي اچڻ جو-بجلي اچڻ کان پوءِ هُو موبائل تي سيٺ رشيد جي ڪال اچڻ جو انتظار ڪري ٿو-پر بجلي اچڻ جي ڪِجھ وقت کان پوءِ اِهو ڏسڻ لاءِ ته ڇا مون ڪٽي ڪنهن ٻئي جي ته تار نه ڪٽي ڇڏي آهي. اِهو سوچيندي هُو گهران نڪري, ڪٽيل تار واري پاسي ڏسي ٿو ته اُونده ۾ ڪي ٻه ڄڻا ڪيس اُن جاءِ تي نظر اچن ٿا. هي اُنهن ڏانهن وڃي ٿو-۽ سيٺ رشيد هُن کي ڏسندي چوي ٿو ته ”يار توڏانهن ئي ڪال پئي ڪيم جو هِن گهر مان هڪ نوجوان نڪتو. “سيٺ رشيد لڏي آيل پاڙيسريءَ جي گهر ڏانهن اشارو ڪندي چئيس ٿو, ”همراهه ڪو بجليءَ جو ڪم ڄاڻيندو آهي. ويچاري ڪي شابس آهي, پاڻ ئي چيائين ته مان ٿو تار ڳنڍي ڏايانءِ. ويچاري پيسا به نه ورتا. . . . . . . شابس اٿس. . . . . . . ڇڳو هلون ٿا. “ايئن هي ڪهاڻي سماج جي هڪ اهڙي حالت جي عڪاسي ڪري ٿي جنهن ۾ بيروزگاري ۾ ماڻهو پنهنجي هُنر وسيلي به مزدوري نه ماڻي سگهي ته پوءِ هُو ڪيئن نه مَنفي رستي تي هلي ٻه ڏوڪڙ ڪمائڻ واسطي ڪجھ به ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو-اهڙي سماجي حالت کو تقدير جو حصو نه بلڪ اُن جي ناڪارا سياسي صورتحال جي دکدائڪ تصوير ئي ٿي سگهي ٿي-

”زيادتي“ڪهاڻي، بدر جي مانڊڻي وٺ گڏ ٿيندڙ سنگت اُت موجود چوواٽي کي ”پاڳل چونڪ“جي نالي سان سڏي ٿي-اُتي سياري ۾ سنگت مچ ٻاري چانهه پيئندي پئي ڪچهريون ڪندي آهي-ڊسمبر جي ٿڌڙين راتين ۾ باهه تي هٿ سيڪيندي هر ڪو، ڪو نه ڪو قصو ڪهاڻي پيو ٻڌائيندو آهي-ايئن هڪ ڏينهن باهه جي مَچ تي ڪچهري ڪندي هڪ پَڪي عمر جو چَريو، وڏيل وار ۽ ڏاڙهي، ميرن ڪپڙن سان سندن پَر ۾ اچي ويهي ٿو-۽ ماٺ ميٺ ۾ هٿ سيڪي اُتي هليو وڃي ٿو-بدر مانڊڻيءَ مان سگريٽ ڪٽي دڪائي ٿو ۽ ڪش هڻندي سنگت کي هڪ قصو ٻڌائي ٿو-جنهن ۾ ماستر رستم، پنهنجي شاگرد سان زيادتي ڪندي پَڪڙجي پوي ٿو-رستم کي پوليس پَڪڙي لاڪ اَپ ڪري ڇڏي ٿي-ٿاڻي تي ڪوڙ سارا ماڻهو اچي گڏجن ٿا-جن جا مُختلف خيال رکندڙ رويا سامهون اچن ٿا-ايئن متاثر ڇوڪري جو پيءُ ۽ ٻيا ماڻهو صوبيدار جي اچڻ جو انتظار ڪن ٿا-صوبيدار اچي ٿو-۽ ڇوڪري جي پيءُ ارباب ۽ ٻن معزز ماڻهن کي اندر سڏرائي ٿو-صوبيدار ڇوڪري جي پيءُ کي يقين ٿو ڏياري تہ هُو هن سان انصاف ضرور ڪندو-۽ رستم تي غصو ڪائيندي سپاهيءَ کي سڏرائي لاڪ مان ڪيرائي رستم کي سچ پترا هڻائي ٿو-جنهن تي رستم جون دانهون سڀ ٻُڌن ٿا-ائين ڪهاڻي مُختلف منظر جوڙيندي پنهنجي پُڄاڻيءَ ڏانهن وڌي ٿي-تہ هوريان هوريان وقت گذرڻ سان اُها افسوس ناڪ ڳالهه بہ ٿڌي ٿيندي ماڻهن ڪان بہ وسرندي وڃي ٿي-ارباب ٿاڻي تي چڪر هَڻندي، مُختلف وقتن تي سپاهين سان ملندي نيٺ ارباب ڏنڊ ڏوهه ۽ فيصلي لاءِ راضي ٿئي ٿو-جيڪا سموري اندروني سازش صوبيدار جي اشاري سان ٿئي ٿي-

بدر، حال ۾ موٽندي سنگتين کي ٻُڌائي ٿو تہ، سَوير جيڪو چريو باهه تي هٿ سيڪڻ آيو هو-اُهو ئي تہ ماستر رستم هو-اهڙيءَ ريت”چريي جي حال تي سوچڻ سان اُن مهل پاڳل چونڪ جي ڪوڏين جي اندر ٻرندڙ ڪاوڙ جو مَچ وسامي وڃي ٿو.“

”ڪورونا“ڪهاڻي تازو عالمي سطع تي ڦهلجندڙ وَبا جي اثر ڪري سموري دنيا سميت سنڌ بہ ان ڪان مڪمل طورتي متاثر ٿي آهي-جنهن ۾ خوف ۽ حراس توڙي بيماريءَ لڳل ماڻهو سنڌ ۾ بہ ظاهر ٿيا آهن. اهڙي سبب سموري سنڌ ڦهريون پيرو لاڪ ڊائون جهڙي خطرناڪ صورتحال ۾ گهيرجي پوڳيندي رهي آهي-اهڙي وقت ۾ جتي هر مزاج توڙي سوچ جو ماڻهو مُنتشر ٿيو آهي اُتي

هڪ حساس ليکڪ پڻ اُنهن حالتن توڙي ڪيفيتن ۾ خوف، حراس جو شديد طور تي شڪار ٿيو آهي-”ڪورونا“ڪهاڻي اُنهن سيني احساسن، خيالن، حالتن جي بهترين عڪاسي ڪندڙ هڪ ڪردار جي محسوسيات جي چٽي تصوير جوڙي ٿي-جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جو اهم ڪردار هُو ٻاهر دروازي تي صبح جو گهنٽي وڄڻ تي جاڳي ٿو-۽ ياد اچيس ٿو تہ رات ٻين وڳي تائين خاص خبرون ڏسندي سُتو هو-”هُو پنهنجي ئي شهر جي ڪاليج ۾ پروفيسر آهي. سرڪاري اعلان موجب تعليمي ادارا بند هُئڻ سبب سندس روز جي روٽين ئي بدلجي وئي اٿس. “هُو در تي کير واري جو وقت هُجڻ ڪري کير جو ٿانءُ کڻي در کولي ٿو تہ در تي هڪ عورت کي ڏسي ٿو-جيڪا لاڪ ڊائون جي ڪري پنهنجي مَڙهي کي ريڙهي نہ ڪڍي سگهڻ ڪارڻ گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ نہ هُئڻ ۽ ٻچڙن لاءِ سير اَٽي جو وٺڻ لاءِ پيئسن جي گُهر ڪري ٿي-هُو کيس گُهربل پيئسا ڏئي واپس ڪمري ۾ اچي ٿو-۽ خبرن جو چينل ڏسي ٿو-جنهن ۾ خبرون پڙهندڙ عورت کي اڳ تہ خبرون پڙهڻ وقت مرڪندي ڏسندو هو پر اڄ اُها بہ مايوس چهري سان خبرون پڙهي رهي آهي-۽ عالمي توڙي مقامي تازي مايوس ڪُن صورتحال کان آگاهہ ٿي گهبرائجي وڃي ٿو-ٻَيَر واري کٽ تي سُتل سندس زال مريم جاڳي رهي آهي-۽ پريان ٻيڊ تي سندس پٽ نديم پڻ جاڳي آهي. هُو مريم ڏانهن نهاري ٿو. هڪ عجيب خوف هِنن کي گُذريل ڏينهن کان هڪ ٻئي کان پري ڪري ڇڏيو آهي-نہ تہ هُو هڪ ٻئي جي ڀاڪرن ۾ سُتل هوندا هئا. حساس طبيعت هُئڻ ۽ خوف جي اثر ڪري کيس نِڙيءَ ۾ ڪوڙاڻ محسوس ڪري ٿو-۽ پنهنجو ساڄو هٿ، ڪاڀي ڪارائي تي رکي اُتان هٽائي ڪنڌ تي رکي ٿو-جسم هلڪو گرم محسوس ٿئيس ٿو-نَڪ سُڪي ڏسي ٿو، لڳيس ٿو تہ کيس زُڪام آهي-سندس لڱن مان ڏڪڻي نڪري وڃيس ٿي-هُن کي ڪورونا جي وَبا جون ٿئي نيشانيون پاڻ ۾ محسوس ٿيڻ لڳن ٿيون. ايئن مُختلف ڪيفيتن مان گُذرندي پنهنجي زال سان لاڪ ڊائون ۽ ڪورونا مُتعلق ڳالهائيندي-ڀاڄي وٺڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري ٿو۽ مين روڊ تي چڙهي شهر جي سڄو ڏينهن وهندڙ روڊ کي سُنسان ڏسندي پنهنجي اندر ۾ ڏڪي وڃي ٿو-شهر ۾ هڪ اَڌ ڪو ڀاڄي جو دُڪان کُليو هُجڻ ڪري ڀاڄي وٺي تڪڙو ڊڄندي گهر موٽي ٿو-ايئن سندس موبائل تي سکر مان وڏي ڀاءُ جي فون اچيس ٿي-جيڪو سکر ۾ ايران مان آيل زائرين کي ڪورونا جي شڪ ۾ آئيسوليشن سينٽر ۾

رکڻ ڪري سموري شهر جيان خوف ۽ وهم ۾ ونجڻ ڪري وَتس لاڙڪاڻي وڃي رهڻ جي ڳالهه ڪري ٿو-تہ هُن کي اُن پَل ايئن لڳي ٿو ڄڻ سکر مان سندس ياءُ جي نہ پر ڪورونا جي وَيا فون ڪري اچڻ جي اجازت گُهري رهي آهي. موبائل ٽيبل تي رکي هُو مريم کي ڏسي ٿو. "ادا هُيو. چيائين پئي تہ سکر ۾ ڪورونا جي پئہ سبب ٻارڙا پريشان ٿي ويا آهن. سو هيڏانهن اچڻ چاهين ٿا. "هُو ڪرسيءَ تي پاڻ کي ڇڏي ڏئي ٿو. هُو ڄاڻي ٿو تہ مريم رڙيون ڪري کيس اِهو چوندي، "پوءِ تو ڇا چيس!.......... هتي اچي ڪندو ڇا؟ اسان کي بہ بيمار...... مون کان تہ پُڇين هان.......... ايئن ئي ها ڪري ويٺين؟

هُو مريم کان اکيون لِڪائڻ لڳي ٿو. اوچتو ڪَنن تي مريم جو آواز پَوِيس ٿو.

اهڙن ڏينهن ۾ تہ ماڻهوءَ کي دشمن تي بہ ڪَهل ڪرڻ گُهرجي. هي تہ وري بہ اسان جا پنهنجا آهن......... الله سڄي جهان ڏي خير ڪري. ڀلي اچن. "

هُن جون اکيون پرجي اچن ٿيون. هُو مريم کي ڀاڪر ۾ ڀَري ڳل تي چُمي ڏيئس ٿو-اُن پل کيس لڳيس ٿو تہ ڄڻ انسانيت ڪورونا کي شڪست ڏئي ڇڏي آهي. "

هي ڪهاڻي انتهائي پيانڪ ۽ مايوس ڪندڙ ۽ ذهني طور تي مَفلوج ڪري ڇڏيندڙ صورتحال ۾ اهڙي اُتساهہ بَخشيندڙ پُڄاڻي زندگيءَ سان پيار جو هڪ نئون حوالو تحرير ڪري ٿي-

ممتاز لوهار جو هي نئون ڪهاڻين جو ڪتاب"ڪُليل درياءَ جو درد"۾ موجود ڪهاڻيون ڪنهن نہ ڪنهن طرح سماج جي مختلف حالتن جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻيون آهن-انهن ۾ فني پختگي ۽ موضوعن کي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ ڍالڻ جو انداز ممتاز وٽ گهڻو پختو ۽ نفيس پڻ آهي-توڙي جو ڪجهہ ڪهاڻين ۾ سندس معياري ڪهاڻين وارو رنگ جهيڻو بہ آهي پر مجموعي طور تي ممتاز لوهار جون ڪهاڻيون جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي سفر جون سگهاريون ڪنيل اهڙيون وکون آهن جن جا پيرا پنهنجي پنڌ جي ساک ڏين ٿا.

24/5/20

# چار ناول، چار ڳالهيون

ادب ۾ جتي شاعريءَ جا پڙهندڙ توڙي لکندڙ ڏينهون ڏينهن وڌندا پيا وڃن-تيئن شاعريءَ جو تخليقي معيار وڌڻ بجاءِ گهٽبو ٿو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ ڪجھ وقت کان وري نثر واري پاسي يعنيٰ فڪشن ۾ بہ اهڙي صورتحال پيدا ٿيندي نظر پئي اچي. توڙي جو اهو هڪ سُنو سَنوڻ آهي جو هاڻ اڳي جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻي ۽ ناول تي طبع آزمائي وڌيڪ ٿي رهي آهي. ۽ اُهي ڪهاڻيون ۽ ناول ڪتابي صورت ۾ پڻ ڇپجي رهيا آهن. پر اُنهن سڀني ڪتابن ۾ ڪجھ ئي ڪهاڻيون توڙي ناول ڪنهن حد تائين نون زاوين توڙي روين کي سهيڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. ۽ پنهنجي ادبي ۽ تخليقي حيثيت مڃائي اٿن.

اِن سموري ادبي صورتحال جو ڪارڻ گُهربل سنجيده تنقيد جو ٻِنھ نہ هُجڻ ۽ وري اُن تي بہ تنقيد کي قبول نہ ڪرڻ يا اُن تي اَرهائي محسوس ڪري، تنقيد ڪندڙ تي حملا آور ٿيڻ واري روش، غير سنجيده ماحول کي هٿي ڏئي ٿي. يا ليڪ وٽ تنقيدي شعور نہ هُجڻ ڪري هُو ٿيل تنقيد مان ڪجھ بہ مُثبت نہ پرائيندي، پنهنجي لکڻيءَ کي تنقيد کان بالاتر سمجهندي، ڏڙا ڏڙلکڻ ۾ مشغول ٿي وڃڻ ڪري، فني، فڪري، موضوعي، اسلوبي يا ٻين گُهربل ضروري ادبي گهرجن جي پورائي نہ ڪري سگهڻ سبب ڪهاڻي يا ناول ۾ رهجي ويندڙ جهول، جيئن جو تيئن پنهنجين لکڻين ۾ رهڻ ڏيڻ، ڪري اُهي ليڪ ادب جي دنيا ۾ هڪ عجيب نفسيات کٽي پيا غير تخليقي ادب جي وڌاري ۾ واڌ ڪندا آهي. تنهن ڪري هاڻ اُن ڳالھ ڏانهن اُنهن ڪهاڻيڪارن توڙي ناول نگارن کي گُهرجي تہ هُو سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏري پنهنجين تحريرن کي غور ۽ ويچار جي بنيءَ ۾ پچائين يا پنهنجن سينئرس توڙي هم

عصرن سان اُها لکڻي وندين، اُن جي راءِ ڪي مانُ ڏيندي اُن لکڻيءَ ڪي تنقيدي تناظر ۾ جانچي ڏسڻ ڪان پوءِ اُن ۾ موجود ڪوتن ۽ خامين ڪي دور ڪري پنهنجي تحرير ۾ وڌيڪ نکار آڻي سگهاري ۽ تخليقي ادب جي واڌ ويجهه ۾ اضافو ڪن. پر مٿين خيالن جي عدم موجودگيءَ ڪري هاڻ سنڌي ادب ۾ پاڻ ڪي سڀ ڪجهه سمجهڻ واري روش به ڏاڍي تيزيءَ سان وڌندي پئي وڃي. مُطالعي ۽ مُشاهدي جو گهڻ طرفو پاسو چڙي هڪ مخصوص ڪُنڊ وٺي ويهڻ پڻ هڪ ليکڪ لاءِ هاڃيڪار آهي. گهڻ رُخو مُطالعو يا مُشاهدو هُجڻ بِنهه ضروري آهي-مطالعي ۽ مشاهدي جي دنيا جيتري وسيع هوندي اوتري گهرائپ ۽ سنجيدگي توڙي فڪر ۽ فهم جي دنيا گهڻي ڦهلاءُ سان ليکڪ جي رهنمائي لاءِ سدائين موجود رهندي.

تازوئي نوجوان ليکڪ ڪليم ٻُٽ جا چار ناول مطالعي هيٺ رهيا. خاص طور تي منهنجو گهڻو ڌيان ڪليم ٻُٽ جي ناول ”راجا ڏاهر“ پاڻ ڏانهن ڇڪايو. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي هن سياسي، تاريخي ۽ قومي اهم ڪردار ۽ هيرو مُتعلق اسان وٽ سياسي ادب کان سواءِ تخليقي ادب ۾ ڪنهن به اُن ڪي فوڪس نه ڪيو هو. تاريخي اعتبار کان ته ”چچ نامي“ ۾ جنهن طرح اهڙي عظيم ڪردار جي نَفي ڪري، ڪوڙن الزامن جي ٽياس تي ڪيس ٽنگيو ويو آهي. اُهو راجا ڏاهر ڪي نه پر سنڌ جي پوري قومي تشخص ڪي ئي ملياميٽ ڪرڻ جي هڪ سوچيل سمجهيل سازش آهي. پر اُن سموري پس منظر ۾ سنڌ جي سيد ئي سنڌ جي ڀرپور حوالن سان هڪ مُدلل ۽ جديد تاريخ تحرير ڪري سنڌي قوم ڪي پنهنجي اصليت کان واقف ڪري، مذهبي آڙ ۾ گُمراهه ڪيل پنهنجي سُڃاڻپ واپس ورائي، مزاحمت جي هڪ نئين دور جي شروعات ڪئي آهي. اُن کان اعلاوه سنڌي شاعريءَ ۾ پڻ اُن لازوال ۽ امر ڪردار ڪي ڳايو ويو آهي. پر منهنجي محدود معلومات تحت اڄان تائين سنڌي ادب ۾ ڪنهن به راجا ڏاهر توڙي سندس تاريخ جي اصل دور جو ڪهاڻي يا ناول جي ڪينئواس تي ڪو چٽر نه چٽيو آهي-سو اُن ڳالهه وڌو اُتساهه ڏنو ته نوجوان فڪشن ليکڪ پنهنجي تاريخي ڪردارن ڪي به تخليقي طور تي آرٽ ۽ ڪرافٽ جي زواين سان ڏسن ٿا. اهڙي ريت مون ڪليم جو ناول ”راجا ڏاهر“ جنهن اُتساهه سان پڙهڻ شروع ڪيو، منهنجو اهڙو اُتساهه مايوسيءَ ۾ مٽجي ويو-

هي ناول جنهن جو مهاڳ ناليواري ليکڪ اعجاز منگي لکيو آهي-تنهن هِن ناول جي مختلف پاسن تي لکڻ بدران تاريخي، قومي ۽ مزاحمتي حوالا ڏئي هڪ نوجوان ليکڪ کي صرف اُتساهيو آهي-اعجاز منگي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ”هي ناول جنهن جو فني ڪاٿو ڪرڻ وقت اسان جي پڙهندڙن کي اُن حقيقت جو احساس هُجڻ گُهرجي تہ اِهو ناول اُن نوجوان جو پهريون ناول آهي جنهن ۾ تخليق جا جذبا، ڄامشوري جي ڇَرين هوائن وانگر پوري شور سان هلن ٿا. “۽ سچ تہ هِن اهم موضوع واري ناول”راجا ڏاهر“ ۾ ليکڪ تخليق جي سانتيڪي سُرن کي ڇيپاتي، سطعي ۽ هوائي انداز سان هِن ناول جي دنيا کي پُرشور ڪري پڙهندڙ کي بہ بي دليو ڪري وڌو آهي-

هي ناول 2015ع ۾ نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي پاران ڇاپيو ويو آهي. لڳ ڀڳ هڪ سو صفحن جو هي ناول ڇويهہ حصن ۾ ورهايل آهي-

ناول جي ڪهاڻي جي جيڪا ليکڪ اڻت ڪئي آهي-اها دراصل جاسوسي ڊائجسٽڪ نموني جي آهي-سچو ناول هڪ پُراسرار نقشي جي حاصلات ۽ ٻئي پاسي مُک ڪردار فراز جو اُن نقشي جي آڌار تي اروڙ جي پهاڙي سلسلي ۾ نقشي مُطابق پٽڪڻ ۽ هڪ عجيب غيبي قوت جي آڌار تي پهاڙن مان وچي اهم ڪاغذن جو هڪ ٿيلهو لڀڻ تي آهي. هِن ناول جو سچو ڪئينواس فلمي انداز وارو سطعي ۽ غير دلچسپ آهي-بيشمار پروف جو چُڪون هِن ناول جي پڙهڻي کي مُتاثر ڪن ٿيون-ناول جنهن تخليقي انداز ۾ هُجڻ گُهربو هو اُن جي اُبتڙ هي ناول ليکڪ جي پنهنجي تصوراتي عام ڪهاڻيءَ جي هيئت ۾ ڦري ٿو. سڄي ناول ۾ ليکڪ ناول ۾ موجود آهي. ڪردارن کي فطري ۽ بي ساختہ نموني ڪٿي بہ نہ آندو ويو آهي. ٻيو تہ هي ناول پڙهندي الائي ڇو منهنجي ذهن تي جڳ مشهور ناول نگار پائلو ڪولهو جو مشهور ناول ”ڪيمياگر“ تري اچي ٿو. ”راجا ڏاهر“جي تاريخي اَهم مامري کي پَسِ پرده ڇڏي هڪ شهري زندگي جي ڪهاڻي ڪٽي آيو آهي. جنهن جو”راجا ڏاهر“جي دور، زندگي يا تاريخي جدوجهد سان ڪو خاص تعلق نہ ٿو رهي-بس تاريخ جي ڪتابن جا تاريخي حوالا ايئن ڏنل آهن جڻ تہ ڪو تاريخ جو ڪتاب پڙهي رهيا هجون. اُن جي ابتڙ جيئن سراج ميمڻ”پڙاڏو سوئي سڏ“يا”مرڻ مون سين آءُ“، علي بابا ”موهن جو دڙو“، ڀڳوتي چرن ورما جو ”چترليکا“، قرت العين جو”آگ ڪا دريا“، هرمن هيس جو”سڌارٿ“ وغيره جڏهن

پڙهون ٿا تہ اُن تاريخي دور جي سچي دنيا پنهنجي سموري رنگن ۾ ڏنگن سان ليکڪ جي تصور مان پڙڪو ڏئي پڙهندڙ ۾ ٻُڏندڙ کي مَندي موهي ڇڏي ٿي تہ ليکڪ جي تخيلاتي سگهہ ۾ تخليقي انداز ادب جو هڪ سگهارو حوالو بڻجي وڃن ٿا. پر ڪليم جي هِن ناول جي عجيب پُڄاڻي ٿئي ٿي-جنهن ۾ نہ اُهو نقشي وارو راز سَلجي ٿو-۽ نہ مليل نقشي جي آڌار تي اُهي ڪاغذ جيڪي فراز کي ملن ٿا، انهن ۾ موجود ڪا بہ ڳالهہ سامهون اچي نہ ٿي-سچ تہ ناول پڙهڻ کان پوءِ ايئن لڳي ٿو تہ، هي سچو ناول فلمي انداز ۾ سطعي پٽي سان تاريخ جي اهم موضوع سان، فڪشن جي نالي ۾ جڻ ڪا هٿ چُراند هُجي.

ايئن ڪليم ٻُٽ جا بيا ٽي ناول جن ۾

”وطن جن وساريو“ پنجهتر صفحن تي، ”آزاديءَ جي اُپٽار“ چوهتر صفحن تي ۽ ”مَري ٿيا نہ مات“، ٻيانوي صفحن تي مُشتمل آهن. جيڪي پڻ نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي پاران ٿئي جُون 2017ع ۾ گڏ ڇپيا آهن-اِهي ٽئي ناول پڻ سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن جي پس منظر ۾ تحرير ڪيا ويا آهن-پر اُنهن ناولن کي ڪنهن بہ ڪهاڻي يا ناول جي نئين پيرائي ۾  تخليق نہ ڪيو ويو آهي-بس تاريخي حوالا ڪٺي اُنهن تي وڏيڪ غور ۽ ويچار ڪرڻ جي اُنهن کي ناول جي ڪيئنواس تي جيئن جو تيئن لاٿو ويو آهي-اُنهن ٽنهي ناولن ۾ ڪنهن جو بہ ڪو مهاڳ يا رايو ڏنل ڪونهي نہ ئي وري ڪو ليکڪ پاران ڪجهہ لکيل آهي-”وطن جن وساريو“ ناول سنڌ جي سومرا دور جي تاريخ تي لکيل آهي-جنهن کي جديد دور جي ڪهاڻي ۾ فڪشنائزڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي-پر اُن ۾ اُها ناول واري سگهاري تخليقي ۽ آرٽسٽڪ سطع نہ جُڙي سگهي آهن-سومرا خاندان جو فرد جيڪو سن فرانسسڪو شهر ۾ رهي ٿو-اُن کي جادوئي انداز ۾ نانگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو-جيڪو ڪيس پيڇو نہ ٿو ڇڏي ۽ پوءِ خوابن ۾ ڪنهن پوپي ذريعي ڪيس خبر پئي ٿي تہ اُهو نانگ سندس ماضي يعنيٰ تاريخي دور سان تعلق رکي ٿو. جنهن جو توڙ سنڌ ۾ ئي موجود آهي. جيڪو نانگ کيس پيڇو نٿو ڇڏي. ۽ جتي ڪٿي اهو نانگ ساڻس عجيب طريقن سان ساڻس ملي ٿو. جنهن ڪري هُو سنڌ اچي ٿو-۽ پوءِ هن سائنسي دور ۾ سنڌ جو پڙهيو لکيو. يورپ ۾ رهندڙ نوجوان مذهبي ۽ روايتي طور طريقا اپنائيندي انڊين نانگن جي ڪنهن روايتي ڊرامہ سيريل جيان هن ناول کي بہ گُهمائي ڦِرائي ڪٺي ٻَٽ تي هٽي ٿو-هنن ٽنهي ناولن ۾ پڻ پهرين ناول ”راجا

ڏاهر“ جيان بي شُمار پروف جون غلطيون رهيل آهن-نہ ليکڪ پنهنجي لکڻيءَ تي ڌيان ڌريو آهي نہ ئي پبلشر ڪا اُنهن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي-ٻيو تہ گهڻين جاين تي جُملن جي بيهڪ پڻ متاثر ٿئي ٿي-ناولن جا ڪتاب جي وچ ۾ ڪجهہ صفحا بيهڪ ۾ ترتيب جي اعتبار کان اڳتي پوئتي ٿيل آهن. ۽ ٻيو تہ ليکڪ تي اردو ٻوليءَ جو بہ مَڙئي سوايو اثر محسوس ٿئي ٿو. دراصل ليکڪ جي هنن ڪتابن سان ايتري لاتعلقي سچ تہ هِنن ناولن سان ڪا ادبي ديانتداري نہ ڪري سگهڻ جو ڪارڻ لڳي ٿي. ٻيو تہ انهن ناولن کي پڙهندي ليکڪ جي شهرت واري نفسيات گهرائيءَ سان سامهون اچي ٿي. جنهن تحت ليکڪ گهٽ محنت تي تمام وڏي شهرت جي حاصلات جو گهرجائو لڳي ٿو. ناولن ۾ سڀ مُک ڪردار ليکڪ ڪليم ٻُٽ جي نمائندگي ڪندي محسوس ٿين ٿا. جيڪا هڪ ليکڪ جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري آهي. ايئن”آزاديءَ جي اپٽار“ ناول ۾ مخدوم بلاول جي تاريخي دور کي اسٽيج تي ڊرامي جي صورت ۾ آندو ويو آهي. اُن جو ليکڪ ناول جو مُک ڪردار ٻُٽ صاحب آهي-ايئن ڪيس هڪ ڪردار ساڻس اچي ملي ٿو. جيڪو ڪيس پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. جنهن ۾ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران شاگردن کي جيڪي قومي بنيادن تي مسئلا درپيش اچن ٿا، اُهي ڪيس ٻڌائي ٿو. هي ناول پڻ پڙهڻ ۾ دلچسپيءَ جو دامن ڇڏائيندي بوريت طاري ڪري ڇڏي ٿو-

”مري ٿيا نہ مات“ پڻ سنڌ جي ويجهي تاريخ ميرن ۽ انگريزن جي دور جي ڪهاڻي آهي-جنهن ۾ ڪجهہ ٻين بهادر ڪردارن سان گڏ سنڌ جي اَرڏي ۽ بهادر ڪردار هوش محمد شيدي کي انگريزن سان وڙهندي ڏيکاريو ويو آهي-۽ ڪيئن نہ انگريز سنڌ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي معرفت مُختلف ملڪن کي پنهنجون بينڪون ٺاهيندا سنڌ لاءِ سازشون ڪندي، مَٿس ڪاهہ ڪن ٿا-هِن ناول ۾ منظر نگاري توڙي ڪردار نگاري ڪجهہ وٽندڙ آهي-پر ڪهاڻيءَ جو انداز ساڳي نموني روايتي ۽ غير دلچسپ آهي-جنهن ڪري ڪليم ٻُٽ جي چئني ناولن جو مُطالعو ڪو خاص ادبي تاثر نہ ٿو ڇڏي. نہ ئي سندس اِنهن ناولن ۾ ڏنل تاريخ يا ڪردارن کي ڪليم ٻُٽ ڪو نئين سر تخليق ڪري پنهنجي تخيل جي سگهہ سان ڪا نرالي صورت بخشي سگهيو آهي-اُن ڪري هي ناول سنڌي ادب ۾ ڳاڻيٽي ۾ تہ واڌو ٿي سگهن ٿا پر معيار جي لحاظ کان منهنجي نظر ۾ هي ڪنهن بہ ڪاتي ۾ ڳڻپ جو حصو نہ بڻجي سگهندا. چو تہ

ناول يا ڪهاڻي، هڪ سنجيده، تخليقي ليکڪ کان جيڪا محنت جي طلب ۽ توقع ڪندا آهن. اهي ٻئي ڳالهيون ڪليم ٻُٽ جي ناولن ۾ مون کي ڪٿي به ملي نه سگهيون آهن.

15/6/20

# گُلابن جي فصل ۾ مُحبت جي خوشبو

سنڌي ڪهاڻي پنهنجي سفر ۾ جيڪو بہ پنڌ ڪيو آهي اُهو پنهنجي پهرين پيري کان وٺي اجوڪي پيري تائين ڪيترن ئي رستن جي مسافريءَ جي ڪٿا ٻُڌائي ٿو-سنڌي ڪهاڻي موضوعاتي حوالي کان هاڻ گهڻن تجربن جا مُشاهدا ماڻي جديد ڪهاڻيءَ جي پيچرن تي پنهنجا پير مضبوطيءَ سان کڻندي ديس جي سرحدن کان اڳتي دنيا جي نقشي ڏانهن پنهنجي پرواز ۾ آهي-

ڪهاڻي پنهنجي ديس جي مٽيءَ جي واس ۾ ٿي مهڪي خوشبودار بڻجي سگهي ٿي-داخلي ۽ خارجي دنيا جا رنگ هر صورت ۾ هڪ ٻئي جو پڙاڏو ٿي هُجن ٿا. ڪهاڻي تخيل ۾ ڪيئن تخليق ٿئي ٿي اُن جو مُشاهدو هر ليکڪ وٽ الڳ الڳ انداز سان نِروار ٿئي ٿو-ڪهاڻيءَ جو فن پاڻ کي فنا ڪري ڪهاڻيءَ ۾ مُنتقل ٿيڻ سان ئي مَشروط آهي-ڪهاڻيءَ جي ڪيئنواس تي ڪنهن بہ موضوع کي نقش ڪرڻ جو هُنر ماڻڻ، هر ڪنهن جي حصي ۾ نہ ٿو اچي-ڪهاڻي لکڻ ۽ ڪهاڻي ۾ تحليل ٿي وڃڻ بہ الڳ الڳ حالتون آهن-سنڌي ڪهاڻي لکي بہ وڃي ٿي تہ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪجھ ڪهاڻيڪار تحليل بہ ٿي وڃن ٿا-بلڪ پڙهندڙ کي پڻ اُن ڪهاڻيءَ ۾ زم ڪري سڀ ڪجھ تصور جي آڏاڻي تي اُڻيندي اهڙي تہ اُٿت ڪن ٿا جو لفظ ساهہ کڻڻ لڳن ٿا، منظر جاڳي پون ٿا، ڪردار چُرپُر ڪرڻ لڳن ٿا، ۽ ڪهاڻي حقيقيت جو رنگ اوڙهي ڪنهن خواب ۾ سلهاڙجي وڃي ٿي تہ ذهن سُجاڳيءَ جي صدا بڻجي، پڙاڏن ۾ گونجي وڃي ٿو-

نوجوان ڪهاڻيڪار اختر حفيظ جي ڪهاڻين جو ڪتاب”ٽيهہ منٽ“توڙي جو پاڻلو ڪولهو جي”يارنهن منٽ“ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي-پر تنهن هوندي بہ اختر حفيظ جي ڪهاڻين ۾ جيڪو ڪهاڻيءَ چوڻ يا رَچڻ جو هُنر آهي اُهو ڏاڍو نفيس، سَلوڻو ۽ سيبتو آهي-اختر جي ڪهاڻين کي پڙهندي هڪ ڳالهہ ڌيان ڇڪرائي ٿي تہ هِن نوجوان جي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻي پٺو ڏاڍي

گهرائي سان مُنڪشف ٿئي ٿو-اُهو ڪهاڻي لکندي ڪهاڻيءَ ۾ تحليل ايئن ٿي وڃي ٿو جيئن ڪو خواب ننڊ ۾ يا جيئن ڪا ننڊ خواب ۾. اختر حفيظ جون ڪهاڻيون پڙهي ڪري اِها ڳالهه ذهن ۾ جاڳي پئي ٿي تہ هُن جي مُطالعي، مُشاهدي ۽ مَشق جو سفر وڏي مُحتاط نموني پنهنجي منطقي نتيجي ڏانهن گامزن آهي-

”وريل جووِهانءُ“، جنهن جا پتاشا پنج پيرا ماڪوڙن جو ڪاج بڻجي وڃن ٿا ۽ وريل حالتن جي ستم ظريفي تي دُکدائڪ رهندي مُختلف مرحلن مان گُذرندي نيٺ شاديءَ جي ٻَنڌڻ ۾ ٻَڌجي تہ وڃي ٿو پر پوءِ اُن ئي شاديءَ لاءِ ڪيل جفاڪشين توڙي عباتن تي پشيمان ٿيندي ڪيل عملن تي پڇتائي ٿو-هي ڪهاڻي ٻهراڙيءَ جي دنيا ۾ رَچيل، ڪل پوڳ ۽ سنجيدگيءَ جو سهڻو سنگم لڳي ٿي-

”ڪچي مسيت“ڳوناڻي زندگيءَ جي فطري حسناڪين واري دنيا جي ڪهاڻي آهي-جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جو مُک ڪردار پنهنجي ناني سان گڏجي، صبح جو سوير ٻنين ۾ گلاب جي گلن جو چونڊو ڪري ٿو-جتي هندو توڙي مسلمان جي فرق ڪان سواءِ پيار ۽ پنهنجائپ واري جياپي جو حسين تصور سنڌ جي ويجهي ماضيءَ واري دور جي ياد ڏياري ڇڏي ٿو. هِن ڪهاڻيءَ جي ڪردار نگاري، منظر نگاري توڙي ڪهاڻيءَ اُڻٽ جو انداز ڏاڍو وڻندڙ لڳي ٿو-اهڙي روح پَرور ماحول ۾ رُوپا ۽ هُن جي پيار ڪهاڻي، اُنهن جا گلابن جي فصلن ۾ ملڻ جا ڏيک توڙي ڪيفيتون يا ڳالهيون پاڻ ۾ مَندي ڇڏين ٿيون تہ اُها تخيل جي خلقيل دنيا ڪجهہ وقت لاءِ حقيقيت جو گُمان بڻجي وڃي ٿي-

”جڏهن هوليءَ واري ڏينهن تي آئون هُن کي رنگ ۾ رنگي ڇڏيندو آهيان، اُن ڏينهن سڄي ڳوٺ ۾ هر پاسي رنگ ئي رنگ هوندا آهن. هوا ۾ رنگ، پاڻيءَ ۾ رنگ، ماڻهن، ڪپڙن ۽ جسمن تي رنگ. رُوپا، هوليءَ جي رنگن ۾ صفا اندلٿ ٿي ويندي آهي. تڏهن اسان جي وچ ۾ رڳو رنگ ئي ڳالهائيندا آهن. “

اڳتي هلي هِن ڪهاڻيءَ جو اهڙي پيار ۽ امن واري ماحول ۾ ڪيئن نہ ڪچي مسيت ۾ اوچتو ايندڙ تبليغي جماعت سڄي وايو مَنڊل کي نفرت جي آڳ ۾ ڀَسم ڪري ڇڏي ٿي-جو تہ”هاڻي زندگي، گلابن جو کيت نہ پر بارود جي بوءِ تي وئي آهي. “، ”ڪچي مسيت“جي جاءِ تي ڳوٺ جي سادن ماڻهن کي کوڙا ڏنا ڏئي اُتي هڪ پَڪي ٻِ منزلا مسجد ٺاهي-اُن ۾ مدرسو قائم ڪري

مذهب جي آڙ ۾ ڪيئن نہ بارود ۽ هٿيارن جو آڪاڙو ٻڌائين ٿا. اهڙي وقت ۾ ڪهاڻي هڪ نئون رُخ وٺندي هڪ زوردار ڌماڪي ۾ لُڏي وڃي ٿي-بئي ڏيک ۾ پڪي مسجد واري جاءِ تي سچي مسجد جي مَلبي جو ڍير ٿيندي ڏيکارجي ٿو. ڪهاڻيڪار طالبان جي سنڌ ۾ موجوده وڪ وڪ تي مسجدن ۽ مدرسن جي اصل حقيقت جي جيڪا عڪاسي ڪئي آهي اُها ڪهاڻيءَ ۾ سگهاري ڪهاڻي پڻ جو روپ وٺي اهڙو تہ نِروار ٿي آهي جو ڪهاڻي غفلت جي ننڊ ۾ سُتل سنڌي سماج جي مذهب سان سچي لڳاءُ واري حقيقت کي چرڪائي وجهي ٿي-

"ٿيھ منٽ" ڪهاڻي اياز ۽ قنديل جي پيار ڪهاڻي آهي-منظر ڪجھ هن طرح آهي تہ. "شهر کي شام جا پاڇا پنهنجي گهيري ۾ آڻي چُڪا آهن-سج صبح جي هر وجود جو پاڇو ڪٽي اُبرڻ ڪان پوءِ آهستي آهستي آسمان جي جهوليءَ مان سِرڪندو نديءَ جي پَرئين ڪناري شهر ڪان موڪلائي رهيو آهي-صاف آسمان، پکين جون قطارون، نديءَ ۾ پيدا ٿيندڙ موسيقي، پَريان ڪو مُهاڻو پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ ويٺو نديءَ تي وِڇايل ڄار سنڀالي رهيو آهي-نديءَ جي ڪناري قنديل پنهنجن هٿن ۾ ڪنيل پٿر هڪ هڪ ڪري نديءَ ۾ اُڇلي رهي آهي.

"هي پنهنجي آخري ملاقات آهي. "

قنديل نديءَ ۾ پٿر اُڇليندي چوي ٿي. اياز چُپ چاپ قنديل کي ڏسي رهيو آهي-اِهو جُملو ٻُڌي اياز جي چپن تي طنزيہ مُرڪ تَري اچي ٿي-ڇاڪاڻ تہ قنديل اڪثر ايئن "آخري ملاقات جو چوندي آهي" ۽ اياز اُن ملڻ نہ ملڻ واري سلسلي ۾ ڪافي ڀيرا مري چڪو آهي. " ماضي ۽ حال۾ ٽُٻيون هَڻندي هي ڪهاڻي اُتي پُهچي ٿي جتي قنديل، اياز سان مُخاطب ٿيندي ڪيس چوي ٿي تہ. "هاڻ تون ڪُجھ مُرڪ تہ جيئن آئون بہ توکان مُرڪندي موڪلايان ۽ جڏهن تنهنجو گُذر منهنجن خوابن مان ٿئي تہ تنهنجو مُرڪندڙ چهرو ئي ڏسي سگهان. " "اُنهيءَ وقت اياز جي ڪومايل چهري تي مُرڪ اچي وڃي ٿي. سج مُڪمل غائب ٿي چُڪو آهي، نديءَ تي هلندڙ سڀ ٻيڙيون ڪنارن سان لڳي خاموش بيٺيون آهن. جيئن ئي سج شهر کي الوداع چوي ٿو تہ آسمان تي چنڊ هلڪو هلڪو چمڪڻ لڳي ٿو.

"پلاڃ ڪو نظم ٻُڌائيندين ڇا؟"

قنديل، اياز کان پُڇي ٿي.
”ها مُختصر نظم آهي، رلڪي جو. . . “
اياز، قنديل جي اکين ۾ اکيون ملائيندي نظم پڙهڻ لڳي ٿو:
”آسمان تنهنجي پاڪر جيترو وسيع آهي
۽ ستارا اُنهن ڇُمين جيترا
جيڪي آئون توکي ڏيڻ ٿو چاهيان
ڇا، هي چنڊ اُهو خط ناهي؟
جيڪو مون،
توکي ديوانگيءَ جي حالت ۾ لکيو هو. “

”ها پر هڪ منٽ. “اياز چوي ٿو. هُن پنهنجي گهڙيءَ جي چابي ڇِڪي اُنهيءَ کي بيهاري ڇڏيو. اُنهيءَ وقت ساڍا ست ٿيا هئا. هُو فقط ٽيهہ منٽ ئي نديءَ ڪناري گڏ هئا. “

قنديل هلي وڃي ٿي-ڪافي ڏينهن گُذري وڃن ٿا-پر هوءَ واپس نٿي اچي-هڪ شام اياز جي صوفي تي ڪُجهہ گهڙين لاءِ اک لڳي وڃي ٿي. سندس در کي ڪو لاڳيتو کڙڪائي رهيو آهي-ڪو در کولي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو-اُها قنديل آهي-قنديل، اياز کي سڏ ڪري ٿي. اياز جو گهڙي وارو هٿ هيٺ لَڙڪي پوي ٿو. ۽ پوءِ جڏهن قنديل گهڙيءَ جي ڪانٽن کي حرڪت ۾ آڻي ٿي تہ سندس وهم حقيقت ۾ بدلجي وڃي ٿو. “

۽ هي لفظ پڙاڏا بڻجي گونجڻ لڳن ٿا تہ، ”توکي تہ خبر آهي مون کي گهڙيون ڪونہ وڻنديون آهن. گهڙيون ماڻهن کي محتاط ڪري ڇڏينديون آهن ۽ آئون محتاط رهڻ نٿو چاهيان، پابند زندگي مون کي ناهي وڻندي. “

هي ڪهاڻي وڏي آرٽسٽڪ نموني، وڏي ڏيان سان نفيس اُڻت ذريعي تحرير ڪئي وئي آهي-جنهن جي فني سحر انگيزي پڙهندڙ کي پاڻ ۾ سموئي منٽن کي صدين ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿي-

ايئن هِن ڪتاب ۾ ”جيون پيڙا“، ”گلفروش جو موت“ پڻ ٺاهوڪيون ڪهاڻيون آهن-جن جا موضوع سماج جا روزانو پيش ايندڙ اهڙا واقعا آهن جن کي هڪ باشعور ڪهاڻيڪار ڪڏهن بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهي. ”آڪسيجن“مُستقبل ۾ ٿيندڙ ڳنڀير صورتحال جي اَنومانن تي لکيل ڪهاڻي آهي-جنهن ۾ ايندڙ وقت ۾ وڻن جي واڍي، درياهہ جي سوڪهڻي، ڏينهون ڏينهن

بي تحاشا خطرناڪ حد تائين وڌندڙ آلودگي جي ڪري پيدا ٿيندڙ آبهوا جي تبديلي ڪارڻ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ وڌڻ جي ڪري آڪسيجن جي شديد کوٽ سبب انسان پاڻ سان آڪسيجن جا ڏٻا کڻي جيئڻ جا جتن ڪندي ڏيکاريو ويو آهي-۽ هڪ اهڙي ڏُر جي پڻ نيشاندهي ڪئي وئي آهي جيڪا اُنهن سڀني شين تي قابض آهي-ڪهاڻي موضوعاتي اعتبار کان ڏيان طلب تہ آهي پر هِن ڪهاڻيءَ ۾ اجان ڪجھ وڌيڪ غور ۽ فڪر جي گُنجائش شدت سان محسوس ٿئي ٿي-

”باغ“ڪهاڻي ڳوناڻي زندگيءَ جي نئيڻ جي يادگيرين تي مُبني هڪ پُر احساس ڪهاڻي آهي-جنهن ۾ ماضيءَ جي فطري حسناڪين سان گڏ سنڌ جي ٻهراڙي جي اصولڪي تصوير ڪشي کي پينٽ ڪيو ويو آهي-ڪهاڻي بيانيہ انداز ۾ پنهنجي سيني پاسن کي فوڪس ڪري ٿي ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪهاڻي ڏسيندڙ پنهنجي يادن جي جهروڪن کي سارينڊي جڏهن شهر مان ڳوٺ وري ٿو تہ اُتي سڄو ماحول مَٽيل ۽ اجنبي احساس پيدا ڪندڙ محسوس ٿئيس ٿو- ”پر وقت وڏو شڪاري آهي، سڀ ڪجھ ساڳيو نہ رهندو آهي. جيئن ڳوٺ جنم وٺندا آهن ايئن ڳوٺ مري بہ ويندا آهن. جيڪڏهن اُتان جا ڳوناٽا انهن جي سنڀال نہ ڪن تہ ڳوٺ جڙ يتيم ٿي ويندا آهن. ڳوناڻن جا رَويا ۽ اُتان جو سَياءُ ڳوٺ جا روح هوندا آهن. جڏهن اهي متجي وڃن تہ پوءِ ڳوٺ ويران ٿيڻ لڳندا آهن. “۽ هي جملو بہ غور طلب آهي تہ، ”پلا باغ کي ڪهڙي خبر تہ انهيءَ جو ڏٽي هاڻ متجي ويو آهي. “

ادب ۾ توڙي فڪشن ۾ جيئن مُختلف موضوعن سماج، سياست، پيار، مذهب، فلسفي، تاريخ يا ٻين بہ موضوعن تي لکيو ويو آهي اُتي سائنس فڪشن تي سنڌي ادب ۾ پڻ ڪجھ ضرور لکيو ويو آهي-جيئن قاضي فيض محمد جي ”ٻاويھ سو ٻاويھ“، ”طارق قريشيءَ جي ”صديءَ جو سفر“، زيب سنڌيءَ جي ”آخري ماڻهو“۽”ايڪٽيهين ڊسمبر“ ڪهاڻيون سائنس فڪشن فينٽيسي ۾ سنڌ جي مُستقبل جي عڪاسي ڪن ٿيون-اهڙين ڪهاڻين ۾ سنڌ جي مُستقبل جي جيڪا دنيا تخليق ڪئي وئي آهي اُها تصور جي هڪ اَڇوتي تصوير بڻجي روح ۾ لهي وڃي ٿي-۽ سائنس جي ترقيءَ سان گڏ سنڌ کي سلهاڙي دنيا سان هم قدم پڻ ٿي وڃي ٿي-

هن ڪتاب ۾ اختر حفيظ جون ”ڳالهُ“ ۽ ”3017ع“ ڪهاڻيون پڻ سائنس فڪشن جي نمائندگي ڪن ٿيون-ڪهاڻي ”ڳالهُ“ جنهن ۾ 2030ع جي سنڌ جو دور ڏيکاريو ويو آهي-جنهن ۾ ايندڙ سنڌ جي مُستقبل جي جيڪا ڀيانڪ دنيا جوڙي آهي جيڪا اڄ جي وڌندڙ مذهبي انتها پسندي جي هڪ چِرڪائيندڙ تصوير آهي-جنهن ۾ هر طرف مارا ماري، علم ادب، ڏاهپ، شاعري، فن، فلسفي، موسيقي، حسن توڙي روشنيءَ تي جيڪا بندش جي صورتحال ڏيکاري وئي آهي اُها دراصل اڄ جي اَگهور ننڊ ۾ سُتل سنڌين لاءِ اڳواٽ سُجاڳيءَ جو سَڏ آهي-ليکڪ ڪهاڻيءَ ۾ مُستقبل جي خطري کان آگاهي ڏيندي ڀٽائيءَ جي پيروي ڪندي هِن بيت جي عڪاسي جڻ پنهنجي اندازسان ڪئي آهي ته،

بندر جان ڀِڙِي-ته سُڪاڻيامَ سُمهو،
ڳِپر ٿو ڳُن ڳري، جيئَن ماڻيءَ مَنجهه مَهي،
ايڏو سُور سَهي، ننڊ نه ڳجي نا ڪُڻا!

ڪهاڻي ”3017ع“ سائنس فڪشن ۾ لکيل اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ڌرتيءَ تي وڌندڙ جهالت کان ڀڄي ڪجهه ماڻهو ڌرتيءَ کان دور ڪنهن سياري تي وڃي هڪ دنيا آباد ڪن ٿا-جتي سائنسي ترقيءَ جو هڪ وڏو سفر ڏيکاريو ويو آهي-اُتي موجود هڪ لساني ماهر ڊاڪٽر جان ليوڪ کي خيال اچي ٿو ته ڇونه جنهن ڌرتيءَ کي اسان هزارين سال اڳ ڇڏي هِن سياري تي سائنس جي مدد سان هڪ نئين دنيا اَڏي هئي-اُن ڌرتيءَ تي وڃي اُن جي موجوده صورتحال ڏسجي-ايئن جان ليوڪ سائنس جي ذريعي ڌرتيءَ تي لهي ٿو ۽ اُتان جي تباهه ۽ برباد ٿيل حالت ڏسي ٿو-۽ وقت جي مُختصر عرصي ۾ ڪيس ڪا نه ڪا نئين معلومات پاڻ سان پنهنجي سياري تي کڻي واپس ورڻو آهي-ايئن ڌرتيءَ تي لِڪ ڇُپ ۾ هلندي کيس خبر پوي ٿي ته ڌرتيءَ تي هڪ اهڙو شخص به رهي ٿو جنهن جي ٻولي ڪير به سمجهي نه ٿو سگهي. سو اُهو ٻُڌي جان ليوڪ اُن شخص سان ملي ٿو ۽ ساڻس مُخاطب ٿئي ٿو پر نه هي اُن شخص جي ٻولي سمجهي سگهي ٿو نه ئي اُهو شخص سندس ٻولي ڄاڻي ٿو-ايئن جان ليوڪ اُن شخص جي ٻوليءَ کي پاڻ وٽ ريڪارڊ ڪري ٿو-پر سندس واپسيءَ کان هڪ ڏينهن پهرين اُهو شخص جيڪا نه سمجهه ۾ ايندڙ ٻولي ڳالهائي ٿو مَري وڃي ٿو-۽ جان ليوڪ پنهنجي سياري تي پُهچي نه سمجهه ۾ ايندڙ ٻوليءَ جي پِرولي

سَلڻ لاءِ پنهنجي ليب ۾ اُها سموري ريڪارڊنگ ڪمپيوٽر وسيلي مُنتقل ڪري اُن ٻولي جي آوازن کي جاچيندي اسڪرين تي نمودار ٿيندڙ)

(ريڪارڊ ڏسي حيران ٿي ويجي ٿو. چاڪاڻ تہ اُن ٻوليءَ جي حوالي سان جديد سائنسي ٽيڪنالاجيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ موجود آهي-”جان ليوڪ اُن نتيجي تي پُهچي ٿو تہ اُنهيءَ دور ۾ ”لساني مستري“لساني ماهر لڳا پيا هئا ۽ اُهي اُن ڳالهہ کي وساري ويٺا تہ ٻولي ٽيڪنالاجي نہ پر ماڻهوئي بچائي سگهي ٿو. اُهي لاڳيتو پنهنجي پَر ۾ ٻوليءَ کي موبائيل ۽ ڪمپيوٽر ۾ محفوظ ڪري رهيا هئا. پر ماڻهن کان اها کسي رهيا هئا-۽ هڪ ڏينهن نيٺ اهڙو بہ اچڻو هو جو دنيا ۾ اُها ٻولي ڳالهائيندڙ هڪ ئي ماڻهو وڃي بچيو. جيڪو بہ ڪُجهہ ڏينهن اڳ گُذاري چُڪو هو. “

”وَريل اِن پاليٽڪس“ڪهاڻي دراصل ”وريل جو وهانءُ“جو ٻيو حصو آهي-جنهن جي پهرين حصي ۾ وريل جي شادي جو مسئلو ڏاڍو مُشڪل سان حل ٿيڻ کان پوءِ وري ڪيس شادي ٿيڻ تي افسوس بہ ٿئي ٿو-۽ وري هِن ٻئين حصي ”وَريل اِن پاليٽڪس“ ۾ وريل شادي جي ناڪام تجربي کان پوءِ سياست ۾ ڳوٺ جي ڪجهہ ٻين دوستن سان گڏجي پنهنجي قسمت آزمائي ڪري ٿو-۽ هڪ پارٽي ناهي، ڪانفرنس ڪري ايندڙ چونڊن ۾ ڪونسلر جي لاءِ چونڊ وڙهي ٿو-چونڊ ڪٽڻ تي هُو هڪ شيرواني سِبرائي ٿو تہ جيئن هُو چونڊ ۾ ڪٽي اچڻ تي اُها شيرواني پائيندو-پر اليڪشن ۾ هُو هارائي وڃي ٿو ۽ دل شڪستہ ٿي ڪاوڙ ۾ اُها شيرواني ڪٽي ڪمري جي دريءَ مان ٻاهر اُڇلائي ڇڏي ٿو-

صبح جو جڏهن هُو ٻاهر نڪري ٿو تہ اُها ساڳي شيرواني هڪ فقير کي پاتل ڏسي ٿو-

ڪهاڻيءَ جي اهڙي پلوڙ پُڄاڻي گهڻا سوال ڇڏي وڃي ٿي-۽ اُن سان گڏ اِهو پيغام بہ ڇڏي ڏيندي هجي تہ ”فقيريءَ ۾ ئي بادشاهي لِڪل آهي“

”چنڊ لهي ويو“ڪهاڻي جاگيردارڻي سماج جي روايتي انساني قيد ۾ ساڙس ٿيندڙ ظلمن جي عڪاسي ڪري ٿي-جنهن ۾ هڪ وڏي ڪوٺ ۾ ڪوڙ سارا هاري گهراڻا وڏيري جي ورتل قرض جا قيدي بڻجي اُتي ٻنيءَ تي هارپو ڪندي ۽ قرض لاهيندي مرڻ جهڙو جيئن ٿا. پر ڏينهن رات جي جفاڪشين کان پوءِ بہ وڏيري جي قيد مان رهائي سندن مُشڪل کان مُشڪل ٿيندي ٿي وڃي-اهڙيءَ ماحول ۾ راجي جيڪا ڪيشوءَ جي زال آهي اُها اُن قيد ۾ پيٽ سان

ٿئي ٿي تہ مَنجهن اِها اُميد ڳر ڪٽي من ۾ جاڳي پوين ٿي تہ اسان جو ايندڙ نندڙو ٻار ضرور ياڳ وارو هوندو ۽ اسان هي قرض لاهي ساٽس آزاديءَ واري زندگي گذاريندا سين-اُن آس ۾ قيد ۾ پورهيو ڪندي راجيءَ جا ڏينهن پرجي اچن ٿا ۽ هڪ ڏينهن ڪوٺ ۾ راجيءَ کي تڪليف ٿي پوي ٿي-جنهن تي ڪيشوءَ کي ٻنيءَ تي خبر پوي ٿي تہ هُو ڪم اَڌ ۾ ڇڏي ڪوٺ ۾ اچي ٿو پر ٻيون مايون ڪيس ڏَسين ٿيون تہ اجان ويم ٿيڻ ۾ هڪ اَڌ ڏينهن لڳندو ۽ هاڻ راجي ٺيڪ آهي-پر ڪيشو اُن ڏينهن وري واپس ٻنيءَ تي نٿو وڃي ۽ ڪجهہ ئي گهڙين ۾ وڏيرو پنهنجن چاڙتن سان ڪوٺ ۾ اچي ڪيشوءَ کي مارڪُٽ ڪري ٿو تہ تون ڪم چور آهين ۽ تو وارو قرض تنهنجو پيءُ لاهيندو ڇا؟-ڪيشوءَ کي وڏيري جي ظالمانا مارڪٽ تي راجي مُڙس کي بَچائڻ لاءِ وچ ۾ اچي ٿي-تہ پُنيان ڪير ڪيس ڌڪو ڏئي ٿو تہ هوءَ پيٽ ڀَر وڃي ڪري ٿي ۽ سندس حَمل ضايع ٿي وڃيس ٿو-اهڙيءَ طرح هڪ هاڻءُ ڏاريندڙ درد دل کي لرزائي وجهي ٿو-

”ڪوئن جو لشڪر“هڪ ڳوٺ جي ڪهاڻي آهي-جنهن ۾ هڪ ڪردار جيڪو پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني ٻُڌائي ٿو-تہ ڪيئن نہ ڳوٺ ۾ زندگي پنهنجي فطري حسناڪين سان پنهنجي معمول تحت گذري پئي جو ڪهاڻي ٻُڌائيندڙ پنهنجي فصل لهڻ جو انتظار ڪري رهيو آهي جو اُتي هڪ عجيب واقعو رونما ٿئي ٿو-ٿئي ڇا ٿو جو فصلن ۾ ڪوئن جا لشڪر الائي ڪٿان اچي مٿن حملو ڪن ٿا-مُک ڪردار جي گهر-مال جي واڙي ۽ ٻنيءَ تي ڪوئن جي فوج ڏينهون ڏينهن وڌندي ٿي وڃي-هُو پريشان آهي تہ هاڻ هي ڪوئن کي ڪيئن ختم ڪري. مُختلف حربا استعمال ڪري ٿو پر جيترا ڪوئا مَرن ٿا اُن کان وڌيڪ ٻيا ڪوئا مئل ڪوئن جي جاءِ اچي ولارين ٿا-”وقت گذرڻ سان اُهي ڪوئا مَچي مواڙ تي وڃن ٿا-پر جڏهن سڀ ڪجهہ ختم ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ اُهي ڪوئا بہ هوريان هوريان گهٽبا ختم ٿيندا وڃن ٿا-ڇاڪاڻ جو جڏهن اُتي ڪجهہ بہ نہ بچي ٿو تہ پوءِ اُهي ڪوئا هڪ ٻئي تي حملا ڪري پاڻ کي کائڻ لڳن ٿا-ايئن اُهي ڪوئا ختم ٿي وڃن ٿا ۽ برباد ٿيل ڳوٺ وري آباد ٿي وڃي ٿو.“

ڪوئن جي پس منظر ۾ هي علامت نگاريءَ جو انداز البرٽ ڪامئو جي نوبل ايوارڊ يافتہ مشهور ناول ”پليگ“جي ياد ڏياري ڇڏي ٿو-

ان ڪانسواءِ”ميران جي ڪهاڻي“، ”تنها مُسافت“، ”سار“ ڪهاڻيون پيار محبت، اڪيلائين، ويڇوڙن جي ڪيفيتن جي عڪاسي ڪندڙ نيڪ ناڪ

ڪهاڻيون آهن-جڏهن تہ ”خوشگوار پل“ دل کي ڇُهندڙ۽ دل ۾ هڪ مِٺو مِٺو درد پيدا ڪندڙ ڪهاڻي آهي-

”آبي مارشلا“ ڪهاڻي پاڻيءَ جي کوٽ ۽ پاڻيءَ تي سموري جياپي جي عڪاسي ڪري ٿي-پاڻيءَ جي کوٽ ڪارڻ سماجي قدرن جي بحالي جو بُنياد پڻ پاڻيءَ کي بڻايو ويو آهي-پاڻيءَ جي ورهاست ۾ رياست جون سياسي چال بازيون مُستقبل ۾ اجان بہ انساني زندگيءَ لاءِ نوان پر ڀيانڪ قانون ۽ قاعده جوڙيندي هر شيءِ جو جواز پاڻيءَ جي آڌار تي رکن ٿيون-اهڙي دل ڏهڪائي ڇڏيندڙ دور کي هِن ڪهاڻيءَ ۾ فڪشنائيزڊ ڪري ليکڪ سنڌي ڪهاڻيءَ جي موضوعاتي دنيا ۾ هڪ وڏيڪ قدم اڳتي کڻندي نظر اچي ٿو-

هن ڪهاڻيءَ ۾ تهذيبي تبديليءَ جا ڪارڻ پڻ مُستقبل ۾ پاڻي جي بنياد تي بيهاريل ڏيکاريا ويا آهن-جيئن اردو جي ناامياري ليکڪ مُستنصر حُسين تارڙ پنهنجي هڪ شاندار ناول ”بهاءُ“ (وهڪري) ۾ درياهي وهڪرن جي مَتجڻ سان انساني وسنديون ويران ٿيندي ڏيکاري ٿو ۽ وري انهن وهڪرن جي ڪنڌين جي ڳولا ڪندي يا وري ساڳين وهڪرن جي انتظار ۾ ڪيئن نہ پاڻي جي هڪ بوند ڪارڻ بدحاليءَ واري جياپي جي منظرن جي عڪاسي ڪندي ڪيئن نہ هڪ دل ڏهڪائي ڇڏيندڙ ماحول جي اُٽت ڪري ٿو.

يا هِن ڪهاڻيءَ جي موضوعي دنيا کي ڏسي مون کي هڪ انگلش مووي ”واٽر وار“ پڻ ياد اچي وڃي ٿي جنهن ۾ مُستقبل ۾ پاڻيءَ تي جنگين جا جيڪي انديشا يا اڳڪٿيون کيل ڏيکاريون ويون آهن اُهي ڏسي ماڻهو حيران ۽ پريشان ٿي وڃي ٿو-

مجموعي طور تي اختر حفيظ جي ڪهاڻين جو هي مجموعو ”تيھ منٽ“ -سنڌي ادب ۾ نئين جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو ڏَس ڏئي ٿو-ڪهاڻين جي مُختلف سفر ۾ اختر حفيظ ڪَڙڇَڙ رستن تي هلندي جي ڪٿي ٿِڙيون ۽ ٿاٻڙيون بہ آهي تہ هُن وري ڪُجھ وکون مضبوط ۽ اڳتي وڌندڙ سِڌيون ۽ سَنواٽيون بہ کنيون آهن-جيڪي پنهنجي پنڌ جو نئون اسڪيچ جوڙي اهو ثابت ڪن ٿيون تہ اختر حفيظ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ضرور ڪو غير معمولي ڪارنامو سر انجام ڏيندو.

13/6/2020

# ڪاري ڏاڳي ۾ ٻڌل ڳاڙهو پٽڙ!

انساني سوچ سمجهه، فهم توڙي فڪر جڏهن صدين جو سفر ڪري لوڪ ڏاهپ جو روپ وٺندي آهي ته انساني تهذيب پنهنجي اظهار جا نوان نوان پيچرا تخليق ڪرڻ لڳندي آهي. ڪنهن به تهذيب جو بنيادي عنصر ٻولي ئي هوندي آهي. ٻولي جيڪا، جڏهن اکرن جي صورت ماڻيندي آهي ته پوءِ اُن تهذيب جا سيئي روپ ۽ رنگ هڪ نئين تاريخ جو آغاز ڪندا آهن. لفظ، ماڻهوءَ جي من جي گونگي دنيا جو آواز بڻجي ڪيس اظهار جي سگهه عطا ڪندا آهن. اظهار جي سگهه لوڪ ڏاهپ جو سفر ڪري جڏهن تحريري صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي ته اُن کي ادب جي زمري ۾ شمار ڪبو آهي. ادب گهڻ رُخي دنيا جو نالو آهي. جيڪو ڌرتيءَ جي هڪ سرحد مان اُڪري علمگيريت جي روپ ۾ جڏهن عيان ٿيندو آهي ته هر انسان اُن جي هُڳاءُ کي پنهنجي اندر جي خوشبو محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. قوميت ۽ بين القواميت پاڻ ۾ رَلمِل ٿي سرحدن جون لڪيرون مٽائي اُنهن کي ڌرتيءَ مٿان آسمان جيان پکيڙي ڇڏينديون آهن.

سنڌي ادب به پنهنجي ارتقائي سفر جا ڪوڙ سارا رنگ ۽ ڍنگ ڪٽي اڄوڪي جديد ادب تائين ڪيترين ئي مُسافتن جا تجربا پاڻ ۾ سمائي، نَوَن رَوين توڙي زاوين جا سُندر سلسلا جوڙي ڇڏيا آهن. سنڌي ادب جنهن جي تحريري شروعات اَساسي شاعريءَ جي پندرهين صدي کان ملي ٿي. جن ۾ قاضي قاڌن، ميون شاهه عنايت، شاهه ڪريم بلڙيءَ وارو، لُطف الله شاهه قادري ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان ٿئي ٿي پر اُن کان اڳ توڙي پوءِ لوڪ ادب جي صورت ۾ ڪلاسيڪل ادب پڻ پنهنجي اهميت ۽ افاديت جو پاڻ ڀرپور حوالو آهي. اُنهن ۾ شاعري، قصا، آکاڻيون اڄ جي جديد سنڌي ادب جو مضبوط بنياد فراهم ڪن ٿيون. سنڌي ادب ۾ قصن ۽ آکاڻين جي جديد صورت ڪهاڻي، افساني، ناوليٽ، ناول يا اڄان به جديد ادب ۾ فليش ۽ مائيڪرو ڪهاڻين وغيره جي روپ ۾ موجود آهي. ناول دراصل ڪهاڻي يا افساني جي هڪ سُڌريل ۽ طويل صورت آهي. جنهن ۾ هر موضوع توڙي مواد لاءِ گُنجائش رهي ٿي پر شرط

آهي ته اُنهن ۾ ڪهاڻي پڙهويا اُنهن کي فڪشنائزڊ ڪرڻ جو جادوئي انداز هُجڻ بنهه ضروري آهي. ڪنهن به موضوع ۽ مواد جي اٽت اهڙي ته شاندار ۽ مُنفرد انداز سان ڪئي وڃي جو اُهو قصو يا ڪهاڻي ليکڪ جي قلم جي ڪرشمي سان هڪ نئين زندگي ماڻي وٺي. ڪهاڻي يا ناول ۾ اهڙي سگهاري فني قدرت گهٽ ليکڪن جو مقدر بڻبي آهي. پر تجربو ڪرڻ پڻ اُن قدرت کي حاصل ڪرڻ جي هڪ اهڙي جُستجو هوندي آهي، جنهن جي بنياد تي ڪميٽيڊ ليکڪ پنهنجي تخليقي قوت سان نئين ڏِسائن جا ڏَس به ماڻي وٺندو آهي.

نوجوان ناولنگار ڪليم ٻُٽ جو پهريون تجرباتي ناول سنڌ جي قومي هيرو "راجا ڏاهر"جي تاريخي پس منظر ۾ لکيل هو. اهو ناول 86 صفحن تي مُشتمل هو. جيڪو جنوري 2015ع ۾ نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران ڇپرايو ويو هو. ٻن سالن جي وقفي  کان پوءِ يعنيٰ جُون2017ع ۾ ساڳي اداري پاران ڪليم جا لاڳيتو ٽي ناول "آزاديءَ جي اُپٽار"، "وطن جن وساريو" ۽"مَري ٿيا نه مات" پڻ ڇپرايا ويا. جن تي مون تازو ئي ڇئني ناولن تي"چار ناول، چار ڳالهيون"جي عنوان سان هڪ تنقيدي مضمون لکيو آهي. اتفاق اِهو به ٿيو جو مُطالعي جي سفر ۾ مون ڪليم جو پنجون ناول"راءِ ڏياچ" جيڪو ڪويتا پبليڪيشن حيد آباد پاران ڇپيل هو، اُهو مان اڳ ئي پڙهي چُڪو هُئس. جنهن جي ليکڪ جونالو ذهن تان لهي ويو هو. جيڪو مون کي وٽيو پڻ هُيو. اُن ڪري ڪليم جي اُن ناول"راءِ ڏياچ"کي وري هڪ دفعو نظر مان ڪڍي ليکڪ جي تخليقي سفر ۾ آيل پختگيءَ کان پوءِ اُن ناول جو جيڪو حق محسوس ڪيان پيو اُهو حق ادبي ديانتداريءَ سان ليکڪ توڙي پڙهندڙ تائين رسائڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان.

اِها هڪ تمام سُٺي ڳالهه آهي ته هڪ نوجوان ليکڪ پنهنجي اظهار لاءِ ناول جي ڏُکي صِنف جي چونڊ ڪري نه رڳو اُن ۾ لکيو آهي پر اهو ناولن جي صورت ۾ ڪتابي شڪل ۾ پڻ آندو ويو آهي. توڙي جو ڪليم جا اِهي چارئي ادبي تجربا سندس معصوم من ۾ موجود ليکڪ جا چار خواب آهن جيڪي هُن وڏي پيار سان ننڊ ۾ توڙي جاڳ ۾ لکي ورتا آهن ۽ جيڪي ادبي تَڪ تور واري عمل ۾ تنقيد جي تلوار جو ڪاچ به ٿيا آهن. پر اِهو سڀ ادبي اصولن جي پيروي ڪندي ايئن ڪرڻ بِنهه ضروري به ٿئي ٿو. پر اڄ وري جڏهن ڪليم جي پيار

جي پنجين موسم جهڙي سُريلي مُرڪ نُما ناول ڪي مون وري پڙهيو آهي تہ آءُ پاڻ تخيل جي لهرن ۾ خوشبو خوشبو تي تحليل ٿي ويو آهيان.

ڪليم ٻُٽ جو هي ناول "راءِ ڏياچ" ٽن حصن "سرڳ"، "سنڌ" ۽ "سُر" تي مُشتمل آهي.

پهرين حصي "سرڳ" ۾ جيئن ئي گوڙ ٿئي ٿو تہ سرڳ ديوتا ڇرڪي اُٿي پوي ٿو. راڪشس سرڳ ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا. سرڳ تي اُهو ڪو پهريون حملو ناهي پر اُن کان اڳ بہ هڪ اک ۽ ٻاڙهي وات وارو ديوقامت منوراڪشس پنهنجي ٽولي سان حملا ڪري چُڪو آهي. جيڪي حملا سرڳ جي ستن دروازن جي رکوالي رائچي، مور جي کنڀ سان ڪئين ڀيرا ناڪام ڪري کين ڀڄائي ڇڏي ٿو. منوراڪشس جي جسم تي ڪنهن بہ وار جو اثر نہ ٿيندو آهي. سواءِ سندس وچ نراڙ تي ٻاڙهي نازڪ اک جي. جنهن سان جڏهن بہ ڪا شيءِ ٽڪرائبي آهي تہ اُهو راڪشس ٽيهن سالن تائين بيهوش ٿي ويندو آهي. پر هن دفعي منوراڪشس پنهنجي ٽولي سان اوچتو سرڳ جا در ٽپي اچي اندر داخل ٿي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ "ڪجهہ گهڙيون اڳ جڏهن سرڳ جو در کُلي ٿو ۽ اُن مان سُريلن سُرن جو آواز اچي ٿو تہ رائچي جو من اُنهن سُرن تي بي قابو ٿي، دماغ بدران دل جي ٻالهہ مڃي اُنهن سُرن جي تعاقب ۾ سرڳ جا دروازا ڇڏي اندر داخل ٿئي ٿو" تہ پُٺيان منوراڪشس سرڳ تي حملو ڪري ڏئي ٿو. ۽ وڏي ڀڃ ڊاهہ ڪري ٿو. پر رائچي سُرن جي جادوءَ ۾ مَنٻجي اُنهن جي پوئيان هڪ نديءَ جي ڪناري وڃي پُهچي ٿو. جتي هڪ بي حد خوبصورت گوپي ڪِلندي، پاڻيءَ ۾ پير پسائي رهي هوندي آهي. اُها سرڳ جي ديوتا جي سُندر ديوي "سيسي" هوندي آهي. اهڙيءَ طرح رائچي جي سرڳ جي ذميواري ۾ ڪوتاهي تي ٿيل حملي ڪاڻ سرڳ ديوتا، رائچيءَ کي سزا طور سرڳ مان نيڪالي ڏئي ڌرتيءَ تي موڪلي ٿو.

ناول جو پهريون حصو جيڪو هندي مٿ جي تصوراتي دنيا جي رنگ ۾ تخليق ٿيل آهي اُن ۾ ليکڪ وڏي فني مهارت سان منظر نگاري ۽ ڪردار نگاري جو هڪ بهترين پورٽريٽ جوڙيو آهي. ۽ سُر جي صدا تي سزا پائي سرڳ بدر ٿيل رائچي جو ڪردار آفاقي حيثيت جو حامل محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. اُن کان اعلاوه ليکڪ جيڪا ڏند ڪٿا جي مزاج مُطابق ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي اُهو پڻ اُن سموري ماحول سان ٺهڪي اچي ٿو.

ناول جي ٻين حصي "سنڌ" ۾ هوريان هوريان رائچي اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪيس ايئن لڳي ٿو ڄڻ وري سيسي ديويءَ جا سُرن ڀريا ٿهڪ سندس ڪنن سان ٽڪرائجندا هُجن. ڪيس ايئن لڳي ٿو ڄڻ سرڳ جي سينگار نديءَ جي ڪناري تي ليٽل هُجي. نديءَ ڪناري رائچيءَ کي پاڻيءَ ۾ هڪ اڌ ننگو مَنش(جوڳي بابا) نظر اچي ٿو. جيڪو ويدن مان هڪ ويد سنڌو جي مانُ ۾ شانُ ۾ پڙهندي تپسيا ڪري رهيو آهي. اُتي ئي رائچي کي جوان جماڻ حسين ناري ڪلپنا ملي ٿي.

۽ جوڳي بابا رائچيءَ کي ڏسندي ڇپن ۾ ٻُڙڪي ٿو ته "سنڌ ۽سنڌو کي راڪشسن کان آزادي ملندي. "

هن ناول جي حصي ۾ 455ق. م جو زمانو ڏيکاريو ويو آهي. جنهن دور ۾ سنڌ ايراني تسلط هيٺ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئي ۽ ايراني سسائي حڪمرانن جي قبضي هيٺ اچي ايراني سلطنت جو ويهون صوبو بڻيل هئي. جڏهن ايراني ظالم حڪمرانن بلاوز ۽ سندس پٽ نوروز جهڙا وحشي قسم جا جابر سنڌ ۽ سنڌي قوم تي پنهنجي پوري طاقت سان قابض هئا. تڏهن جي سنڌ جي تاريخي، اوائلي دور جي منظر نگاري توڙي ڪردارنگاري هِن ناول ۾ تخليق ڪئي وئي آهي اُها ڏاڍي جاندار ۽ ڪهاڻي پڻي سان سلهاڙجي تاريخ جي اُن دور توڙي ڪردارن کي نئون جيئدان بخشي ٿي. سڪراج(اڇوڪو سکر)، اروڙ، ايرني حاڪم اوتا جان مهراج، قديم مذهبي تهوار، تتاگتا جي رک واري سوني دَٻلي، مهاتما گوتم ٻُڌ جوتُل، ڪلپنا جو مڱيندو پيرو، (جيڪو ئي رائچيءَ کي راءِ ڏياچ جي نالي سان مُخاطب ٿئي ٿو.)فارس جو مَڪار سپاهي فروج، سڪراج جو نگهبان سارنگ، وغيره هِن حصي جا اهڙا ڪردار آهن جيڪي ناول کي نوان رُخ ڏئي ڏاڍي بي ساختگيءَ سان اڳتي ڪڍي هلن ٿا.

حصي ٻين ۾ سورٺ ڇرڪ ڀري اُٿي ٿي ته هر طرف موت جهڙي ماٺار ۽ قبر جهڙي اُونداهي ڦهليل آهي. سورٺ ڪمري جي دريءَ مان سنڌوءَ کي ڏسي ٿي. سندس اندر جيان سنڌوءَ جون ڇوليون پڻ بيقرار محسوس ٿينس ٿيون.

ليڪڪ اِتي سورٺ جي پيءُ راجا سنگهار، جيڪو ايرانين جي قبضي کان اڳ آزاد سنڌ جو حڪمران آهي. تنهن وقت راجا جي پٽني رتنا پيٽ سان ٿئي ٿي. ته راجا جي دربار جو خاص جوتشي پيمو ستارن جي چال ڏسي راجا سنگهار کي ٻُڌائي ٿو ته، "ايندڙ ڪجھ سالن ۾ سنڌ تي ايرانين جو قبضو ٿي

ويندو. جنگ ٿيندي ۽ سنڌ واسين جي هار ٿيندي. “اُن پيشنگوئي دوران درٻارين جي ڪنن تي نئين ڄاول ٻار جي روئڻ جو آواز پئي ٿو. تہ جوتشي اکيون بند ڪري حساب ڪندي ٻڌائي ٿو تہ، ”جيسيتائين هي نئون ڄاول ٻار زنده رهندو اوسيتائين سنڌ جي آزاديءَ جي اُميد زنده رهندي. “اُن ڪان پوءِ وڌندڙ جنگي صورتحال ۾ راجا پنهنجي ڄاول ڌيءُ سورٺ سنڌ جي شاهي فوج جي سپهہ سالار ۽ سارنگ جي پيءُ سڄاول جي حوالي ڪري ٿو.

اُها سال458ق. م جي هڪ ڪاري طوفاني رات آهي جو سنڌو سالن ڪان پوءِ وري بيقرار ٿي وهي ٿي ۽ ستن سالن جي سورٺ پنهنجي خواب مان ڇرڪ ڀري اُٿي پئي ٿي. سورٺ خواب ۾ پاڻ کي ڪنهن ٻيلي ۾ ڀڄندي ڏسي ٿي ۽ خونخوار جانور سندس پويان ڀڄندا اچن ٿا پر ڪا غيبي قوت ڪيس اُنهن ڪان بچائي وٺي ٿي. اُن ئي سال ايراني لشڪر سنڌ تي حملو ڪري ٿو. سڄاول پنهنجي وَني وَنتي، ٻارنهن سالن جي پُٽ سارنگ کي تاڪيد ڪري ٿو تہ هُو سورٺ کي وٺي گُجهي رستي ذريعي نڪري ڪنهن محفوظ هنڌ هليا وڃن. پُٺيان ايرانين سان وڙهندي سڄاول ۽ ٻيا شهيد ٿي وڃن ٿا. هڪ ٻيري جڏهن سورٺ نديءَ جون لهرون ڏسي رهي هوندي آهي تہ سارنگ هُن کي راءِ ڏياچ جي بهادري جو قصو ٻڌائيندو آهي. جيڪو ڪجهہ ڏينهن اڳ راءِ ڏياچ ڪلپنا جي عزت بچائيندي هڪ ايراني سپاهي کي وڙهندي ماري ڇڏيندو آهي. ايئن سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي ڪهاڻيءَ جي فني اڻت ڪندي ليکڪ ناول جي اهم ڪردارن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو.

حصي ٽئين ۾ ناول جي ڪهاڻي مُختلف مَرحلن مان گُذرندي، نوان موڙ مُڙندي، پنهنجي آرتسٽڪ تسلسل سان پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ گڏ وٺي هلي ٿي. هِن حصي ۾ سنڌ ۾ فصل لهڻ تي ”هجما جي رقص“جي منظر جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. ۽ نون ڪردارن ۾ ڪالو، ناسوءِ سندن ماءُ پيما، ايراني نائيب ڪمانوس، اڪميديا، نرمانا، مارون، پونگر، ليڪراج مهاراج وغيره ناول جي ڪهاڻيءَ مان بي ساختہ خواب جيان عيان ٿيڻ لڳن ٿا. ديس جي بهادر ڪردارن جي وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۽ ايراني ديس دروهين جي ظلمت ۽ عياشين جا منظر سموري تاريخ کي فڪشنائيزڊ ڪندي پڙهندڙ جي ذهن ۾ چٽو ڪري پيش ڪرڻ وارو هُنر ڏاڍو دلچسپ آهي. هڪ منظر ۾ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي مُلاقات دوران ڪيل ڳالهہ ٻولهہ هيئن ٿئي ٿي.

”سنڌ هڪ ڏينهن ضرور هڪ عظيم سلطنت ٿيندي. “راءِ ڏياچ سورٺ جي سونهن جو جام پريندي چئي ٿو. سورٺ جي مُنهن تي پُرسڪون مُرڪ اچي وڃي ٿي. ٻنهي جون نظرون هڪ ٻئي سان ملن ٿيون.

”ڪئي ورهين تائين سنڌ واسي هڪ ٻئي کي سورٺ راءِ ڏياچ جا قصا ٻڌائيندا رهندا. “ راءِ ڏياچ سورٺ ڏانهن هٿ وڌائيندي چئي ٿو. سورٺ پنهنجو نرم ۽ سنهڙو هٿ هُن جي هٿ ۾ ڏيندي چئي ٿي:

”انهن قصن ۾ خوشحال سنڌ جو به ذڪر هوندو. “

”۽ محبت جي عظمت جو به“ راءِ ڏياچ چئي ٿو.

سورٺ پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتل”ڪاري ڌاڳي ۾ ٻڌل ڳاڙهو پٿر“لاهي راءِ ڏياچ جي ترئيءَ تي رکندي چوي ٿي:”منهنجي امان هي پٿر مون کي ڏيندي چيو هو ته هِن پٿر جي ڪري ديوين، ديوتائن جي ڪِرپا هميشه سنڌ مٿان رهندي. گذريل ويهن سالن کان ايراني هِن پٿر کي ڳولي رهيا آهن“!

اهڙيءَ طرح هِن ناول جو ٻيو ڀاڱو ”سنڌ“تاريخي تناظر ۾ سنڌ جي ڏند ڪٿائن، ريتن، رسمن، وطن سان اُڪير جي جذبن، سونهن توڙي سوڀيا، عشق توڙي اقرار جي گڏيل رنگن سان سلهاڙجي، سنڌ ايراني تسلط کان آزادي ماڻي هڪ آزاد سلطنت بڻجي وڃي ٿي.

ناول جو ٽيون ڀاڱو”سُر“جيڪو آزاد سنڌ جي مهاراجا راءِ ڏياچ جي بادشاهي، سُر سان فطري بي انتها لڱاءُ جي پس منظر ۾ آهي-جنهن ۾ ٻيا به ڪردار اچي وڃن ٿا. جن ۾ سارنگ کي ليڪراج بابا چئي ٿو ته تون ڪلپنا ديويءَ تائين منهنجو هڪ نياپو پهچائي، جنهن تحت ڪلپنا ۽ ويرو کي جيڪو ٻار پيدا ٿيندو اُهو مهاراجا راءِ ڏياچ جي موت جو ڪارڻ بڻجندو. ”اسان جي علم موجب ڪلپنا ديوي هڪ پُٽ کي جنم ڏيندي جيڪو اڳتي هلي سُر ۽ سنگيت ۾ مهارت حاصل ڪندو. ۽ اُن جي سُر تي مهاراجا پنهنجو سِرُ ڏيندو. سياڻي صبح تائين ڪلپنا ديويءَ جو ويم ٿي ويندو. جيڪڏهن اُهو ٻار زنده رهيو ته هر پل مهاراجا جي زندگيءَ کي خطرو رهندو. “سارنگ پنهنجي گهر پُهچي، پنهنجي وَني وردا کي ڪلپنا ديوي تائين نياپو رسائڻ لاءِ موڪلي ٿو. اهڙي طرح اُن وچ ۾ ڪير مندر ۾ ليڪراج بابا جو قتل ڪري ڇڏي ٿو. هوڏانهن جڏهن ويرو ۽ ڪلپنا کي وردا نياپو ڏئي ٿي ته ٻئي پريشان ٿي وڃن ٿا ۽ راءِ ڏياچ

سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏيندي ڇاول ننيڙي ٻار کي رات جي اُونداھيءَ ۾ پيتي ۾ وجھي سنڌوءَ جي لھرن ۾ ڇڏي ڏين ٿا.

ناول جي ٽئين حصي ۾ ”سُر“ جي ٻئين حصي ۾ شامو سنڌوءَ جي لھرن ۾ ھڪ پيتي ترندي ڏسي ٿو. اُن کي ڪناري تي آڻي جڏھن کولي ٿو تہ اُن ۾ ھڪ ننڍڙو ٻار ڏسي شامو ۽ رئي ڪناري تي ڪپڙا ڌوئيندڙ ڌقاڪان کي سڏ ڪري ٻار جو ٻُڌائي ٿو. ۽ پوءِ اُھي اُن ٻار کي پيار سان پالين ٿا.

ھي ڪلاسيڪل قصو شاھ سائين پنھنجي شاعريءَ ۾ وڏي فڪر ۽ فھم جي روشنيءَ ۾ اھڙو تہ سرجيو آھي جو اُن شاعراڻي انداز سورٺ راءِ ڏياچ جي ڏند ڪٿائي قصي کي تصور جي آڪاس تان لاھي ڌرتيءَ جي حقيقت ۾ زم ڪري اُن کي اھڙي امرتا بخشي ڇڏي آھي، جو وقت جي ڪا بہ فنا ڪيس ختم نہ ٿي ڪري سگھي. اُن ئي شاندار سنڌ جي ڏند ڪٿا توڙي لوڪ ڏاھپ کي ڪليم ناول جي پيرائي ۾ جنھن نموني اُٽت ڪري پيش ڪيو آھي اُھو بہ سنڌ جي نئين ادبي تاريخ جو ھڪ سُنو تجربو چئي سگھجي ٿو.

ناول جو ھي ٽيون ڀاڱو ”سُر“ پنھنجن ٻين ڀاڱن جي تسلسل سان اڳتي وڌندي نيٺ ستين ۽ آخري حصي تي پھچي ٿو، جتي اُن جي پڄاڻيءَ جي دکدائڪ موڙ تي سُر تي سِر ڏيڻ جو مُنفرد ۽ تاريخي مثال مُرڪي پوي ٿو.

”جنھن ۾ صبح جي پھرين پھر ڪان ئي ٻيجل، ٻيجلي (ڪينرو) وڄائڻ شروع ڪري ٿو. اُنھن ئي سُرن تي راءِ ڏياچ جي اک کُلي پئي ٿي. ٻيجل جو سُر ٻُڌي راءِ ڏياچ جي مُنھن تي مُرڪ اچي وڃي ٿي. سندس ذھن تي ٻيجل جو سُر سَوار ٿي وڃي ٿو. سُر زندگي آھي سُر محبت آھي. روح ۽ جسم جي ميلاپ جو نالو سُر آھي. اِھو سُر ئي آھي جنھن تي فدا ٿي روح مٽيءَ جي بوتي ۾ داخل ٿيو ۽ اُھو بوتو انسان ٿي پيو. سُر شروعات آھي ۽ سُر ئي اَنت آھي. “ايئن ھي ناول پنھنجو حسين تاثر ڇڏيندي منطقي انجام تي پھچي ٿو......!

18/6/20

# اڪيلائن جي سوڳ جو ڪارو غلاف

سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جو سفر تاريخي مرحلا طيءِ ڪندو اڄ جڏهن جديد دور ۾ داخل ٿي ڪري، پنهنجي تسلسل جي ڪهاڻيءَ تي نِگاهه وجهي ٿو ته ڪيترائي سنگِ ميل سندس واجهه ۽ ويجهه ۾ محوِ سفر ڏِسجن ٿا. جن تي مُختلف نالن جي سُڃاڻپ جا حوالا، چنڊ جيئن چانڊوڪي ڪندي نظر اچن ٿا. تِن جي سُهائيءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي ڪاڪ سدائين پئي ڪِڪوربي رهي آهي. جن ۾ مومل جي مجاز جا ماڻا، سسئيءَ جي سورن جا سُڏڪا، سُهڻيءَ جي عشق جون اَرڏايون، نوريءَ جي نينهن جون نماڻايون، مارئيءَ جي لوئيءَ جي لڄَ، ڪان ويندي اڄ جي دور تائين جا سڀ رنگ، پنهنجي رنگينيءَ سان نروار پئي ٿيندا رهيا آهن. اهڙيءَ طرح اُنهن رنگن مان اوچتو ئي اوچتو هڪ ڪهاڻيڪار پنهنجا رنگ، ڍنگ، نقش ۽ نگار کڻي سنڌي ڪهاڻيءَ جي آڪاس تي وِهائو تاري جيئن کِڙي پيو آهي. جنهن سنڌي ادب جي آغوش ۾ ٽي ڪهاڻين جا ڪتاب، "پکين جو وطن"، "وجود جا عذاب"، ۽ هاڻي تازو نئن آيل ڪهاڻين جومجموعو "متيءَ جو عشق" احترام وِچان رکيا آهن. جن جي تخليقي سگهه، سحر ۽ هڪ خاص سُڃاڻپ تحت هُن اسان سينيءَ جوپاڻ ڏانهن مُڪمل ڌيان ڇڪايو آهي. جنهن کي محمد صديق منگيي جي نالي سان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ماڻ ۽ شان واري مڃتا حاصل ٿي چُڪي آهي، جيڪو هڪ پرپور ڪهاڻيڪار جي حيثيت ماڻي اسان جي سامهون آيو آهي. هڪ اهڙي حيثيت جيڪا تمام گهڻ ڪهاڻيڪارن کي پلئه پوندي آهي. ۽ اُها به مُختصر عرصي ۾. ڇاڪاڻ جو ڪلهه ڪلهوڻي ئي ته ڳالهه آهي جو صديق منگيو تاريخ، تحقيق، صحافت ۽ شاعريءَ جي راهن تي پنهنجي شناخت جي جُستجوءَ ۾ سرگردان هُيو جو اڇانڪ سندس اندر جي دور دراز ڪنهن ڪُنڊ مان غمن جي گهاٽن ۽ گهرن ڪرن کي چيري تخليقي ڪهاڻيڪار چنڊ جيان اُڀري، سندس وجود جي عذابن تي آڻت جا نفيس پها رکندي دريافت ٿيو هُيو ته هڪ

نئين سنڌي ڪهاڻي ڪتين جيئن ڳر موڙي جاڳي پئي هُئي. ٻاج سندس ٽئين ڪهاڻين جي ڪتاب کي پڙهندي سندس ڪهاڻين تي بي ساخته پيار اچي وڃي ٿو. ”مٽيءَ جو عشق“ ويهن ڪهاڻين جو هڪ زبردست ڪهاڻي ڪتاب آهي. جنهن جي مُطالعي جو سفر روح کي راحت ۽ دل کي سُڪون پُهچائي ٿو. اُن ڪري ٻه جو صديق منگيو انتهائي باريڪ بين ڪٿاڪار آهي. هُو سماج جي سُنايِن توڙي بُراين جي تمام گهرائيءَ سان اوڪ ڊوڪ ڪري ٿو. ۽ ماڻهوءَ جي اندر ۾ جهاتي پائي سگهڻ جي ڀرپور سگهه پڻ رکي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو هُن جون ڪهاڻيون سنڌي سماج جون آئينه دار آهن. موضوعن جي چونڊ، مواد ۽ اُنهن سان ڀرپور نياءُ سندس ڪهاڻي پٽي جي سونهن آهي. ٻوليءَ جو نِج پٽو، لفظن جي چونڊ، چوڻيون، تشبيهون، علامت نگاريءَ جو اعليٰ فن، ۽ ڪهاڻي اُڻڻ جو نفيس هُنر، سندس انفراديت کي اُجاگر ڪري بيهاري ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ لوڪ ڏاهپ جو شعور ۽ اُن جو رنگ ڏاڍو وڻندڙ انداز ۾ ملي ٿو. ”مٽيءَ جو عشق“ جي پهرين ڪهاڻي ”پنج دُنيا، ويهه آخرت“ اڄ جي حالتن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿي. مثلن ”هُوءَ قطار ۾ بيٺي هُئي“ جملي سان شروعات ٿيندڙ هِن ڪهاڻيءَ ۾، طنز، علامت نگاري ۽ حقيقت نگاريءَ جو امتزاج نهڪندڙ ۽ مُتاثر ڪندڙ آهي. ڪهاڻيءَ جو اهم ڪردار عمر جي آخري حصي ۾ پُهتل پوڙهي ”جَنان“ آهي، جيڪا پنهنجي ڏوهٽي بِلاوَل سان قطار ۾ بيٺي، قطار جي اڳتي وڌڻ جو انتظار پوڳيندي، رياستي سياست جو ڪاچ ٻڌجي وڃي ٿي. جيڪا خاص طور تي سنڌ لاءِ پيدا ڪيل هٽرادو ٻوڏ جي ستايل هوندي، اِن ڊپ ۾ هراسيل آهي ته ڪٿي هُوءَ قطار کان ڇڄِي نه وڃي. توڙي جو ”هُوءَ ڳُونج ته ڪانه هُئي، پوءِ ٻه قطار مان ڇڄڻ جو سوچي ٻه ڪانه پئي سگهي. ”هي ڪهاڻي اڄوڪين بي رحم حالتن جي دل ڏُڪائيندڙ چٽي تصوير آهي. نادرا، وطن ڪارڊ، مُتاثرين، ايجنٽ، آمر آنڪل، ڏُلفي، شهيد راڻي، جيالي، محمود غزنوي، سرحدن جا گليشيئر، سومنات، جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ ۽ ڪُجهه ٻيو به هن ڪهاڻيءَ جي ٺاهه ٺُوهه جو ڪارڻ بڻيا آهن. ڪهاڻي پنهنجي ٻوليءَ، تشبيهن، چوڻين، منظرڪشيءَ، ماحول، انداز ۽ فليش بيڪ، سميت پنهنجي موضوع ۽ مواد سان بلڪل ٻه نهڪندڙ آهي. ”هُوءَ قطار ۾ بيٺي هُئي“ ۽ ”قطار ڇڄِي نه پوي“ جي ڊپ ۾ ويڙهيل جنان جي پڇاڙيءَ مُتعلق الائي ڇو ذهن اڳواٽ ئي اُن نتيجي تي پُهچيو وڃي، جنهن ڪري ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ وارو تجسس

نُما احساس مجروح ٿي پوي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ پوڙهي جنان کي پنهنجي مُڙس خادم جا لفظ هنيان تي هُرڻ لڳن ٿا تہ ”جنان! هِن مُلڪ جا محمود غزنوي، سرحدن جا گليشيئر تہ توڙي نہ سگهندا آهن، پرهر ٽئين سال پنهنجي ئي مُلڪ کي فتح ڪري، آئين توڙي بُت شڪن سڏرائيندا آهن۽ پوءِ پوپٽن جا پَرَ پٽيا ويندا آهن، وڻ وڻ تاريءَ تي چهرا اڇي ويهندا آهن ۽ عدالتون خاڪي ورديون پائي، ڦاهين، ڦٽڪن ۽ جيل جون سزائون ٻُڌائينديون آهن. ”ڪهاڻيءَ جي ڪردار خادم پاران بيان ڪرايل مٿيان جُملا، ڪردار جي ذهني سطع، شعور، ماحول ۽ مڪان ڪان مٿاهان ۽ تمام گهرا آهن. ايئن ٿو لڳي تہ ڄڻ مٿين شعوري ائپروچ ڪردار جي مٿان زوري مڙهي وئي آهي جيڪا سندس اصل ذهني ائپروچ سان هم آهنگي رکي ئي نٿي. اِتي ليکڪ زبردستي، ڪهاڻيءَ جي فطري ماحول واري سوچ ويچار ۾ پنهنجي ذهني اپيروچ واري سطع مڙهيندي محسوس ٿئي ٿو. جيڪا ڳالھ ڪهاڻيءَ جي تسلسل جو توازن بگاڙي وجهي ٿي. ”گروي ٿيل خواب“ ڪهاڻيءَ ۾ ريل گاڏي ۾ سفر ڪندڙ هُوءَ، ارشاد ۽ هڪ ٽيون ڪردار بہ موجود آهي، جيڪو تعارفي انداز ۾ ڪهاڻيءَ جي ڪامينٽري ڪندي محسوس ٿئي ٿو. ڇا اِن ڪهاڻيءَ جي ڪيئنواس تي ٽيئن ڪردار جي ضرورت آهي؟ اِهو سوال تہ خود ڪهاڻيءَ جا اهم ڪردار ڪندا، محسوس ٿين ٿا. ڪهاڻي تجسُس واري انداز ۾ ڄڻ تہ زوري اُٿي وئي آهي. ڇاڪاڻ جو صديق منگيو، ڪهاڻيءَ جي فن ڪان تہ چڱيءَ طرح واقف آهي. بلڪ اُن تي سُٺي گرفت بہ رکي ٿو. پر هي ڪهاڻي حيرت ۾ وجهندڙ پُڄاڻيءَ جي چڪر ۾ ڪهاڻيڪار جي روح ۾ مُڪمل لهڻ ڪان ڄڻ پهرين ئي اُتاريل لڳي ٿي. توڙي جو ڪهاڻي ۾ ريل جي دريءَ جي پَرِ ۾ ويٺل ارشاد جي اُوندهہ ۾ گُم ٿيل نگاهن سان ڪهاڻيڪار زبردست قسم جي منظر ڪشي ڪندي، ۽ اُن ماحول کي ڪهاڻيءَ جي ڪيئواس تي سُٺي طرح اُتاريو بہ آهي. ۽ اُن جي ٻوليءَ، ڪردارن جي هڪ ٻئي سان ڳالھ ٻولھ جو اندازِ پيورنگ ڍنگ بہ ٺيڪ آهي پر وري بہ اُها پڙهندڙ لاءِ پيدا ڪيل هٿرادو صورتحال، ڪهاڻيءَ ۾ ڄڻ تہ زوري ٽُنبجي آيل لڳي ٿي. جنهن ڪري ڪهاڻي، پُڄاڻيءَ تي پُهچڻ ڪان پوءِ بہ ڄڻ تہ پاڻ سان ٿيل ڏاڍائي تي افسوس زده رهجي وڃي ٿي. اُن ڪري هي ڪهاڻي ٻن فردن جي بجاءِ ٽئين فرد جو معمولي الميولڳي ٿي. ”جَل پَري، ٻاندري“ ڪهاڻيءَ ۾ ”نہ تہ جل پري هئي، نہ ٻاندري، هُوءَ تہ وسندڙ پٿرن جي شهر ۾،

جياپي جي سزا ڪاٽيندڙ سُندر ناري شانو هئي. ”جنهن جي گرِپ ۾ ڏاڍائي وسيلي زوريءَ پيدا ڪيل سارنگ، جنم ورتي، اوچتوڪائونس وچڙي وجي ٿو تہ شانوديواني بڻجي ڪيس ڀُوليندي ۽ پٽڪندي رهجي وڃي ٿي. ۽ اها درد ڀري ڪيفيت لفظن مان پوپٽن جيئن اُڏامي احساسن جي نفيس ڪلين تي اچي ويهي ٿي تہ نگاهن ۾ شانو جو ڪردار چِٽو ٿي پوي ٿو. ڪهاڻي خوبصورت انداز سان سفر ڪندي الائي چو وري بہ پُڄاڻيءَ تي ڪاپي پوي ٿي. جڻ ڪهاڻيڪار، ڪهاڻيءَ جي ڪلائيميڪس ۾ اُلجهي ڪيس زوريءَ اِن انجام تي رسايو هُجي. ساڳيءَ طرح ڪهاڻي ”رُڪو روح“ پڻ ساڳيءَ ڀرتي ڪيل پُڄاڻيءَ جي الميي جي مُتاثر ٿيل لڳي ٿي. توڙي جو مان وري بہ اِها ڳالهہ هِت ورجهايان ٿو تہ صديق منگيي وٽ ڪهاڻيءَ جي اُٽت جو فن ڏاڍو ڀرپور آهي ۽ وٽس ڪهاڻين ۾ موضوعاتي دُنيا بہ ڏاڍي وسيع ۽ مُڪمل سنڌي سماج جو چِٽو آئينو هوندي آهي. پر جيئن تہ هڪ پڙهندڙ ۽ ادب جي هڪ ننڍڙي مُسافر جيان منهنجو بہ ادبي فرض ٿئي ٿو تہ مان هنن ڪهاڻين جي مُطالعي جون محسوسيات بنا ڪنهن جهل پل جي سچائي سان پيش ڪريان جيئن اسان جو هي ڪهاڻيڪار دوست ايمانداريءَ سان ادب ۾ ڪهاڻيءَ جو سفر ڪري رهيو آهي. ”آڏولتا“ ڪهاڻي هڪ انقلابي نوجوان جي ڪهاڻي آهي جيڪو پنهنجي آدرشن جي ڪري ٽارچر سيل جون عقوبتون سهندي آخر شهادت جو جام نوش ڪري هڪ عظيم پيغام ڏئي وڃي ٿو. ”ماڻڪ ميءِ پرائيو“ ڪهاڻي ۾ فائزه، جميل کان الڳ ٿي ڪري پنهنجي وکري ويل وجود کي سهيڙڻ جي ڪوشش ڪندي ڪينجهر جي لهرن تي لُڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ عشق ۽ محبت جي نمائنائيءَ جي عظيم علامت بڻيل نوريءَ جي مزار تي ويندي ماضي، حال ۽ مُستقبل جي ڪُنن ۾ ٻُڏندي وڃي ٿي. هي ڪهاڻي پنهنجي سِٽاءُ ۾ ڊرامائي انداز ۾ رچيل وڏيڪ ۽ تخليقي تناظر ۾ بلڪل بہ دل کي اَڻ ڇُهندڙ آهي. هن ڪهاڻيءَ کي اگر ڊرامائي صورت ڏني وڃي تہ مُمڪن آ تہ اُن ۾ وڏيڪ پچاءُ پائي سگهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ موقعي ۽ مهل جي نسبت سان ڏنل شاهہ جا بيت ڏاڍا وڻن ۽ نهڪن ٿا. ”ڪان ڪُفر جي ڪُک ۾“ ڪهاڻي هڪ معصوم پيل ٻارڙي راجوءَ جو اذيت نامو آهي. جيڪو غير مذهب، پڇي نڪتل ماءُ جي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ مسلمان پيءُ فيضوءَ مان جنم ورتي ٿو. پر موروثي مسلمان جاهلن جي بي حسيءَ جو شڪار بڻجي نفرتن جي زد ۾ پٽڪندي زندگي گُذاري ٿو. هي ڪهاڻي وڏي فنائتي

انداز سان پنهنجي منطقي نتيجي تي پُهچي ٿي. هي ڪهاڻي درد جون ڪئي ڪائناتون سمائي هلي ٿي. ڪهاڻيڪار ڪيئن نه هڪ ننڍڙي ڇوڪر جي اجنبيت جي ڏُک جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. ڪهاڻيءَ جي ماحول کي وڏي اثر انداز طريقي سان فوڪس ڪيو ويو آهي. بي يارو مدد گار هڪ ٻالڪ جي بُخار ۾ ورتل طبيعت جون ڪيفيتون اکرن مان ساهُ کڻنديون محسوس ٿين ٿيون. ۽ دل مان هڪ درد ڀري سَٽ اُڀري وڃي ٿي. ڪهاڻي پنهنجي ڪيئنواس ۾ هڪ مُڪمل ڪهاڻي آهي سواءِ آخر ۾ٻُک. بُخار، گرمي ۽ اُڃ ۾ ٽڙندو ٿاٻڙندو روڊ سان لڳ نِم جي وڻ هيٺان پاڻيءَ جي ناديءَ مان اُڃ اُجهائڻ لاءِ هُو گلاس کڻي جيئن ئي ناديءَ جي ٽُونٽيءَ مان پاڻي ڀرڻ لاءِ جهُڪي ٿو ته روڊ جي ڀرئين پاسي کان همراهه هَڪلون ڏيندو ڏانهس ڊوڙندو اچي ٿو ۽ ڪانئوس گلاس کسي، ڪيس اُره واري تِري هڻي، ناديءَ کان پري ڪري، ناديءَ جي ٽُونٽيءَ مان آشهد ڪلما ڀري گلاس کي ڌوئڻ لڳي ٿو”ته ڪهاڻي پنهنجي نيڪ نيڪ انجام کي ماڻي وني ٿي. پر اُتان کان اڳتي هڪ نئين ڪردار جي آمد، ۽ ڪُجه تفصيل ۾ ويندڙ جملن جو واڌارو نيڪ ته لڳي ٿو پر ڪهاڻيءَ مان ڦُٽي نڪتل پُڄاڻيءَ واري تجسُس مان پيدا ٿيندڙ احساس کي ڀاڻءِ نه ٿو پوي. “سانحو مُحبت جو”ڏاڍي سُني ڪهاڻي آهي. جيڪا رشتن جي حساس مُحبتن جي اظهار جو حسين مثال آهي. ڪهاڻي ماحول، مفهوم ۽ منظرن ذريعي زيبائتي انداز سان کُلندي وڃي ٿي. هي ڪهاڻي ذات پات جي فرق جي ور چڙهي ويل مُحبتن جي زوريءَ پيٽا گهُرندڙ۽ سماج جي جاهلاڻي سوچ، ويچارڙرت جي رشتن جي مُحبتن جي اُٿل تي مُبني خوبصورت ڪهاڻي آهي. مڙئي ڪُجه طوالت جو شڪار ٿي ويل هن ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻي زبردست نموني سان ڪئي وئي آهي. “مِٽيءَ جو عشق”حُر تحريڪ جي پس منظر ۾ لکيل نيڪ ناڪ ڪهاڻي آهي. جيڪا ڪهاڻيءَ جي پيرائي ۾هڪ سُٺو اضِافو آهي. ڪهاڻيءَ جي منظر نگاري ڀرپور نموني ڪيل آهي. جنهن سان ڪردارن جي ڪردارنگاري پنهنجي اصل رنگ ۽ روپ ۾ ظاهر ٿي سامهون اچي ٿي. ۽ماحول جي منظر نگاري پڻ اکرن مان بي ساخته اُڀري اچي ٿي. هي ڪهاڻي حُر تحريڪ جي جدوجهد جي وڏي ڪهاڻيءَ جي هڪ حصي کي فوڪس ڪري ٿي. پر پوءِ به ڪهاڻي کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي. “ڇِرڪ ڇِنائين هيڪڙي”ڏُڪاريل ٿر جي درد جي ڪهاڻي آهي. هي ڪهاڻي شروع کان آخر

تائين منظر ڪشيءَ ڪان ويندي تشبيهن، تمثيلن، ٻوليءَ، پهاڪن توڙي مضوعاتي اعتبار کا هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. راموءَ جو ڪُتنب ڏُڪرجي ڏمر ڪان مجبور ٿي پنهنجا اَباڻا ڳڌ ڇڏيندي جن اَذيتن ۾ ڪيفيتن مان گُذري ٿو، ليکڪ اُنهن کي لفظن جي آرسيءَ ۾ اُجاگر ڪندي مڪمل ڪامياب ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي پُڄاڻي ڪمال جي ڪئي وئي آهي. پنهنجي وطن جي وسڻ ۾ خوشحاليءَ جا پَرُوڻ پوندي ئي انسان کان اڳ جانوربَدّل رَسا ڇڏائي پنهنجي ديس ڏانهن بي ساختہ ڊوڙن ٿا. تہ وطن جي مُحبت جي شڪتيءَ جو اندازو ٿي وڃي ٿو. "گُلاب جان"ٽين جنس تي لکيل هڪ زبردست ڪهاڻي آهي. جنهن جي ڪيئنواس جي اُٽت ڏاڍي شاندار نموني ڪئي وئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ وچ وچ تي ايندڙ هڪ جُملو"سائين!الڪندين نہ منهنجي ڪهاڻي" ڪهاڻيءَ جي دلچسپ قصي کي وري وري جنم ڏيندو ٿو رهي. ايئن ڪهاڻي پنهنجي وڏي فنائتي انداز سان، مُختلف رنگن جي هولي ڪيڏندي، پڇاڙيءَ ۾ نوحا خوانيءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي تہ ڪهاڻيءَ تي ڏُک جوڪارو غلاف چڙهي وڃي ٿو. ڪهاڻي نج ٻوليءَ جي رنگ سان، ماحول جي شاندار منظرڪشيءَ، بهترين ڪردارن جي چُرپُرءِ ڊائلاگ بازي، ۽ اهم موضوعاتي چونڊ ۾ اُن سان ڪهاڻيڪار جو زبردست نياءُ روح ۾ لهي ويندڙ آهي. گُلاب عُرف گُلاب جان، ماه رُخ، ڪهاڻيءَ وارو سائين ۽ گُجه ٻيا ڪردارهن ڪهاڻيءَ جي ڍانچي ۾ هڪ ٽين جنس جي نوجوان جي زندگي جي ڪهاڻيءَ جي واضع تصوير چٽڻ ۾ ڀرپور مدد ڪن ٿا. ۽ ڪهاڻي جيئن جو تيئن پڙهندڙ جي ڪيفيتن تي مُڪمل اثر اندازٿي وڃي ٿي تہ دل مان واهہ واهہ. ۽ زبردست ڪهاڻيءَ جو اعزاز پاڻمُرادو ڦُتي پوي ٿو. "ڏُوپار"هڪ ڪري ۽ سچار شخص جي ڪهاڻي آهي جيڪو بنا ڪنهن رک رکاءُ جي سچ چئي ڏئي ٿو. ۽ حق ۽ سچ جو ساٿي رهندي ئي زندگي گُذاري ٿو. اهڙو ساٿ ڏيندي هُومسڪين باگڙين سان ٿيل ڏاڍائيءَ تي بنا ڪنهن نَنڊ وڏائيءَ ۽ مَٽ ڀيد جي، وڏيرن، رئيسن ۽ پوليس جي گڏيل ظُلم خلاف غريب ۽ بي يارو مدد گار مظلوم باگڙين جو ساٿ ڏيندي، مذهب جي آڙ ۾ نوجوان ڇوڪريءَ کي جنسي وحشي پڻي کان بچائي وٺي ٿو. ڪهاڻي جو ڏانءُ صديق منگيي جي قلم مان صبح روشن جيان اُڀري پوي ٿو تہ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ شاندار ڪرافٽ ڪَر موڙي جاڳي پوي ٿو. هُون ءَ بہ صديق منگيي وٽ ڪهاڻي چوڻ جو ڀرپور ڏانءُ آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ لوڪ ڏاهپ

جو رنگ ۽ موضوع ۽ ماحول کي پُختي انداز ۾ بيان ڪرڻ جو وڏو ڏانءُ آهي. سندس ڪهاڻيون پڙهندي قصاگوئيءَ جو حسين تصور جنم وٺي ٿو. ته ننڍپڻ ۾ناني ۽ امڙ پاران ٻُڌايل آکاڻين وارو راتين جو ماضي روح ۾ جاڳي پوي ٿو. "سونهري ڦرهيءَ تي لکيل دُعا"زبردست ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ڪهاڻيڪاراچوڪي انساني نفسا نفسي واري پيائي جو وڻندڙ انداز سان عڪس جوڙيو آهي. جنهن ۾ ليکڪ علامت نگاريءَ ۽ بي باڪيءَ سان حقيقت پسنديءَ جي ترجماني ۽ عڪاسي ڪئي آهي. اِن ڪهاڻيءَ ۾ صديق منگيي جو اصل تخليقي ڪهاڻيڪار اُڀري سامهون اچي ٿو ۽ سندس ڪهاڻيءَ پڙهي سان بيحد پيار ٿئي ٿو. مسجد ۾ پيش امام، شهر جا مُعززاميرترين ماڻهو، واپاري، مدرسي جا ڪتابي، سيٺ، ڳڀرو جوان، سياسي وڏيرو، ماستر، ملائڪ، ۽ هڪ غريب قاتل ۽ پُراڻن ڪپڙن ۾، هن ڪهاڻيءَ جا جوڙيندڙ آهن. جن جي اندر ۽ ٻاهر جي آرسيءَ جا اولڙا ڪهاڻيڪارپنهنجي فن جي بُلنديءَ ذريعي چِٽيا آهن. "سا جاءِ جلي" حقيقت پسند ۽ بي باڪ صحافيءَ جي ڪهاڻي آهي. وڏيرن جي روايتي ستم ظريفي، ڏاڍائي ۽ اُنهن سان گڏ پوليس جو ساڳيو ٻاڳي ٻائيواريءَ وارو پُراڻو قصو ۽ هڪ خوبصورت نوجوان سان ناانصافي جو ورجاءُ. ۽ پيائي کي مُنهن تي چماٽ وهائي ڪڍندڙ صحافي رشيد. ۽ آخر ۾ سچ جو ثبوت ٻڌجي ايندڙ اُهو نوجوان، جيڪو اصل ۾ اِن سموري وارتا جو مُتاثر آهي. هي ڪهاڻي بي حس سماج، پوليس ۽ وڏيرا شاهيءَ جي ڪُڌن ڪرتوتن جي عڪاسي ڪندڙ آهي. جيڪا خوبصورت انداز سان پنهنجي منطقي نتيجي تي پُهچي ٿي. "ڪالُ"علامتي انداز ۾ لکيل شاندار ڪهاڻي آهي. وڏي هُنرمنديءَ سان صديق منگيي هِن ڪهاڻيءَ ۾ اڄ جي حالتن جي علامت ۽ طنز ذريعي اوک ڊوک ڪئي آهي. آسمان ۾ اُڏامندڙ مُختلف عمر جون ٻُڪايل ڳجهون ٻُک مِتائڻ لاءِ شڪار جي ڳولا ۾ پاڻ ۾ گُفتگو ڪندي جيڪا سنڌ جي حالتن جي عڪاسي ڪن ٿيون، اُها خوبصورت ۽ ٺهڪندڙ ٻوليءَ، تشبيهن، تمثيلن، پهاڪن منظرڪشيءَ، موضوع ۽ مفهوم جي اعتبار کان وڏي سگهاري ۽ ڀرپور آهي. هي مُختصر پر جامع قسم جي ڪهاڻي پاڻ ۾ وڏي وسعت رکي ٿي. ڪهاڻيءَ مان ڪُجھ سِٽون هِن ريت آهن ته "ڪاميابيءَ سان قتل ٿيندڙ ٻيلن سان جِتي ڏرتي سُوءِ ورتل ڪُنوارجيان ٻُسي ٿي وئي هُئي، اُتي جهنگلي جيوت جا نسل بہ ناس ٿي ويا هُئا. سُڄ واڪا پئي ڪيا. فطرت جي سينڌ جو سنڌور ئي

اُجڙي ويو هو. ٻيلا ئي نہ رهيا، تہ. . . . !”ياچندڊ ڏسٽي ڪاميٽيءَ وانگر ڏوربين جهڙيون اکيون، ڏرتيءَ تي ڦيرائي ڏِٺائون پئي. ”، “اڳي پوءِاهو ئي مُقدر تہ هُئن. ڳجهن جو ڪاج نہ ٻڌجن ها، تہ شهري ماس ڪورن جو ڪاج ٿيڻ کان ڪين ڪير بچائي ها؟”ءِ آخرمِٽن تي وڏا پڳڙ، وڏيون ڏاڙهيون، ويڪرا ڪپڙا، اوپرا اوپرا ماڻهو. . . . !اُهي ڳجهن ءِ ڪُتن ڪي پٽر هٽي ڊوڙائي رهيا هُئا. . . !” ايئن هي ڪهاڻي اِنهن آخري سِٽن سان پنهنجي معنيٰ ءِ مفهوم ڪي اُجاگر ڪندي، علامت نگاريءَ جي خوبصورت ءِ ڀرپور اندازسان روح ۾ لهي وڃي ٿي. “اُجالي جو اوسيئڙو” ڏاڍي سُٺي ڪهاڻي آهي. جيڪا هڪ بي باڪ صحافيءَ جي مُثبت عمل جي عيوض مٿس قاتلاڻي حملي جو سبب بڻجي ٿي. پر پوءِ بہ هو پنهنجي حق ءِ سچ واري عمل ءِ اِرادي تي اٽل رهي ٿو. ليڪن موٽ ۾ اداري پاران ڪيس وفا جي بدلي، نمائندگي ڪي ئي ختم ڪري ڪائونس لاتعلقيءَ جو اعلان ڪيو وڃي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو ڪلائميڪس ڏاڍو زبردست، ٺهڪندڙ ءِ مُتاثر ڪندڙ آهي. “وَڙُ” جهادي مُلن جي قول ءِ فعل جي عڪاسي ڪندڙ زبردست ڪهاڻي آهي. اهڙا مذهبي ٺيڪيدار جن ڪي انسانيت سان ازلئون ڪو وير آهي. جن جي مذهب ۾انسانيت ڪي ڪُهڻ جائزقرار ڏنل آهي. هُون بہ هڪ ڪهاڻيڪار ڪي مُڪمل طور تي سُجاڳ هُئڻ سان گڏ، پنهنجي سماج جي اردگرد تي ايتري تہ گهرائيءَ سان نگاهہ رکڻ گهُرجي جو هُو باريڪ کان باريڪ شين، ڳالهين، معاملن توڙي حالتن جي گهرائيءَ ۾ لهي اُنهن ڪي روح سان محسوس ڪري، حقيقت پسنديءَ جو ڀرپورنموني مُظاهرو ڪندو رهي. نہ تہ ٻيءَ صورت ۾هُو تخليقي ليڪ بجاءِ هڪ تخريبي، سطعي ءِ روايتي ليڪڪن جي گهٽائيءَ ۾ گُم ٿي پنهنجو وجود وڃائي ويهندو. “مرڻ جن مُشاهدو”ڏينيوءِ پتنگ جي وچ ۾عشق تي ٿيل گُفتگوجوعلامتي انداز، شاندار نموني پيش ڪيو ويوآهي. هي ڪهاڻي پنهنجي موضوع ءِ مفهوم ۾ گهڻ رُخي ءِ تخليقي ڪهاڻي آهي. جنهن جي پس منظر ۾پتائي جي شاعريءَ جي ڪلاسيڪيت، وڏي ڪمال سان اُٽت ۾ آندي وئي آهي. “ڏُکيا ٻئي پار”پنهنجي پيشڪش جي اعتبار کان خوبصورت ڪهاڻي آهي. هڪ ڪنواري ڇوڪري جيڪا رشتن سان وفاداريءَءِ نياءُ جي نينهن ۾ پنهنجي سچي زندگي، شاديءَ جي ڳاڙهي جوڙي جي عيوض روح توڙي وجود تي اڪيلائن جي سوڳ جو ڪارو غلاف اوڙهي گُذاري ڇڏي ٿي. ڪهاڻي ۾ ٻن

مُتضاد ڪردارن جي عڪاسي ڏاڍي وڻندڙ انداز سان ڪئي وئي آهي. رات جي وقت ۾ هڪ عورت جون پنهنجي وَر جو اوسيئڙو ڪندي ڪيفيتون چٽيون ويو آهن تہ ٻئي طرف پوڙهي ماءُ، پيءُ ڪي اڪيلو ڇڏي وڃڻ واري خوف ۾ هڪ غير شادي شده عورت ڪيئن نہ هيڪلائيءَ جا عذاب ڀوڳيندي راتيون جاڳندي ڪٽي ٿي. هي ڪهاڻي پنهنجي روح ۾ عورت جو درد سمائي دل جي در تي دستڪ ڏئي ٿي تہ روحاني ڪيفيتون اُڀاڙڪيون ٿي وڃن ٿيون. هي ڪهاڻي سنڌيءَ جي خوبصورت ڪهاڻين ۾ ڳڻائي سگهجي ٿي. ڪهاڻيءَ مان ڪُجهہ ڇُونڊ سِٽون هِن ريت آهن تہ "هُوءَ ڪراچيءَ ۾ سرڪاري اسڪول ۾ پرائمري ٽيچر هُئي. سندس پگهار مان ٽِن ڀاتين جو سولائيءَ سان گُذارو ٿيو پئي. اُن گُذاري ۾ ٿي جيئرا ساهہ تہ ٽَڪيا پئي، پر اُن ٽَڪاءَ ۾ زندگي نہ هُئي. زندگي تہ اُن ڪان گهٽوا ڳتي، ڪورين اَڱڙين جهڙي اوچڻ تي جذبن جي سَنهي سيبي جو نالو آهي. مرٽينگ جذبن سان جياپو. جيون جي مجبوري تہ ٿي سگهي ٿو. پر زندگي نہ. گهر ۾ ٽي ساهہ ڪٽندڙ بوتا هُئا. جيون جي جهوراٽن ۾ صائما جي گيتن جهڙي جواني، ڏور بيت جهڙو ڳُجهہ ٻڌجي وئي هُئي. "هن مجموعي "مِٽيءَ جو عشق" جي ويهين ۽ آخري ڪهاڻي "پلاند" ۾ ڪهاڻي پٽو تہ موجود آهي پر موضوع اُهو ساڳيو ئي روايتي. وڏيرن ۽ پاٽاريدارن جي اَجائي هوڏ ۽ بربريت، جيڪا صرف پنهنجي نڪ سِڌي ليڪ ڪان سواءِ ٻيو ڪُجه بہ نہ ڏيکاريندي آهي. اُن اَنڌ جي جنون ۾ انتقام پسنديءَ جو انڌو جنون ڪُجهہ بہ ڪرائڻ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو آهي. پوءِ بہ هي ڪهاڻي پڙهندڙ ڪي پاڻ ڏانهن مُتوجہ ڪرڻ جو ساهس رکي ٿي. مجموعي طور تي محمد صديق منگيي جي ڪهاڻين جو هي مجموعو "مِٽيءَ جو عشق" اڄ جي تخليقي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ خوبصورت حوالو آهي. جنهن جي جوڙجا فني ڪمال اڄ جي ڪهاڻيءَ لاءِ هڪ مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

25/2/2014

# آخري جُملو

ڪهاڻي، شارٽ اسٽوري، طويل ڪهاڻي، ناوليٽ ۽ ناول، افسانوي ادب جون اهڙيون تہ شاندار صِنفون آهن جن ۾ هر ليکڪ پنهنجي پنهنجي انداز جا رنگ ۽ روپ تخليق ڪندو رهيو آهي. پر پوءِ بہ اندر ۾ موجود اُڻ تُڻ جي اَنت يا حل تائين ڪيس رسائي مُمڪن نہ ٿي سگهي آهي.اِهوئي ڪارڻ آهي جو دنيا ۾ هر ٻوليءَ جي ادب ۾ بي شُمار ڪهاڻيون ۽ ناول تخليق ڪيا ويا آهن. نوان نوان تجربا ڪيا ويا آهن پر آرٽ جو دائرو ايترو تہ وسيع ۽ لا محدود آهي جو اُهي مُختلف داخلي توڙي خارجي اظهار، هڪ نُقطي ۾ سمائجي، تخليقڪار جي روح ۾ هڪ غير مُطئمينيءَ جو احساس ڇڏي وڃن ٿا. ۽ پوءِ اُتان ڪان ئي هڪ لاحاصل جُستجوءَ جو سفر، روح جي رڻ ۾ ڪنهن ٿوهر جيان ڦُٽي پوي ٿو. تڏهن آرٽ جي اِرتقا جون منزلون طيءِ ڪرڻ جي جُنون ۾ ليکڪ وقت ۽ حالتن جي نهائينءَ ۾ پيو پچندو آهي. ۽ ڪُندن ٿيڻ جي عمل مان مُختلف ڪيفيتن ۾ ويندو آهي سَراپا اِسرار بڻبو. اهڙو اِسرار، جنهن جي جلا هڪ تخليقڪار کي درد جو معراج ماڻائي ڇڏيندي آهي. جنهن جي ادراڪ جا دَرَ زندگي ڀر جي ڀرپور رياضت تي ئي کُلڻ جا امڪان رکندا آهن. سنڌي ادب ۾ ناول جي ٻاڙائيءَ واري صورتحال تہ گهڻي عرصي کان پنهنجي شدت سان محسوس ٿي رهي آهي. پر ائين چوڻ تہ سنڌي ادب ۾ ناول يا ڪهاڻيءَ جو صفا ڪو ڏُڪار پئجي ويو آهي تہ اِها سنڌي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس سان وڏي زيادتي چئبي. اُن ڪري نہ لکجڻ کان، تمام گهٽ لکجندڙ ناول کي بہ نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ اُهي ايڪڙ يا ٻيڪڙ لکجندڙ ناول، پاڻ ۾ ناول واريون فني ضرورتون پوريون بہ ڪن ٿا يا نہ. يا اُهي ڪيترا تخليقي ۽ پاڻ ۾ مُڪمل ناول آهن.اِن بحث جي ڊيگهہ ۾ وڃڻ کان بهتر ٿيندو تہ مان تازو ڇپجي آيل نوجوان ليکڪ نُور جوڻيجي، جي ناول "مُهذب وحشي" جو ڪيل مُطالعو اوهان سان ونڊ ڪريان. "مُهذب وحشي" دراصل اُهو وحشي آهي، جنهن تهذيب ۽ تمندن جون اِرتقائي منزلون طيءِ ڪري ، اڄ جي جديد ٽيڪنالوجيءَ واري

حيرت انگيز دنيا کي تخليق ڪيو آهي. پر جيئن تہ ايتري عرصي ۽ وجودي توڙي روحاني سفر جي باوجود بہ هُو پنهنجي ظاهري مُهذب پٽي جي باطن ۾ لِڪل، اُن ابتدائي وحشي کي تبديل نہ ڪري سگهيو آهي. هي اُهو "مُهذب وحشي" آهي جيڪو نُور جوڻيجي، جي بہ اندر مان، هِن ناول جي آئيني ۾ پنهنجا عڪس پسائي رهيو آهي. هي ناول پنهنجي جوهر ۾ ريزا، ريزا، وکريل هڪ اهڙو مظهر آهي، جنهن جو اندر، اُجرڻ کان اڳ ئي ميرانجهڙو رهجي ويل آهي. اردوءَ جي نامياري شاعر ساحر لُڌيانوي جو هڪ شعر، جيڪو هُن جي ڪُليات جي پهرين پني تي درج ٿيل آهي تہ،

دنیا نے تجربات و حواد ث کی شکل میں،
جو کچھ مجھے دیا ہے وہ لوٹا رہا ہوں میں۔

۽ نور جوڻيجي بہ پنهنجي هِن ناول "مُهذب وحشي" ذريعي دنيا کان مليل تجرباءِ حادثا اسان کي پنهنجي طريقي سان واپس موٽائي ڏنا آهن. اِن ۾ نُور جوڻيجي جو ڪو بہ ڏوهہ ناهي تہ هُو پنهنجي فطرت ۾ ايترو مُبهم ۽ اَڻ چِٽو ڇو آهي. اُن ڪارڻ جو جو ڪو ضرور ڀرپور پس منظر هوندو. پر هِن ناول "مُهذب وحشي" جو ڪئنواس، ڪنهن فقير جي ليڙون، ليڙون لباس يا ڇتيون، ڇتيون گودڙيءَ جو احساس اُڀاري ٿو. ڇو تہ هي ناول بہ در حقيقت اردوءَ جي هڪ ٻئي شاعر جي بقول هڪ حادثوئي آهي تہ،

وقت کرتا ہے پرورش برسوں،
حادثا ایک دم نہیں ہوتا۔

تہ اِن ناول "مُهذب وحشي" جنم وٺڻ لاءِ ڪوڙ عرصي کان وٺي نُور جي روح ۾ پرورش پئي پاتي آهي. ۽ هاڻ جڏهن اُهو اُيامي اُبڙڪو ڏئي لفظن جو روپ وٺي "مُهذب وحشي" جو چهرو ماڻي ظاهر ٿيو آهي تہ هڪ ابهام سان تار ناول جنم ورتو آهي. هُون بہ هر ماڻهو پنهنجي روح جي ريه کي ڪنهن نہ ڪنهن انداز سان اظهارڻ چاهيندو آهي. اُن ڪري هُو مُختلف زاوين ۽ ذائقن کي پنهنجي روح ۾ پيو محسوس ڪندو آهي. هي ناول، ٻٽڪي ويل زندگيءَ جي ٻٽڪنا جي درد، سماج جي روايتي سانچي ۾ ٻاڙ کي نہ ڍالي سگهڻ، رشتن، ناتن ۽ دوستن جي مُنافقين جي اذيتن، حاصلات ۽ لا حاصلات جي انگاس تي ٽنگيو رهڻ، سياست، سماج، پيار ۽ مُحبت جي پيچرن تي رُلندڙ بيقرار روح

جي دُنڌلائجي ويل ۽ نفسياتي هيجان جي وَر چڙهي ويل زندگيءَ جي ٽُڪرا، ٽُڪرا تصوير آهي. جنهن جي هر ٽُڪري کي جوڙڻ جي ڪوشش، نُور جوڻيجي کي ”مُهذب وحشي“ ۾ڏالي ڇڏيو آهي.

هي ناول نفسياتي ۽ فلسفيانا اثر جي ڪري پڑهندڙ جي ذهن کي ڪچي سُٽ جيئن مُنجهائي ماري ٿو. ڇاڪاڻ جو هي ناول ليکڪ جي ذات جو اولڙو هُئڻ ڪري تخليقي انداز۾ کُلڻ بجاءِ وڃي ٿوسُڪڙجندو. هڪ ڪامياب ۽ ڀرپور ناول جي خوبي اِها هوندي آهي تہ اُهو هڪ نُقطي کان شروع ٿي نيري آڪاس جي وسعتن جيئن ڦهلجي پڑهندڙ کي پنهنجي آغوش ۾ ايئن سمائي ڇڏيندو آهي، جيئن ڪو ٻکي، پنهنجن ٻچن کي پنهنجن پرن ۾ پناهہ ڏيندو آهي. ”مُهذب وحشي“ جو اِنتساب آهي تہ“اُنهن لاءِ جيڪي پنهنجي ذهني خلائن ۾ گُم ٿي ويا. ”اهڙي ارپنا واري نفسياتي يا فلسفيانا سوچ پڑهندڙ کي آخر ڪهڙو پيغام ڏئي ٿي. ؟ جنهن بہ لکڻيءَ ۾ ليکڪ خود اچي سامهون بيهي رهي تہ پوءِ اُها لکڻي، اُن ليکڪ جي ذات جي عڪس جو احساس ڏياريندي رهندي ۽ اهڙي صورتحال ۾ اُها لکڻي، روح ۾ لهي وڃڻ بجاءِ صرف ذهني مونجهارن کي ئي جنمي وجهندي. بقول عبدالقادر جوڻيجي، جي تہ“هن ناول ۾ نُور ٻين جي واٽ تي هلڻ بدران پنهنجي واٽ ٺاهي آهي. هن ناول ۾ هُو ٻين جو پاڇو بڻجڻ جي بدران پنهنجو پاڇو پاڻ بڻيو آهي. ”اِن راءِ تحت تہ نُور جوڻيجي کي پنهنجو بہ پاڇو نہ بڻجڻو هو. هُن کي تہ هڪ ناول نگار جي حيثيت سان پنهنجي اندر جي تخليقڪار کي جاڳائڻو هو. جيڪو هِن ناول ۾ هڪ نئين تخليق کي جنمي ها. پر ليکڪ شايد پنهنجي اندر جي تخليقڪار کي مصنوعي اثرن هيٺ دٻائي، پنهنجي ذات جي زنجير ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. مهاڳ ۾ نُور جوڻيجو لکي ٿو تہ“تخليقڪار ڪردارن سان ڪيڏندا آهن. پر منهنجو تخليقڪار منهنجو ڪردار آهي. ”مان سمجهان ٿو تہ تخليقڪار تہ ڪردارن کي تخليق ڪندا آهن. نہ ڪي اُنهن سان ڪيڏندا آهن. اگر جي تخليقڪار ڪردارن سان ڪيڏندو تہ پوءِ اُهو عمل غير تخليقي ڪردارن کي جوڙي، تخليق سان نا انصافي ڪري وجهندو. ۽ پوءِ هڪ ”مُهذب وحشي“ بدران هڪ ”غير مُهذب وحشي“ پيدا ٿي پوندو. جنهن جي هن دنيا ۾هاڻ ڪابہ کوٽ نہ رهي آهي. هِن ناول جا حصا، ”تنها بگهڙ“، ”ڇُڙوا ڳ ايلسا“، ”احساسن کان وساٽل گُفتا“، ”هيناو هيٺ...... مُحبت“ ۽ سامني جا مُونجهارا“ آهن. ناول

“مُهذب وحشي”جي شروعات، ناول جي پهرين حصي“تنها بگهڙ”ذريعي ٻن اِي ميلز جي وصوليءَ سان ٿئي ٿي. رنگ برنگي اُونداهي ۽ اولهہ جي نت سُريلي آواز عابده پروين جي راڳ جي سرمستين سان، هڪ وڏي ڪمري ۾، وکريل ڪتابن، ميگزينن، سگريٽن جي خالي پاڪيٽن، چانهہ جي پيريل پر ٺري ويل ڪوپن، مُختلف ذائقا ۽ موضوع، ڪمري جو عڪس، ڪبير جي شخصيت جو گهڻو تعارف ڏيندڙ ديوار تي ٽنگيل تصويرون، غالب جي تصوير ۽ سندس دور جو مُختصر حوالو، غالب جو هڪ غزل، ڪبير کي پاڻ ڏانهن مُتوجہ ڪندي، ماضيءَ جي يادن ۾ محو ڪري ڇڏي ٿو تہ صفحي سترهين تي ڇپيل ڪارن اکرن مان، يونيورسٽيءَ جي پوائنٽ ۾ ويٺل سُندر اکين واري سُندر عورت“هِرا” پنهنجي چهري تي اخلاق ۽ وڏائيءَ جي ڇاپ نہ لڪائيندي، ڪُجھ پڙهندي، اُپري اچي ٿي. ۽ اُن ساڳي ئي بس ۾ساڄي پاسي جي ڪُنڊ ۾ ٽُٽل درين منجهان ايندڙ ٿڌي هوا ۾ سگريٽ جا ڪش هڻڻ ۾ مشغول “تنها بگهڙ” ڪبير. جيڪو سدائين پنهنجي ماحول جي چوگرد جي ماڻهن جي اک ۾ رهندي، پنهنجي ذهني مُونجهارن ۽ نفسياتي پيڙائن مان هڪ دنيا ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويجي ٿو تہ هُو“هِرا”جي محبت ۾ قيد ٿيڻ ۽ پنهنجي ماءُ جي حادثي ۾ مري وڃڻ واري ساڳي ئي وقت ٿياس تي ٽنگجندي محبت کي وڃائي ڇڏي ٿو. بقول ليکڪ جي تہ، “اُهي جيڪي پنهنجن مُحبتن اڳيان، پنهنجي حالت بيان ڪرڻ جي وقت نہ هُئڻ ڪري، هڪ حرف بہ ڪُڇي ناهن سگهندا، اُنهن لاءِ يقينن تصويرون ڳالهائينديون ۽ ديوارون ٻُڌنديون آهن. . . . . ” ايئن ڪبير جي ڪمري جي دروازي ڪڙڪڻ کان پوءِ بيري ۽ ڪبير جي گُفتگو يا پوءِ بيري ۽ بورچيءَ جي ڳالهہ ٻولهہ سندن ذهني سطع سان اڻ ٺهڪندڙ پاسي ٿي. يا ديوار جي ڪُنڊ تي اُڪريل مُختلف فلاسافرن جون چوٽيون خوفناڪ لڪت ۾ چٽيل. اهڙي خوفناڪ لڪت گهٽ مان گهٽ منهنجي اڳيان ڪَر موڙي سواليہ بڻجي وڃي ٿي. اهڙيون سواليہ نيشانيون هِن ناول جي ڪئنواس تي گهڻي تعداد ۾نروار ٿي اچن ٿيون. جن جي ڪري پڙهندڙ ذهني مُونجهارن جو شڪار ٿي وڃي ٿو. ايئن “مُهذب وحشي” جو پهريون حصو“تنها بگهڙ”شعوري، لاشعوري طور تي رنگينيت، عقيديت، تهذيب، معاشري، مذهب، چڱائي، بُرائي ۽ ڪُجھ ٻين موضوعن تي مٿاڇرين ڳالهين سان پُڄاڻيءَ تي پهچي ٿو تہ “مُهذب وحشي”جو ٻيو حصو“ڇُڙواڳ ايلسا”شروع ٿئي ٿو. تہ اُن حصي مان ڪنيل هڪ

ٽُڪري مان هڪ جُملو منهنجي آجيان هِن ريت ڪري ٿو. "زندگي جي اسٽيج تي ڊراموپيش ڪندڙ اسٽيڊيم ۾ ويهي لُطف وٺندڙ وچ ۾ مُفاصلو هوندو آهي. "تہ منهنجي من ۾ هڪ خواهش ڳر موڙي جاڳي پوي ٿي تہ، ڪاش مان بہ ڪڏهن زندگيءَ جي اسٽيج تي پيش ٿيندڙ ڊرامو ڪنهن ٿيئٽر بجاءِ اسٽيڊيم ۾ ڏسي سگهان. ۽ ٿيئٽر ۾ وري ڪا راند. "ڇُڙواڳ ايلسا" ۾اُن عورت جو نالو، جيڪا اڳتي نڪتل سائي وڻ جي پاڙ ۾ ويٺل آهي، ايلسا آهي. . . . . "۽ پوءِ صرف هڪ تصوير ۾ موجود ماحول جي عڪاسي ڪُجهه اِن طرح ٿيل آهي جڻ اُها ڪنهن حقيقت جي. دراصل اُتي ليکڪ کي تصوير ۽ حقيقت ۾ رکيل فرق ڪُجهه اهڙيءَ نموني سان پيش ڪرڻ گهربو هو جو تصويري ماحول، تصويريءَ ئي لڳي ها نہ ڪي حقيقي. بهرحال هن حصي مان ماضي ۽ حال جي مُونجهارن سان گڏ مونث ۽ مُذڪرجي فرق سميت، جُملن ۽ لفظن جي صحيح معنيٰ ۾ استعمال نہ ڪري سگهڻ وارو جهول اُڀري اچي ٿو. تنهن ڪان سواءِناول ۾ پُروف ۽ صورتخطيءَ جون پڻ ڪوڙ ساريون چُڪون، مُطالعي واري مزي کي بي چسو ڪري وجهن ٿيون. هِن حصي ۾ ايلسا جي تعارف سان گڏ سندس اباڻي مُلڪ جرمنيءَ جو بہ ڪُجهه احوال قلمبند ڪيو ويو آهي. يا هِن حصي جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي مُطالعي مان ليکڪ هي سِٽون لکي ٿو تہ، "سنڌ جي عظيم ليکڪن جون خودڪشيءَ بابت چوٽيون ڏسي(نوٽ پڙهڻ يا ٻُڌندڙ بجاءِ)سگهنديئن!تہ ڪيتري جارحانہ انداز ۾ هُنن خودڪشي ڪرڻ جو سوچي رکيو آهي. "الائي اُهي ڪهڙا عظيم ليکڪ آهن جن اهڙي جارحانہ انداز سان زندگيءَ بجاءِ خودڪشيءَ کي پنهنجين لکڻين ۾ بيان ڪيو آهي يا خود. خودڪشيءَ لاءِ سوچيو آهي. حقيقت هي آهي تہ هي ناول مٿين حصن ڪان اعلاوه ٻين حصن ۾ بہ گهڻا ئي جهول رکي ٿو. جنهن جي تفصيل ۾ وڃڻ لاءِ منهنجي هِن تحرير جو ڪيئنواس تمام وسيع هُئڻ گهُربو هو پر جيئن تہ هِن ڪُجهه پنن جي مُختصر ڦهلاءُ تي منهنجي هي لکڻي اُن ڪان تمام گهڻي قاصر آهي. اُن ڪري هِن ناول سان منسوب باقي ڪُجهہ مُختصر ڳالهيون ڪري مان هن تحرير کي سهيڙڻ جي ڪوشش ڪندس. "احساسن ڪان وساڻل گُفتا ۾"ڪبير ۽ ايلسا جي وچ ۾ نيٺ رستي ٿيل گُفتگو ۾ مُختلف مسئلن تي بحث بہ ڌيان طلب آهي. مثلن تصوف، مذهب، فلسفو، نِٽشي، عام شين جو مظهر، ڪبير داس، لطيف، گليلو، عيسيٰ مسيح، سُقراط، ليوٿر، مُسلم، يهودي، عيسائي، مُحمد، گوتم، برٽالٽ

بريخت، راما ڪرشن، پيبلو پڪاسو، مائيڪل اينجلو تخريبي ۽ انقلابي، هم وجوديت، چي گويرا، يورپ وغيره اهڙا ته لفظ آهن جيڪي هنن ڪردارن جي ڳالهين جو محوَر بڻيل آهن. يا هڪ هنڌ ليکڪ لکي ٿو ته، "اهي وبائون، جنهن کي اسان "قدر" چئون ٿا مون کي جڪڙي ڇُڪا هئا. "اِن جملي ۾ قدرن کي وبائن سان ڀيٽڻ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي سمجهه کان مٿي آهي. يا اِن ئي حصي ۾ هڪ ڏنل تشبيهه تي به سوچيندا هلون ته، "ماضي پُلصراط جي وڻ جيان ڦهليل هوندو آهي." "هيناو هيٺ. . . . . مُحبت" يا ناول جا ٻيا حصا نيٺ وسيلي ايلسا ۽ ڪبير جي گفُتگوءَ تي مُبني آهن. هن ناول "مُهذب وحشي" جو مُطالعو ڪندي الائي ڇو منهنجو ذهن گهڻو وقت اڳ پڙهيل هند ۽ سنڌ جي ناملياري نثر نويس هولا رام هنس جي مشهور ڪتاب "تي عظيم شاعر" هليو وڃي ٿو. جنهن ۾ هولا رام هنس "ميري" نالي هڪ ڪردار کي تخليق ڪري، اُن کان شيڪسپيئر جي شاعري مُتعلق ڳالهرائي ٿو ته ڀِتائي ۽ ڪاليداس جي شاعريءَ تي وري پاڻ گُفتگو ڪري ٿو. ائين اِنهن ٽنهي عظيم شاعرن جي، عظيم شاعريءَ جي فن ۽ فڪرجو انتهائي خوبصورت ۽ دل آويز انداز سان جائزو پيش ڪري ٿو. ته هولا رام هنس جي سحر نُما شاندار نثر جي رنگينيءَ سان دل باغ بهار ٿي پوي ٿي. ۽ واهه واهه جا لفظ، پکين جيان زبان جي ٽاريءَ تان پڙڪو ڏئي اُڏامڻ لڳن ٿا. "هيناو هيٺ. . . . محبت" ۾ هڪ هنڌ ڪبير، پنهنجي وڃايل پهرين پيار مُتعلق سوچيندي چوي ٿو ته، "هُن جي پوتي پهرڻ جو انداز ڪيڏو نه موهيندڙ آهي. بلڪل ائين، جيئن منهنجي ماءُ کي وفات وقت ڇهري جي چوطرف پوتي پهريل هُئي." ۽ جڏهن محبوبا ۾ ماءُ ۽ ماءُ ۾ محبوبا نظر اچي وڃي ته اُها مُحبت، عظيم مُحبتن جا ڪروڙين معراج ماڻي وٺندي آهي. ۽ ڪبير جي اهڙي معصوم ۽ پوتر مُحبت تي مون کي بي ساخته پيار اچي وڃي ٿو. هِن ئي حصي ۾ ايلسا ۽ ڪبير جي گُفتگو ملڻ جي معراج تي وڃي رسي ٿي ته ڪبير ايلسا سان نه ملڻ واري سوچ ۾ ٻُڏندو ۽ ترندو رهي ٿو. ايلسا جي اسرار تي ڪبير جو راضي ٿيڻ ۽ وري ڪراچي ۾ نه ملڻ بدران انڊيا ۾ ملڻ وارو خيال مون کي ڪجهه حيرت ۾ وجهندي عجيب ٿو محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. يا هتي جي حالتن کان ڊڄندي ڪبير ، عجيب ڪيفيتن جي ور چڙهي، عجيب خوف جوشڪار ٿيندو رهي ٿو. اهڙيءَ ريت انٽر نيٽ جي رفتار کان ڪبير ۽ ايلسا جي محبت جي رفتار وڌندي ٿي وڃي. جيڪا نيٺ هِن ناول جي آخري حصي

“سامني جا مُونجهارا” ۾ “ايلسا ۽ ڪبير هر ممڪنات جيئن جديد وائرليس ۽ آن لائن ٽيڪنالاجيز جو استعمال ڪندي، هڪٻئي جي ايترو ته ويجهو اچي وڃن ٿا جو هڪ ڏينهن جرمني جائي ايلسا، ڪبير سا ملڻ لاءِ آتي ڪراچيءَ جي انٽر نيشنل ايئرپورٽ تي اچي پهچي ٿي. ۽ مُختصر گُفتگو جي عرصي ۾ ٻئي هڪ ٻئي جي روبرو ٿي وري حيرت زده حالت ۾ ايلسا جرمنيءَ جي فلائيٽ ۾ واپس وڃڻ کان پهرين، ڪبير کي هي آخري جُملو چئي وڃي ٿي ته “ڪبير! ڪُليل درين کان پري رهجانءِ.”

15/11/2014

# خودڪشيءَ جي نوٽ تي دستخط

عالمي ادب ۾ فڪشن جيڪو ترجمن جي صورت ۾ مختلف ٻولين ذريعي چوڌاري دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ تائين پُهتو آهي يا پُهچي ٿو اُهو پنهنجي جوهر ۾ گهڻ پاسائون، فڪري، فني توڙي تخليقي اعتبار کان اعليٰ ۽ اُتم آهي. جنهن جي سرجڻ سان ادب جي دنيا ۾ تخليق ۽ آرٽ جا حسين شاهڪار جُڙيا آهن.

سارتر، ڪافڪا، ڪاميو، گورڪي، ٽالسٽاءِ، هيمنگوي، گارشيا مارڪيز، چارلس ڊڪنز، ايوان ترگنيف، آسڪر وائلڊ، لرمنتوف، موپسان، وڪٽر هيوگو، بورخيس، اوهينري، چيخوف، هرمن هيس، ارنستو سباتو، ميلان ڪنڊيرا، پائلو ڪولهو، نجيب محفوظ، آرون ڏَتي راءِ ۽ ٻيا ڪجهه ليکڪ پنهنجين ناولن ۽ ڪهاڻين ذريعي پڙهندڙن جي دلين ۽ دماغن کي سيراب ڪندا رهيا آهن. انهن ليکڪن ۾ فڪشن جو هڪ اهم نالو البرٽ ڪاميو پڻ فڪشن جي دنيا ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو.

”البرٽ ڪاميو فرانسيسي ادب ۾ موجوديت ۽ نامعقوليت جي نظرياتي تشريح ۾ هڪ اهم نالو آهي. جنهن انساني فطرت جون ڪيترين ئي ڳُجهيون ڪيفيتون وڏي مهارت سان ظاهر ڪيون آهي. “هُن جا دلچسپ موضوع، اخلاقيات، انسانيت، انصاف، سياست ۽ خودڪشي رهيا آهن. جن جو اثر سنڌس لکڻين تي پڻ ملي ٿو.

البرٽ ڪاميو جو ناول ”خوشگوار موت“ جيڪو اَبابيل سٿ جي دوستن احمد شاڪر ۽ رحمت سومري جي گڏيل ادبي پورهيي ”ابابيل “4 جي روپ ۾ شاعر دوست عرفان لُنڊ جي سنڌي ترجمي سان پڙهڻ لاءِ مليو آهي. هونءَ تہ هِن جڳ مشهور ويڳاڻپ ۽ وجوديت جي ليکڪ جا اڳ بہ ٽي ناول ”زوال“، ”پليگ“ ۽ ”ڌاريو“ پڙهي چُڪو آهيان-جن جو تخليقي، فني ۽ فلسفياڻو اثر ذهن تي اڄ بہ موجود آهي-

”البرٽ ڪاميو (البرٽ ڪيمس) الجيريا جي منڊووي شهر ۾ 7 نومبر 1913ع تي پنهنجي پيءُ لوسين جي گهر ۾ جنم ورتو-جيڪو هڪ هاري هُئڻ سان گڏ

فرينچ نَسُل مان هو-ڪاميو جا وڏڙا 1879ع واري فرانس جي هار پُڄاڻان، لَڏي اچي الجيريا ۾ رهڻ لڳا هئا. ڪاميو جي امڙ ڪٽترائين سنتيس اسپيني نسل مان هئي. ڪاميو ميٽرو پوليٽن فرانس ۾ پُهچي اخبار نويسيءَ جو ڌنڌو اپنائڻ کان اڳ، پنهنجو ٻاروتڻ اُتر آفريڪا ۾ گُذاريو هو. جتي ڪاميو فوٽ بال راند کيڏڻ ۽ تَرڻ جي شوق سان گڏوگڏ ڪوڙ ساريون نوڪريون پڻ ڪيون.

هُن 1934ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. پر پوءِ جڏهن 1940ع ۾ جرمنيءَ، فرانس تي قابض ٿيو ته ڪاميو ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ڇڏي1941ع ۾ مَزاحمتي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو ۽ 1944ع ۾ مُخفي اخبار "ڪومبيٽ"، (مقابلو ڪرڻ يا وڙهڻ)جو ايڊيٽر ٿيو. جنگ شروع ٿيڻ کان پَهرين 1939ع ۾ هڪ ناٽڪ "ڪيلي گولا" ۽ جنگ هلندي بہ ٻيا ڪتابَ جنهن ۾ هڪ ناول "اسٽرينجر" يا "آئوٽ سائيڊر"، (ڌاريو ياجنبي) ۽ 1942ع ۾ "لي مِٿ ڊي سسيفز" (دي مِٿ آف سسيفز) "نظرياتي مضمون "لکيائين. جن جي ڪري ڪاميو کي وڏي مَڃتا ملي. 1954ع ڌاري جڏهن الجيريا ۾ ويڙهہ شروع ٿي تہ ڪاميو ڪنهن بہ ڌُر جي حمايت ۾ ڪو بہ بيان نہ ڏنو. پر 1956ع ۾ ويڙهہ کي ختم ڪرڻ جي اپيل ڪيائين، جيڪا 1958ع ۾ "الجيرين- ڪرونائيگيس- الجرينيس" (الجيرين ڪرونائيڪلس) ۾ ورجايائين.

"ڪاميو يورپي-الجيريائي هُئڻ جي حيثيت سان، جنهن جي ماءُ ۽ پيءُ اجان الجيريا ۾ رهيل هئا، فرانس جي ڪابي ڌُر جي انهن ميمبرن جي حمايت نہ ڪئي، جن عرب باغين جي مُڪمل طور تي حمايت ٿي ڪئي. پر ڪابي ڌُر جي حمايتي هئڻ جي ڪري، جيئن1930ع ۽ وري 1945ع دوران الجيريائي عربن جي مُخالفت ۾ فرينچ رويي جي خلاف احتجاج ڪيو هئائين، تيئن الجيريائي فرانس جي انتها پسند حمايتن جي حمايت ڪرڻ کان پاسو ڪيائين. پَڇاڙيءَ ۾ صحافت ۽ سياست کان پاسيرو ٿي، ڪاميو پنهنجو سمورو وقت ڪتابن لکڻ ۾ گذارڻ لڳو. "دَي پليگ" (لا پيسٽ) (طاعون-1947ع) (اسٽيج آف سِيج) "لي اسٽاٽ ڊي سِيج" (آقا جي دربار-ناٽڪ 1949ع)، "ليس جسٽيس" (مُناسب)، "دي ربيل"، "لي هوميرِوولٽ"، (بغاوت) سياسي فلسفو:1952ع)، (دي فال) "لا چيُوٽ"، (زوال) ناول 1956ع"، 1957ع ۾ ڪهاڻيون (ايگزائيل ايندِ ڪنگڊم) "لي ايگزائل ايٽ لي روئيوم" (جلاوطني ۽ بادشاهي)، (ريزسٽنس، ربيلن ايند ڊيٿ)، (رُڪاوٽ، بغاوت ۽ موت)نظرياتي

مضمون، ”42_1935ع(ڪارنيٽس) (نظرياتي مضمون)، جيڪي دوستو وسڪيءَ جي ناول تان ڪنيل (پڙيزڊ) ”قبضي ۾ يا قابض“(ناٽڪ:1959ع) ۽ ٻين ڪيترن ئي تحريرن جي ڪري ڪاميو ڪي ايڏي وڏي مڃتا حاصل ٿي.

ڪاميو پنهنجي لکڻين ۾”ايبسرڊٽي اينڊ ايگزستينشلزم“(تِڇ پڻو ۽ وجوديت) جي نظريئي کي پيش ڪرڻ جي ڪري اهميت حاصل ڪئي. جنهن ۾ هُو اڄوڪي انسان جي اندر جي پيڙا ۽ ذهني ڇڪتاڻ کي سليندو نظر اچي ٿو. ڪاميو کي ادبي مهانتا جي مڃتا طور 1957ع ۾ ادب جي نوبل انعام سان نوازيو ويو. اُهو انعام فرانس ۾ جن ٻه حاصل ڪيو آهي ڪاميو، اُنهن سڀني کان عمر ۾ ننڍو هو. 1930ع کان ڪاميو سِلهه جي بيماريءَ ۾ ورتل هو ۽ مُتِس مختلف وقتن تي اُن جو حملو ٿيندو رهيس. پر نيٺ ڪاميو 4 جنوري 1960ع تي ڪار جي هڪ حادثي ۾ گُذاري ويو. سندس وفات کان پوءِ 1970ع ۾ ڪاميو جو هڪ ناول”دي هيپي ڊيٿ“(خوشگوار موت)شايع ٿيو جيڪو هُن، مَرڻ کان اڳ ۾ ئي مُڪمل ڪري ورتو هو. “، اُن ناول جو سنڌي ۾ ترجمو عرفان لُنڊ ڪيو آهي-

”دي پليگ/طاعون“ڪاميو جو اهم ترين ناول آهي. هي ناول فلاسافيڪل انداز ۾ علامت نگاريءَ جو هڪ اعليٰ مثال آهي. جنهن فڪشن جي ليکڪ جي حيثيت سان ڪاميو کي شهرت جي بُلندين تي پهچائي ڇڏيو. ناول جي وسيع تَر دنيا اُن جا ڪيئي ڪردار، طاعون جي انڌا ڌُنڌ موت ڦهلائيندڙ بيماري جو هانءُ ڌهڪائي ڇڏيندڙ خوف، ڊاڪٽر، نرسون ۽ مرندڙ ماڻهن جي وچ ۾ هوندي ٻه هڪ اُميد ۽ حوصلي سان ناول جو اهم ڪردار جيڪو ايمبولنس هلائي ٿو، ۽ مريضن کي اسپتال پيڙو ڪري ٿو. سو ڀرپور نموني سان اُن سڄي صورتحال ۾ مُتحرڪ رهي ٿو. ڪاميو ٻين عالمي جنگ ۽ طاعون کي علامت نگاريءَ جي اعليٰ اسلوب ۾ تخليق ڪري هڪ ادبي شاهڪار تخليق ڪيو آهي-جنهن ناول مان ڪيترائي سوال ڪَرَ موڙي جاڳي پَون ٿا. ڪاميو جي هڪ ليکڪ هئڻ جي ناتي اِها وڏي خوبي آهي جو طاعون توڙي عالمي مهاڀاري لڙاين جي ڪري پيدا ٿيل خطرناڪ حالتن ۾ ٻه ڀرپور سگهه ۽ اميد سان مُنهن مُقابل ٿيڻ جو جيڪو درس يا نظريو ڏئي ٿو اهو سندس تخليقي انداز کي آرٽسٽڪ عروج بخشي ٿو-

”ڪاميو جي ناول“خوشگوار موت“جي پهرين باب ۾ ناول جو اهم

ڪردار پيٽرس مرسان هڪ ٻي ڪردار منڊڙي زيگريولا ڏانهن ويندي ڏيکاريو وڃي ٿو.

اپريل جي خوشگوار صبح جو ڏور پهاڙي تي صنوبر جي وڻن مان سج جي روشني ٽُڪرن ۾ جِهلملائيندي رهي ٿي-

بنگلي جي پر سان سَڙڪ تي هڪ خوبصورت ننڍڙو چوراهو جنهن جي چوڌاري قلواڙيون, ويهڻ لاءِ ڪاٺ جون بينچون. رنگبرنگي ٽڙيل گل, ڪليل آسمان هيٺ هڪ خوشگوار منظر جوڙين ٿا. مرسان بنگلي پرسان پهچي ڪجهه پل بيهي, پنهنجن هٿن تي دستانا پائي بيڪڙيل دروازو کولي اندر داخل ٿي وڃي ٿو-جيڪو در منڊڙو زيگريولا ڪڏهن به بند نه ڪندو آهي. زيگريولا بلڪل ساڳيءَ طرح آتش دان جي ويجهو ڪرسيءَ تي ويٺل آهي, جهڙيءَ طرح به ڏينهن اڳ پيٽرس مرسان زيگريولا کي ڇڏي ويو هو-مرسان جي دل تيز ڌڙڪڻ لڳي ٿي, ڪيس پنهنجون ٽنگون پڻ ڏڪندي محسوس ٿينس ٿيون, مرسان ميز جو خانو کولي ٿو جنهن ۾ هڪ پستول, اَڇي لفافي مٿان پيل آهي, لفافي ۾ ڪاغذ جي پَني تي زيگريولا جي هٿ اکرن ۾ لکيل آهي, ”آئون رڳو اُنهن ماڻهن کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه ڪري رهيو آهيان جن هيل تائين منهنجو خيال رکيو آهي, جيڪڏهن ڪجهه بچي وڃي ته مهرباني ڪري اُنهن ماڻهن لاءِ استعمال ڪيو وڃي جيڪي قيد ۾ آهن, پر مون کي لڳي ٿو ته آئون ڪجهه وڌيڪ ئي اُميد ڪري وينو آهيان. “نيٺ پيٽرس مرسان پنهنجون اکيون بند ڪري هڪ وک پوئتي ٿي پستول جي لبلبي کي دبائي ڇڏي ٿو.“

پهرين باب ۾ پيش آيل واقعو سڄي ناول ۾ هيرو جو سموري زندگي پاڇي وانگر پيڇو ڪري ٿو ۽ ڪيس نفسياتي طور تي منتشر ڪندو رهي ٿو.

”ٻين باب ۾ پيٽر مرسان خاموشيءَ سان بي حس ۽ حرڪت رت ڏسي رهيو آهي, مرسان جي آفيس جو هڪ ڪلارڪ ايمائنول هُن کي ٻانهن کان وٺي لوڏي ٿو ۽ تيز اينڊڙ ٽرڪ کان ڪيس بچائيندي زوردار ڌڪو ڏئي ٿو. ٽرڪ جي رفتار گهٽجڻ سان هُو ٻئي ڄڻا ٽرڪ ۾ چڙهي پَون ٿا-۽ پنهنجي مخصوص هنڌ تي پهچندي ئي لهي وڃن ٿا, هُو ٻي يا رنهن روڊ تي هڪ ٻئي پنيان هلندا رهن ٿا, پيٽرس مرسان, ايمائنول جي پيٽ ۾ ڊگهي قد ۽ پريل بت سان آهي. هُو گُهمندي گهمندي پنهنجي پسند جي ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿين ٿا, جنهن جو مالڪ سليسٽي, وڏن مُڇن سان هڪ قدآور شخص آهي. جيڪو ايمائنول کي

”پوڙها ماڻهو“چئي مُخاطب ٿيندي چئي ٿو تہ”صحيح معنيٰ ۾ ماڻهو ٿيڻ لاءِ پنجاهہ سالن جو هُجڻ ضروري آهي. “

ايئن پيٽرس مرسان ريسٽورنٽ مان نڪري پنهنجي فليٽ تي اچي ٿو. هُو جنهن ڪمري ۾ اچي سُمهي ٿو اُهو ڪڏهن سندس ماءُ جو هوندو هو. ٽن ڪمرن واري فليٽ ۾ هُو هڪ ڪمري ۾ اڪيلو رهي ٿو جڏهن تہ ٻہ ڪمرا هُن پنهنجي سُجاڻ ڪي مسواڙ تي ڏئي ڇڏيا آهن. جيڪو اسلحہ ساز آهي ۽ پنهنجي پيڻ سان گڏ رهي ٿو. مرسان جي ماءُ جي وفات وقت، مرسان جي عمر لڳ ڀڳ سورنهن سال هئي، هُن جي ماءُ ڏاڍي خوبصورت هئي، ۽ زندگيءَ جو مَزو ماڻيندي جڏهن هوءَ چاليهن سالن جي ٿي تہ هُن کي شگر جي بيماري ٿي پئي جنهن هن جي چهري جي تازگي ختم ڪري ڇڏي. پر هاڻي غربت ۽ اڪيلائي مرسان کي ڏنگڻ لڳا آهن. جڏهن هُو پنهنجي ماءُ بابت سوچيندو آهي تہ هُن کي پاڻ تي رحم اچي ويندو آهي، هُو سُٺي ۽ شاندار زندگي گُذاري سگهيو پئي پر مرسان پنهنجي ننيڍڙي فليٽ ۾ غربت هاڻي زندگيءَ سان لاڳاپيل آهي. “

”باب ٽيئن ۾ هُو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي اڪيلائي ۽ جذباتي چيڙاڪ طبيعت ۾ ٻُڏل رهي ٿو. هُو تڪڙ ۾ وارن کي ڦڻي ڏئي، جلدي ۾ هيٺ لهي هڪ ٽرام ۾ چڙهي ٿو. منجهند جو دفتر ۾ هُو هڪ وڏي ڪمري ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، جتي چوطرف پٽين ۾ چار سئو کان وڌيڪ خانا ٺهيل آهن. جن ۾ جهازن جي آمد ۽ روانگي واري سامان وغيره جو حساب ڪتاب ۽ جهاز جي آمد ۽ رفت جا ضروري ڪاغذ رکيا وڃن ٿا. اُن ريڪارڊ واري دفتر ۾ هُن سان گڏ ٽي عورتون بہ ڪم ڪن ٿيون. هڪڙي وڏندڙ چهري واري، جنهن جي تازو ئي شادي ٿي آهي، ٻي اجان ڪنواري آهي ۽ پنهنجي ماءُ سان گڏ رهي ٿي ۽ ٽين پڪي عمر ۽ مَضبوط خيالن واري مائي آهي. اڳتي هلي هڪ هنڌ هي ڏيک اُڀري ٿو تہ جڏهن بہ مرسان، مارٿا جي هٿ ۾ هٿ ڏئي بازار ۾ گُهمي ٿو تہ مارٿا جي چهري تي پوندڙ ۽ جِهلملائيندڙ روشني هُن کي ڏاڍي حسين لڳي ٿي. مارٿا کان پهرين مرسان جڏهن بہ ڪنهن عورت سان گڏ وقت گُذاريو ۽ هُن کي خوش پانيو تہ مرسان جي ذهن ۾ اها ڳالهہ واضع ٿي وئي تہ”محبت ۽ جسماني ميلاپ جو اظهار گڏ ٿيڻ گُهرجي“. پر مارٿا سان هُن جي مُلاقات اُن وقت ٿي جڏهن هُوءَ هر شيءِ مان ايسٽائين جو هُو پنهنجو پاڻ مان بہ بيزار ٿي چُڪو هو. آزادي ۽ خود مُختياري جي خواهش اُن شخص ۾ پيدا ٿيندي آهي جيڪو پنهنجي زندگيءَ

مان پُراُميد هوندو آهي. آخر ڪار مرسان، مارٿا کان سندس چاهيندڙن مُتعلق پُڇي ٿو ۽ مارٿا پنهنجن چاهيندڙن جو انگ ڏهه ٻُڌائي ٿي، هُو سگريٽ دُکائيندي مارٿا کان پُڇي ٿو ته ڇا مان اُنهن کي سُڃاڻان ٿو؟ ۽ مارٿا وراڻي ٿي ته ڪِن کي تون سُڃاڻين ٿو جيڪي هِتان ويجهو ئي رهندڙ آهن. مرسان، مارٿا کان واعدو ٿو وٺي ته تون اُنهن سينيءَ جا نالا مون کي ٻُڌائيندينءَ ۽ جيڪڏهن اُهي ڪٿي رستي ۾ ملي به وڃن ته اُهي مون کي ڏيکاريندينءَ. جن کي مان نالي سان نه سڃاڻيندو آهيان. هوءَ سمجهي رهي هئي ۽ تعجب جي ڳالهه هئي ته هُن، اُنهن جا نالا به ٻُڌايا. ۽ اُنهن نالن ۾ رڳو هڪڙو نالو هو جنهن کي مرسان نه سُڃاڻيندو هو. هُن جيڪو آخري نالو ورتو مرسان اُن کي سُڃاڻيندو هو ۽ اُن بابت هُن پهريان ئي سوچي رکيو هو. ڇاڪاڻ ته اُن ۾ مرداڻي ڇِڪ هئي. ۽ عشاق عورتون هُن تي مرنديون هيون. مرسان سوچي ٿو ته شايد جذبات جي مدهوشي ۾ پاڻ کي ڪنهن جي حوالي ڪري ڇڏڻ ئي محبت جي جذبي جو صحيح اظهار آهي. ايئن مرسان ۽ مارٿا جون اُن موضوع تي ڪوڙ ڳالهيون ٿين ٿيون ۽ مُختلف ڪيفيتون ۽ خيال پڻ اُن گفتگوءَ ۾ سلهاڙجي وڃن ٿا. هُو مارٿا ڏانهن واپس اچي ٿو ۽ هُن جي ڳن جي گرم پاپڙين کي پنهنجي آڱرين سان مَهٽيندي چوي ٿو. ”۽ اهو زيگريو ڪير آهي“، اُهو ڪير آهي، رڳو اُن کي مان نٿو سُڃاڻان. هان اُهو. مارٿا شرارتي ٽهڪ ڏيندي چوي ٿي، مان ته هاڻي به ڪڏهن ڪڏهن اُن سان ملندي آهيان. هُو منهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ماڻهو هُيو. تون سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. مان اُن وقت نابالغ هُيس ۽ هُو عمر ۾ مون کان وڏو هو. هاڻي هُو مَعذور آهي. هُن جون ٻئي ٽنگون وڍجي ويون آهن. اڪيلو ئي رهندو آهي. هُو سُٺو پڙهيل لکيل شخص آهي. مون کي ڪڏهن ڪڏهن اُن جي خدمت چاڪري ڪرڻي پوندي آهي. هاڻي سڄو ڏينهن هُو رڳو پڙهندو رهندو آهي. تڏهن هُو به ڪل پوگ ڪندڙ شاگرد هو. پوءِ وري جڏهن مارٿا، مرسان سان ملي ته هُن زيگريو بابت ڳالهايو ۽ مرسان کي چوڻ لڳي ته. مون تو بابت زيگريو کي ٻُڌايو هو. مون کيس ٻڌايو ته منهنجو محبوب مرسان وڏي مرداڻي سُونهن جو مالڪ آهي. زيگريو توسان ملڻ چاهي ٿو. خبر ناهي ڇو؟ هن چيو پئي ته. سُنن ماڻهن سان ملي مون کي خوشي ٿيندي آهي. زيگريو زور زور سان کلندي ڳالهائيندو آهي ۽ پوءِ اوچتو خاموش ٿي ويندو آهي. هُن جو وڏو ڪمرو جنهن ۾ چوطرف ڪتاب ئي رکيل آهن. آتش دان مٿان رکيل گوتم ٻُڌ

جي مجسمي تي باهہ جي چَمڪ پَوڻ سان روشني ۾ پاڇو ٿئي ٿو. مرسان ڪي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ زيگريو سوچڻ ڪان پوءِ ئي ڳالهائيندو آهي. مرسان اُن ڪري مُحتاط رهي ٿو تہ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو زيگريو جون ڳالهيون اُنهن جي تعلق ڪي دوستيءَ ۾ نہ بدلائي ڇڏين. مرسان ڪي لڳي ٿو تہ اُهو ڪمرو هميشہ ڪان ائين ئي آهي. ڪنهن ڏنڊلائجي ويل ڏُکاري ماضيءَ جي احساس وانگر. هڪ انسان پنهنجو پاڻ ڪي پنهنجي جسماني ضرورت ۽ ذهني سوچ جي توازن جي وچ ۾ پرکيندو آهي. زيگريو!تون مون ڪي کِلڻ لاءِ مجبور نہ ڪر. ٿورو ويچار ڪر تہ روزانو اٺ ڪلاڪ جي نوڪري. آها!. پوءِ توکي ڪجهہ ڪرڻ کپي. زيگريو مُسڪرائيندي چوي ٿو. مرسان وراڻي ٿو تہ مون ڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ پيسو ڪمائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻو ئي پوندو. زيگريو چئيس ٿو تہ. پئسي بنا توهان خوش نٿا رهي سگهو. مان ڏيکاءُ ۽ بناوٽ ڪي پسند نہ ڪندو آهيان نہ ئي رومانويت ۾ بي هوش ٿيڻ چاهيان ٿو. مون محسوس ڪيو آهي تہ ڪيترائي ماڻهو خام خياليءَ ۾ پاڻ ڪي ٻين ڪان بهتر سمجهندا آهن. ڪير آهي جيڪو نہ ٿو سمجهي تہ خوشيءَ لاءِ پيسي جي ضرورت پوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن خوشي وڏي عرصي جو صبر آزمائيندڙ عمل بہ هوندي آهي. اسان پنهنجي زندگي پيسو ڪمائڻ ۾ وڃائي ڇڏيندا آهيون. جڏهن تہ اسان ڪي پنهنجو وقت خوشگوار ۽ سُٺو گُذارڻ ۾ وڃائڻ کپي. وقت. خوشي ۽ پيسو اُهي ئي اهم مسئلا آهن جن ۾ مان هميشہ دلچسپي وٺندو رهيس. سمجهندي ۽ بنا ڪنهن خوشفهمي جي. زيگريو پنهنجون اکيون بند ڪري خاموش ٿي ويو. مرسان ٻاهر اونداهي آسمان ڪي ڏسڻ لڳو. زيگريو چوي ٿو تہ. جڏهن مان پنجويهن سالن جو هُئس تڏهن ئي مون ڪي اِن ڳالهہ جو اندازو ٿي ويو هو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو هوش ۽ حواس ۾ هوندي خوشيءَ جو ڀُولائو هُجي تہ اُن ڪي امير بڻجڻ جو حق آهي. خوشي حاصل ڪرڻ جي بُک ۽ لگن ڪنهن جي دل ۾ پيدا ٿيندڙ سڀ ڪان مُعتبر ۽ اعليٰ جذبو آهي. منهنجي نظر ۾ اُهو جذبو هر شيءِ جو حقدار بڻائي ڇڏيندو آهي. بس رڳو سچي لگن هُجڻ گُهرجي. مرسان. منهنجي ڳالهہ توجهہ سان ٻُڌ!پنجويهن سالن جي عمر ۾ مون پنهنجي خوش بَختي بڻائڻ شروع ڪئي. اصول ۽ قانون جي پرواهہ ڪرڻ بنا ئي رستي جون سڀ رُڪاوٽون هٽائيندو ويس ۽ ٿورن سالن ۾ ئي مون سڀ ڪجهہ حاصل ڪري ورتو. تون سمجهين پيو. مان ڇا چوڻ پيو چاهيان؟مون اٽڪل ويهہ لک

ڪمايا، زيگريو ٻُڌائيس ٿو تہ، وٽس دنيا ۾ سڀ ڪجهہ هُيو ۽ هُو اُها زندگي گُذاري سگهيو پئي جنهن جا هُن خواب ڏٺا هئا. پر هڪ سرد آهہ ڀريندي هُو آهستي چوي ٿو تہ، جيڪڏهن سندس هڪ حادثي ۾ ٻئي ڄنگهون ضايع نہ ٿين ها، گذريل ويهن سالن کان اُها ڪمايل دولت وٽس بيڪار پئي آهي، مون عام زندگي گذاري آهي ۽ منهجو سرمايو جيئن جو تيئن مون وٽ پيل آهي، زيگريو، لاچاريءَ جي ڪيفيت مان هٿن سان پنهنجون ٻئي اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ نهايت ئي ٿڌي لهجي ۾ چيو تہ، زندگي ڪنهن مجبور ۽ لاچار شخص جي محبت سان داغ دار نہ هئڻ گهرجي، اُن موقعي تي آتش دان ڀرسان رکيل ميز جو خانو کولي اُن ۾ پيل لوهي تجوڙي هُو مرسان کي ڏيکاري ٿو، اُن جي تالي جي چاٻي اُتي ئي ٽُنبيل آهي، تجوڙي جي مٿان اڇو لفافو پيل هو ۽ اُن جي مٿان هڪ وڏو پستول. سِڌي ڳالهہ آهي تہ جڏهن اوچتي حادثي زيگريو کي ٻنهي ڄنگهن کان محروم ڪري ڇڏيو هو ۽ زندگي هُن لاءِ عذاب بڻجي وئي هئي تہ مايوسي جي حالت ۾ هُن اُهو خط لکيو هو، جنهن ۾ هُن زندگيءَ کي ختم ڪرڻ وارا جواز تفصيل سان درج ڪري پنهنجي بي وسي جو اظهار ڪيو هو، خط تي هُن تاريخ نہ لکي هئي، هُن موت جي ٿڌاڻ کي پستول جي نالِيءَ ۾ محسوس ڪيو، ۽ اِهو محسوس ڪندي تہ هاڻي هُن لاءِ اِهوئي بهتر آهي تہ هُو ”خودڪشي جي نوٽ تي دستخط“ ڪري ۽ اُن تي تاريخ لکي پستول جي لبلبي کي دٻائي ڇڏي، پر موت جي ڀيانڪ حقيقت بہ اُن جي سامهون هئي تہ زندگي جي خاتمي جو مطلب بہ. پوءِ اوچتو زنده رهڻ جي لِڪل خواهش اُڇل ڏئي سندس اندر مان ٻاهر اچي وئي، اِهو ٻُڌي مرسان جي ذهن ۾ ڪا هلچل پيدا ٿئي ٿي، جڏهن کان زيگريو پنهنجي ڪهاڻي فلسفياڻي انداز ۾ بيان ڪئي هئي، مرسان پهريون دفعو اکيون کٽي ڏسي ۽ چوڻ لڳي ٿو، مان سمجهان ٿو تہ تون صحيح سوچيندو آهين، زيگريو سرگوشي ڪندي چيو تہ، ها اِهو بهتر آهي تہ انسان پنهنجي هِن زندگي ۾ شرط لڳائي، نہ ئي اڳيئن زندگي جو سوچي، زندگي مون کي ڳيهي وئي، مان زندگي کي پوري طرح سمجهي نہ سگهيس، ۽ جيڪا شيءِ مون کي موت کان ڊيڄاريندي آهي سا اِها آهي تہ، موت منهنجي احساسِ محرومي کي مُڪمل ڪري ڇڏيندو. پر مون ۾ زندگي جي تند اڃان وجي پئي ۽ اُميد قائم آهي،“

هن باب ۾ زندگيءَ جا بہ متضاد رويا يا خيال پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿا، هڪڙي

پاسي مُڪمل ماڻهو آهي تہ ٻئي طرف هڪ اڌورو معذور شخص. ٻنهي ڪي ڀرپور زندگي گذارڻ جي شديد خواهش آهي پر هڪ وٽ غربت جي معذوري آهي تہ ٻئي وٽ وقت جي ستم ظريفيءَ جي ڏنل معذوريءَ جي غربت. غربت رڳو پئسي جي اَڻ هوند جو نالو ناهي پر غربت تہ پيسي جي هوندي بہ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ هر انسان وٽ موجود رهي ٿي، بک رڳو پيٽ جي ناهي ٿيندي پر اها تہ دنيا جي هر شيءِ مان پنهنجون نابين اکيون ڪڍي نهاريندي پئي نظر ايندي آهي. ڪاميو انساني زندگيءَ جي المناڪين ۽ ٽُٽل خوابن ۽ اڌورين خواهشن جو تخليقيڪار آهي.

”چوٿين باب ۾ رات گهر واپس ايندي مرسان، زيگريو بابت سوچيندي پنهنجي فليٽ تي پهچي ٿو تہ تڪليف مان ڪنهن جي آهُن ڀَرڻ جو آواز ٻُڌي ٿو. جيڪو سندس ڪرائيدار، اسلحي ساز ڪارڊونا جو آهي، جيڪو پنهنجي گذاري ويل ڪراڙي ماءُ کي ياد ڪري روئي ٿو. ننڍي قد، سُنن مُهانڊن ۽ ٽيهن سالن جو ڪارڊونا پنهنجي ماءُ سان گڏ رهندو هوءِ ساڻس محبت ڪندو هو. جيڪڏهن هُو ايترو عرصو پنهنجي ماءُ سان گڏ رهيو هو تہ اُن جو سبب اِهو هو تہ هُو ڪنهن بہ ٻي عورت جي دل ۾ پنهنجي لاءِ محبت نہ پيدا نہ ڪري سگهيو هو. ماءُ جي مرڻ کان پوءِ هُو پنهنجي ڀيڻ سان گڏ رهڻ لڳو هو. مرسان جي ڏنل ڪرائي واري ڪمري ۾، ڪارڊونا جي خراب عادتن، آڪڙ ۽ چيڙاڪ طبيعت سبب سڄي ڪمري ۾ شيون وکريل پيون آهن. ڪارڊونا کي پنهنجي ڀيڻ جو اُن شخص سان ملڻ جلڻ بلڪل بہ پسند نہ آهي، جنهن سان هوءَ محبت ڪري ٿي. اِن ئي باب ۾ اِڳتي هلي هڪ صبح جو مرسان، زيگريو کي قتل ڪري ڇڏي ٿو. ۽ گهر پُهچي سموري منجهند ننڊ ڪندو رهي ٿو. جڏهن اُٿي ٿو تہ هُن کي بُخار هُجي ٿو. آفيس مان هڪ ماڻهو وَٽس معلوم ڪرڻ اچي ٿو تہ، هُن پنهنجي آفيسر موسيو لنگالوسن کي کهڙي سبب جي ڪري نوڪري ڇڏڻ جي درخواست ڏني آهي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اخبار ۾ خبر ڇپجي ٿي تہ، ”تحقيقات مان ثابت ٿيو آهي تہ زيگريو خودڪشي ڪئي آهي.“

اُن کان پوءِ مارٿا، مرسان سان ملڻ اچي ٿي ۽ ٿڌو ساهہ ڀريندي افسوس جو اظهار ڪندي چوي ٿي تہ، ڪڏهن اُهو وقت بہ هو جو توهُن جي جڳهہ وٺڻ پئي چاهي، ”پر زنده رهڻ لاءِ پاڻ کي گولي هڻي ماري ڇڏڻ کان وڌيڪ همت جي

ضرورت هوندي آهي. “
ايندڙ هفتي مرسان پاڻيءَ واري جهاز تي مارسلز وڃي ٿو ۽ ماڻهن کي ٻڌائي ٿو ته، هُو ڪجهه ڏينهن آرام ڪرڻ لاءِ فرانس وڃي رهيو آهي.
مارٿا کي ”ليئون“ مان مرسان جو الوداعي خط ملي ٿو. جيڪو مارٿا جي دل کي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏي ٿو. خط ۾ ”مرسان اِهو به لکي ٿو ته هُن کي وچ يورپ ۾ ڪا وڏي نوڪري ملي رهي آهي. جواب ۾ مارٿا پنهنجي اڪيلائي جو ذڪر ڪري ٿي. پر اُهو خط مرسان کي ڪڏهن به نه ٿو ملي. ڇاڪاڻ ته ”ليئون“ پُهچندي ئي هُن کي وري تيز بُخار ٿي پوي ٿو. ۽ هُو دل شڪستو ٿي پهرين ئي ٽرين ۾ پراگ هليو وڃي ٿو. “ ”باب پنجين ۾ هُو پراگ جي ڪنهن هوٽل ۾ ڪرائي تي ڪمرو وٺي ٿو۔ڪمري نمبر چوٿيه ۾ اچي ڪوٽ لاهي ٿو ۽ ٽائي جي ڳنڍ کي ڍرو ڪري، ٻانهون کُنجهي ”واش بيسن“ وٽ لڳل آئيني ڏانهن وڃي ٿو. پنهنجي چهري جو جائزو وٺي ٿو. سندس رنگ ٿورڙو سانورائجي ويل لڳيس ٿو. وار وکريل، جيڪي نرڙ ۽ ڪنن مٿان لڙڪي رهيا اٿس. هُن کي آئيني ۾ پنهنجا مُهاندا سُنا نه ٿا لڳن. هُو جلديءَ ۾ ڪپڙا مٽائي ۽ سگريٽ دکائي ٻاهر هليو وڃي ٿو. هوٽل کان ٻاهر جنهن ڳليءَ ۾ هُو آيو آهي اُتي ننڍا ننڍا ريسٽورنٽ ۽ ڪيفي آهن. سوڙهي رستي تان گذري جڏهن هُو مُک شاهراهه تي پهچي ٿو ته هُن کي پراگ شهر جو ٽائون هال ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شام ٿيندي ئي ٽائون هال ۽ پراڻي چرچ جي عمارت ٻئي پُرسڪون لڳي رهيون آهن. ٿورو ئي اڳتي، سامهون لوهه جو دروازو لڳل آهي جنهن کي پري تائين چاديواري ڏنل آهي ۽ اُن تي قديم دور جا نقش چٽيل آهن. جتي ڪي ٻي گهر ماڻهو رهن ٿا. چار ديواري جي احاطي ۾ يهودين جو هڪ پراڻو قبرستان آهي. هُن کي اُتي بيهڻ سان گهبراهٽ محسوس ٿيڻ لڳي ٿي. هُو مُسلسل تيزيءَ سان هلندو هوٽل تائين پُهچي ٿو. هُن کي اُلٽي ايندي محسوس ٿيڻ لڳي ٿي. جيئن تيئن ڪري هُو ڪمري تائين پهچي بستري تي پاڻ کي اُڇلي ٿو ۽ گهري ننڊ ۾ هليو وڃي ٿو.
“

”ٻي صبح جو اخبار وڪڻندڙ جي هوڪي تي هُن کي جاڳ ٿئي ٿي، آسمان تي بادل آهن. پر رکي رکي سج بادلن مان جهاتي پائي ٿو. هونءَ مرسان ڪمزور ٿي ويو آهي پر هُو پهرين جي ڀيٽ ۾ بهتر پيو محسوس ڪري. مرسان کي لڳي رهيو آهي ته، هُو ڪيسين خاموش ۽ اڪيلي زندگي گذاريندو. هاڻي

هر لمحو ڪيس سال برابر لڳي ٿو. پراگ جي يَڪسانيت ڪان هُن جي دل هاڻ ڪَٽي ٿي پئي آهي، اُهوئي بهتر وقت هو جنهن ۾ هُن ڪي هي شهر ڇڏي وڃڻ گُهربو هو. “

ڪاميو انساني نفسيات ۽ فطرت جي جنهن باريڪ بينيءَ سان اوڪ ڏوڪ ڪري ٿو اُها هڪ اعليٰ فنڪار جو اعليٰ فن ئي ٿي سگهي ٿو. ماڻهوءَ جي ڪيفيتن توڙي سوچن جي اهڙي تُرَ ۽ ذهن وسيلي روح ۾ لهي ويندڙ ڪردار جي ڪردار نگاري، جو پڙهندڙ اُن جي هيئت ۾ پاڻ ڪي تبديل ٿيندي محسوس ڪرڻ لڳي. هُونءَ بہ هڪ ليکڪ ڪي رڳو ظاهري نہ بلڪ داخليت ۾ رسائي ڪرڻ جو پرپور هُنر پڻ اچڻ بِنه ضروري آهي-

”باب ڇهين ۾ تيز رفتار ريل گاڏي مرسان ڪي اُتر طرف ڪٽي وڃي رهي آهي، هُو پنهنجو جائزو وٺي ٿو ۽ ڏسي ٿو تہ گاڏي جي هڪ حصي ۾ هُو اڪيلو ئي آهي. آسمان تي ڇانيل بادلن سان گڏ ريل گاڏي بہ ڀڄي رهي آهي. هُن اوچتو اڌ رات جو ئي پراگ مان هِن ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ جو سوچي ورتو هو. باڪ ڦٽڻ جا آثار ظاهر ٿي رهيا هئا. بوهيما جو ميداني علائقو تيزي سان گذري ويو هو. هُن بہ ڏينهن اُهو سفر ڪيو پر اُهو سفر هُن لاءِ فرار جي راهہ نہ هو. سفر جي يڪسانيت هُن ڪي هڪ قسم جو سُڪون بخشي رهي هئي، اُها ريل گاڏي جيڪا هُن ڪي اٽڪل اڌ يورپ پار ڪرائي آئي هئي، ۽ هُن ڪي هاڻ بي دنيا جا جُهوٽا ڪارائي رهي هئي، هُن چاڻي واڻي پنهنجو سفر برسلو تائين وڌائي ڇڏيو هو. رات جي پُراسرار خاموشي ۽ اُونداهي ۾ ريل ڊوڙي رهي هئي، روشني ۽ اُونداهي جي اِن لِڪ ڇُپ ۾ ريل ڊرسبن، بوتزن، گورتز، لڪنبز ڪان گذري آئي هئي، ٻئي ڏينهن صبح جو ريل ميداني علائقي ۾ آهستي ٿي وئي، برسلو اجان بہ گهڻو ڏور هو. هُن جي لاشعور ۾ چرچ ۾ ٻُڌل اُها ڳالهہ اجان تائين موجود هئي تہ”انسان مٽي مان ٺهيو آهي، واپس مٽيءَ ۾ ويندو ۽ پوءِ وري اتان ئي اٿاريو ويندو. “هُو زندگي، ڏک، خوشي، موت ۽ پريشاني جي حل نہ ٿيندڙ مسئلن بابت سوچن ۾ گُم آهي. ڪُجهہ ڪلاڪن جي سفر ڪان پوءِ هُو برسلو پهچي ٿو. مرسان اجان وري ڏکڻ ڏانهن سفر جاري رکڻ جو سوچي ٿو. ايئن ٻئي ڏينهن هُو ويانا ۾ پهچي ٿو. ويانا جو صبح دلڪش ۽ خوبصورت آهي. ويانا تازو ڪري ڇڏيندڙ شهر آهي. ميٽ اسٽيشن جو چرچ تمام وڏو آهي ۽ هي ٽڪجي پيو آهي، نہ ڄاڻ ڇو اُن وقت هُن ڪي پنهنجا دوست روز ۽ ڪليبر ياد اچي وڃن ٿا.

ليون چڏڻ ڪان پوءِ هُن پهريون خط لکيو هو. جيڪو سندس طويل خاموشي ۾ مسئلن جو اظهار هو. خط لکڻ ڪان پوءِ هُو شام جو ناچ گهر ۾ ويو. جتي هُن هيلن سان وقت گذارڻ جو پروگرام ٺاهيو. جيڪا اُتي رقاصا هئي. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ مرسان کي الجير کان پنهنجي خط جو جواب پُهچي ٿو. جنهن ۾ ڪيس الجير واپس موٽي اچڻ جي پيار ڀري التجا ڪئي وئي آهي.

مرسان الجير واپس وڃڻ جو فيصلو ڪري ٿو. ريل گاڏي اُتر اٽلي کان ٿيندي جنيوا کان ٿيندي جڏهن پئرس پهچي ٿي تہ اُتي بهار جي موسم آهي، ۽ هُو وري هلڪو بخار محسوس ڪري ٿو پر ڪا خوشگوار سوچ هُن جي همت وڌائي ڇڏي ٿي-ٻہ ڏينهن هُو جنيوا ۾ رهي ٿو ۽ گهمي ڦري ٿو. ٽئين ڏينهن هُو جنيوا کي ڇڏي لاجير وڃي ٿو. ساموندي سفر سبب هُو صبح، منجهند ۽ شام جو سمنڊ جي ڇولين مٿان اُس، چانڊُ، روشني ۽ اُونداهي جي رقص کي ڏسي مزو ماڻيندو رهي ٿو. هُن کي لڳي ٿو تہ سمنڊ جي صاف شفاف پاڻيءَ وانگر هُن جي روح ۾ بہ پاڪيزگي پيدا ٿي چُڪي آهي، هُن کي احساس آهي تہ هُو ڪيئن نہ مُخالف جِنس جي پيار لاءِ بُکيو آهي، هي رڳو شهوت لاءِ پيدا نہ ٿيو آهي. هُن جي زندگي هاڻي تائين رڳو بندرگاهہ ۾ پنهنجي آفيس ۽ ڪمري ۾ سُمهندي گُذري هئي، پوءِ هوٽل، ريسٽورنٽ ۽ سُريت. هُو انهيءَ خوشيءَ لاءِ سرگردان رهيو آهي جنهن بابت ڪيس يقين ئي نہ هو. هُن جي زندگي ۾ جيترريون چڱايون هُيون اُنهن مٿان براين جي دز چڙهي وئي آهي، ڪيلري ۾ هُن جي دوست زيگريو ۾ هُن جي خوش رهڻ جي خواهش تي مارٽا ڇائنجي وئي آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو جهاز خاموشيءَ سان الجير جي بندرگاهہ تي لنگر انداز ٿي چُڪو آهي. هتي پُهچي مرسان کي خيال اچي ٿو تہ ويانا کان پوءِ هُن هڪ دفعو بہ زيگريو بابت ڪين سوچيو. اُهوئي زيگريو جنهن کي هُن پنهنجي هٿن سان قتل ڪيو هو. "

ماڻهوءَ جي من جي بيچيني، نہ مُطئمين ٿيڻ واري فطرت، دربدري، ڏک کان ڀڄندي خوشيءَ جي ڳولا، پل اَپل مَتجندڙ ڪيفيتن جي ڪشمڪش جي پوڳنا، پيار، پڇتاءُ، جنسي خواهشون. دراصل ماڻهوءَ جي تجربن ۽ مُشاهدن جي ڪوٺ جي ڪري اَڻ جَهل ڪنهن گهوڙي جيان سندس ذهن ۾ جڏهن ڊوڙنديون آهن تہ ماڻهوءَ جي روح جي ڏرتي تيز پوندڙ سُنبن جي سَنجڻ سان ڇيهون ڇيهون ٿي ويندي آهي-ڪاميو اهڙين لِڪل ۽ اوجهل رهجي ويندڙ حالتن جو منظر نگار آهي. هُو مُئل لفظن کي پَساهہ ڪٽائي مُتحرڪ ڪري ڇڏيندڙ اهڙو

ناول نگار آهي جيڪو سماجي بي راهه روين، گمراهه ٿي ويل معصوم انسان جو نوحا خوان آهي. اهڙو نوحاخوان جيڪو انساني حالتن تي ماتم ڪرڻ بجاءِ هڪ اهڙو مسيحا بہ آهي جيڪو سندن زخمن تي پنهنجي احساسن جا، پنهنجن لُڙڪن سان آلا ٿيل ڦها بہ رکي ٿو.

"ستين باب ۾ پيٽرس ۽ ڪيٿرين کُليل آسمان هيٺ سج جي روشنيءَ ۾ ناشتو ڪري رهيا آهن. ڪيٿرين وهنجڻ وارو مخصوص لباس پائي ويٺل آهي ۽ ڇوڪرو (مرسان جا دوست هُن کي ايئن سڏيندا آهن) نيڪر پائي ويٺل آهي ۽ ڳچيءَ ۾ رومال ويڙهيل اٿس. اُنهن جو اهو گهر هڪڙي پهاڙي چوٽي تي ٺهيل آهي. سمنڊ سامهون، علائقي ۾ هي "ٽن طالب علمن جو گهر" جي نالي سان مشهور آهي. زيتون جي وڻن سان گهيريل هڪڙو پهاڙي پيچرو گهر ڏانهن اچي ٿو. چار ديواري تي ملنگن، بيهوده تصويرون ٺاهي ۽ سياسي نعرا لکي ڇڏيا آهن. "

هن ئي باب ۾ مُختلف وقتن تي ۽ جاين تي مرسان سان گڏ ڪيٿرين، ڪليري، روز، موزيل پيرس، عرب ڇوڪري مينا، ايلن، نويل سنگتراش، لوسي رينل، ڊاڪٽر برناڊ يا ڪجهہ ٻيا ڪردار پڻ ساڻس ملن ٿا. هي باب ڪُجهہ طويل هُجڻ ڪري هِن ۾ زندگيءَ جا مختلف رنگ، ڪيفيتون، ڳالهيون، حالتون، منظر ۽ پس منظر اچي وڃن ٿا، جن جو لُطف مُڪمل ناول پڙهڻ سان ئي پڙهندڙ ماڻي سگهي ٿو. مان تہ هڪ پڙهندڙ توڙي لکندڙ جي حيثيت سان هِن ناول جي دنيا يا ڪهاڻين ۽ ليکڪ ڪاميو جي نظريي جي پس منظر ۾ سُڃاڻپ ۽ اُن بابت پنهنجا احساس اوهان سان ونڊي رهيو آهيان. اُن ڪري مان ناول جي مُڪمل ڪهاڻي کي پنهنجي انداز سان مُختصر ڪري هِن مضمون ۾ پڙهندڙن لاءِ ڏئي رهيو آهيان. ڇاڪاڻ تہ ناول جي مختلف رنگن ۽ ٻي رنگينن جون ڪجهہ تصويرون هنن لفظن وسيلي اوهان کي ڏيکارڻ ضروري ٿو سمجهان-جيڪي ڪيفيتون يا تصويرون، حالتون هن دنيا ۾ ماڻهوءَ جي پوڳنائن ۽ سندس نفسيات جو تاثر پيانڪ منظر توڙي پس منظر پيش ڪن ٿيون-پيار، نفرت، ملڻ، جدائي، روئڻ، کلڻ، جيئڻ، مرڻ، ماڻهوءَ جي اڪيلائي، اندروني ڪوڪلائپ، ڏِڇ پڙو گُناهہ، ثواب، سُڪون جي ڳولا ۾ ڀٽڪنا، مُفلسي، پيسو، لاچارگي وغيره جهڙيون گڙيون حقيقتون هِن دنيا جي ماڻهوءَ لاءِ صرف ۽ صرف ماڻهپي کان خالي ڪجهہ ماڻهن ئي پيدا ڪري ڇڏيو آهن-جن کي

شعور وند تخليقڪار ڪڏهن بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهي-جيڪو اُنهن سيني شين جي گهرائي ۾ لهي اُنهن جو ڳوڙهو مُشاهدو ماڻي ڪنهن تخليق جي صورت ۾ وري هِن ئي دنيا کي واپس ڪري ٿو. ڪيس آئينو ڏيکاري ٿو. ۽ سندس زنگجي ويل احساس کي اجارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو-

”ستين باب ۾ مرسان کي پنهنجي اندر جي بيقراري ۽ پٽڪنا ڪٿي بہ سُڪون سان رهڻ نٿي ڏئي ۽ هُو وري هڪ پيرو رولاڪيءَ جي راهہ جو پانڌيئڙو بڻجي وڃي ٿو. صبح جو سوير ڏُنڌ ڇانيل آهي، مرسان جي گاڏي جي لائٽن جي تيز روشني ڏُنڌ کي چيريندي سمنڊ ڪناري سان گڏ واري شاهراهہ تي تيز رفتاري سان ڀڄي رهي آهي، هُو الجير ڇڏي رهيو آهي،

هڪ مهينو پهريان هُن دنيا کان مَٿانهين گهر ۾ اچڻ جو اعلان ڪيو هو. مرسان هاڻي پنهنجي قسمت جو فيصلو لوسي جي قسمت سان واڳي ڇڏيو آهي، مرسان پنهنجي پيش ڪش ۾ واڌارو ڪري ٿو تہ جيڪڏهن لوسي چاهي تہ مرسان، ساڻس شادي ڪري سگهي ٿو.

هفتي کان پوءِ هُو شادي ڪري ڇڏين ٿا، تقريبن ٻن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ مرسان جنيوا جي ويجهو آهي، رات جا آخري نيرا پاڇا پهاڙ جي لاهي تان سمنڊ ۾ وڃي چُڪا آهن، ۽ پهاڙ جي چوٽي سج جي تيز ڳاڙهي ۽ هيڊي روشني سان روشن ٿي رهي آهي، هاڻي هُو اتي هو جتي هُن کي رهڻو هو. چاڪاڻ تہ اِها جڳهہ ئي من موهيندڙ آهي.

پر جيڪو سُڪون ۽ تسڪين هُو چاهي ٿو اُها هُن کي نٿي ملي ۽ هُن کي مايوسي ٿئي ٿي. اڪيلائي هُن کي ڏنگ هڻڻ لڳي ٿي، ڪُجهہ مُفاصلي تي هڪڙو ڳوٺ موجود آهي، گهر کان ٻاهر اچي هُو لاهي لهڻ لڳي ٿو، سمنڊ ڏانهن ويندڙ سَڙڪ تان هلي هُو پاريٽپا تا جي ڪنڊرن جا آثار ڏسي ٿو.

هاڻي هي پاسي واري ڳوٺ جي ماڻهن کي سُڃاڻڻ لڳي ٿو، آچر جي ڏينهن ڪُجهہ نوجوان هُن جي گهر اچن ٿا، ڳوٺ جي ڊاڪٽر برناڊ سان بہ هُن جي ملاقات ٿئي ٿي، مرسان لوسي ڏانهن ڪا بہ توجهہ نہ ٿو ڏئي، ڪُجهہ وقفي کان پوءِ لوسي مايوس ڪندڙ لهجي ۾ کيس چوڻ لڳي ٿي تہ، ”تون مون سان محبت نہ ڪندو آهين؟“ مرسان، لوسي وٽ اچي سندس ڪُلهي تي هٿ رکي چويس ٿو تہ يقين ڪر لوسي! دنيا ۾ وڏي مان وڏو ڏُک، ڀڄتاءُ ۽ حسين يادن سميت گهڻو ڪجهہ وساري سگهجي ٿو، ايستائين جو عشق جي حد تائين محبت کي بہ.

اهوئي زندگيءَ جو ڏک ۽ ڪمال آهي. حيرت انگيز ڳالهه آهي، اهوئي زندگي گذارڻ جو طريقو آهي، لوسي خاموش آهي، وري هُن ڏانهن ڏسندي چوي ٿي، ته گهٽ ۾ گهٽ تون مون سان دوستي جو احساس رکندو آهين، ايئن نه؟مرسان جُهڪي هُن جي ڳچي کي چُمي ٿو، دوستي!ها، بلڪل جيئن منهنجي رات گذارڻ سان دوستي آهي، “

”بئي ڏينهن لوسي هلي وڃي ٿي. هُن جي وڃڻ کان پوءِ مرسان به پنهنجي سوچ تي قائم نه ٿو رهي سگهي ۽ هُو الجير جو رُخ ڪري ٿو، هُو سڀ کان پهريان پنهنجي ”دنيا کان مَٿاهين“گهر پهچي ٿو ۽ پوءِ پنهنجي ڏيهه اچي ٿو، پنهنجن پراڻن پاڙيسرين ڏانهن وڃي ٿو، هُن جو فليٽ هڪڙي ڪيفي جي مالڪ ڪرائي تي وٺي ڇڏيو آهي.

مرسان اُن ريسٽورنٽ ۾ وڃي ٿو جتي هُو اڳ ۾ ماني کائڻ ويندو هو. هُو ريسٽورنٽ مان جيئن ئي نڪري ٿو ته هُن جي نظر مارٿا تي پئي ٿي. پوءِ ڪيس خيال اچيس ٿو ته مارٿا هُن تي هميشه مهربان رهي آهي، هُن، هِن کي سندس سيني ڪامين ۾ خوبين سان قبول ڪيو هو ۽ هوءَ هِن جي اڪيلائيءَ جي ساٿي بڻجي وئي پر مرسان، مارٿا سان پُرخُلوص نه هو، اُن دوران مارٿا ۽ مرسان جي وسندڙمينهن ۾پيار، محبت تي گفتگو ٿئي ٿي

مرسان، مارٿا کي يقين ڏيارڻ چاهي ٿو ته هُو ساڻس اڳ جيان اڄ به ساڳي محبت ڪري ٿو ۽ سندس لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو پُڇي ٿو پر مارٿا سندس اهڙين ڳالهين تي سندس مهرباني مڃيندي گهر جي دروازي وٽ پُهچي ڇٽي بند ڪري ڇڏي ٿي، وري ملڻ جو چئي مارٿا اوچتو مرسان جي ٻنهي ڳٽن کي چُمي ۽ ڏاڪڻيون چڙهي هلي وڃي ٿي. مرسان وسندڙمينهن ۾ بيٺو مارٿا جي نَڪ جي ٽڏ ۽ چُمين جي گرمي پنهنجي ڳٽن تي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. اُتان موٽي هُو الجير اچي ٿو ۽ لوسي کي تلاش ڪرڻ لڳي ٿو، هُو ڪيس ملي وڃي ٿي، ۽ هُن سان رات سندس فليٽ ۾ گذاري ٿي، لوسي مُسافرن بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري ٿي، ”آڻجاتل رستن تي هلندي اَڻ ڄاتل احساس ته ٿيندو آهي پر رڳو اُنهن ماڻهن کي جن کي منزل جي خبر ناهي هوندي. سفر هڪڙو سوچيل، سَمجهيل منصوبو هُجڻ گُهرجي. “مرسان جي ڪنن ۾ زيگريو جا چيل لفظ گونجڻ لڳن ٿا، ”خواهش کي تَرڪ ڪرڻ جي خواهش نه پر، خوشيءَ جي خواهش ئي زندگي جو مقصد هُجڻ گهرجي. “

شام جو هُو جڏهن جنيوا واپس وڃي ٿو ته، سمنڊ ۽ پهاڙن جي وچ ۾ سفر ڪندي هُن کي گهري خاموشيءَ جو احساس ٿئي ٿو جيڪا سندس اندر جي خاموشي ۾اسي ٿي. پنهنجي نئين زندگي جي شروعات تي هُن کي پنهنجو ماضي ياد اچي ٿو، هاڻي هُن کي ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڇا نه ڪرڻو آهي، اُن بابت هُن فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هُو سوچيندو رهي ٿو ته وقت جو عمل به کهڙو عمل آهي جيڪو بي عمل هوندي به عمل ۾ آهي. يعنيٰ زندگيءَ جو ساز به کهڙو ساز آهي جو وڄي ته رهيو آهي پر بي آواز آهي، ”زندگي هڪڙو ڪينواس آهي جيڪو اسان جي نقش ۽ نگار جو مُنتظر آهي، “موت خوشيءَ جو هڪ حادثو آهي.“

ناول جي مُسلسل ڪهاڻي، پاڻ ۾ مُنتشر ڪردار ڪٺي هلي ٿي، جنهن ۾ احساسن ۽ خيالن جا انيڪ رنگ ۽ روپ وڏي آرٽ ۽ ڪرافٽ سان تخليق ڪيا ويا آهن. ڪاميو جي هِن ناول ۾ ماڻهوءَ جي من جي آزادي يا ڇُڙواڳي، جوڙ توڙ مُڪملتا ۽ اڌورائپ، عيش عشرت، سفر در سفر ڀٽڪنا، نفسياتي توڙي سماجي، فلسفيانا توڙي ادبي، سياسي توڙي معاشي ۽ ٻيا به ڪوڙ سارا مامرا ۽ مسئلا پنهنجي اظهار جا رستا ڳولين ٿا. جن جا اثر سماج جي هر فرد تي ڪنهن کُلي ماحول ۾ ٻُڙي جيئن پوڻ لڳن ٿا ۽ ماڻهو پنهنجي اندر جي دنيا کي ٽُٽندو ڏسي بي حال ٿي پوي ٿو-

باب ستين جي پُڇاڙيءَ ۾ ناول جي ڪهاڻي ڪوڙسارن لاهن ۽ چاڙهن کان پوءِ اُتي پهچي ٿي جتي، ”ڪيٿرين مرسان لاءِ ڊاڪٽر برنارڊ کي گُهرائي ٿي، مرسان پنهنجي ڪمري ۾ دريءَ کان ٻاهر صاف آسمان ۽ سمنڊ کي ڏسي رهيو آهي، هُو ڪمزوري محسوس ڪري رهيو آهي پر اُها پُراسرار ڪمزوري ڪيس خوش رکي پئي، هُن جو دماغ فڪر جو عادي آهي. ايتري ۾ برنارڊ اچي در کڙڪائي ٿو، مرسان سوچي ڇڏي ٿو ته هُو ڊاڪٽر کي سڀ ڪُجهه ٻُڌائي ڇڏيندو، اُن لاءِ نه ته ڪو راز هِن لاءِ بار آهي، مرسان ۽ ڊاڪٽر جي پاڻ ۾ ڪُجهه، صحت، بيماري وغيره تي ڳالهه ٻولهه ٿئي ٿي. جنهن ۾ مرسان، ڊاڪٽر کي چوي ٿو ته، اصل ۾ تون تصوراتي ماڻهو آهين، پر هِن جو پنهنجو خيال آهي ته هر شيءِ لمحن ۾ قيد آهي، جيڪا پيدائش کان موت تائين مُقرر آهي اِهو گهڻو ڪري اُن لاءِ آهي ته، سُنا خيال رکندڙ ماڻهو کان اُهو ماڻهو مُتضاد هوندو آهي جيڪو اڪثر محبت کان محروم هوندو آهي. اڳتي هلي مرسان پنهنجي دل

جي معصوميت سان حالاتن کي قبول ڪري ٿو، آسمان ۽ زمين کي بلڪل اُنهي جذبي سان قبولي ٿو، اهڙي ئي خواهش تحت، جنهن معصوم دل سان هُن زيگريو کي قتل ڪيو هو.“

”ناول جي آخري ۽ اٺين باب ۾ مرسان پهريون ڀيرو بيوس ٿي پوي ٿو. ۽ وچي بستري ڀيڙو ٿئي ٿو، ڇاتيءَ جو مسئلو هُن کي پورو مهينو تڪليف ۾ رکي ٿو. اُنهن لمحن ۾ مرسان کي پنهنجي زندگيءَ کان دوري محسوس ٿئي ٿي، هُو ماحول کان ڪٽيل ۽ هرشيءِ کان لاتعلق لڳي ٿو. اِهوئي وقت آهي جنهن ۾ هُن کي احساس ٿئي ٿو ته هُن نِرواڻ پاتو آهي. پنهنجو پاڻ کي وڃائي هُن سڀ ڪجهه حاصل ڪري ورتو آهي، گهر واپس ايندي هُن کي چڪر اچن ٿا ۽ مٿس بيهوشي طاري ٿيڻ لڳي ٿي، هُن کي هاڻي تڪليف ڪمزوريءَ ۾ مُبتلا ڪري ڇڏي ٿي، هُن کي لڳي ٿو ته سندس سينو جڻ ته زنجيرن ۾ جڪڙجي رهيو آهي، ڪنگهندي رت هاڻا ڪانگهارا اُڇليندو رهي ٿو، مرسان جا سمورا عضوا ڏُکي رهيا آهن ۽ ڳن وچي رهيا اٿس، اوچتو دريءَ ۾ هُن کي زيگريو جو چهرو نظر اچڻ لڳي ٿو، هُن تي کنگهه جو ٻيو حملو ٿئي ٿو، ساهه گُهٽجيس ٿو ۽ عضوا جڪڙجندي محسوس ٿيڻ لڳنس ٿا، مرسان سمورو ڏينهن کنگهندو ۽ گُهٽ محسوس ڪندو رهي ٿو، ٻه دفعا هلڪو بيهوش ٿئي ٿو، هُو دوا پيئي ٿو، لوسي هُن جي ڪمري ۾ ايندي ويندي رهي ٿي، مرسان وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي لوسيءَ کي ڏسي ٿو ۽ مُسڪرائيندي چوي ٿو ته، جڏهن مان ننڍو هوندو هوس ته مون کي امان ٻُڌائيندي هئي ته هي ڳاڙها بادل اصل ۾ مري ويل ماڻهن جا روح آهن جيڪي جنت ڏانهن وڃي رهيا آهن. مان حيران ٿيندو هئس ته روح ڳاڙها ٿيندا آهن، مرسان کي خوف ٿي رهيو آهي ته هاڻي هن جي اکين سامهون ڀيانڪ، خوفناڪ شڪلون ايندين ۽ اُنهن ۾ زيگريو جو چهرو به هوندو، ڀيا ڀيانڪ ۽ خوفناڪ چهرا هڪ هڪ ٿي ڪري گُم ٿي ويندا پر زيگريو جو چهرو بينو ئي رهندو. هُن کي احساس ٿئي ٿو ته هُو بستري تي وينل آهي. لوسي جو چهرو هُن کي ويجهو آهي، اوچتو پر آهستي هُن کي لڳي ٿو ته پٿر جهڙي ڪا وزني شيءِ هُن جي پيٽ مان نڪري هُن جي نڙيءَ ۾ اچي ڦاٿي آهي، هُو تيزيءَ سان ساهه کڻڻ شروع ڪري ٿو ۽ مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي لوسي ڏانهن ڏسي ٿو، ۽ پوءِ اُهي اکيون پٿرائجي وڃن ٿيون. پيٽرس مرسان جي اُنهن پٿرائجي ويل اکين ۾ ”خوشگورا موت“ جي خوشي چمڪي رهي آهي.“

دارصل هِن ناول جو مُک ڪردار پيٽرس مرسان جو اَنت اِن ڳالهه کي واضع ڪري ٿو تہ هُن جي سچي زندگي، خوشين، دلي سُڪون، ۽ پنهنجي مرضي واري جياپي جي حاصلات لاءِ هوندي بہ بيقراري، اڪيلائي، ايستائين جو اُن حاصلات لاءِ انساني قتل جو انتهائي قدم کڻندي بہ سندس من جي مُراد پوري نٿي ٿي سگهي-پڇاڙيءَ ۾ مرسان جي پٽرائجي ويل اکين ۾”خوشگوار موت“جي خوشيءَ جو چمڪڻ اصل ۾ زندگي جي اپنايل سيڻي مَنفي لاڙن کان آزادگي جي هڪ ڀرپور علامت آهي-چاڪاڻ تہ ماڻهو پنهنجي ڏکن ۽خوشين جو ڪارڻ پنهنجي اندر ۾ ڳولڻ بجاءِ ٻاهرين دنيا جي جادوگريءَ ۾ ئي دريافت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو-ڪاميو جو هي ناول ادب ۾ انسان جي اندروني خاليپڻي جي جهان کي بيان ڪري ٿو. ڇو تہ ڪاميو ادب ۾ انسان جي اندر وسندڙ ڪوڪلائپ جي دنيا کي اظهارڻ جي نظريئي جو باني هو. اگر ڪاميو کي سندس لکڻين جي روشنيءَ ۾ پرکيو وڃي تہ ڪاميو انسان جي اندر وسندڙ دنيا سان مڪالمو ڪندڙ ليکڪ هو. مختلف نقادن هِن جي نظريي کي مخلتف اندازن سان پرکيو آهي. جيئن ڪجهہ نقادن هِن کي وجودي سڏيو آهي تہ ڪِن وري هِن کي انسان جي اڪيلائپ کي اظهاريندڙ ليکڪ ڪوٺيو آهي.

آخر ۾ هن ناول جي سنڌي ترجمي بابت لکڻ پڻ انتهائي ضروري ٿو سمجهان تہ هن ناول جو ترجمو ٻوليءَ جي اعتبار کان ٻوليءَ جي نج پڻي جو گهرجائو آهي-ڪوڙ سارا لفظ اردو ترجمي وارا جيئن جو تيئن ڏنا ويا آهن-جن سان ترجمي جو اصل روح متاثر ٿئي ٿو-ٻيو تہ جُملن جي رواني ۽ بيهڪ تي پڻ ترجميڪار کي هڪ نظر غور سان ڏسڻ جي تمام گهڻي ضرورت هئي، ترجمو تہ ڪنهن بہ لکڻي جي جوهر کي انتهائي نفاست سان ڪٽي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ايئن سمائڻ مِثل آهي جيئن محسوس ٿئي تہ ڄڻ ليکڪ لکيو ئي ويهي اُن ٻوليءَ ۾ آهي-ٻيو تہ”البرٽ ڪاميو جي لکڻين کي ترجمو ڪرڻ لاءِ ان جي ويڳاڻپ، وجوديت ۽ زندگيءَ جي بي معنيٰ هجڻ واري نظريئي جي باقاعدي ڄاڻ هجڻ پڻ ضروري آهي.“

26/4/20

# ڪجلا سَر جي ڪنڊيءَ ڪان اورتي

لکڻ جو عمل، زندگيءَ سان پيار ڪرڻ جي عمل وانگر هُجڻ گُهرجي. لفظ لفظ جي لَڄ توڙي مريادا رکڻ بِنهه ضروري آهي. ۽ اُنهن لفظن جي منظر توڙي پس منظر جي سموري سچائي پنهنجي احساسن جي گهرائيءَ سان اُنهن مان اُجاڳر ٿي دل ۽ دماغ کي هڪ تحرڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏي. لکڻ مَهل ڪنهن به صنف ۾ ليکڪ جو پنهنجي پوري ذميواريءَ سان لاڳاپيل هُجڻ لازمي آهي. نہ تہ اُها غير واسطيداري يا عَدم دلچسپي اُن لکڻيءَ جي روح کي رهڙي ڪمزور ڪري مَنجهس تخليقي تَرنگ ۽ آهنگ کان خالي ۽ سَطعي لفظن جو مجموعو بڻائي، پڙهندڙ لاءِ بي دليءَ جي بور ڪندڙ ڪيفيت طاري ڪري لکڻيءَ کان بيزار ڪري وجهندي-شاعري، ڪهاڻي، ناوليٽ، ناول يا ٻيون ادب جون صنفون پنهنجي پنهنجي گُهربل ضرورتن جي گُهر ڪنديون آهن. جن سان اُنهن ۾ موجود مواد جي فني ادائگيءَ، ٻولي، تسلسل، روانگي، تخليقي قوت ملي هڪ نِج تخليق کي تحرير ڪنديون آهن. خاص طور تي جڏهن ناول جهڙي ڪُشادي، مُشڪل، انتهائي نازڪ نفيس صنف هُجي تہ ليکڪ کي اُن جي لاءِ بُنيادي تياري، طريقڪار، اُن جي ڪهاڻي يا ڪهاڻين جو هڪ ٻئي سان فني ڳانڍاپو ۽ آرٽسٽڪ رَچاءُ، ڪهاڻين جي ڪيئنواس جي هُنرمنديءَ سان جوڙجَڪ، اُنهن جي ڪردارن جي تخيلاتي سطع تحت بَناوٽ، اُنهن جي پيش ڪش، اسلوب جي انوکائپ، سپ باريڪ باريڪ ۽ اهم ڪڙيون پاڻ ۾ ڳنڍيجي هڪ اهڙي زنجير کي جَڙي وجهن، جو پڙهندڙ اُنهن کي پڙهندي پاڻ کي تخليق جي سحر ۾ گهرائيءَ سان مَنڊجندو محسوس ڪرڻ لڳي.

سُٺي ناول لکڻ لاءِ، نہ رڳو زندگيءَ جو عظيم ۽ عجيب تجربو ضروري آهي پر مَتن، ٻولي، ماحول، ڪردارنگاري، ۽ مَڪالمي جي بيساختگيءَ جو هُجڻ بہ اَٽتر آهي. ڇاڪاڻ تہ ناول صبر آزما ۽ وقت وٺندڙ پورهيو آهي.

ناول”ڪجلا سَر“جو ليکڪ اجمير پٽو آهي. هِن ناول وارو ڪتاب 127صفحن تي مُشتمل آهي. جنهن جو مهاڳ ستار هليپي لکيو آهي. جنهن ۾

ستار ناول جي پس منظر ۾ عالمي طور تي تاريخي حوالا ڏئي ناول جي ٽيڪنيڪ مُتعلق سُٺي معلومات فراهم ڪئي آهي-پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اُهي سڀ اعليٰ ناول جو خوبيون مون کي هِن مهاڳ واري ناول ۾ ڪٿي بہ نظر ڪو نہ آيون. جنهن ڪري ناول صرف ليک جي شوق جي پورائيءَ جو هڪ بي ترتيب ۽ وقت جو ذيان لڳو. جڏهن تہ بہ اکر عزيز قاسماڻي ۽ بيڪ ٽائيٽل سنڌ جي ناماياري ڪهاڻيڪار اخلاق انصاري لکيا آهن. ليک پنهنجي پاران پڻ لکيو آهي. هي ڪتاب2020ع ۾ مُرڪ پبليڪيشن ڪراچي ڇپرايو آهي. هِن ناول کي ليک سورنهن بابن ۾ ورهايو آهي.

ناول جو عنوان”ڪجلا سَر“پڙهڻ سان ۽ ٽائيٽل تي تَلاءُ جي ڏيک ۽ بئي پَر جا ڻَري چونئرا, اُنهن جي پَر سان وڻ ۽ مٽان چنڊ جو منظر دل کي مُعطر ڪري ناول ڏانهن ڇڪ وڌائين ٿا-تہ تَصور ۾”ڪجلا سَر“جو رومينٽڪ, جمالياتي ۽ تاريخي پس منظر اُجرو ٿي پوي ٿو. پر اُهو سڀ ڪجھ صرف نالي ۽ ٽائيٽل تي ڏنل عڪس تائين محدود آهي. ناول يا ناول جي مُختلف ڪهاڻين يا ڪردارن جو اُن دلرُبا عُنوان سان پَري تائين جو بہ ڪو تعلق ڪونهي.

آمريڪا جي مشهور ناول نگار هينري جيمس جو هڪ جملو آهي تہ, ”ناول, زندگيءَ جو ذاتي دوست ۽ سڌو سنئون تاثر آهي.“ ۽ وڪٽورين دور جي مشهور ناول نگار هارڊي چوي ٿو, ”ناول هڪ نوعيت جو تاثر آهي. مُباحثو يا دليل نہ آهي.“

ناول يا ڪهاڻي ڪهڙي بہ موضوع تي هُجي پر اصل ڳالھ جيڪا اُن موضوع کي ڪهاڻي يا ناول بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي اُها آهي اعليٰ فني پُختگي, جيڪا پلاٽ, ڪردار, موضوع, ماحول, ٻولي, منظر نگاري, اسلوب جي سگھ, ۽ ٻين اُن سان لاڳاپيل عنصرن کي نَواڻ ۾ تحليل ڪري ڇڏي, جيڪا ڪهاڻي يا ناول کي هڪ تخليقي سگھ بخشيندي آهي.

مشهور ناول نگار ٽالسٽاءِ جو چوڻ آهي, ”فن جو مقصد ڪنهن تجربي کي اظهارڻ آهي. ۽ فنڪار اهڙي تجربي ۽ اُن جي تَپش کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جي, جاکوڙ ڪندو آهي.“

ناول”ڪجلا سَر“, ڳوناڻي زندگي ۽ اُتان جي خامين توڙي خوبين جي عڪاسي ڪري ٿو. ناول جي شروعات ۾ بهلول فقير ڪُجھ ٻول ٻوليندي پنهنجي جُهوپڙي ڏانهن ويندي ڏيکاريو ويو آهي. اُن سان گڏ ڳوٺ جي سُونهن,

ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، مزاج، سياسي توڙي سماجي اوچ نيچ جو ذڪر اچي ٿو. طبقاتي مَتڀيد ۽ اوچي طبقي ۾ شُمار ٿيڻ لاءِ ماڻهو پنهنجي توڙي پنهنجن رشتن ناتن جي تقدس، مانُ مريادا کي بہ پامال ڪندي دير نٿو ڪري. ناول جو گهڻو حصو سنڌ کان ٻاهر مصر جي عرب ويڙهہ تي مُبني آهي. جتي بهلول يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ سنڌ مان وڃي ٿو. اُتي سندس مصر جي روبيل نالي ڇوڪريءَ سان پيار ٿي وڃيس ٿو. ٻئي پاسي سندس ڀيڻ گُلنارا، جيڪا آمريڪا ۾ ڊاڪٽري پڙهي ٿي جنهن کي پڻ اُتي پنهنجي هم ڪلاسي آريان سان عشق ٿي وڃي ٿو. اُهي ٻئي ڪردار هڪ اوچي طبقي تي پُهچندڙ عالمي سطح تائين دلالي ڪندڙ شخص جو اولاد آهن. اُها سموري ڪهاڻي سرمد پنهنجي ڳوٺائي دوست سرويچ کي ٻڌائي ٿو. سرويچ جيڪو پڻ هڪ غريب ماءُ پيءُ جو پُٽ آهي جنهن کي محنت مزدوري ڪري والدين ڊاڪٽري پڙهائين ٿا. جيڪا ڳالهہ پڻ ناول مان اوچتو ظاهر ٿئي ٿي. جيئن سرويچ جي رومانوي زندگيءَ جي ڪهاڻي پل ۾ گهڙجي سامهون اچي ٿي. جيڪو انداز هڪ ناول جي ڪمزوري کي ظاهر ڪري ٿو. ايئن ناول مان ڪوڙ ڪهاڻيون ڪِرندڙ تارن جيان تجلا ڏيندي گُم ٿي وڃن ٿيون. ڪردار بہ پاڻ ۾ وڪريل وڪريل محسوس ٿين ٿا. سندن ڳالهيون پڻ عام ڳالهہ ٻولهہ جيئن ٿين ٿيون. ڪٿي ڪٿي ڪي جُملا توڙي سِٽون پاڻ ڏانهن سَڏي وجهن ٿيون. ناول جي ٻوليءَ ۾ سُٺي رواني آهي. ناول جي ڪردارن ۾ مُسلم خان جو ڪارنامو غير ضروري ۽ عجيب انداز سان پيش ٿيل آهي. يا آچر جو قصو بہ ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ تنز ۽ مزاح پيدا ڪرڻ لاءِ يا سماجي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پيش تہ ڪيو آهي پر اُها هڪ عام ڳالهہ جيان ناول ۾ ٽُنبيل محسوس ٿئي ٿي. ناول ۾ آرٽسٽڪ سِٽاءُ يا دل کي ڇُهندڙ ڪو درد يا احساس ڪو نہ ٿو محسوس ٿئي. ليکڪ جڻ ناول جي فارم ۾ مضمون نگاري وڏيڪ پر ناولنگاري ٻنهہ گهٽ ٿي ڪري سگهيو آهي. يا جڏهن روبيل مري وڃي ٿي تہ اُن جي قبر تي بهلول جيڪو هڪ تصور يا خواب جي صورت ۾ جنت ۽ دوزخ، حورن، گُلمانن يا روبيل سان مُلاقات جو خاڪو جوڙي ٿو. اُهو بہ عجيب قسم جي مذهبي نفسياتي اُلجهن کي ظاهر ڪري ٿو. جنهن جو انداز روايتي نموني وارو عام ۽ سطعي محسوس ٿئي ٿو. پڇاڙي ۾ يعنيٰ سورهين باب ۾، جيڪو ڪُجهہ ٿي سٽن تي مشتمل آهي اُن ۾ يڪدم ڏسندي ئي ڏسندي ملڪي حالتون خراب

ڏيڪاريندي، وزيرن جا قتل ٿين ٿا جن جي الزام ۾ بنا ڪنهن ڪارڻ جي سرويچ ۽ بهلول کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو. جيڪو انجام ناول کي هرو ڀرو ان نتيجي تي آڻڻ جي فرياد ڪندي محسوس ٿئي ٿو. ناول ۾ مجموعو طور تي جن به خيالن، موضوعن، حالتن، سياست، سماجيات، طبقاتي فرق، ڀڃ ڊاهه ڀرپور شهري زندگي وغيره جهڙن عنصرن کي پيش ڪيو ويو آهي، اُهي سڀ پاسا ڪهاڻيءَ جي ڪرافٽ کان وانجها هُئڻ ڪري دلچسپي بدران بي دلي پيدا ڪري وڃن ٿا.

”سارتر، چئي ٿو ته، ”خراب ناول، ڪوڙ ڪُٽڻ، غلط بيانيءَ جي ڪري پڙهندڙ کي خوش ڪندو آهي، جڏهن ته ڪو سُٺو ناول، ڪنهن خاص مقصد ۽ نظريي تي دارومدار رکندڙ آڌار ادبي ضرورت هوندو آهي. “

12/6/20

# وجود جي ويران وادين ۾ پڙلاندڙ المين جون صدائون

ادب داخلي توڙي خارجي حالتن جو اظهار هوندو آهي. پر ٻنهي صورتن جي پس منظر ۾ فن جو هُجڻ بنه ضروري آهي. فن ڪان سواءِ شاعري هُجي يا نثر ٻئي سطعي ۽ بي چَسا، بي رنگ ٻڌجي ڪنهن به دل تي دستڪ ڏيڻ جي سگهه وڃائي ويهن ٿا. پر جنهن به تخليق کي آرٽ جو رنگ لڳي ٿو ته اها دائميت جو سفر شروع ڪري ٿي. سنڌي ادب ۾ شاعري، ڪهاڻي، ناول توڙي ٻيون صنفون لکيون وڃن ٿيون پر انهن ۾ تمام گهٽ ئي تحريرون ادب جي ڳاٽ کي اوچو ڪرڻ جو ساهس رکنديون آهن. جن کي پڙهي ماڻهو سَراپجي ويندو آهي. اهڙين تحريرن ۾ وجوديت جي اثر هيٺ لکيل سنڌي ناول توڙي ڪهاڻيون پڻ لکيون ويون آهن جن جي پنهنجي خصوصيت ۽ الڳ حيثيت آهي. وجوديت جي رنگ ۾ سنڌي ادب ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ليڪن پنهنجي اظهار کي جيڪو رنگ ۽ ڍنگ ڏنو، اُهو هر پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. جنهن ڪري وجوديت واري انتهائي حساس ۽ باريڪ بيني واري انداز سان تخليق ٿيل ادب جي پُهچ گهٽ پر اهم ۽ شعور وند، فڪر ۽ فهم، واري لاڙي اُن کي هنئين سان هنڊائي اُن جي اثر توڙي اهميت کي مانُ ضرور بخشيو آهي. اُن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سارتري وجوديت جي اثر هيٺ هڪ ڳوڙهو، پُر مغز ۽ احساس جي انتهائي گهرائين سان جيڪي داخلي توڙي خارجي ڪهاڻيون لکيون ويون انهن جو مقام توڙي معيار ڪڏهن به جهيڻو نه ٿيڻو آهي.

“سنڌي ڪهاڻي پنهنجي مُختلف دورن جو سفر ڪندي جڏهن 60واري ڏهاڪي جي ٻئي اَڌ تائين پهتي ته اُن دور ۾ جيڪا نئين ٿهي پنهنجي تخليقي سگهه سان اڀُرتي آئي، انهن ۾ عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت حسين شورو، عبدالحق عالماڻي، منير احمد (بعد ۾ ماڻڪ) ۽ اُنهن جي پُٺيان مشتاق احمد شورو، مدد علي سنڌي، ممتاز مهر، ڪيهر شوڪت، طارق عالم، حليم بروهي،

سانول، شرجيل ۽ اخلاق انصاري سنڌ ۾ بدلجندڙ سماجي ۽ سياسي حالتن جي تناظر ۾ تخليقي سگهه واريون ڪهاڻيون لکيون.

مشتاق احمد شورو اُنهيءَ ٿهيءَ جو پهريون ڪهاڻيڪار هو، جنهن سنڌي نوجوانن جي فرسٽريشن کي ڪٽي سنڌ ۾ جديد ڪهاڻي لکڻ جي شروعات ڪئي. هُن ڪنهن بہ آدرش، نظرئي، ويچار، سوچ ۽ واسطيدار حقيقت ۽ سچ کي اُن جي سموريت(ٽوٽلٽي) ۾ قبول نہ ڪيو. هُن جو چوڻ هو تہ”هر آدرش، نظرئي، سوچ، فلاسافي، انقلاب، حقيقت ۽ سچ ۾ تمام وڏا سوراخ هئا، جن مان سڀ ڪجهہ وهي ٿي ويو ۽ ساڳيو ورجاءُ ٿيندو رهيو ٿي. “، مشتاق شوري”ٽڪل جذبن جو موت“، ”مَن جي مُونجهہ پُوسٽ“، ”هڪ بور ڏينهن“، ”هَستيءَ جي ٽُٽل ٽُڪرن جي وچ مان“جهڙيون جديد ڪهاڻيون لکي سنڌي ادب ۾ وڏو چوپول پيدا ڪيو. سندس ڪهاڻين جو خاص موضوع زندگيءَ جي”ائبسرڊٽي“آهي. انساني وجود ڀڳل ٽُٽل آهي ۽ اُن جو جيئڻ مقصديت کان خالي ۽ بي معنيٰ آهي. مشتاق جي ڪيترين ڪهاڻين جي عنوانن ۾ٽُٽل لفظ جُڙيل آهي. مثال طور: ”ٽُٽل-ڀڳل- ڀهندڙ پاڇولا“، ”ڀڳل-ٽُٽل ليڪا“، ”ٽُٽل سلسلا“، ”ٽُٽل هَستي“، ”ٽُٽل شيشا، ڀڳل عڪس“. سنڌ ۾ جديديت جي ڌارا ختم ٿيڻ سان گڏ مشتاق احمد شوري بہ ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون. 1“

مشتاق شوري جي ڪهاڻين جو نئون ڪتاب”هَستيءَ جو گُم ٿي ويل ٽُڪرو“ پبلشر ڪِرتي پَرڪشن، دهلي، انڊيا 2018ع ۾ ڇپايو هو. اُن ڪتاب کان اڳ مشتاق شوري جا ٻہ ڪتاب هڪ”ٽَڪل جذبن جو موت“1978ع ۾ سُهڻي ڌرتي پبلشنگ هائوس حيدرآباد ۾ ڇپيو”ٽُٽل ڀڳل، ڀهندڙ پاڇولا“، جيڪو 2003ع ۾ گُلشن پبليڪيشن ڇپيو هو. مشتاق شوري جي هِن ڪتاب”هستيءَ جو گُم ٿيل ٽُڪرو“ ۾ ڪُل 26 ڪهاڻيون ڏنل آهن. هي ڪتاب 275صفحن تي مُشتمل آهي. ڪتاب جا ٻہ اکر ديوي ناگراڻي لکيا آهن. مهاڳ ڪتاب جي ليکڪ مشتاق شوري لکيو آهي. جڏهن تہ ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل سنڌ جي ناليواري ڪهاڻيڪار شوڪت حسين شوري لکيو آهي-

ڪتاب”هستيءَ جو گُم ٿيل ٽُڪرو“جي مهاڳ”مون وٽان ڏنل ڪهاڻي ۽ آءُ“ ۾ مشتاق شورو لکي ٿو تہ، ”ڪهاڻي آءُ ڇو ٿو لکان، يا لکان ڇو ٿو؟سبب(؟)ڪارڻ (؟). . . . . . نہ، جواب مون وٽ ناهي. صرف سوال آهن، جيڪي مون وٽ آهن، ذهن ۾ آهن. ڪي سوال-شايدمنهنجي ذهن ۾ شايد نہ

ٻه هُجن، ٻين وٽ هوندا. جواب ته مون وٽ مون طرفان اُٺاريل سوالن جو ٻه ناهي، ته ڇا ٻين جي سوالن جا جواب ڏيئي سگهندس، جي ڪو اُٺاري ته؟"

"ڇاڻان ٿو ڪهاڻي لکڻ/لکڻ جو ڪارڻ مون وٽ ناهي، جنهن جي هُجڻ ڪي آءُ ضروري ٻه نٿو سمجهان. پر ڪن وٽ هوندا، ضرور هوندا، جيڪي اُهي ڪڏهن ڪن موقعن تي پڌرا ڪندا آهن/ڪندا رهندا آهن. سجائي، سينگاري رکيل لفظن ۾ ويڙهيل، پرفيوم ڪيل. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي مٿي جو سوراهو ناهي. "

"سنڌي ڪهاڻي ۾، نئين ادب ۾ منهنجو وجود نه هُجڻ جي برابر آهي. نئين ڪهاڻيءَ ۾ منهنجي ڪا ٻه دين ناهي. پر اُن حالت ڪي، پنهنجي نه جهڙي حيثيت ڪي ڄاڻيندي ٻه مون ڪهاڻيءَ ڪان ٻَلئه آجا نه ڪرايا آهن. شايد آءُ اج جي پيڙا ڪي، ماڻهوءَ جي "Othernees"ڪي، اج جي انسان جي من ۾ ويٺل ڪالي گلا ڪي، سسيفس ڪي، گُهٽيندڙ اڪيلائپ ڪي پنهنجين ڪهاڻين وسيلي اظهار ڏيئي سگهان. وچايل شخص، ڪسڪي ويل ڪردار ۽ ارد گرد جي حالتن ڪي، اُن ئي حالت ۾، جنهن ۾ اُها موجود آهي، ڪهاڻيءَ ۾ آڻي سگهان. اُن ڪري لکڻ مون نه ڇڏيو آهي. "

"اج جو ليڪڪ/سُجاڳ شخص جنهن دور مان لنگهي رهيو آهي، اُن ۾ جيون جا لڳ ڀڳ سمورا سلسلا، قدر، روايتون ۽ سڀ ڪجهه جيڪو ٻه سجائي رکيل هو، سو ٽُٽي، ٽِڙي پَکڙي ويو آهي ۽ هڪ ئي وقت ـ اچانڪ، اَنيڪ سوال ۽ مسئلا نوَن حوالن مان اُڀري رهيا آهن. وايو منڊل، سرشٽي، ملڪ، سماج، ڪُٽنب، مختلف سياسي ڍانچن، جوڙجڪن جي بدليل حوالن ۾ اُهو سُڃاڻپ وڃائي، شخصي آزادي ڦُرائي، بي مقصد جيون ۾ اَٽڪٽ جنگ وڙهڻ لاءِ مجبور ٿي ويو آهي. اجوڪي دور جو هرپل ڪا نه ڪا امرجنسي ڪٽي اچي ٿو ۽ انسان ڪان نالي ماتر سُڃاڻپ ٻه ڪسي وني ٿو. "

"اج جو شخص نهلزم(شڪ پرستي، انڪاريت، هر هڪ هلندڙ رواج يا نظام جو انڪار)جي تجربي مان گُذرڻ ڪان پوءِ اڻويهين صدي جي هيمليٽ جيان عذاب ڀوڳي ٿو، ڇو ته اُن تجربي مان گُذرڻ ڪان پوءِ ظاهري طور تي نظر ايندڙ ترتيب واري دنيا جو بي ترتيبي، بي معنيٰ ۽ ائبسرڊٽي(اجائي پڻو، لغويت، احمق پڻو)وارو اصلي روپ ظاهر ٿي پوي ٿو. نه صرف اج جي صنعتي تهذيب جي ڇڪتاڻ، ائتمي جنگ جي لاڳيتي خطري، وڌندڙ مرڪزيت ۽

جذباتي، بگاڙي شخص جو گهيرو سوڙهو ڪيو آهي، پر اصل ٽريجڊي ڪائنات جي جوڙجڪ جو غلط هُجڻ آهي، جنهن ۾ ڪجهه به صحيح نه ٿي رهيو آهي. شخص جڏهن به خوشي ۽ ڪارڻ جي ڳولها ۾ بي معنيٰ ڪائنات جي ٽَڪر ۾ اچي ٿو ته هُن جي سامهون ائبسرڊ واري صورتحال ظاهر ٿئي ٿو، جنهن کي ڪامئو"ڪائنات جي بي سبب مات ڪونيو آهي. "

"ڪامئو جي ناٽڪ"ڪراس پرپز"جو مُکيه ڪردار"جان"رت جي رشتي، جذبن ۽ فطري سُڃاڻپ وسيلي خوشي چاهي ٿو، پر خوشيءَ لاءِ سَنئين سِڌي ۽ سادي سودي خواهش جي رستي ۾ رنڊڪون آهن. ڪامئو اُن ڊرامي ۾"ائبسرڊ"جي انساني تجربي تي زور ڏنو آهي. ڪامئو جي خيال ۾ انسان جو پوريءَ طرح "ڪميونيڪيٽ"نه ڪري سگهڻ جي بيوسي، اڪيلائي ۽ جلاوطني جي احساس کي وڌيڪ ڇتوبڻائي ٿي. "

"ائبسرڊ ساهتڪار، هِن صديءَ ۾ سڀ کان وڏي ۾ وڏي ٽرئجڊي، دنيا ۾ ٻولين جو بي اثر ۽ اڻپورو هُجڻ کي سَمجهن ٿا، جيڪي ساهت ۽ اظهار جو واحد وسيلو آهن. روايتي ۽ خسي بڻيل ٻولين وسيلي، شعوري، لاشعوري سطح تي ٿيندڙ اوچتين، اچانڪ تبديلين، احساسن جو پَڙڪي سان اُٿلڻ، لڳاتار تبدلين کي اُن ئي حالت ۾ اظهار ڏيڻ يا پنهنجن تجربن، احساسن جي مونجهارن ۽ رِدعمل کي چاهيل روپ ۾ اظهارڻ ليکڪ لاءِ مُمڪن ئي ڪونهي. اُن ڪوشش ۾ ليکڪ ٿاٻا کائيندي ٻوليءَ سان هٿ چُراند ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ٿو وڃي، پر پوءِ به اُها هٿ چُراند هُن کي چاهيل مقصد تائين پُهچڻ ۾ مدد نٿي ڪري. "

"ان اصول کي کڻندي جڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ جي پرک ڪجي ٿي ته، جتي دنيا ۾ سڏجندڙ"نئين "ڪهاڻي ڦُوهه جوانيءَ مان ڊِرڪي پوڙهپڻ ڏانهن موٽي رهي آهي ۽ اُن جي جاءِ، ماحول ۽ شخصي حالت ۽ بيوسيءَ جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻيءَ والاري آهي. اُتي سنڌي ڪهاڻي صرف بند ٿيل دروازن جا ڪڙا کڙڪائي رهي آهي. زندگيءَ جي بدليل حوالن ۾ سنڌي ڪهاڻيڪارن جي مٿان ڪنهن به سطح تي حالتن کي پَڪڙ ۾ نه آندو ويو آهي. دنيا جي ڪهاڻيءَ ۾ جتي خدا جي موت جي اعلان کان وٺي سُک جي ڊونگ پڏري ٿيڻ، مُئل عورت کي ماڻڻ کان وٺي پنهنجي موت جي پؤ سميت پنهنجي وقت جي شاهديءَ جو ۽ جيون جو اظهار، انيڪ روپن سان ڪيو ويو آهي، اُتي سنڌي

ڪھاڻيڪارن جو ذهن ۽ هنن وٽان سرجندڙ ڪهاڻيون، اڄ بہ ”رومانٽ ازم“ جي روڳ ۾ گندگيءَ سان ڀريل آهن. سنڌي ڪهاڻيڪارن لاءِ اڪر ”نئين“ ۾ بہ رومانس آهي. هِنن جي ڪهاڻين ۾ ڏکن، مايوسين، زندگيءَ جي ڇت پٽائيءَ مان بہ رومانس نظر ايندو آهي. گھٽ ۾ گھٽ مون تہ اهڙي سنڌي ڪهاڻي ورلي پڙهي هوندي، جنهن کي پڙهڻ سان من بيمار ٿي پوي ۽ اندر ۾ انتهائي نفرت، ڏڪار، ڪروڌ پرجي اچي. ۽ من اُلٽي ڪرڻ لاءِ چوي. “

”اُن هوندي بہ آسرو سنڌي ڪهاڻيءَ مان مون نہ لاٿو آهي. ڪڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي تخليق اچي سگهي ٿي، جنهن کي پڙهڻ سان ”نازيا“، (*”سارترجو پهريون ناول ”ناسيا“ 1928ع ۾ شايع ٿيو هو. اُن ناول جو مُک ڪردار، هڪ ليکڪ آهي. جيڪو دنيا جي لغويت (اَجائي پٽي/بي مَعنويت) ۾ معنيٰ ڳولڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هُو ڏسي ٿو تہ مان چوطرف جن شين ۽ ماڻهن ۾ گهيريل آهيان اُهي سَراسر لغو آهن. آخر ۾ لغوليت جو اُهو احساس وڏيڪ گهرو ٿي وڃي ٿو. اُن لغويت کان نجات لاءِ هُو سوچي ٿو تہ اُن ۾ ڪيئن معنيٰ پيدا ڪئي وڃي. ڪڏهن سوچي ٿو تہ ڪيس ڪجھ نہ ڪجھ تخليق ڪرڻ گهرجي. “2) واري ڪيفيت طاري ٿي وڃي، اهڙي اُميد مون کي آهي، لال جي ”هُن جي آتم جو موت“ پڙهڻ کان پوءِ، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪي. ايس. ٻالاٽي ۽ پريم پرڪاش، ماڻڪ، جئسنگهاڻيءَ جي هُئڻ جي ڪري. “

مشتاق شوري جي ڪتاب ”هستيءَ جو گُم ٿي ويل ٽُڪرو“ جي مهاڳ مان مٿي ڏنل سِٽون اُن ڪري بہ ڪُجھ تفصيل سان ڏنيون ويون آهن جيئن ليکڪ جي ڪهاڻين جي منظر توڙي پس منظر يا اُنهن جي ڪردارن جي مزاج، نفسيات توڙي سندن اندر ۾ پيدا ٿيندڙ بيگانگيءَ کي پڙهندڙ چڱيءَ طرح ڄاڻي سگهن. يا اُنهن ڪهاڻين جي دنيا ۾ جيڪا ٽوڙ ڦوڙ، اجنبيت آهي اُن جي ڪارڻن جا ڪي رستا نڪري سگهن. دراصل مشتاق شوري جون ڪهاڻيون انساني ٽُٽل وجود جي اندر جا اهڙا پَڙاڏا آهن، جن جا سَڏَ نڙيءَ جي اندر ئي گُهٽجي رت سان گڏ دل جي ڌڙڪنن ۾ گونجندا رهن ٿا. ماڻهوءَ جي بيوسي، لاچارگي، ٽُٽل ۽ وکريل خواب، من جي ڳالھ نہ اظهاري سگهڻ جي پيڙا، بي اعتمادي، ڪو بہ فيصلو نہ ڪري سگهڻ جي همت وغيره جهڙيون المناڪ ڪيفيتون وڏي بي رحمي ۽ پنهنجي پوري اصليت سان اکرن مان اُڀري پڙهندڙ جي وجود ۾ تحليل ٿي، ڪردارن جي روپ ۾ سندس آڏو آٽي بيهارين ٿيون تہ

پڙهندڙ پنهنجي وجود ۾ لرزي وڃي ٿو ۽ پنهنجي اندر ۾ موجود اهڙي وايو منڊل جي تصوير ڏسي ڇرڪي، اُن تي سوچڻ لڳي ٿو جنهن مُتعلق هِن دنياوي خارجي اثرن ڪيس بي سُڌ ڪري اُنهن حالتن کان لاتعلق ڪري ڇڏيو آهي.

”*انساني وجود جو الميو (Tragedy) پاڻمرادو اِن ڳالهه مان ئي پڌرو آهي تہ سندس دائمي بُڏتر واري حالت ڪيس ذميواري ۽ فرض شناسيءَ کان آجي حياتيءَ گهارڻ ڏانهن گهليو ٿي وڃي. انسان پنهنجي وجود(Existence) جي بَچاءُ ۽ سنڀال بابت پنهنجي لاپرواهي ۽ ڪن لاتار ڪي ختم ڪرڻ کان بہ لاچار آهي. سندس اُها موڳائپ ۽ لاچاري بنا ڪارج/بيڪار، اَسهپ جوڳي ۽ اَٽوٽندڙ صورتحال ۾ ڪيس جيئڻ تي مجبور ٿي ڪري. انساني وجود ۽ جيئڻ جي لاچار وچ ۾ اُها ڇڪتاڻ سموري حياتي ايئن ئي جاري ٿي رهي. اُن گهڙيءَ تائين جيسيتائين هُو پنهنجي وجود کان موڪلاڻي وٺي عَدم ڏانهن ڪوچ نٿو ڪري. جيئڻ جي اِنهيءَ لاچاريءَ ۾، جڏهن انسان پنهنجي وجودي سچ جي ڳولا واري عمل ڪي ويساري نٿو ويهي تہ هُن جي زندگي جا ڪارائتا موتي اَڻ ڇُهيا رهجي وڃن ٿا. انسان محسوس ٿو ڪري تہ ٺلهي وجود کان وڌيڪ وجوديت آهي ۽ مورڳو جيئڻ کان وڌيڪ زندگي آهي. اَڻ ڇتائي، اَجايو پٽوءِ پنهنجي وجود جي ٺلهائپ سان مُڪا ميل ٿيڻ کان پوءِ انسان پنهنجي اصل وجود جي ٻيهر ڳولا ڏانهن پنهنجي ياترا شروع ڪري ٿو. هُو پنهنجو پاڻ کان اورانگهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ اُنهيءَ پوش چڙهيل ماورائيت ۽ ڳُجهہ ۾ بہ ڪيس هڪ معنيٰ سُجهي ٿي، جنهن لاءِ هُو سموري حياتي واجهائيندو رهي ٿو. اِن ريت معنيٰ ۽ وجود جي ڳولا جو اُهو عمل، انسان جو پاڻ کي اورانگهڻ (ڳولهڻ) وارو عمل ٿي پوي ٿو. معنيٰ جي ڳولا هِن لاءِ جڻ سچائيءَ لاءِ ڳولا ٿي پوي ٿي. “3)

اصل ۾ اڄ جو جديد سنڌي ادب خاص طور تي فڪشن پڙهندي پڙهندي اوچتو اڄ جڏهن مشتاق شوري جون ڪهاڻيون پڙهيون اٿم تہ ايئن محسوس ٿيڻ لڳو آهي جڻ مان پاڻ سان تمام گهٽي عرصي کان پوءِ، روايتي مُسلسل جياپي واري جانڊاهہ ۾ اَڻجاڻ پيسجندي پنهنجي هُجڻ جي احساس کان آشنا ٿيو آهيان. ۽ پنهنجي اندر جي اُداس دنيا جي وساريل ڪربناڪيءَ ڏانهن ڏيان ڏنو اٿم. جيئن ڪو بہ انسان پيدا ٿئي ٿو تہ سندس نفسيات/ذهن جي سليٽ صاف شفاف ۽ خالي هوندي آهي، پر ڄمڻ کان وٺي مَرڻ تائين اُن سليٽ تي ٻاهريان دنيا جا اکر لکبا رهبا آهن. هُو جيڪو ڪجهہ لکڻ/ڏسڻ چاهيندو آهي

اُهو نہ لکي سگهڻ جي بي وسي ڪٽي، سچي زندگي اُن ذهن/وجود کي پتڪائيندو رهندو آهي. تہ مشتاق شوري جون ڪهاڻيون پنهنجي ذهن/نفسيات جي سليٽ تي پنهنجي تحرير نہ لکي سگهڻ جو چڙ، غصو ڏياريندڙ ردِعمل آهن. وجودي ادب ۾ ماڻهوءَ جي هٽ وٺي پيدا ڪيل بي حالي، بربادي، پتڪنا، اضطراب ۽ اهڙين بين ڪوڙسارين حالتن جي ستم ظريفي تي دل هٿن ۾ اچي وڃي ٿي. بيو تہ مشتاق شوري جون هي ڪهاڻيون، ڪهاڻيءَ جو اهڙو تہ اعليٰ فن آهن، جنهن ذريعي وڏي اعليٰ مهارت سان ليکڪ مختلف ڪهاڻين جي ڪردارن جي جياپي جا ڏُنڊلا ٿي ويل رنگ، اڪيلائپ، ڪو بہ فيصلو نہ ڪري سگهڻ جي هيٺائپ، شعور جي چڪيءَ ۾ پيسجڻ جي پيڙا، اندر ۾ وڏي وڏي، حد کان وڌي ويل لاچارگي جي اُلٽي ڏياري ڇڏيندڙ ڪيفيت کي پوءِ بہ من ۾ زوري سانڍهي رکڻ جي مجبوري، انتهائي غلاظت ۾ جيئڻ کان بغاوت ڪرڻ جون علامتي نشانيون آهن. توڙي جو مشتاق شوري جي ڪهاڻين جو بنيادي خيال مايوسي، هيٺائي، زندگيءَ کان نفرت، خودڪشي جي انتها تي پُهچڻ آهي، پر اگر غور سان ڏسجي يا سوچجي تہ هتي ماڻهوءَ کي مليل زندگي ۾ ڪراهت آميز ڪيفيت، احساسيت يا جيڪا نفسيات جوڙي وئي آهي اُن جي اهڙي ئي بي رحميءَ سان پيش ڪيل حقيقت جي عڪاسي هي ڪهاڻيون آهي، جنهن تي سوچي ماڻهو پشيمان ٿيڻ کان رهي نٿو سگهي. پر بئي پاسي مايوسيءَ جي ڳُن ۾ گهوماتيون ڪائيندڙ ماڻهوءَ کي زندگيءَ جي اصل ڀيانڪ تصوير ڏيکاري ڪيس اهو آگاهہ پڻ ڪيو ٿو وڃي تہ زندگي ڪورو ڪاڳر آهي ان تي جو بہ لکڻو آهي اُن ڪوري ڪاڳر واري زندگيءَ جي مالڪ کي ئي لکڻو آهي. اُن لغو زندگيءَ جي بي معنويت ۾ معنيٰ هر صورت ۾ ڪيس ئي پرڻي آهي.

مشتاق شوري جي ڪتاب"هستيءَ جو ڳُم ٿيل ٽُڪرو" ۾ موجود ڪهاڻين جي دنيا، اُنهن جا ڪرادر، ڪردارن جون اندروني ڪيفيتون، اُنهن ڪيفيتن جو ڳرب، اُن ڳرب جي ڪوجهائپ جي جيڪا ٽُڙ ۽ بي رحماڻي ڦوٽو گرافي مشتاق شورو ڪري ٿو اُها تصورڪشي، منظر نگاري، ڪردار نگاري، ٻولي جو نج پڻو، ڪهاڻيءَ جو انداز، ڪردارن جي داخلي پيڙائن وارين ڪيفيتن، بيوسي جي انتهائي هيٺائي، اهڙي تہ فنائتي نموني اکرن ۾ اوتجي پڙهندڙ تائين منتقل ٿي وڃي ٿي جو پڙهندڙ اُنهن سيني ڪهاڻين جي مُختلف ڪردارن ۾ تحليل ٿي اُهو ڏهڪائي ڇڏيندڙ اندروني عذاب ڀوڳيندي بي حال ٿي پوي ٿو.

اهڙي طرح ليکڪ جي ايبنارمل ڪهاڻين جا ڪردار توڙي اُنهن جا عنوان، اُبڙڪا ڏئي اندر مان اُيري ايندڙ درد جون اُهي ڪيفيتون آهن جيڪي سنڌي ڪهاڻي جي دنيا ۾ هڪ الڳ رنگ توڙي روپ ۾ پيش ڪيون ويون آهن.

”ٽُنل، ڊَنل-ڊهندڙ پاڇولا“ هن ڪهاڻيءَ ۾ گهٽي مينهن وسڻ کان پوءِ ڪراچيءَ جي مُختلف علائقن جي مختلف ماڻهن جو شهر ۾ گهٽو پاڻي جمع ٿي وڃڻ ڪري، روڊ، رستا ۽ گاڏيون بند ٿيڻ سان، ڪينٽ اسٽيشن جي پليٽفارم تي ٽرين جي انتظار جو هڪ منظر آهي جنهن ۾ قسمين قسمين مزاج رکندڙ ماڻهن/ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي چُرپُر، مينهن جي تباهي مُتعلق ڳالهيون، اُنهن جا ذاتي مسئلا، ڪيفيتون، اُنهن جون حالتون، مامرا، هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي گهر پُهچڻ جي بي چيني، بي وسي، ٽرين جو بيقراريءَ مان انتظار ڪرڻ، ٽرين اچڻ تي ٽرين جي گاڏن تي ماڻهن جي چڙهڻ جي پَرمار/پيهه. ٽرين هلڻ کان پوءِ ٽرين ۾ هڪ بئي سان چنبڙيل ماڻهن جي عڪاسي، رش ۾ ماڻهن جي ساهه مُنجهائيندڙ حالت، ٽرين جي درن ۾ لَڙڪيل ماڻهو، اُنهن مان هڪ ڪردار، پنهنجي بيمار گهر واريءَ لاءِ ونئي ويندڙ دوائون، اُن جو تيز هلندڙ ٽرين مان هٿ ڇڏائجي وڃڻ، ٽرين کي زنجير ڇڪي بيهارڻ، اُن تي ماڻهن جون عجيب قسم جون بي حسي، بي درديءَ افسوس واريون ڳالهيون ۽ اُنهن جي ٽُز عڪاسي، پٽڙين جي پَرسان پٿرن تي ڪِريل هڪ مجبور، هيٺو رت ۾ ٻُڏل اجنبي انسان، جنهن لاءِ پنهنجي گهر وارا گهر جي در ۾ اتڪائي ويٺل اکيون، جن کي ڪا خبر ڪونهي ته سندن گهر جو وڏو ڪهڙي حالت ۾ آهي. لاش جي چوگرد ماڻهن جا هَشام، جيڪي پنهنجن پريشانين ۾ لاتعلق بٽيل، ٽرين جي رُڪجي وڃڻ ۽ ڪِري مري ويل شخص تي چِڙ ڪائيندڙ ته هِن کي به هاڻ ڪِرڻو هو ۽ خاص طور تي زنجير ڇڪيندڙ تي باهيون ته هُن زنجير ڇو ڇِڪي، اهڙي صورتحال ۾ جتي لاڳيتو چار پنج ڪلاڪ مُسلسل وسندڙ مِينهن جي وقفي ۾ هر ڪو پريشان ته ڪٿي وري مينهن نه شروع ٿي وڃي، اُن کان اڳ وڃي گهر پيڙا ٿيون. پوليس جي لاش لاءِ ڪيل ڪاروائي، اُنهن جي سوچ، اُن سموري حالت جي جنهن فنڪارانه انداز سان ليکڪ بنا ڪنهن لفظن جي رنگيني جي سِڌي سَنئي دل کي جهنجهوڙي ڇڏيندڙ منظر نگاري، ڪردار نگاري، نفسياتي اوک ڊوک ڪئي آهي اُها ماڻهوءَ جي هستيءَ ۾ موجود جذبن، آسن، اُمنگن، ڏُکن، ڏوجهرن، بي وسين جي هڪ سَرد آهه پڻ آهي. مطلب ته هي

ڪهاڻي انساني من جي اندروني خلائن ۾ پيٽڪندڙ خواهشن، حالتن، تڪليفن جي عڪاسي ڪندڙ ۽ سُن ڪري ڇڏيندڙ ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ڪهاڻيڪار وڏي فني ڪاريگريءَ سان سچي صورتحال کي بيان ڪندي، ڪهاڻي کان دور رهي ڪهاڻيءَ کي مُڪمل ڪيفيتن، احساسن سان اکرن مان اُپاري پڙهندڙ کي ڏيکاري ٿو. محسوس ڪرائي ٿو، پوگرائي ٿو. ذهني طور تي مُنتشر ڪري، ڪردارن ۾ زم ڪري ڇڏي ٿو. بظاهر هڪڙي ڪهاڻي پر هڪڙي ئي ڪهاڻيءَ مان پيون بہ ڪيئي ڪهاڻيون توڙي ڪردار تخليق ڪري وجهي ٿو.

”پگل تتل ليڪا“هڪ عجيب ڪهاڻي آهي. لمحي لمحي جي سوچ توڙي پيڙا کي سموئيندڙ مُنتشر نفسيات توڙي ڪيفيتن، سوچن ۽ خيالن جي ڳُن ۾ ڦاٿل، هڪ وڪريل شخص جي ڪهاڻي. جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جو مُک ڪردار ٻئي شهر ۾ نوڪري ڪري ٿو. جيڪو موڪل جو ڏينهن هُئڻ ڪري گهٽي وقت کان پوءِ پنهنجي گهر اچي ٿو. گهر ايندي ڪيس گهر ڏانهن ايندڙ رستا توڙي گهٽيون اوپريون، اڻچاتل محسوس ڪري ٿو. گهر کي بہ ڏسي اُن کي سُڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ پڪ ڪري، پوءِ گهر جي ڏاڪڻ چڙهي در ڪڙڪائي ٿو. ماءُ در کولي ڪيس تعجب ۽ اُتساهہ مان ڀاڪرن ۾ ڀريس ٿي پر هُو بي دليو ساڻس ملي ٿو. ايئن پيڻ ڀائرن توڙي ننڍڙن ٻارن سان پڻ ٻنا ڪنهن چاهہ ۽ لڳاءُ جي ملي ٿو. گهر ۾ اجنبيت جو احساس ڪيس جهوري وجهي ٿو. ڪنهن سان ڳالهائڻ يا ڪچهري ڪرڻ يا ماني کائڻ لاءِ بہ دل ڪو نہ ٿي چئيس. ايئن مُختلف ڪيفيتن جي پوڳنا پوڳيندي ڪجهہ ئي دير ۾ ڪنهن ضروري ڪم جو بهانو ڪري ٽيلهو ڪٽي گهران نڪرندي پاڻ کي ڏاڍو پُرسڪون ۽ رليڪس پائئي ٿو.

”هستيءَ جي ٽُتل، ٽُڪرن جي وچ مان“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙو ڪردار سامهون اچي ٿو، جيڪو هر حالت ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ، عجيب ۽ غريب سوچيندو رهي ٿو. هر لمحي کي رٻڙ وانگر هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين مُڪمل ڇڪي، جڏهن ڪنهن بہ هڪ ڇيڙي کي ڇڏي ٿو تہ اُهو ڇيڙو تيزيءَ سان اچي، جڻ تہ پڙهندڙ جي ذهن ۾ لڳي ٿو ۽ اُن کي چرڪائي، لرزائي ڇڏي ٿو. پڙهندڙ هڪ عجيب ۽ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڪيفيت ۾ مُبتلا ٿي وڃي ٿو. اهڙي محسوسيات تائين رسائيءَ لاءِ پڙهندڙ لاءِ ضروري آهي تہ ڪيس سيني ڪهاڻين جي لفظن جي ڪناري تي نلهو ويهڻ بدران اُنهن جي گهرائيءَ ۾ پاڻ کي لاهي ۽

انهن ۾ موجود ڪيفيتن ۽ حالتن کي پنهنجي من جي گلاس ۾ اوتي ڇڏي ته جيئن ڪهاڻيءَ جو ڪردار، پڙهندڙ ۾ مُنتقل ٿي ڪيس ڪهاڻيءَ جي دنيا ۾ جاڳائي وجهي.

ڪهاڻي جي شروعات ۾ ڪهاڻيءَ جو ڪردار شاور هيٺ وهنجي رهيو آهي، مٿان ڪِرندڙ پاڻيءَ جي بوندن کي محسوس ڪندي به ڪجهه سوچيندو رهي ٿو. تيار ٿي آفيس وڃڻ تائين سيني گذرندڙ پلن جي پاڳلپڻي کي احساس جي انتهائي نفيس گهرائيءَ تائين محسوس ڪندي، آفيس پُهچي ٿو. ۽ پوءِ آفيس ۾ ذري ذري ڳالهه مُتعلق فڪر مَند ٿيندي، سوچن جي ڪارن ڪُنن ۾ گهوماٽيون کائيندي، بي سبب، اٽڪاٽائيءَ ۾ بار بار گهنٽي وڄائي، پٽيوالي کي گُهرائي، ڪجهه چوندي چوندي رُڪجي بنا چوڻ جي واپس موڪلي ٿو ڇڏي. ڪو به فيصلو نه ڪري سگهڻ جي ڪَرب ۾ پنهنجي من ۾ پيڙهجندي، ذهني طور تي پڄرندو رهي ٿو. ”پڇاڙيءَ ۾ هُو پاڻ کي وقت کان اڳ پوڙهپڻ جي پهرين ڏاڪي ۾ داخل ٿيندي محسوس ڪري ٿو. پنکي ۾گهوريندي ڪيس آپگهات سيڪسي چوڪري لڳي ٿو. جيڪا نخرن ۽ ماڻڻ سان ڪيس سڏي رهي آهي ۽ هُو پاڻ کي بي انتها ٿڪل پائي ٿو. “

”هستيءَ جو گُم ٿيل ٽُڪرو“ڪهاڻيءَ ۾ هڪ عورت، جيڪا پيشاور آهي. ڪهاڻيءَ جي مُک ڪردار پاران، اُن سان گهاريل گهڙين جي پيڙائتي ڪٿا خودڪلاميءَ واري انداز ۾ بيان ڪيل آهي. جنسي خواهش ۾ لِڪل، اَصل محبت ماڻڻ جي ڦٿڪندڙ آس ڪيڏي نه پٽڪائيندڙ پانئجي ٿي. پيشاور عورت کي پئسن سان ڪم ۽ اُنهن عيوض عارضي ڏيکاءُ واري محبت. پر محبت ماڻيندڙ شخص سامهون پيل ڪرپ ڏياريندڙ گوشت ۽ اُن منجهان ايندڙ عجيب بوءِ کان پري سنجيدگيءَ جي پُلصراط تي هڪ عورت سان دلي ڪيفيتن جي ڪُن ۾ ٻُڏندي تَرندي محسوس ڪري ٿو. پئسن جي تنگي هوندي به ڏوڪڙن سان خريد ڪيل وقت کي جنسي عارضي لذت حاصل ڪرڻ عيوض حقيقي محبت جو معراج ماڻڻ جي خيال سان ڪپائي ويهي ٿو. ۽ هُو اُن عورت جي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي جنسي ناڪامي جي احساس کي پوڳيندي، سموري گذريل ڪٿا کي پنهنجي دل مان روڙي، اڪرن وسيلي اُٽي هڪ اضطراب کي پيدا ڪري وجهي ٿو.

”مجبوريءَ ڪي اکيون نہ هونديون آهن، ڳن بہ نہ هوندا آهن، محسوس ڪرڻ لاءِ حَواس بہ نہ هوندا آهن. نہ، صرف حَواس ئي هوندا آهن مجبوريءَ کي. “يا بئي هنڌ هڪ ٻيو جملو اچي ٿو تہ،

”دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا خراب، اُن کان بہ وڌيڪ بَدترين، مَڪروهہ، بَدصورت، اَذيتناڪ شيءِ آهي تہ اُها ڊيسيپلين آهي. انسان هر حالت ۾ رهي سگهي ٿو پر ڊيسيپلين ۾ نٿو رهي سگهي. “

”جيون جيڪو رڙهي پيو“ ڪهاڻي ۾ ڦُٽ پاٿ تي ڇِنل ڳهين وارو بوٽ پائي هلندڙ شخص، جنهن جا پير، بوٽ مان هر هر ٻاهر نڪري وڃڻ ڪري هلڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري ٿو. کيسي ۾ پندرنهن پيسا، آفيس ۾ سڄو ڏينهن مَٿو هڻڻ، پنهنجي آفيسر جا دڙڪا کائڻ، چانهہ پيئڻ جي خواهش، بوٽ لاءِ نيون کهيون وٺڻ جو خيال، ڇهہ ميل آفيس کان گهر تائين پنڌ، بس اسٽاپ تي بسڪوٽ ۽ ڪٽمنڙا کپائيندڙ ڇوڪرا ۽ اهڙيون وس کان ٻاهر ۽ اڏوارئپ ڪي وڌائيندڙ بي حس حالتون، هِن ڪهاڻيءَ جي ڪردار کي سوچن جي صليب تي ٽنگي ڇڏين ٿيون. بيوسي، مُفلسي، جنجال ٻڌجي ويل جياپي جي جنگ ۾ پَل پَل مرندي ۽ جيئندي ڪهاڻيءَ جو ڪردار، سوچي ٿو تہ، ”پندرنهن پيسا، جي کيسي ۾ پيا آهن ڪڏي اُڇلائي ڇڏيان، ۽ اُن پيڙا مان جان ڇڏائي مُڪت ٿي هلندو رهان. ۽منهنجي سمجهہ زخمي ٿي پئي آهي- لڳي ٿو ڪجهہ ايئن- ايئن- بيٺو آهيان لاچار، بيوس. “

”ٽڏي باهہ“ ڪهاڻيءَ ۾ ٻہ ڪردار ڪافي هائوس ۾ اچن ٿا. سندن خاڪي فوجي وردي، ٽوپيءَ ۽ بوٽ سميت ميري آهي. ڪهاڻيڪار ٻنهي ڪردارن جي مُشابهت هڪ جي باندر ۽ ٻئي جي گهوڙي جي مُنهن جهڙي ٻُڌائي ٿو. جيڪي بيري کي چانهہ آڻڻ لاءِ چون ٿا. عجيب فوجي نفسياتي اندازسان ڪردارن جي ڪهاڻيڪار جيڪا عڪاسي ڪئي آهي اُها جڻ تہ ڪنهن هلندڙ فلم جيان ياسي ٿي. ٻئي جڻا جنگي حالتن ۾ ڊيوٽي ڏيندڙ آهن. ٻئي پاڻ ۾ گهٽ ڳالهائيندي بہ نيٽ ڳاڙهي بازار جو ذڪر ڪن ٿا. ۽ پوءِ ڪنهن ڪسبياڻيءَ مُتعلق هڪ ڪردار ٻئي ڪردار کي پنهنجي عشق جي ڳالهہ ٻُڌائي ٿو. تہ ڪيئن نہ هوءَ ڪسبياڻي ساڻس محبت ڪري ٿي ۽ کيس جنسي تسڪين پُهچائي ٿي. ٻيو ٻُڌندڙ ڪردار اِهو ٻُڌي احساس ڪمتري جو شڪار ٿيندي ڳالهہ ٻُڌائيندڙ سان ڪوڙ ڳالهائيندي چوي ٿو تہ، مون سان پڻ ڳاڙهي بازار ۾

هڪڙي ڪسبياڻي محبت ڪندي آهي. ۽ اُن مُتعلق وڏائي، چڙهائي ڪيس ٻُڌائي پاڻ کي نفسياتي طور تي مُطئمن ڪري ٿو. ٻيو ڪردار ڪائونس اُن ڪسبياڻيءَ مُتعلق پُڇي ٿو. تہ ٻيو ڪردار مڙئي ڪوڙ ڳالهائيندي، پارپتا ڏيندي ڪيس ٻُڌائي ٿو تہ. وئشياخاني ۾ ڦلاڻي هنڌ تي جيڪا هڪ سهڻي عورت ويهي ٿي، اُها منهنجي محبوبہ آهي. ٻُڌندڙ ڪردار اڳئين جي ڳالهہ ٻُڌندي پنهنجي هٿ ۾ پسٽل جَهلي اُن کي ڏسندو رهي ٿو ۽ پوءِ اوچتو پسٽل سان فائر ڪري، ڪهاڻيءَ جي سموري ماحول کي هيسائي، ڇرڪائي وجهي ٿو-ڇو تہ ڪوڙ ڳالهائيندڙ ڪردار جنهن عورت جو ڏَسُ ٻُڌائي ٿو اُها ڳالهہ ٻُڌندڙ جي ئي محبوبا هُجي ٿي-ايئن اصل محبوبا وارو ڪردار وئشيائن کي پنهنجي مُنهن بيوفا چئي ٿو ۽ ٻئي لمحي ٻئي ڪردار ڪافي هائوس مان نڪرندي ڏيکاريا وڃن ٿا. ايئن مشتاق شوري جي ڪهاڻين جي دنيا ۾ پنهنجي آواره دل کي ڀٽڪائيندي سندس هڪ ڪهاڻي ”گيدي پٽي سان پَريل جيون“جي اُداس دنيا جو در کولي ڏُکاري دل داخل ٿئي ٿي تہ ڪهاڻيءَ مان ڪجهہ چوندڙ سِٽون پاڻ ڏانهن سڏيندي نظر اچن ٿيون. جن ڏانهن مايوس مَن سان بي ساختہ وڃي پڙهڻ لڳان ٿو تہ. ”ڪُجهہ بہ هُجي پر اُگهاڙي حقيقت ۽ ظالم _فحش سچ اِهو آهي تہ رشتا، ناتا، لاڳاپا سماجي هُجن يا فطري پر اُهي شخص جي سماجي رُتبي ۽ حيثيت پٽاندڙئي ٺهندا، جُڙندا ۽ ڊهندا آهن. سماجي يا فطري لاڳاپا ڪنهن بہ ريت ڪنهن بہ، صورت ۾ اَٽل _اَٽمٽ ناهن. پرضرورتن، حالتن، انساني لالچن، غرضن موجب پنهنجي معنيٰ، مقصد ۽ شڪل مٽائيندا ٿا رهن. شايد رشتن _ لاڳاپن جي ضرورت آهر تبديلي سياويڪ _ قدرتي هُجي.... “!

ڪهاڻي ”جيون جو خاليپڻو“ مان هڪ ٽڪرو، جيڪو انساني بيوسيءِ لاچارگي جو هڪ المياتي حوالو لڳي ٿو. اُن کي پڙهڻ لڳان ٿو. ”انسان ذهني سُڪون لاءِ خُدا تخليق ڪيا تہ خود پنهنجي سِرجيل خدائن جو ٻانهون _غلام بڻجي ويو ۽ پنهنجي ئي تخليق اڳيان ليلائڻ، آزيون، نيزاريون ڪرڻ لڳو ۽ سجدا ڏيڻ ۽ ٻانبڙيون پائڻ لڳو. سندس ئي تخليق ڪيل خدا _خيال کي اعليٰ ۽ مٿانهون رُتبو ملي ويو ۽ ڪيس نيچ ۽ نيچ رُتبو پَلئہ پيو. امن، سُڪون، ڀائيچاري ۽ هڪجهڙائيءَ جي آس سان ڌرم تخليق ڪيائين ۽ خود ئي اُن ڌرم _مذهب جي نالي ۾ ڪُسجڻ ۽ قتل ٿيڻ لڳو. ڀائيچاري ۽ هڪجهڙائي جي بدران ڌرم، مذهب ۽ عقيدي جي اوٽ ۾ نفرت جا ڪوٽ اَڏي گروهن، فرقن، اوچ

نيچ جي ڏُٻڻ ۾ ڦاسي پيو. پاڻ جهڙن ٻين سان گڏجي عزت ۽ سُڪون ڀري زندگي گذارڻ جي چاهه ۾ سماج جو پايو وڏائين ته مَٿس نه سَهڻ جهڙيون اَڪيچار قسمن جون پابنديون ۽ سختيون مڙهجي ويون. عزت، سُڪون ۽گڏجي رهڻ جي شوق۾ شخصي آزادي، ذهني سُڪون ڦُرائي سماجي اوچ نيچ، اَڻ برابري، ننڍ وڏائي ۽ ڪيترن ئي سماجي تضادن جو شڪار بڻجي، نفسياتي روڳ پرائي ويٺو. پنهنجو مُلڪ هُئڻ جي شوق ۾ رياست کي جنم ڏنائين ته پنهنجا تخليق ڪيل رياستي ادارا هُن کان وڌيڪ مضبوط، سگهارا ۽ مانُ مَرتبي وارا بڻجي ويا ۽ انسان ويچارو يَڪجهتي، سلامتي، قومي سالميت، قانون، اسٽيٽ سيڪرٽريٽ جي نالي ۾ لوهي ٿنڀن کان وڌيڪ مضبوط رياستي ادارن هٿان ذليل، خُوار، بُڇڙو۽ بي عزتو ٿيڻ لڳو. بيمارين مان ڇوٽڪارو وٺڻ لاءِ دوائون ايجاد ڪيائين ته دوا هڪ مرض ڇڏائي ڏهه ٻيون بيماريون وٺيو اچي. لڳي ٿو ته نجات جون سڀئي واٽون بند آهن. "

سارتري وجوديت جي فڪري تناظر ۾ لکيل مشتاق شوري جون ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ هڪ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان نروار ٿي سامهون اچن ٿيون. ڇو ته عالمي طور تي دنيا مُسلسل پنهنجن ئي صديون اڳ پيدا ڪيل زندگيءَ جي مُختلف زاوين جي روايت ۽ هڪ جهڙائي واري حالت کان بغاوت ڪندي جديديت جي انهن اڳين سڀني لاڙن مان نيئن انداز سان فڪري جوڙجڪ ڪري ماڻهوءَ لاءِ هڪ عليحده رُخ ڏانهن هلڻ جو ڏَسُ ڏنو. جنهن ڏانهن وڃڻ جو ساهس گهٽ ماڻهن ۾ هو.

"وجوديت موجوده وقت جي نمائنده فڪري تحريڪ آهي، جنهن زندگيءَ جي هر شعبي کي مُتاثر ڪيو آهي. علم، حڪمت، ادب، فن، مذهب، نفسيات، عمرانيات، اخلاقيات هُجي، وجوديت اُنهن سڀني تي پنهنجا اَڻمِٽ نشان ڇڏيا آهن. وجودي ادب ۾ تخيل جي رنگيني، فڪر جي بُلندي، جذبي جي شدت، آرزوئن ۽ خواهشن جي رنگا رنگي اعليٰ درجي واري ملي ٿي. "، "وجوديت اسان جي دور جو فڪري مجموعو آهي. هِن دور جي خاص بي ٌچيني، ڇڪتاڻ، پريشاني ۽ ڪشمڪش جيڪي خوفناڪ جنگين، تباهه ڪُن هٿيارن، شديد سماجي انقلابن، اختيار پسند، گروهه پرست، فرد دشمن عقيدن ۽ روحانيت جي زوال جو نتيجو آهن. جن جو اظهار وجوديت ۾ موجود آهي. هي خرابيءَ مايوسي، سڀني مجيل روايتن جي خلاف بغاوت، ماده پرستي، تخيل جي

مُفلسي، فڪر، ادب ۽ فن ۾ جذبي ۽ وحدت جو انتشار، عدم تحفظ جو احساس، سماجي، سياسي، مذهبي، اخلاقي ۽ جمالياتي قدرن جي ڪِريل شڪست، جن مان اسان جي ثقافت صورت ماٽي، جنهن وجودي فلسفي کي ڪچو مال فراهم ڪيو. جيڪا اُن جي تفسير هئڻ سان گڏ، تاويل ۽ نتيجو بہ آهي تہ تنقيد بہ. وجوديت هڪ نئون مذهب هئڻ ڪري بين مذهبن جيان اُن وقت ظاهر ٿيو، جڏهن پهريان موجود مذهبَ----جن ۾ عقل پرستي ۽ سائنس پرستي بہ شامل آهن. جن کي اٽويهين صديءَ ۾ مقبول عقيدن جو مَرتبو حاصل هو---انساني روحن کي تسڪين ڏيڻ ۽ اُنهن جي لاءِ زندگي جو بهتر طور طريقو مقرر ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا. 4"

مشتاق شوري جون سڀ ڪهاڻيون وجوديت جي ويرا ڳ جو پڙاڏو ياسن ٿيون. جو تہ لڳ ڀڳ مُختلف تصويرن ۾ هڪ ئي ڇهري جي الڳ الڳ عڪسن جون جهلڪيون، جيڪي هڪ ئي وقت يڪسانيت ۽ بوريت جي بيزاريءَ جي هوندي بہ وڏي آرٽسٽڪ انداز سان پاڻ ۾ گُم ڪري ڇڏيندڙ ڪهاڻين جو روپ ڌاري نِروار ٿين ٿيون. ڪهاڻين جي ڪردارن جي پَيچ ڊاهہ، ٽُٽل ڦُٽل حالتن جي سَتايل ماڻهن جون وڏي بي رحميءَ سان ڪيل سندن اندروني عڪاسي يا ڪهاڻين جا جيڪي عنوان تشڪيل ڏنا ويا آهن اُنهن ۾ پڻ ڪهاڻين جا مُڪمل تَت سمايل آهن. هر عنوان ۾ جڻ تہ ڪا نہ ڪا ڪهاڻي ساهہ کڻي رهي آهي.

مثلن:"ٽُٽل سلسلا"، "لُٽيل وڃايل اَهم ۽ مَزو"، "ٽُٽل هستي"، "منهنجي پيڙا"، "ٽُٽل شيشا_ڀڳل عڪس"، "رڙهندڙ پيڙهي"، "گيدي پٽي سان پَريل جيون"، "بيمار آسن جي لوچ"، "ٿَڪل جذبن جو موت"، "من جي مُونجهہ ۽ بُوسات"، "ويچار ۽ ويچارن جي وچ ۾ لٽڪيل آءُ"، "هڪ بور ڏينهن"، "ميرا ڳل، ڳاڙها لُڙڪ"، "جيون جا روئيندڙ ٽهڪ"، "اُوندهہ جي وَهڪ"، "ڪجهہ گهڙين جو ائبنارمل"، "ٽُٽل جيون، ٽُٽل آس، پيڙا"، "جيون جو ڪوڪلو سچ"، "مُئل ماڻهن جي يُومي"، ڪهاڻين جا اهڙا عنوان آهن جن ۾ وجوديت/هستي واد سوچ ۽ خيال پنهنجي سموري حقيقتي سچائيءَ سان وڏي رُڪا ۽ گربائتا احساس، فن ۾ تحليل ٿي ماڻهوءَ کي/سماج کي پنهنجي ويران اندر جو آئينو پسائين ٿا.

ديوي ناگراڻي چواڻي تہ، "دراصل ڪهاڻي اسان جي وقت جي دائري ۾ سماج جو عڪس آهي. جنهن ۾ اُهو سڀ ڪجهہ ٿيندو آهي، جو اسان جي

سماج ۾ ٿيندو رهندو آهي. مشتاق شورو بہ پنهنجي آس پاس ۾ ٿيندڙ حالتن کي سوچ جي سُٽ سان اُٽيو آهي. . . . “

”ميرا ڳِل، ڳاڙها لُڙڪ“هڪ معصوم، بي سمجھ ٻالڪ جي درد ڀري ڪهاڻي آهي. جيڪا هڪ ٻار جي آهُن ۽ دانهُن جو دل کي لرزائي ڇڏيندڙ داستان آهي.

جنهن ۾ هڪ ٻار جي سموري ٻاراڻي نفسيات، ڇُرپُر ۽ سندس اَبهم سوچن ۽ خواهشن کي اهڙي نموني اُٽيو ويو آهي جو پڙهندڙ ڪهاڻيءَ وارو ٻار ٻڌجي پوڳڻ لڳي ٿو. ٻار جيڪو مفلسيءَ ڪارڻ ميرا، پُراڻا ڦاٽل ڪپڙا بلڪ ليڙون ليڙون ڪپڙا پهريل، پير اگهاڙا. جنهن کي پاڙي جا ٻيا ٻار جيڪي نوان نوان ۽ صاف سٿرا ڪپڙا پهريل، شيون کائيندڙ کيس چيڙائن ۽ مارين ٿا. ۽ ڪيئن نہ ساڻس نفرت آميز رويا رکندي کيس ستائين ٿا. اهڙي وقت ۾ اُن معصوم ٻار جي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي يا هُو ڇا سوچي ٿو، محسوس ڪري ٿو. اُن سموري پيڙائتي ڪٿا کي ڪهاڻيڪار وڏي گهرائي سان هڪ ٻار ٻڌجي، سندس اندر ۾ لهي، اُن جون باريڪ بينيءَ سان احساساتي، محسوسيات جون تصويرون لفظن ۾ اُجاگر ڪيون آهن. بُک ۽ اُڃ ۾ ماءُ کان ماني گُهري ٿو تہ ماءُ غربت جي چڪيءَ ۾ مُسلسل پيسجندي، چيڙاڪ ٿيندي، پٿر دل ٻڌجي کيس ماني نہ هُجڻ ڪري ماري ٿي، پٽون ۽ پاراتا ڏئي ٿي. ۽ وري ڪجھ دير کان پوءِ جڏهن پيھر ٻارڙو ٻاتا ٻول ٻوليندي ماءُ کي ڏاڍي بُک لڳڻ جو چئي ٿو، ڪيٿو ڪندي مٿيءَ ۾ ليٽندي ماءُ کان خرچي گهري ٿو تہ ڪا شيءِ وٺي کاوان تہ ماءُ ڏاڍي بي رحميءَ سان ٻار کي ڏاڍو ماري ٿي. اُن وقت ٻارڙي جون رڙيون ۽ ماني توڙي ڏوڪڙن گُهرڻ کان توبهن ڪندي ٻار جي حالت جو جيڪو منظر جوڙيو ويو آهي اُهو هانءُ کي هِجائي وجهي ٿو. ماءُ جي مار سبب ٻار جا ميري بُت تي ليڙون ليڙون ميرا ڪپڙا ويتر جهيرون ٿي سندس ننڍڙي جسم تي مليل مار جي ڏَڪن جا نيشان رهجي وڃن ٿا. اهڙي حالت ۾ ٻار کي ڪجھ سمجھ ۾ نٿو اچي تہ هي ايڏو ڳلور ساڻس ڇو ٿي رهيو آهي. هُو معصوميت ۾ روئيندو، ميرن ڳلن تي لَڙي آيل اُجرن لُڙڪن کي ننڍڙين ٻانهن توڙي هٿڙن سان اُگهندو، روئيندو رڙندو رستي سان ويندي ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو وڃي ٿو. ۽ پوءِ اوچتو ڪنهن تيز ايندڙ گاڏيءَ جا ٽائرن جا هانءُ ڏهڪائي ڇڏيندڙ چرڙاٽ، روڊ تي ڳاڙها ليڪا ٺاهيندي هوائن ۾ تحليل ٿي وڃن ٿا. ۽ پوئتان روڊ تي وڃي ٿو رهجي معصوم ٻار

جو ڇپيا ٿيل رت ۾ ٻڏل لاش، جيڪو سماج جي طبقاتي گندگيءَ ڪي پنهنجن ٻنهي معصوم ننڍڙن هٿڙن جون ڏهئي آڱريون تيزڙي گهروڙي ٻُجو ڏيندي، اندر ۾ پيدا ٿيل ڪروڌ مان جنسي گار ڏئي ٿو. جيڪا فضائن ۾ پڙاڏا بڻجي گونجي وڃي ٿي ته منهنجي اکين جا بند ٻَڌي پون ٿا ۽ بي ساخته وهي نڪرندڙ ڳوڙها ڪاڳر کي پڇائيندي، تحرير ٿيل لفظن مان اُن معصوم ۽ مظلوم ٻالڪ جو معصوم ۽ اُداس چهرو اُڀاري، سندس درد جو نشتر منهنجي ذهن ۾ کُپائي ڇڏين ٿا.

مددي ڪتاب

1. سئو سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون (مُرتب) شوڪت حسين شورو
2. سارتر ـ ادب، فلسفو ۽ وجوديت (مُرتب) خالد محمود
3. نئون ادب، نيون ڳالهيون ـ چندر ڪيسواڻي
4. وجوديت ـ قاضي جاويد

5/7/20

# روسي زار شاهي ۽ انقلابيت جو هيبتناڪ آئينو

روس جي هڪ آفيسر وڪٽر ڪراوچنڪو جي ”آتم ڪٿا“، ”آزادي يا موت“سندس ذاتي زندگي ۽ سياسي حالتن جي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي-جيڪا استالين جي حڪومتي دور جي دل ۽ دماغ کي جهنجهوڙي ڇڏيندڙ هڪ اهڙي تہ ڀيانڪ حقيقت آهي-جنهن کي پڙهڻ سان روسي عوام جي ڏکن ۽ تڪليفن جي خبر پوي ٿي-تہ ڪيئن انسان دوست نظريي کي ڪن فاشست ذهنيت رکندڙن انسان دشمن بڻائي ماڻهوءَ جي وشواس کي ڀڃي پورا پورا ڪري، مايوسين جي ڏُٻڻ ۾ اُڇلي ڪين نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو-

وڪٽر ڪراوچنڪو جي هي آتم ڪهاڻي ڪميونزم جي آڙ ۾ ٿيل ناانصافين جو هڪ دل ڏهڪائي ڇڏيندڙ دستاويز آهي-

وڪٽر ڪراوچنڪو هن داستان جو اڪين ڏٺو ۽ ڪَنن ٻُڌو هڪ اهڙو تہ پَڪو ۽ پُختو ڪميونسٽ هو جنهن جو ايمان هو تہ روس ۾ آيل انقلاب روسي مظلوم انسانن سان گڏ پوري دنيا جي مظلوم انسان لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو-پر استالن ان انقلاب کي روس تائين محدود رکڻ چاهيو-جڏهن تہ ٽراٽسڪي ۽ سندس ساٿين ان انقلاب کي سموري دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم انسانن لاءِ پئي چاهيو- وڪٽر ڪراوچنڪو استالن جي حڪومتي دور کي زار شاهيءَ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ دور چيو آهي-

ڪميونزم جي بنياد تي آندل جاگيرداراڻو ۽ سرمائيداراڻو انقلاب، مارڪس ۽ لينن جو انسان دوست، پورهيت دوست فڪر ۽ فهم استالن جهڙي آمراڻي سوچ جي ور چڙهي ويو- ۽ ڪيئن نہ روس ۾ ئي روسي عوام لاءِ هڪ مقتل گاھ ۾ تبديل ٿي لکين بي ڏوهي روسين توڙي سچن ڪميونسٽن کي موت جي آڙاھ ۾ اڇلائي ڇڏيو-

وڪٽر ڪراونچڪو جي هي آتم ڪٿا بي گناھ روسين جي ظلمن جي هڪ اهڙي تہ تاريخ درج ڪري ٿي جنهن تاريخ جي دڪدائڪ داڻهن روس کان ٻاهر صحيح معنيٰ ۾ پهچي ئي نہ سگهي-۽ اها هاڻ بہ ٻين ملڪن تائين نہ پهچي ها اگر وڪٽر چالاڪيءَ سان روس مان سرڪاري طور تي آمريڪا نہ پهچي

ها-پر آمريڪا ڪان روس پاران وڪٽر کي سرڪاري طور تي قرض وٺڻ لاءِ اگر آمريڪا نہ موڪليو وڃي ها-ڏنو وڃي تہ آمريڪا وڃڻ تائين بہ وڪٽر ڪراونچڪو جن مشڪلاتن مان گذري ٿو اهو پڻ هڪ الڳ داستان آهي-

روس جو انقلاب يا زار شاهيءَ کان آزادي دراصل اسٽالن جهڙي ڊڪٽيٽرانا سوچ رکندڙ سماج توڙي انقلاب دشمنن جي لاءِ سندس من جي حاڪمانا روش جي ساڀيان جو جواز بڻي-جنهن تحت روس جي ڏُتڙيل ۽ زار جي دور جي پيڙهيل انسان جي لاءِ موت جي سزا کان گهٽ نہ هئي-

عام ماڻهو تہ پنهنجي جاءِ تي پر هڪ سچو ڪميونسٽ پڻ هڪ قسم جي شديد اضطراب مان گذريو ٿي-خاص طور تي لينن توڙي ٽراٽسڪيءَ جي پيرو ڪارن کي ڳولي ڳولي ماريو ويو-اهو ئي ڪارڻ آهي جو روس جي اندر جي عام انساني جياپي جي ڄاڻ روس کان ٻاهر ميڊيا تي هڪ خوشحال روس طور سامهون آندي ٿي وئي-ڇو تہ روس جو سمورو نظام، ادارا اسٽالن ازم جي هٿان اغوا ٿي چڪا هئا-ڪنهن کي بہ همت نہ هئي جو هو ان نظام جي خلاف رڳو هڪڙي سرد آه بہ ڀَري-اهڙي روش تي ڪيس اسٽالن، پارٽي يا روسي قوم جو دشمن قرار ڏئي سخت کان سخت سزا ڏني ويندي هئي-

وڪٽر ڪراوچنڪو پنهنجي هن آتم ڪٿا ”آزادي يا موت“ ۾ روس جي اهم ۽ سچن ڪميونسٽن کي اسٽالن جي دور ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح غدار قرار ڏئي مارڻ جو انڪشاف ڪيو آهي-روسي ادب جي اهم ليکڪ ۽ ”ماءُ“ جهڙي شاهڪار ناول جي فڪشن رائيٽر ميڪسم گورڪيءَ کي پڻ زهر ڏئي ماريو ويو-يا جڏهن ٽراٽسڪي روس مان فرار ٿي ڀڄي وڃي ٿو تہ اسٽالنسٽ ڪيس اتي بہ پنهنجي موڪليل خفيہ پوليس توڙي جاسوسن هٿان قتل ڪرائي ڇڏين ٿا-رڳو اهو نہ پر اسٽالن جي گهر واري جيڪا انسان توڙي پورهيت دوست آهي ان کي پڻ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ختم ڪيو وڃي ٿو-اهڙي حالت ڏسي لڳي ٿو تہ روسي انقلاب آيو ئي ڄڻ سچن مارڪستن يا انسان دوستن کي ختم ڪرڻ لاءِ هو-

سچ تہ وڪٽر جي هي آتم ڪهاڻي پڙهي ڪري مون کي هن رياستي نظام ۾ ۽ روس جي انقلاب واري دور ۾ ڪو فرق نظر ڪو نہ آيو-

وڪٽر ڪراوچنڪو جي هي آتم ڪٿا پڙهڻ سان روس جي انقلاب جو نقشو اکين آڏو ڦري وڃي ٿو ۽ لڱن ۾ هڪ قسم جو ڪرنٽ ڊوڙي وڃي ٿو-اهو

ئي ڪارڻ آهي جو اگر وڪٽر ڪراونچڪو آمريڪا وڃي اتان فرار نہ ٿئي ها تہ اڄ اسان شايد استالن جي دور جي هن پُرتَشدد داستان کان محروم رهجي وڃون ها-

آخر ۾ وڪٽر ڪراوچنڪو جي هن آتم ڪٿا مان ڪجهہ سٽون ڏئي مان پنهنجي هي لکڻي ختم ڪندس-

وڪٽر لکي ٿو تہ، چنگيز خان جنهن جو نالو تاريخ تمام گهڻن مشهور قاتلن ۾ شمار ڪندي آهي-استالين جي اڳيان هڪ ٻار هو-اناڙي هو---------استالين وطن جي ماڻهن جو قتل عام ڪيو-“

ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ،

”جڏهن مان آفيس پُهتس تہ وڏو صاحب مجهند واري ننڊ ڪري رهيو هو-مان تڙ تڪڙ ۾ رپورٽ لکي ۽ اتڪن ڏانهن کڻي ويس-

”بهتر-------بهتر---------ٺيڪ آ-“پڙهندي هُو پنهنجو ڪنڌ لوڏي رهيو هو-پر اوچتو هُن جي ڀروئن تي گُهنج پئجي ويا-

هي ڇا؟ مزدورن جي لاءِ پنج سو گرام ماني؟ روزاني؟“

”جي ها-هي گهٽ ۾ گهٽ آهي-پورهيت بلڪل بہ بُکايل آهن-“

”اِها سٺ ڪئي ڇڏ-“

”پر ڪامريڊ اتڪن! خدا جي واسطي ڪجهہ غور تہ ڪيو-------“

“ڪراوچنڪو! تون بالشويڪ (اڪثريتي) آهين يا ڪنهن خيراتي پارٽيءَ جو رضا ڪار؟ حڪومت جي معاملن ۾ انسان پرستيءَ جو ڪو بہ دخل ناهي---------استالن چيو ناهي تہ-----------عوام سان محبت ڪريو پر ضرورت هُجي تہ اُنهن جي ضروتن جي بہ پَرواهہ نہ ڪيو؟“

۽ سچ تہ هِن موقعي تي مون کي اياز جي هڪ نظم جون سِٽون ذهن تَري ٿيون اچن تہ،

جنهن وقت مُئو هو استالن
۽ هُن جي رَڳ ڦاٽي پئي هئي
تنهن وقت سڄي تاريخ مَنجهان
جڻ هڪڙي سِٽ ڪاٽي وئي هئي-

17/10/19

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

